چچ نامہ

اڄ جي انداز ۾

(سنڌ، عربن جي فتح ڪرڻ جو احوال)

گوبند خوشحالاڻي

K-2 (41)

چچ نامه - اڄ جي انداز ۾

(سنڌ، عربن جي فتح ڪرڻ جو احوال)

(مول دستاويز جديد عبارت ۽ نوع ۾.)

گوبند خوشحالاڻي

هڪ فرض جيڪو تواريخ اسان کي لهڻي،
سو آهي، ان کي وري لکڻ جو.
اوسڪار وائيلڊ

سنت ڪنور فائونڊيشن
۴۰۷، ساڪار-۳، جهوني هاءِ ڪورٽ پرسان،
احمدآباد-۳۸۰۰۱۴ - ڀارت
فون : 27541971-79+91+ فئڪس : 27542644-79+91+
اي-ميل stkanwar@sindhisansar.com
ويب سائيٽ : sindhisansar.com

انهن سيني سنڌين کي جيڪي
هيٺوواڌي نموني

راءِ ڏاهر

جو پارٽي اُپڪنڊ جي سياست
۾ يوگدان ڏين ٿا.

چاچ نامه اڄ جي انداز ۾
ليکڪ : گوبند خوشحالاڻي
ڇپائيندڙ : سنت ڪنور فائونڊيشن
ڇاپو : پهريون،
قيمت : ڀارت ۾ ٢٥٠ روپيه
سنڌ ۾ ٣٢٥ روپيه (مڪاني)
ٻين ملڪن ۾ US$8

Chachnamah Aju Je Andaz Men.

By : Gobind Khushalani
48, Surdhara Bunglows, Opp. T.V. Tower, Ahmedabad - 380054.
Tel. : 26854739
E-mail : khushalani@fotoflux.com


Publisher : St. Kanwar Foundation,

407, Sakar-III, Near Old High Court,
Ahmedabad-380014. India.
Phone : 27541971 Fax : 27542644
Codes : STD - 079 ISD - 009179

Edition : 1st.

Price : India - Rs. 250/-
Sindh - Rs. 325/- (Local)
Other Countries - US $ 8

Type Setting : Jay Ambe Graphics,
Kubernagar, Ahmedabad. Tel. 30218217, (M) 9227468799



ڪتاب جو ليکڪ

شخصيت - خاڪو

نالو : گوبند ڪوتومل خوشحالاڻي

جنم تاريخ : ٢٥ جنوري، ١٩٤٠ع

اَصل وينل : آبڙاڻ، تعلقو مورو، ضلع نواب شاه.

تعليم : گرئجوئيٽ (انگريزي ساهتيہ سان).
فيلو انشوئرنس اِنسٽيٽيوٽ آف اِنڊيا.

ڌنڌو/ نوڪري : وڏو حصو نيو اِنڊيا ائشوئرنس ڪمپني لميٽيڊ ۾.
هاڻ اَحمدآباد ۾ پنهنجو بزنيز سينٽر.

ساهتيڪ سرگرميون : ١٩٥٥ ۾ ١٥ سالن جي عمر ۾ لکڻ جي شروعات. اُن وقت جي اَخبارن ۽ مخزنن ۾ ڪهاڻيون، ليکہ ۽ چٽڪلا ڇپجندا رهيا. ڪئريئر جي ڪري ٽيهن سالن جي مانائي! هاڻ رٽايرمينٽ ڪانپوءِ وري سرگرميون چالو. ليکہ ۽ ڪهاڻين جا وشيہ : سنڌيت، سماجڪ ۽ بين اَڄ جي ڳالهين سان گڏ، طنزون پڻ.

شايع ٿيل ڪتاب : (١) ’پاڻ هرتڙيون مايون‘ - ناول، هن تي گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ سال ٢٠٠٤ جو پهريون اوارڊ ڏنو ۽ سنڌ ۾ بہ ڇپيو آهي.
(٢) ’هڪ دفعو وري‘ - ناول، جنهن تان سنڌ ۾ ٽي. وي. سيريل ٺهي آهي.
(٣) ’گلستان غليظ ٿي رهيو آهي‘-ناول. هن تي راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد طرفان اوارڊ مليل آهي.
(٤) ’پيار ۾ پاڻ کهڙو؟‘ - ناول
(٥) ’هر ديڳي ڇمڇا‘ ۽ ٻيون ڪهاڻيون.
(٦) ‘Chachnamah Retold’ ڇچنامو اڄ جي انداز ۾ - انگريزي.
(٧) ’مُلڪ تہ منهنجو‘ ناول.
(٨) ’دل ڪر درخت دستور‘ ناول
(٩) ’استمراري‘ ۽ ٻيون ڪهاڻيون.
(١٠) ’ڇچنامو‘ اڄ جي انداز ۾ -سنڌيءَ ۾. (توهان جي هٿن ۾)

ايندڙ ڪتاب : (١) سڌي راند سؤنتي جي (ناول).

سلسلو

مهاڳ

’چچنامي‘ جي سنڌ جي تواريخ ۾ ڪافي اَهميت آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ جي اُن وقت جي ڄاڻ بابت ٻيو ڪوئي ڪتاب موجود ڪونه آهي. ’چچنامي‘ مان ستين صديءَ بابت اَهميت ڀري ڄاڻ حاصل ٿي ٿئي. اُن وقت ٻڌ ڌرم (Budhisim) جو واهپو وڌيڪ هيو جيڪي پورڻ اَهنسا ۾ وشواس رکندا هئا. هو اِئين سمجهندا هيا ته پنهنجي بچاءَ ۾ به هٿيار کڻڻ ٻڌ ڌرم جي خلاف آهي. اُن وقت ٻوڌي ۽ برهمڻ پاڻ ۾ هِلي مِلي رهندا هيا. اُن وقت جي تواريخ مان ظاهر آهي ته هندستان ۾ ڪڏهين به ديش جي سرڪار ڪنهن به ڌرم کي ديش جي ڌرم جو درجو ڪونه ڏنو. ٻڌ ڌرم جي تاريخ مان ظاهر آهي ته سمراٽ اَشوڪ به ٻڌ ڌرم کي ديش جو ڌرم ڪونه ناهيو هيو. راءِ ڏاهر به پنهنجي راڄ ۾ ڪنهن به ڌرم کي ديش جي ڌرم جو درجو ڪونه ڏنو. اِها اهميت واري ڳالهه آهي ته محمد قاسم اِهو به فرمان جاري ڪيو هيو ته سنڌ واسين کي پنهنجي ڌرم موجب پوڄا پاٺ ڪرڻ ۾ ڪابه رُڪاوٽ نه وِڌِي وڃي، پر مسلمان مذهب کي وڌائڻ جي ڪوشش جاري رکي ويئي. جيڪي هندو مسلمان ٿيڻ کان اِنڪار ڪندا هيا اُنهن کان ’جزيه ڏَنَ‘ جي نالي سان هر سال ٽئڪس وصولي ويندي هئي ته جيئن هو ٽئڪس ڀرڻ کان تنگ ٿي مسلمان مذهب اختيار ڪن، پر برهمڻن کي ريوينو وصول ڪرڻ وارين ساڳين نوڪرين رکيو ويو. منهنجي راءِ موجب اِهو انهيءَ ڪري ڪيو ويو ته جئين سرڪاري خزاني ۾ پيسو برابر ايندو رهي. برهمڻ پرڌان منتريءَ کي به محمد قاسم پنهنجو پرڌان منتري مقرر ڪيو. مهاراجا چچ جي ديهانت کانپوءِ سندس ڀاءُ چندر تخت تي وينو جنهنجو راڄ ٨ سال هليو. جنهن بعد راءِ ڏاهر اَلور (Alore) جي تخت تي وينو ۽ مهاراجا چندر جو پٽ دوراڄ برهمڻاباد جي تخت تي وينو.

اِهو صاف ظاهر آهي ته جيڪڏهين سڀ هندو حاڪم راجا سان

چچ نامه ۾ سنڌ جا راجائون

(تن ڏينهن ۾ راجا کي ’راءِ‘ چيو ويندو هئو)

راءِ ديوائج : راءِ گهراڻي جو پايو وجهندڙ-۴۸۵ع ۾

راءِ سهيرس پهريون.

راءِ ساهسي پهريون.

راءِ سهيرس ٻيون : چچ نامه جو بيان هن کان شروع ٿئي ٿو.

راءِ ساهسي ٻيون : هي ٦٢٢ع ۾ گذاري ويو ۽ راءِ گهراڻو پورو ٿيو.

(راءِ گهراڻي جو راڄ کل ١٣٧ سال هليو)

راءِ چچ : ٦٢٢ع کان ٦٦٢ع تائين. هن برهمڻ گهراڻي جو پايو وڌو.

راءِ چُندر : ٦٦٢ع کان ٦٧٠ع تائين.

راءِ ڏاهر : ٦٧٠ع کان ٧١١ع تائين-الور جي مرڪزي تخت تي.

راءِ ديوراڄ : راءِ چندر جو پٽ ٦٧٠ کان ٦٧١ تائين برهمڻاباد ۾.

راءِ ڏهرسينه : راءِ چچ جو مربي پٽ ٦٧١ کان ٧٠١ع تائين برهمڻاباد ۾، ديو راڄ جي ديهانت کانپوءِ.

راءِ ڏاهر، راءِ ڏهرسينه جي ديهانت کانپوءِ برهمڻاباد جو علائقو پنهنجي حڪومت سان گڏي ڇڏيو.

(برهمڻ گهراڻو کل ٨٩ سال هليو) *

چڙهاوَ پيءِ جهجهي انداز ۾ ايندو هيو. راءِ ڏاهر مسلمانن کي ٻه نوڪرين ۾ بنا ڪنهن ڀيد ڀاءُ جي رکندو هيو. اُن زماني ۾ استرين کي سمان جي نظر سان ڏٺو ويندو هيو. راءِ ڏاهر جي شهيد ٿيڻ بعد سندس پٽنيءَ پاڻ کي جيئرو جلائي ڇڏيو. سندس ٻن ڌيئرن کي محمد قاسم گرفتار ڪيو ۽ اُنهن کي خليفي وٽ سوغات جي طور دربار ۾ موڪليو. راجڪماريون سياڻيون هيون ۽ هنن پنهنجي ديش تي حملي ڪرڻ واري کان بدلو وٺڻ ٿي چاهيو. هنن کي خليفي رات جو پنهنجي آرام گاه ۾ گُهرايو. راجڪمارين ڪيس چيو ته هوُ سندس قابل ڪونه آهن ڇاڪاڻ ته محمد قاسم کين استعمال ڪري چڪو آهي. اِها ڳالهه ٻڌي خليفو آگ ٻبولا ٿي ويو ۽ محمد قاسم کي مارائي ڇڏيائين. هن ريت سور وير راجڪمارين محمد قاسم کان بدلو ورتو. ’چچنامي‘ تي تواريخي طور وشواس ڪرڻ بابت مان گهرائيءَ سان ڇان بين ڪرڻ ڪونه ٿو چاهيان پر ان قديمي زماني بابت ڪافي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. اُن وقت جي زميني ڄاڻ (Geographical) ڪافي مهتو پورڻ آهي.

گوبند خوشحالاڻيءَ جنهن نموني سان هي ’چچنامو‘ لکيو آهي سو ساراه جوڳو آهي. عام طور اَهڙا قديمي زماني بابت ڪتاب گهڻو ڪري پڙهڻ ۾ ٿڪائيندڙ ٿيندا آهن. هن ڪتاب جي لکڻ جو طريقو ۽ ٻولي سولي ۽ سليس آهي. انڪري پڙهندڙ جو من ٿيندو ته سڄو ڪتاب ڌيان سان پڙهي.

جئپور : آگسٽ ٢٠٠٨ -اندرسين ايسراڻي

(جسٽس (رٽايرڊ) مسٽر اندرسين ايسراڻي صاحب راجستان هاءِ ڪورٽ جو جج رهي چڪو آهي. رٽايرمينٽ کانپوءِ ڪيترين ئي سرڪاري ڪميشنن ۽ انڪواري ڪاميٽين جو چيئرمن پڻ رهي چڪو آهي. سماج (سنڌي توڙي غير سنڌي) شيوا ۾ ڪافي سرگرم آهي ۽ گهڻو وقت ڏيئي رهيو آهي. ساهتيڪ ۽ تواريخي معاملن ۾ ٻه سنو چاهه وٺي رهيو آهي.)

وفادار رهن ها تہ عرب شايد سنڌ تي قبضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ٿين ها. ائين نظر ٿو اَچي تہ هندو راجائن جي هار ۾ هميشه جئچند جهڙن غدار هندو زيردست حاڪمن جو ئي هٿ رهيو آهي، نہ تہ ڪين هارائڻ ناممڪن نہ تہ تمام مشڪل ضرور هيو. اُن زماني ۾ جوتشين جي اَڳڪٿين تي اَڪيون ٻوٽي پورو وشواس ڪيو ويندو هيو. جوتشين اَڳڪٿي ڪئي تہ سنڌ تي اِسلام جو راڄ ٿيندو- اُنهيءَ ڪري اِها ڳنڍ ٻڌي ويئي تہ جيڪي قسمت ۾ لکيل آهي اُن جي خلاف لڙائي لڙڻ اَجائي ٿيندي. اِنهيءَ ڪري بہ راءِ ڏاهر جا ڪيترا زيردست حاڪم غداري ڪري، پنهنجي جان بچائڻ لاءِ محمد قاسم سان مِلي ويا. ائين چيو ٿو وڃي تہ مهاراجا ڏاهر ڪي سندس ڪجهہ درٻارين راءِ ڏني تہ حڪومت جي آئيندي بابت هڪ مشهور جوتشي کان پڇيو وڃي. ڏاهر اِها صلاح مڃي. جوتشيءَ کان هن پنهنجي ڀيڻ 'ٻائيءَ' بابت بہ پڇيو. اِهو 'ڇچ‍نامي' ۾ لکيو ويو آهي تہ جوتشيءَ ڪيس ٻڌايو تہ سندس ڀيڻ جي شادي جنهن سان ٿيندي اُهو اَلور جي تخت تي ويهندو ۽ راڄ ڪندو. راءِ ڏاهر ڪي چيو ويو تہ اِها مصيبت ٽارڻ لاءِ هو پاڻ پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪري، پرپتي پتنيءَ جو سمبنڌ نہ رکي. اِئين ڪرڻ سان سندس حڪومت هلندي ايندي. اِنهيءَ ڪري راءِ ڏاهر پنهنجي ڀيڻ سان شادي ڪئي پر پتي-پتنيءَ جو سمبنڌ قائم ڪونہ ڪيو.

هن ڳالهہ تي وشواس ڪري ئي ڪونہ ٿو سگهجي. هن ريت صرف راءِ ڏاهر کي بدنام ڪيو ويو آهي. هو برهمڻ هو ۽ اَهڙو غلط ڪم ڪڏهين بہ ڪرڻ وارو ڪونہ هيو. هندو ڌرم جي سڀ ريتن ۽ رواجن جي اَنوسار ئي هن سڄي زندگي گذاري. هن جي جيون ۾ اهڙي ڪابہ گهٽنا ڪونہ ٿي جيڪا ڌرم جي وِروڌ هجي. هو هر ڌرم جي عزت ڪندو هيو. هن ڪيترائي هندو ۽ ٻڌ ڌرم جا مندر ٺهرايا. مندرن ۾ ماٺهو، خاص ڪري موڪل جي ڏينهن وڏي تعداد ۾ ويندا هيا ۽

انگريزي ڪتاب ۾ ليکڪ طرفان نوٽ جو ترجمو

(منهنجي هن ڪتاب جو مول انگريزي ڇاپو سال-٢٠٠٦ع ۾ ڇپيو هئو. پاڻکن جي ڳُهر تي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري هي پيش ڪري رهيو آهيان.)

ڀارتي اپکنڊ جي تواريخ جاري ڪرڻ لاءِ مواد ٿورو آهي ۽ سنڌ لاءِ تہ بلڪل ٿورو. سنڌ جي تواريخ لکڻ لاءِ شروعاتي ڪوششون مسلم عالمن ٻارهين صديءَ جي آخر ۾ ۽ تيرهين صديءَ جي شروعات ۾ ڪيون.

سنڌ بابت 'چچ نامه' پهريون تواريخي احوال آهي، مول ڪن عربي ليکڪن جو ليکل. 'چچ نامه' صحيح نالو نہ آهي. دراصل راجا چچ جو احوال ڪتاب جي شروعاتي ٿورن صفحن ۾ ڏنل آهي، پر عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ جو احوال سموريت ۾ ڏنو ويو آهي. فتح جو سمورو ورتانت قصي-ڪهاڻي وانگر ڏنل آهي. نتيجن ڪتاب نہ تہ ڪا جيون ڪهاڻي آهي ۽ نہ ئي وقت جو ريگيولر تواريخي بيان. عام جيون بابت ڪجهہ نہ لکيل آهي- نہ سماجڪ ريتن رسمن بابت، نہ ئي اقتصادي يا سياسي حالتن بابت. باقي لڙاين ۽ ان سان واسطو ڪارنامن جو تفصيلوار بيان آهي. تخليقي ڇهاءُ بلڪل گم آهي تہ ڪنهن گنڀير مُدي جي ڇنڊڇاڻ (Analysis) بہ نہ ڪئي ويئي آهي. لکندڙن جو لاڙو پنهنجن مذهبي بندن ۽ حاڪمن کي خوش ڪرڻ جي اِرادي ڏانهن لڳي رهيو آهي. هونئن بہ اُن وقت مسلم تواريخ نويسن جو وڏو حصو مذهب ۽ مذهبي قانون جي عالمن جو هئو. سواءِ صوفين جي، ٻين سيني جو جهڪاءُ وقت جي مذهبي خيالات طرف هئو.

سمورو ورتانت ان وقت جي هلي چلي 'عربين نائيٽس' جي

ڪتاب ۾ آيل سنڌ جا قبيلا

بنيه

جاٽ (جٽ)

چاند

چنا

سما (علائقو : سمه)

سهتا (علائقو : سهته)

طاڪي

ڪوريجا

لاکا (علائقو : لاکه)

لوهاڻا (علائقو : لوهاڻه)

مميه

ماڇي (مهاڻا)

ميد

نڪامڙه

هالا

پيروي ڪئي آهي، صرف پيش ڪش جي اسٽائيل ۾ ٻولي مٽائي اٿم؛ اڄوڪي پاڙهڪن جي چاهه جو ڌيان رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ان لاءِ ڪتاب کي جديد عبارت، ٻولي ۽ اسٽائيل ڏني اٿم. سڀ کان پهرين حجاج بن يوسف جي چنين مان لنبا مذهبي اُپديش گهٽايا اٿم، جو انهن جو وشيہ سان ڪو تعلق نہ آهي؛ ۽ پڙهڻ وقت وشيہ تان ڌيان هٽي ٿو وڃي ۽ سلسلو ٽٽي ٿو پوي. ان بدران مون لکيو آهي- ’مالڪ جي مهر سان...‘، ’خدا تعاليٰ کي ياد ڪرڻو‘، ’خدا تعاليٰ جي نالي ۾...‘ ۽ ٻيو بہ ڪجهہ اهڙي طرح.

گفتگو جي اسٽائيل بہ جديد لٽريچر ۽ جرنلزم ۾ واپرجندڙ ڪنئين اٿم. مول فقرن- ’او سياڻا وزير...‘، ’او هند ۽ سنڌ جا راجا...‘، ’او عادل ڪمانڊر...‘ ۽ ٻين ڪجهہ اهڙن ۾ سڌارا ڪرڻ ضروري لڳي رهيا هئا.

وري عام ڪردارن جا نالا بہ مڪمل ريت دهرايا ويا آهن؛ مثال طور ’ڏاهر بن چچ‘ ۽ ’حجاج بن يوسف.‘ وغيره. پهرئين حوالي کانپوءِ مون صرف ’ڏاهر‘ ۽ ’حجاج‘ نالا دهرايا آهن، ڇاڪاڻ تہ هي نالا ڪتاب ۾ گهڙي گهڙي اچن ٿا ۽ انهن جهڙا ٻيا ڪردار نہ آهن.

ازانسواءِ، جڏهن بہ ڪاهہ ڪندڙن مان ڪو مري ٿو تہ ان لاءِ چيو ٿو وڃي تہ هو شهيد ٿي ويو ۽ مؤل وطنين جي حالت ۾ (راءِ ڏاهر سوڌو) چيل آهي تہ هو دوزخ ۾ ويا- جهنم ۾ ويا. هن قسم جي لکٽي ذاعقو ماري ٿي ڇڏي. مون لکيو آهي- هر ڪنهن لاءِ، تہ هو مري- مارجي ويو يا سرڳواس ٿي ويو ۽ ٻيو ڪجهہ اهڙي نموني.

ڪتاب جو ترجمو ڪندڙن مان ڪيترن تہ ڳالهين ۾ پنهنجو پاڻ کي آيل رد قد، نظرانداز ڪيو آهي، مول اهڙين ڳالهين کي سلجهائڻ ۽ سمجهائڻ تہ دور رهيو؛ حالانڪ ڪجهہ اهڙين ڳالهين ڏانهن اشارا ضرور ڪيا اٿائون. مون مونجهارا پئدا ڪندڙ اهڙا رد قد ڪڍي ڇڏيا

اسٽائيل تي ٻڌل آهي. انڪري ڪجهه ڪميون رهجي ويئيون آهن. واقعن جو دهراءُ نہ آهي، پر پنهنجي ئي بيان کي پاڻ رد ڪد ڏيڻ جهڙيون ڳالهيون بہ گهٽيون آهن. ليڪن اِن طرف ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو آهي. سموري ورتانت ۾ ڪافي مذهبي مواد بہ آهي تہ غير ضروري شاعري پڻ؛ انهن جو ڪتاب جي وشيہ سان ڪو سڌو-اڻسڌو تعلق نہ آهي. انڪري ڪتاب جي رواني گهٽجي ويئي آهي ۽ پڙهندڙن جو رس بہ گهٽجي رهيو آهي. ڪن حالتن ۾ تہ رواجي پاٺڪ ڪتاب جو بيان مڪمل ريت نہ سمجهي رهيو آهي.

'چچ نامه' جي اهميت ڪڏهن گهٽجڻ واري نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ان وقت جي تواريخ تي ٻيو ڪو ڪتاب-مواد موجود نہ آهي. ڪنهن بہ ڪتاب ۾ پڙهندڙن جو هميشه لاءِ چاهہ رهي، ان لاءِ ضروري آهي تہ ان جي عبارت ۽ اسٽائيل کي بدلجندڙ وقت سان نهڪندڙ نموني بدلائيندو رهجي تہ جيئن نئين پيڙهيءَ کي سوَلو ۽ سليس لڳي. اهو ڌيان رکڻو تہ ان جي مول ورتانت ۽ موضوع ۾ رتي ير جو بہ ڦير نہ اچي.

منهنجو ڪتاب گهڻي ڀاڱي **مرزا قليچ بيگ** صاحب جي انگريزي ترجمي تي ٻڌل آهي. هُن مول بيان ۾ ڪابہ ڦيرڦار نہ ڪئي آهي، جيتوڻيڪ ڪجهہ چڪون ڏسي سگهيو آهي، پر انهن جو ڌيان ڪتاب جي فوٽ-نوٽس ۾ ڇڪايو اٿائين. هن بلڪل وفاداريءَ سان ترجمو ڪيو آهي. هن جو ڇوڻ هئو تہ ڀهريون دفعو انترراشٽريہ سموداءِ اڳيان ڪتاب اچي رهيو آهي. انڪري ڪجهہ بہ سڌارا وڌارا ڪرڻ سٺو نہ لڳندو. بهتر آئينده جا تواريخ نويس ۽ عام پاٺڪ ڪتاب جي حقيقتن ۽ اهميت بابت پنهنجو رايو پاڻ ٺاهن-مول ليڪن جي پيش ڪيل مواد، اسٽائيل، عبارت ۽ ڪردارن جي وهنوار کي ڌيان ۾ رکي. **مرزا** صاحب صرف ٻولي مٽائي هئي. مون بہ هن استاد جي

حقيقت نہ ڪڍي ويئي آهي، پلي ’ڪهاڻيءَ‘ سان تعلق رکندڙ نہ هجي. مثال طور جڏهن ڏاهرسينه لشڪر وٺي راجا ڏاهر سان الور جي قلعي ۾ ملڻ وڃي ٿو تہ ’چچ‌نامه‘ ۾ لکيل آهي :

’هن کي ڪافي اڙانگهن هنڌن ۽ بيابانن مان لنگهڻو هئو. مٿان ضرورت پوي، هن پاڻ سان گڏ پخالن ۽ ٻين ٿانون ۾ مناسب پاڻي کڻي هلڻ لاءِ خاص هدايت ڪئي. وري رستي تي ڪيترا کوه پڻ کوٽائيندو پئي هليو....‘‘

هئڙين ڳالهين جو ’ڪهاڻيءَ‘ جي سلسلي سان ڪو واسطو نہ آهي، پر وقت جون جاگرافيائي ۽ ماحول جون حالتون ڏيکارڻ لاءِ اُهي تمام اهميت واريون آهن. مون اهڙيون سڀ ڳالهيون ڪنيون آهن-وشيہ جي پاڪيزگي قائم رکڻ لاءِ. انکري محمد قاسم جا، جاري ڪيل مذهبي ۽ ڪاروباري سرشتا مڪمل ريت تفصيلوار آندا اٿم.

نئين پيڙهي جي پاٺڪن کي وشيہ وسيع ڪري ڏيکارڻ لاءِ، مون لاڳاپو رکندڙ ڪجهہ نئون مواد آندو آهي- ’چچ‌نامه‘جو هم ڪالين؛ خليفات توڙي سنڌ ڪانسواءِ باقي جي هندستان جي تواريخ مان.

’چچ‌نامه‘ جيتوڻيڪ نالي سان سنڌين ۾ ڪافي مشهور آهي ۽ عام‌جوُ آهي، پر ان کي پڙهندڙ گهٽي ياڳي صرف اپياسي کوجنيڪ ۽ گنيير شاگرد آهن. هيءَ منهنجي ڪوشش عام پاٺڪن کي اتساهت ڪرڻ لاءِ آهي. ڪتاب تواريخي رڪارڊ آهي-ناول وانگر. مون ان کي سچي ناول طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي-ڪوبہ افسانوي بيان يا خيالي پوُر وجهڻ کانسواءِ. ساڳئي وقت اهو بہ ڌيان رکيو اٿم تہ ڪا ننڍي وڏي سچي حقيقت يا ڳالھ رهجي نہ وڃي.

مذهبي شاهڪارن جا الڳہ الڳہ بيان ۽ لحظي سان ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ۽ اڃا بہ ٿيندا رهن ٿا. انهن ۾ بائيبل، قران

آهن ۽ تفصيلوار اپياس ڪانپوءِ هر واقع منطقي ريت سلسليوار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. اعتبار ۽ اختياري جوڳي احوال جي غير مؤجودگيءَ ۾ سڀ اهڙا رد قد/ نہ ڪڍي سگهيو آهيان. **'چچ نامه'** ڪانسواءِ ٻين ڪتابن جي اپياس جي باوجود بہ، پر پانڪن جو ڪليءَ ريت ڏيان ضرور چڪايو اٿم ۽ اهڙين رد قد وارين ڳالهين ڪي گڏ ڪري پيش ڪيو اٿم.

انڪري ڪتاب جو لحظو ڪڙو ٿي بيٺو آهي تہ مختصر پڻ ٿيو آهي. مون اُهي سڀ 'مثال' ۽ 'روايتون' ڪڍي ڇڏيون آهن، جنهن جو وشيہ سان ڪو سڌو، اڻسڌو تعلق نہ آهي. شاعري بہ ڪڍي ڇڏي اٿم جو روانيءَ ۾ منجهائي رهي هئي. گفتگو ۾ دهرائڻ ۽ ڇِتين ڳالهين ۾ ڏنل غير ضروري سمجهاڻيون پڻ ڪڍيون وئيون آهن. مون تز اختصار وارو اصول ڪنيو آهي، پر ڪنهن بہ حالت ۾ وشيہ جي روح کي نہ ڇڏيو آهي ۽ نہ ئي ڪو تعلق رکندڙ ڪردار ڪڍيو آهي. تواريخ جو ڪوبہ بيان وشيہ سان سڌيءَ طرح، (پلي ڪيترو بہ ٿورو) تعلق رکندڙ، نہ ڪڍيو ويو آهي، نہ لڪايو ويو آهي ۽ نہ ئي بدلايو ويو آهي. انڪري ڪٿي ڪٿي **مرزا** صاحب جو لحظو پڻ ڏسڻ ايندو.

ڪتاب ناول جي صنف سان مشابهت رکيٿو. انڪري افسانوي طور طريقن جا ڪجهہ عناصر هٿ آندا اٿم - صرف 'ڪهاڻيءَ' جو سلسلو ۽ چسڪو-چاهہ قائم رکڻ لاءِ. مون ڪجهہ حصن کي مختصر ڪيو آهي ۽ ڪن ۾ وڌاءُ پڻ ڪيو آهي - ڪجهہ وڏيڪ فقرا وجهڻ سان؛ صرف 'ڪهاڻيءَ' ۾ آيل مونجهارا ڪڍڻ لاءِ.

تواريخي ڪتاب لکڻ هڪ وڏي جوابداريءَ جو ڪم آهي. لکندڙ کي خاص خبرداري ورتڻي آهي تہ جيئن حقيقتن ۾ ڪا هيٺ مٿاهين نہ اچي، نہ ئي انهن حقيقتن کي مِتائڻو يا مَتائڻو آهي. هٿ ڪابہ

١ - شروعات

شهر الور، جنهن کي اروڙ بہ چوندا هئا، پنجين-ڇهين صديءَ کان سنڌ جي راڄڌاني هوندو هئو: هاڻوکي روهڙيءَ جي ڀرسان ٽڪريءَ جي مٿاهيئن تي هوندو هئو ۽ هيٺ مهراڻ درياهہ وهندو هئو. (مهراڻ، سنڌو نديءَ جي ڪيترن ئي جهونن نالن مان هڪ آهي. ڪتاب جي موجوده ڇاپي ۾ هڪ ئي نالو- سنڌو ندي ڪري آندو ويو آهي.)

تواريخ وانگر قديمي سنڌ جي جاگرافي پڻ اٿلپٿل پئي رهي آهي. ملڪ جا ڪيترائي نالا هئا. يوناني ان کي 'سنڌو منا' چوندا هئا تہ جهوني زماني جا هندو- 'سنڌو ديش'. هاڻوڪو 'سنڌ' نالو عربن جي فتح کان ڪجهہ عرصو اڳ کان هلندو ٿو اچي.

سنڌ کي هند جو ڀاءُ ليکيو ويندو آهي، ٻئي نوح جا پوٽا ڇيا وڃن ٿا. نوح کي اسان هت پهريون 'منو' چئون ٿا. مطلب آهي تہ اسان جا ملڪ قديم آهن.

سنڌ ڪنهن زماني ۾ اوج تي هئي: در اصل سنڌو سڀيتا جو جنم ديش آهي. برٽش راڄ ۾ کنڊهرن جي کوٽائيءَ وقت آرڪيالاجسٽس ڪيترائي اعليٰ ۽ عمدا اِسم هٿ ڪري سگهيا هئا، جن جي ڪٿ ڪرڻ سان اِهو رايو ٺاهي سگهيا تہ سنڌو سڀيتا پنهنجي هم ڪالين ديشن کان گهڻو اڳ هئي-وڌيڪ ترقي ڪيل هئي. موهن جو دڙو، هڙاپا توڙي چانهوءَ جو دڙو وغيره ان ڳالهہ جا مثال آهن.

الور شهر اهڙي شاندار ورثي جي پئداش هئو. ان جي ديوارن اڳيان سنڌو درياهہ وهندو هئو-مهاٻلي درياهہ جنهن ۾ پنجاب جون سڀ نديون پاڻي اوتينديون هيون.

سنڌو ندي جنهن ايراضيءَ ۾ ۽ جنهن نموني اڄ وهي رهي آهي،

شريف، رامائڻ، مهاڀارت ۽ ٻيا ڪيترا اهڙا شاهڪار آهن. مکيہ مقصد آهي تہ هن نموني جا گيان جا ڀنڊار، اخلاقي نصيحت آميز ۽ ڀڳتي ڀاوَ سان ڀريل ڪتاب عوام ۾ هرڪو پڙهي سگهي. ڪهاڻي، اصولن ۽ سمجهاڻن ۾ ڪا ڦيرڦار نہ ڪئي ويندي آهي. باقي اصل ڪتاب تہ ڪوجنيڪن ۽ گنڀير پاٺڪن لاءِ مؤجود آهن. سوَلا ڇاپا عوام ۾ چاهہ پئدا ڪن ٿا ۽ خلقيندڙن جو پيغام انهن تائين پهچائن ٿا. 'ڇڇ نامہ' کي اجوڪي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي منهنجي ڪوشش پنيان پڻ اهڙو ئي مقصد آهي، حالانڪ مون کي خاطري آهي تہ ڪنهن بہ گنڀير اڀياسيءَ کي هي وشيہ تي سورس-بڪ طور ڪم ايندو-مول رچنا وانگر.

جتي جتي ضرورت محسوس ڪئي اٿم، مون ڪجهہ حوالا تاريخ معصومي (مير محمد معصوم شاهہ جو فارسيءَ ۾ لکيل ۽ منشي ننديرام جو سنڌيءَ ۾ ١٨٦١ع ۾ ترجمو ڪيل) ۽ تحفتہ الڪرام (علي شير قانع جي فارسيءَ ۾ لکيل تواريخ) مان پيش ڪيا آهن.

''ڇڇ نامہ'' تي رشي ڏيارام گدومل ڪجهہ سمجهاڻيون ڏنيون آهن، جيڪي مرزا قليچ بيگ جي انگريزي ترجمي واري ڪتاب جي ديباچي ۾ ڇپيل آهن-١٩٠٠ع ۾. اِهو ديباچو هن ڪتاب جي پنيان ڏنل آهي.

-گوبند خوشحالاڻي.

'واليد ساگر' ۽ 'سنڪراه' وغيره.)

ندي سنڌ ۾ ٻن ڌارائن ۾ داخل ٿيندي هئي. هڪ اولهه طرف الور ڏانهن وهندي هئي ۽ ان جي ترقي ۽ آسودگيءَ جو وسيلو بڻي. اها ڌارا اڳتي هلي سنڌ جي وچ ۾ وڃجرت يا وجنوت وٽ ٻيءَ ڌارا سان ملندي هئي.

سو اهڙو هئو الور جو شهر جنهن جا چرن مهاڀلي سنڌو درياهه ڌوئندو هئو. سڄو شهر پڪل سرن جو ٺهيل هئو ۽ سهڻين عمارتن، عاليشان بنگلن، باغ باغيچن، ڦوهارن ۽ نهرن سان جهنجهيل هئو. ٩٦٢ع واري زلزلي ۾ درياهه پنهنجو وهڪرو مٽائي ڇڏيو تہ آهستي آهستي شهر جو رخ زوال طرف مڙڻ لڳو.

اهڙي عمدي نگريءَ مان پنجين صديءَ جي آخر ۾ سنڌ تي راءِ گهراڻي جو راڄ شروع ٿيو. هو ٻڌ ڌرم جو پالڻ ڪندا هئا. انڪري ان کي ٻڌ گهراڻي جو راڄ چيو وڃيٿو. ڪن تواريخ نويسن ان کي شودر گهراڻي جو راڄ سڏيو آهي. ان وقت پڻ هئڙين ذاتين مان ڪيترا هندو ڌرم ڇڏي رهيا هئا. ٻڌ ڌرم تن ڏينهن ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري چڪو هئو، شايد انڪري جو ان ۾ ذاتين جو ڀيد ڀاوَ ڪونہ هئو-رواج ڪونہ هئو؛ نہ ڪير گهٽ ذات جو هئو نہ ئي ڪو اوچ ذات جو. سڀ هڪ جهڙا هئا. لڳي ٿو راءِ گهراڻي وارا گهٽو ڪري شودر ذات جا هئا ۽ ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هئائون. انڪري هن کي ٻڌ گهراڻو بہ چئي سگهجي ٿو، تہ شودر گهراڻو بہ. صحيح معنيٰ ۾ اهو راءِ گهراڻو هئو.

ٻڌ ڌرم شاهي گهراڻي جو ڌرم هئو، انڪري سڻي نموني ڦليو ڦوليو. اڳتي هلي جڏهن چچ برهمڻ گهراڻو قائم ڪيو تہ اندرون اندر زيردست حاڪمن، درٻارين، عملدارن ۽ عوام ۾ ڦوت پوڻ

پهرين ائين ڪونہ هوندي هئي. شايد دنيا جي ٻي ڪنهن بہ نديءَ پنهنجو وهڪرو اهڙي نموني ۽ ايترو جلد جلد نہ مٽايو آهي جيترو سنڌو نديءَ. لڳي ٿو سنڌ جي چپي چپي لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن وقت هوءَ جيئاپي جو ذريعو پئي رهي آهي. اوير ۾ ٿر جي رڻ پٽ کان اولهہ جي پهاڙي ۽ پٿريلي ايراضيءَ جي وچ وارن اٽڪل سؤ ميلن ۾ شايد ئي اهڙي ڪا جڳهہ هوندي جتان ڪنهن نہ ڪنهن زماني ۾ سنڌو ندي نہ لنگهي هوندي. هن جو وهڪرو يڪي نديءَ طور هميشه نہ پئي رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻن يا اُن کان وڌيڪ بنيادي ڌارائن سان گڏ ڪيترين ئي ننڍين وڏين نهرن ۾ ورهائجي ويندي هئي. انهن سڀني جو وهڪرو بہ هميشه ساڳئي هنڌ نہ پئي رهيو آهي - بدلائيندي بدلائيندي اڄ هڪ يڪي نديءَ جي روپ ۾ اسان اڳيان آهي.

هر ڌارا ۽ هر نهر کي پنهنجو پنهنجو نالو پئي رهيو آهي. زماني سارو انهن نالن ۾ بہ بدلاءُ آيو آهي. وري جدا جدا هنڌن تي ساڳي ئي نهر/ڌارا کي الڳہ الڳہ نالا ڏنا ويا آهن.

الڳہ الڳہ نالن - الڳہ الڳہ وهڪرن، وري انهن جي جلد جلد بدلاءُ ڪري تواريخ نويس ڪجهہ منجهي پيا آهن ۽ ڪيترن ٻي تعلق تفصيلن جا حوالا ڪٽي آيا آهن. نتيجن ڪيترن قديمي شهرن جي سڃاڻپ اڄ تائين چٽي نہ ٿي سگهي آهي ۽ جيڪڏهن ڪن حالتن ۾ ٿي آهي تہ پنهنجن راين بابت ودوانن کي ڪافي ڪجهہ دليل ۽ حوالا پيش ڪرڻا پيا آهن.

عربن جي حملي وقت سنڌو نديءَ کي 'هڪراهہ' چيو ويندو هئو. (ڪجهہ ٻئي بہ نالا هئا - 'مهراڻ' جنهن جو واهپو خاص طور 'چچ نامہ' ۾ ڪيل آهي ۽ ٺٽي شهر جي آس پاس گهٽو ٽٽو واپريو ويندو هئو؛ باقي نالا هئا - 'سنڌو ساگر'، 'واهينده' يا 'باهينده'،

قديمي ڀارت ۾ راجائون پنهنجي حڪومت ننڍن ننڍن صوبن ۾ وراهيندا هئا؛ اُهي وري ننڍن ننڍن حصن ۽ ضلعن ۾. اِهو لاثاني طريقو، راڄ ڪاروبار، قابليت ۽ چستيءَ سان هلائڻ ۾ واهر ڪندو هئو ۽ اڄ بہ دنيا ڀر ۾ هلندو ٿو اچي. مؤريہ ۽ گپتا راجائن جي وقت ۾ راجين جي گورنرن (صوبيدارن) جي مقرري راجائون سڌو پاڻ ڪندا هئا ۽ گهڻو ڪري شاهي گهراڻي مان ڪٽندا هئا. اڳتي هلي ڪيترن هنڌ اهي گورنر پنهنجين حدن ۾ خودمختيار ٿي تعبيدار راجائن جيان ورتڻ لڳا ۽ پيڙهي بہ پيڙهي پنهنجن پوين کي ورثي ۾ راڄ ڪاروبار ڏيڻ لڳا.

راءِ سهيرس ٻئين پڻ اهڙو ئي سسٽم اختيار ڪيو، پر هو سڀ گورنر شاهي خاندان مان مقرر نہ ڪري سگهيو. هن حڪومت پنجن حصن ۾ وراهي؛ جئن جو ڪاروبار گورنرن کي سؤنپيائين ۽ هڪ پنهنجي سڌي قبضي ۾ رکيائين.

ا. برهمڻاباد : ان جي نظرداريءَ ۾ آيا - نيرون جو قلعو (هاڻوڪي حيدرآباد ڀرسان)، ديبل (ان وقت جو اهم واپاري مرڪز ۽ اندروني درهيائي بندرگاهہ هاڻوڪي ڪراچيءَ ڀرسان)، لوهاڻہ-لاکہ ۽ سمہ وارا علائقا ۽ درياهہ.

٢. سيوستان : (هاڻوڪو سيوهڻ.ڪن جو چوڻ آهي تہ سيوستان پنهنجي ليکي هڪ ننڍو صوبو هوندو هئو ۽ سيوهڻ ان جو هيڊ ڪوارٽر)، ان جي نظرداريءَ ۾ آيا - ٻڌيہ (لڌيہ)، جنگان (چنگان)، رونجهان جون ڀهاڙيون - مڪران جي حد تائين.

لڳي. **تحفتہ الڪرام** (علي شير قانع جي فارسيءَ ۾ لکيل سنڌ جي تواريخ) مطابق راءِ گهراڻي جو پايو **راءِ ديوائڃ** ۴۸۵ع ڌاري وڌو هئو. ان کانپوءِ هن جو پٽ **راءِ سهيرس** گاديءَ تي ويٺو ۽ پوءِ ان جو پٽ **ساهسي**. اسان جي کهاڻي چوٿين راجا-**سهيرس** (ساهسيءَ جي پٽ) کان شروع ٿئي ٿي. چاڪاڻ تہ هو لائين ۾ ٻيو **سهيرس** هئو، انڪري هن کي **سهيرس ٻيون** چيو ويندو.

راءِ سهيرس ٻيون ڪافي آسودو هئو. هن وٽ گهڻو ئي ڌن هئو-ظاهري تہ زمين ۾ ڌٽيل پڻ. هي پنهنجي عدل، بهادري ۽ **فراخدليءَ** کان چڱو مشهور هئو. هن جي حڪومت جون حدون اوڀر ۾ **ڪشمير** تائين؛ اولهہ ۾ **مڪران** (بلوچستان)؛ ڏکڻ ۾ **عربي** سمنڊ (هاڻوڪي **ڪراچي** بندر تائين) ۽ اُتر ۾ **ڪردان** ۽ **ڪيڪانان** جي جبلن تائين ڦهليل هيون.

جنهن وقت (۱۹۰۰ع ۾) '**چچ نامہ**' جو **مرزاقليچ بيگ** وارو انگريزي ترجمو شايع ٿيو، ان وقت **سنڌ** تي برٽش راڄ هئو ۽ اُهي حدون هن ريت هيون-اوڀر ۾ **جوڌپور** ۽ **جئسلمير** جون راجپوت رياستون؛ اولهہ ۾ **قلات**؛ ڏکڻ ۾ **عربي** سمنڊ ۽ **ڪڇ** جو رڻ پٽ ۽ اُتر ۾ **قلات** ۽ گڏيل **پنجاب** جا ڪجهہ حصا ۽ **بهاولپر** جي رياست. اُن وقت سڄي ايراضيءَ جي سراسري ڊيگهہ اوڀر کان اولهہ طرف ۱۷۰ ميل (۲۷۵ ڪلو ميٽر) هئي تہ اُتر کان ڏکڻ طرف ۳۶۰ ميل (۵۸۰ ڪلو ميٽر) ڪل ايراضي ۵۷۰۰۰ چورس ميل (۱،۴۷،۰۰۰ چورس ڪلو ميٽر) هئي. اڄ جون حدون وري هن ريت آهن : اوڀر ۾ **ڀارت-ٿر** جي رڻ پٽ جو حصو ۽ **راجستان**، اولهہ ۾ **بلوچستان**، ڏکڻ ۾ **عربي** سمنڊ ۽ **ڪڇ** جو رڻ پٽ ۽ اُتر ۾ **پاڪستان** وارو **پنجاب** ۽ اُتر-اولهہ سرحدي رياست.

تائين اچي پهتو. راءِ سهيرس پيون، الور مان لشڪر وٺي هن کي اڳيان وڌڻ کان روڪڻ لاءِ نڪتو. خونخوار لڙائي لڳي. ٻنهي ڌرين جا چڱا ڪونڌر ڪسجي ويا. راءِ سهيرس کي پنهنجي هار نظر اچي رهي هئي، پر هارايل سپاهيءَ جي موت سان ٿيندڙ خواريءَ بدران هن لڙائي چالو رکڻ بهتر سمجهي ۽ بهادريءَ سان لڙندو رهيو؛ آخر شهيد ٿي ويو.

نيمروز جو بادشاهه واپس ويو (لڳي ٿو هو حڪومت جون حدون وڌائڻ ڪونه آيو هئو-صرف ڦرلٽ جو اِرادو هئس.) پوءِ راءِ سهيرس جو پٽ ساهسي پيون تخت تي ويٺو. پنهنجي قابليت، فراخدل ۽ همدردانه وهنوار جي ڪري هو ٻه حڪومت تي پختو ڪنٽرول ڄمائي سگهيو ۽ عوام جون دليون جيتڻ ۾ ڪامياب ويو. هرڪو کيس عزت ۽ شرڌا سان ڏسڻ لڳو. چئني گورنرن وفاداري جي خاطري ڏيندي هميشه جيان تعبيداري قبولي.

راجا کي رام نالي هڪ وزير هوندو هئو. هو ناظر ۽ سيڪريٽريءَ طور به فرض بجا آڻيندو هئو. هن کي شاهي دربار توڙي محل جي ڪاروبار جي هر شاخ جي سني ڄاڻ هوندي هئي. هو هڪ قابل، سمجهو ۽ هيتووادي عملدار هئو. هن جي واجبي ۽ منطقي ويچارڌارا راجا کي خاص پسند هئي، انڪري هن جي صلاح ڪڏهن به نه ٽاريندو هئو.

هڪ ڏينهن رام پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هئو ته هڪ برهمڻ کيس گڏجڻ آيو. برهمڻ سٺين صفتن سان هن جي ساراهه ڪرڻ لڳو، پر رام حليمائيءَ سان کيس ترت مقصد جي ڳالهه تي اچڻ لاءِ چيو.

برهمڻ مشڪي نمرتا سان چيو- ''منهنجو نالو چچ آهي. منهنجو پيءُ چندر (جندر) ۽ پنا سيلائچ پوڄاري آهن ۽ الور جي پسگردائيءَ

۳. اسڪلندہ : ان جي نظرداري ۾ رکيا ويا - ڀاٽيہ (ڀيڀيہ)، سوارہ، جاجهور (اڄوڪي راولپنڊي ضلع ۾ چڇپور) ۽ ڏانود (ديوهپور).

۴. ملتان : ان جي نظرداريءَ ۾ رکيا ويا - سڪہ، ڪرور، اشهار، ۽ تاڪيہ (ڪيہ) - ڪشمير جي حدن تائين.

۵. : باقي پنهنجي سڌي ظابطي ۾ رکيائين - کردان، کيڪانان ۽ برهماس جون ايراضيون.

هرهڪ گورنر پنهنجي صوبي ۾ راجا جي عيوضيءَ طور ڪم ڪرڻ لڳو. پنهنجي علائقي جو انتظام ۽ ڪاروبار سنڀالڻ سان گڏ هو راجا کي ڪجهہ ٻيون خدمتون پڻ ڏيڻ لڳا. هنن کي فوج، فوجي سامگري ۽ هٿيارن سان گڏ، اُٺ، گهوڙا ۽ هاٿي وغيره هردم هڪيا حاضر رکڻا هئا تہ جيئن ڪڏهن بہ ڪو اوچتو حملو ڪنهن دشمن جو ٿئي تہ سولائيءَ سان منهن ڏيئي سگهجي. هنن کي پنهنجي پنهنجي علائقي ڪانسواءِ، سيني سان گڏجي سڄي ديش جي بچاءَ جو ڏيان پڻ رکڻو هئو. اندروني انتظام، قاعدي قانون جو پالن ۽ ٻين ديواني معاملن جي سموري جوابداري انهن مٿان هئي. ڍلن جي وسولي ڪري، حڪومت جو حصو راجا تائين پهچائڻ جو ڪاريہ بہ انهن مٿان هئو. چاريئي گورنر هوشياري ۽ قابليت سان ڪم ڪري رهيا هئا، هڪ ٻئي ۾ دخل اندازي ڪونہ هئن. آهستي آهستي اڳتي هلي صوبن جا ننڍا ننڍا حصا ٿيندا ويا ۽ مڪاني اڳوان واڳون وٺندا ويا - صرف سٺي نموني قابليت سان ڪاروبار هلائڻ لاءِ. ائين جوابداريءَ ۽ ڪم جي وراهست جوابدار اڳوان پئدا ڪيا ۽ ڪاروبار باترتيب هلڻ لڳو. ملڪ ۾ ڪا بغاوت يا بي آرامي ڪونہ هئي.

اوچتو نيمروز (فارس - ايران) جي بادشاہ حملو ڪيو ۽ ڪِرمان

هن جي هٿ اکري ۽ عبارت ڏسي اهڙو ته خوش ٿيو جو خلعت عطا ڪري سندس عزت افزائي ڪيائين. اهڙيءَ طرح چچ جي نائب سيڪريٽريءَ طور مقرري قائمي ٿي ويئي.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن ناظر رام، راجا کي گڏيو ته هن چيو- ''رام، تنهنجو هو نائب ڪافي هوشيار ٿو لڳي. لکڻ پڙهڻ ۾ به هن کي پنهنجو نرالو انداز آهي. ڪٿان آندو تو هن کي؟''

رام چيو- ''هو سيلائچ برهمڻ جو پٽ آهي. سنو ايماندار ۽ آزموديگار ودوان آهي.''

رام جڏهن ڏٺو ته راجا خود هن جو قدر ڪري رهيو آهي ته چچ کي وڏيڪ ۽ سڌي جوابداري ڏيئي، پاڻ شاهي دربار جا ٻئي ڪم ڏسڻ لڳو. چچ جڏهن به راجا سان ملندو هئو ته پنهنجي قابليت ۽ فصيح زبان سان اُن تي سنو اثر وهاريندو رهندو هئو. راجا پڻ خوش ٿي هن کي اُتساهت ڪندو رهندو هئو. ائين هڪ ڏينهن رام راهه رباني وڃي هلندو رهيو.

ناظر رام جي وفات ڪانپوءِ راءِ ساهسيءَ، چچ کي هن جي جاءِ تي مقرر ڪيو. ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجي فراخدل ۽ همدردانه ورتاءُ ڪري چچ عوام ۾ پيارو ٿي ويو. هو سڄي ديش جي پرجا جو وشواس جيتي سگهيو ۽ پنهنجي هلت چلت، آچار وهنوار سان سڀني کي موهت ڪندو رهيو.

هڪ دفعي راءِ ساهسي محل جي پنهنجي ڪمري ۾ راڻي سونهنديءَ (سونهن ديوي) سان وينو هئو ته چچ نياپو موڪلي اندر اچڻ جي اجازت گهري. راجا محسوس ڪيو ته ڪو مڙيئي ضروري ۽ تڪڙو ڪم هوندو جو هو اندر تائين ڪهي آيو آهي. راجا راڻيءَ کي

۾ هڪ مندر ۾ رهندا آهن. مان توهان وٽ ڪنهن نوڪريءَ جي عنايت لاءِ آيو آهيان.''

رام کي هن جي خوش گفتاري ڪافي پسند آئي. چيائين- ''توکي قاعدي، اخلاق ۽ دنياداري وهنوار جي اصولن جو گيان آهي؟''

''جي بلڪل! مونکي چاريئي ويد برزبان ياد آهن.''

ڇچھ اُنهن مان ڪجھ بيان ڪرڻ جي آڇ ڪئي ته اوڏي مهل ديبل مان ڪا ٽپال آئي. ناظر هن کي اهي چٺيون پڙهڻ لاءِ ڏنيون. ڇچھ چٺيون سهڻي نموني پڙهيون ۽ رام جي چوڻ تي بهترين الفاظن ۾ عمدي عبارت سان عاليشان هٿ اکريءَ ۾ جواب تيار ڪيائين. رام هن جي فصيح زبان ۽ چِٽائيءَ واري عبارت تي موهت ٿي پيو.

چيائين- ''مان شاهي دربار ۾ سيڪريٽريءَ طور به ڪم ڪندو آهيان، ته محل جو به ڪافي ڪم سنڀالڻو پوندو اٿم. سموري خط-و-ڪتابت پڻ منهنجي ئي جوابداري آهي. انڪري ڪافي مشغول رهندو آهيان. تون مون کي هنن ڪمن ۾ مدد ڪج.''

ڇچھ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم اچي نوڪريءَ تي چڙهيو. ٿوري ئي وقت ۾ دربار ۽ محل جي ڪمن ۾ ماهر ٿي ويو-خط و ڪتابت ۾ ته سندس ماهريت هوندي ئي هئي.

هڪ ڏينهن راءِ ساهسي دربار ۾ اميرن ۽ شهر جي معتبر شخص سان وينو هئو ته قاصد سيوستان مان ڪجھ چٺيون کڻي آيو. راجا سيڪريٽريءَ کي سڏڻ لاءِ ڪنهن کي موڪليو. هو اُن وقت آفيس ۾ ڪونه هئو. ڇچھ چوائي موڪليو ته- ''مان سيڪريٽري رام جو نائب آهيان ۽ هن جي بدران ڪجھ به ڪم ڪري سگهان ٿو.''

راجا هن کي سڏايو. ڇچھ پنهنجي لاثاني انداز ۾ راجا کي چٺيون پڙهي ٻڌايون ۽ اهڙي ئي عمدي نموني اُنهن جا جواب لکيا. راجا

راڻيءَ کي جڏهن هي جواب مليو تہ سنجيدگيءَ سان ويچاري
انت تي ويئي. وري نياپو موڪليائينس تہ- ’جيڪڏهن تون مون
ان گهرو تعلق رکڻ نٿو چاهين تہ گهٽ ۾ گهٽ روز ڪنهن نہ ڪنهن
هاني پنهنجو منهن ڏيکاريندو ڪر تہ جيئن تنهنجي سونهن ۽ شوڀا
سي منهنجو چٽ پرسن رهي ۽ اڳتي هلي ميل جول جو موقعو ملندو،
ن آسري تي هلندي رهان.‘

ائين اڪيون اکين سان ملنديون رهيون. ٻنهي ۾ هڪ قسم جو
انسڪ لڳاءُ شروع ٿي ويو. راجا هنن سيني ڳالهين کان بيخبر هئو،
ر هي نظرون بچائي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا هئا تہ ڪن شخص
جو هنن ٻنهي جي بڪايل نگاهن طرف ڌيان ضرور ويو. چاڪاڻ تہ
عاملو ان حد کان ٻاهر نہ ويو هئو، تہ ڪير هنن جي سنٻنڌن بابت
ڪ سان ڪجهہ نہ پئي چئي سگهيو. ڪن دشمنن راجا کي آگاهہ
ڪيو، پر هن ڳالهہ ٽاري ڇڏي- ائين چئي تہ اهڙي قسم جون
ڳالهيون سندس محلات ۾ نٿيون ٿي سگهن. چچ اهڙو احسان فراموش
ـہ آهي جو هئڙو ڪِنو ڪم ڪري. سڀ کان اهم ڳالهہ تہ راڻي ڪڏهن
ـہ بي وفا نٿي ٿي سگهي.

ان وچ ۾ چچ جو اثر عوام ۾ وڌڻ لڳو. سندس همدردانہ ۽ فراخدل
وهنوار سيني کي موهي رهيو هئو. ازانسواءِ هو جيڪو ڪجهہ ڪندو
هئو، راجا کي بہ پسند ايندو هئو. راجا هن جي رايي کي نہ ڪڏهن
ريٽيندو هئو ۽ نہ ئي ڪو اهم فيصلو هن جي صلاح کانسواءِ ڪندو هئو. *

اندر پڙدي ۾ وڃڻ لاءِ چيو. راڻيءَ چيو تہ سندس هت حاضر رهڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي؟ رڳو هڪ برهمڻ تہ اچي رهيو آهي. راڻيءَ جو راجا تي ڪافي شخصي اثر هوندو هئو ۽ هو سندس چوڻ نہ ٽاريندو هئو. هوندئن بہ راءِ ساهسي ٻئين لاءِ چيو ويندو هئو تہ هو هئڙين ڳالهين ۾ فراخدل هئو.

تحفتہ الڪرام ۾ چيل آهي تہ چچ جي اچڻ جو ٻڌي راڻي پاڻهي ڪمري مان ٻاهر وڃڻ لڳي تہ راجا ڪيس روڪيو ۽ چيو- ”چچ هڪ سٺو برهمڻ آهي.“

چچ اندر آيو ۽ راجا سان ڪجهہ ڪاروباري ڳالهيون ڪيائين. هو هڪ سٺو قداور ۽ سهڻو جوان هئو. سندس سڊول بدن ۽ سهڻا روش ڏسي راڻي مٿس اکن چڪن تي پئي. هن جي فصاحت ۽ هلت چلت ڏسي راڻيءَ جا ناڪ لڳي ويا-چڻ چري تي پئي. هن جي چاهت جو مٿس انڌ چڙهي ويو. ڪيس راجا مان ڪو اؤلاد ڪونہ هئو. اڳيان پنيان جو سوچڻ ڪانسواءِ هن پنهنجي هڪ راز محرم داسيءَ هٿ چچ کي گڏجڻ لاءِ نياپو موڪليو. وڏيڪ چوايائينس تہ ’جيڪڏهن منهنجي اِڇا پوري نہ ڪندين تہ مان آپگهات ڪندس. مون کان جدائي سَٺي نٿي وڃي‘.

نياپو ملڻ سان چچ حقارت جو اظهار ڪري، آڇ ناڪاري چڏي ۽ چوائي موڪليائين- ’اِهو راجا سان غداريءَ جو ڪم ٿيندو، نہ صرف مون کي جان جو جوکم ٿيندو، پر منهنجو نالو بہ خراب ٿيندو ۽ لوڪ پرلوڪ بہ بگڙندو. وڏي ڳالهہ اسان برهمڻ آهيون. منهنجو پتا ۽ پاءُ تہ ويراڳي آهن. مون کي راجا طرف هي ناشڪريءَ جو ڪم پسند نہ آهي. مان ان جي شيوا ۾ آهيان، ڊپ ۽ ادب ۾ رهڻ پسند ٿو ڪريان. مهرباني ڪري مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي.‘

ڪمري ۾ رکي دروازو بند ڪرڻ لاءِ چيائين، ته جيئن شهر ۾ هن جي
ضيئي جي خبر نه ڦهلجي.

راڻيءَ نوڪر کي هڪ لسٽ ڏيندي وري چيو- ”هن ۾ راجا جي
ڪن مائٽن جا نالا اتيئي. اُنهن کي سڏي، هڪ هڪ ڪري محل ۾
اندر موڪليندو وڃ.“

لسٽ ۾ راجا جي انهن سيني عزيزن جا نالا هئا، جيڪي راجائيءَ
ر ورثي هئڻ جو حق چڪي پئي سگهيا. نوڪر هرهڪ کي الڳه الڳه
موڪليندو پئي ويو، ائين چئي ته ’راجا هاڻ بهتر ٿيڻ لڳو آهي ۽
توهان سان ڪجهه ڳالهائڻ ٿو چاهي.‘ اندر داخل ٿيڻ سان وري هر
ڪنهن کي اڳوات مقرر ڪيل روم ۾ موڪليو پئي ويو. اُتي اڳه ئي
ڪي نوڪر وينا هئا ۽ ايندڙ کي يڪدم هٿڪڙيون ۽ بيڙيون پائي پيا
ڇڏن. ائين راڻيءَ جا سڀ دشمن قيد ٿي ويا.

هاڻ راڻيءَ وري راجا جي ٻين عزيزن کي گهرائڻ شروع ڪيو. هو
سڀ غريب ۽ ضرورتمند هئا. ساڳئي نموني الڳه الڳه ايندا پئي ويا
ته راڻي کين چوڻ لڳي- ”اڄ راجا ڪافي غصي ۾ آهي. تنهنجي
فلاڻي مائٽ هن کي ڪافي خفي ڪيو آهي. هن جي ڏُر وهنوار سان
راجا جي دل-دماغ ۾ تناءُ آهي ۽ سڄي رات آرام ڪونه ڪيو اٿائين.
راجا هن کي قيد ڪرايو آهي. تون جيڪڏهن غريبيءَ مان نجات
پائي ڪجهه ملڪيت ۽ ٻيو سڪه حاصل ڪرڻ چاهين ته وڃ اندر جتي
هو قيد ٿيل آهي. ان جو سر آڻي ڏيندين ته ان جي جاءِ تي توکي
مقرر ڪيو ويندو. هن جي سڀ ملڪيت،جائداد ۽ نوڪر چاڪر
تنهنجي حوالي ڪبا.“

راڻيءَ کي خبر هئي ته ڪير ڪنهن جو دشمن آهي. ان موجب
قاتلن جي چونڊ ڪندي پئي ويئي. اهڙي نموني هن رڪاوٽ پئدا

٢- ڇيھ جو راجا ٿيڻ

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ راجا بيمار ٿي پيو. پيچاڙي نزديڪ نظر اچڻ لڳي. مؤت جي پڪ هئي، پر بيماري ڪجهہ لنبي هلڻ لڳي. راڻي چنتا ۾ پئجي ويئي. ڇيھ کي سڏائي چيائين- ”راجا ڪڏهن بہ موڪلائي سگهي ٿو. حڪومت جو ڪو وارث ڪونهي. هن جا ويجها عزيز، سڄو ملڪ ۽ ملڪيت هڙپ ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندا. مون سان هنن جي نہ پوندي آهي. مون کي دست بردار ڪرڻ ۾ ڪا ڪثر باقي نہ رکندا. راجا جي هوندي ئي مون سان پائي ڪنئي اٿائون تہ هن جي وڃڻ ڪانپوءِ خبر نہ آهي ڇا ڪندا. شايد جيئڻ ئي نہ ڏين.“

ڇيھ چيو- ”پوءِ پاڻ کي بچاءُ لاءِ ڇا ڪرڻو آهي؟ ڪجهہ سجهاءَ!“

”هڪ رٿا مون کي سجهي ٿي ۽ سمجهان ٿي توکي پڻ پسند ايندي. پڳوان جيڪڏهن چاهيو تہ ضرور ڪامياب ويندا سين؛ تون جيڪڏهن همٿ ڏيکاريندين تہ هيءَ راجائي توکي بخشيندو.“

”مان تنهنجي هر ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار آهيان-دل وَ جان سان. ٻڌاءِ تنهنجي من ۾ ڇا آهي؟“

راڻيءَ ٿوري ۾ هن کي سموري ڳالهہ سمجهائيندي چيو-”پهرين تہ پنجاه جوڙيون هٿڪڙين ۽ ٻيڙين جون گهرائي محل جي تهخاني ۾ لڪائي رکائي ڇڏ.“

ڇيھ جي حڪم سان سڀ مال ڳجهہ ڳوهہ ۾ محل اندر پهچي ويو. راجا جو آخري وقت آيو تہ حڪيم مؤت جي پڌرائي ڪري وڃڻ لڳا. راڻيءَ هنن کي ڪجهہ وقت محل جي ٻئي ڪمري ۾ وهڻ لاءِ چيو. پوءِ هڪ راز محرم نوڪر کي سڏائي راجا جي مرتڪ سرير کي اندرئين

بابت 'چچ نامه' کان ٻاهر ڪوبه ذڪر نه آهي.

ائين ڇهه مهنا گذري ويا. راءِ ساهسي جي قضيئي جي خبر ته ڦهلجڻي هئي ئي. اِها سندس ڀاءُ مهرٿ تائين پهتي. هو ان وقت چتور (هاڻوڪي راجستان-ڀارت ۾) جو راجا هئو. مهرٿ وڏو لشڪر گڏ ڪري، گهوڙن ۽ خونخوار هاٿين سميت چچ سان مقابلي لاءِ آيو؛ اَلور کان ٽي ميل پري ڇانوڻي هنيائين ۽ چچ ڏانهن نياپو موڪليائين ته- 'هن ديش جو حقي وارث مان آهيان-مول ته منهنجي ابي ڏاڏي جو ئي آهي. راءِ ساهسي منهنجو ڀاءُ هئو. بهتر راجائي مون کي واپس ڏي. تنهنجي نوڪري جيئن جو تيئن چالو رکي ويندي.'

چچ نياپو نظرانداز ڪري ڇڏيو. راڻيءَ وٽ آيو ۽ چيائين- ''هي دشمن ته در تائين اچي پهتو آهي ۽ سچي راجائيءَ تي حق ڄڪي رهيو آهي؛ پوءِ ڇا صلاح آهي؟''

راڻيءَ کلي وراڻيو- ''مان ته هڪ عورت آهيان. پڙدي ۾ رهي ڇا ٿي ڪري سگهان؟ جيڪڏهن مون کي لڙائيءَ تي وڃڻو آهي ته ڏي پنهنجا ڪپڙا. تون منهنجا پائي هٿ ويهي رهه.''

چچ مشڪي چيو- ''مون ته رڳو تنهنجي صلاح پڇي، لڙائيءَ تي وڃڻ لاءِ ڪونه چيو.''

راڻيءَ چيو- ''جڏهن راجائي تنهنجي نصيب ۾ آئي آهي ته مون کان ڇا ٿو پڇين؟ پاڻ سنڀال ۽ شير جيان وڃي دشمن تي ٽٽي پئه.''

چچ پاڻ سنڀالي ٻاهر آيو. لشڪر تيار ڪري هٿيار پنوهار پهري لڙائيءَ جي مئدان تي آيو. گهمسان لڙائي شروع ٿي. ٻنهي طرفن جا ڪافي بهادر سپاهي اجل جو شڪار ٿي ويا. وڌيڪ خونريزي روڪڻ لاءِ راجا مهرٿ، چچ کي چيو- ''مخالفتي صرف اسان ٻه ڄڻا آهيون. بهتر رڳو اسان ٻه ڄڻا پاڻ ۾ لڙون. جيڪو جيئرو بچيو، راجائي ان جي.''

ڪندڙ سيني مخالفتين جو خاتمو ڪرايو. هڪ ئي رات ۾ نہ صرف راڻي سونهنديءَ چچ لاءِ رستو صاف ٿي ويو، پر ائين ڪندي ڪيترائي دوستانہ رخ وارا پوئلڳہ ۽ فرمانبردار پڻ پيدا ٿي ويا.

هاڻ باقي جيڪي شاهي دربار جا عملدار، جاگيردار، امير، وزير ۽ ٻيا معتبر رهيا، اهي سڀ وشواس جوڳا ۽ حليم هئا. راڻيءَ سيني جي ميٽنگ سڏائي. پاڻ پڙدي پنيان رهي وزير ٻڌيمن معرفت چوايائين- 'مهاراجا هاڻ بهتر ٿيڻ لڳا آهن، پر اجا سندن من استثي ڊانواڊول آهي. سندن عزيزن جي تازين انتقامي حرڪتن کين ڪافي ڏڪو رسايو آهي، انڪري دربار ۾ نہ اچي سگهيا آهن ۽ شايد اجا بہ ڪجهہ وقت نہ اچي سگهن. ملڪ جو ڪاروبار تہ هلائڻو آهي، عدل انصاف ۾ ڍل نہ ڪرڻي آهي. انڪري بهرحال ناظر چچ کي سموري جوابداري سؤنپي ويئي آهي تہ مهاراجا جي نالي ۾ سندن نائب ٿي ڪم ڪري ۽ ملڪ جو ڪاروبار سنڀالي.'

سيني حڪم جي مرحبا ڪئي. چچ لاءِ هونئن ئي سيني کي عزت ۽ شرڌا هوندي هئي. راڻيءَ سيني حاضرنين جي وفاداريءَ جي ڪافي ساراهہ ڪئي ۽ کين سوکڙيون، جاگيرون ۽ ٻيا انعام اڪرام ڏنائين. هنن سڀني، شڪرگذاريءَ جو اظهار ڪري پنهنجي وفاداريءَ جو وري وشواس ڏياريندي، هر قسم جي شيوا لاءِ هردم حاضر رهڻ جو قؤل ڪيو. ائين چچ ملڪ جو والي ٿي ويو؛ راجا- دستوري پڌرائيءَ کانسواءِ. ڪيتريون صديون پوءِ هيڙي قسم جي قصن کي سنڌيءَ جي مشهور ڪوي- هوندراج دکايل ڪجهہ هن نموني پيش ڪيو آهي- 'پتڪڙو کهاڙو وڏي وڻ کي ڪيرائي سگهيو، صرف ان ڪري جو ان جو پنهنجو انش-هڪ ٽاري، کهاڙي جو هٿيو بڻجي ويئي.' تواريخ ۾ چچ کي راڄ ڦٻائيندڙ چيو ويو آهي، پر راڻي سونهنديءَ جي رول

ڪرايائون. (تاريخ معصومي ۽ تحفته الڪرام ۾ چيل آهي ته اها شادي مهرت جي حملي کان اول ٿي چڪي هئي.)

چچ کي هن مان ٻه پٽ ٿيا - ڏاهر سينه ۽ ڏاهر. هڪ ڌيءُ پڻ ٿين، جنهن جو نالو رکيائون ٻائي (مايين). سيني جون چئيون هوشيار ودوانن کان نهرايون ويئيون ۽ نجومين کي ڏيکاريون ويئيون. سيني جي گرهن-چوگرهن جو تفصيلوار اڀياس ڪيو ويو. نجومين جو چوڻ هئو ته ڇوڪرا ٻئي راجا ٿيندا ۽ پوري ديش تي راڄ ڪندا. ڇوڪريءَ لاءِ چيائون ته هوءَ راڄڌانيءَ کان ٻاهر ڪونه ويندي ۽ سندس گهوٽ پوري سنڌ تي راڄ ڪندو. اها ڳالهه ٻڌي چچ سوچ ۾ پئجي ويو. ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ٻئي ڇوڪرا ۽ ناٺي لڳ ڀڳ هم عمر ٿيندا؛ سڀ ڪيئن ٿا هڪ ئي وقت سنڌ تي راڄ ڪري سگهن. هن نجومين کي هدايت ڪئي ته هيءَ ڳالهه ڳجهي رکن ۽ ڪنهن سان به ان جو ذڪر نه ڪن. *

چچ چيو- ''مان ته برهمڻ آهيان. گهوڙي تي ويهي لڙڻ مون کي نه ايندو آهي. هيٺ لهي لڙون ٿا، پوءِ جي منهنجو سر به ويو ته پرواهه نه آهي.''

مهرت کي لڳو، هي برهمڻ ڇا سندس جهڙي آزموديگار ۽ بهادر لڙاڪوءَ اڳيان بهي سگهندو. هو يڪدم گهوڙي تان لهي پنڌ هلڻ لڳو. **چچ** پڻ هيٺ لٿو، پر آهستي سان پنهنجي گهوڙي جي لغام جهليندڙ کي چيائين-''گهوڙو وٺي آهستي آهستي منهنجي پٺيان اچ.''

جڏهن ٻئي هڪ ٻئي جي نزديڪ آيا ته **چچ** اوچتو ٽپ ٽپو چلانگ ماري پنهنجي گهوڙي تي چڙهي پيو ۽ هڪ ئي وار سان **مهرت** جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيائين. اِهو ڏسي سنڌي لشڪر جوش ۽ اُتساهه ۾ اچي ويو. هنن گڏجي هڪ زوردار حملو ڪيو. دشمن فوج مان ڪيترن پنهنجي راجا کي ڪرندو ڏسي ورتو. ڪن ڀڄڻ شروع ڪيو ته ڪي پيش پيا.

چچ فتح جي خوشيءَ ۾ جهومندو واپس **الور** آيو. سڄي شهر ۾ شادمانا مچي ويا. انهن جشنن جي وچ ۾ هو **سنڌ** جي تخت تي ويٺو. **تحفته الڪرام** مطابق اهو ٦٢٢ع جو سال هئو. ائين برهمڻ گهراڻو شروع ٿيو. راءِ گهراڻو ڪل ١٣٧ سال هليو-راءِ **ديوائج** کان وٺي **راءِ ساهسي** ٻئين تائين.

چچ جڏهن فتحياب ٿي واپس آيو ته راڻي **سونهنديءَ** سيني مکين، درٻارين ۽ معتبرن جي ميٽنگ سڏائي چيو- ''هاڻ راءِ ساهسي نه رهيا آهن ۽ مون کي ڪوئي اؤلاد ڪونهي جو حڪومت جو وارث ٿئي. راجائي **چچ** جي نصيب ۾ آئي آهي. بهتر منهنجو هٿ شاديءَ ۾ کيس ڏنو وڃي.''

سيني کي ڳالهه پسند آئي؛ گڏجي هن جي شادي **چچ** سان

تدارڪ ڳولهڻ؛ ساڳئي وقت جيڪڏهن ڪا نافرماني ٿي رهي آهي ته ضروري فهمائش ڪرڻ.

وزير جو چوڻ هئو ته اها صحيح ۽ ضروري ڳالهه آهي. جيڪڏهن ڪجهه غلط ٿي رهيو آهي ته ان کي درست ڪرڻ راجا جو پهريون فرض آهي - ذرم آهي. ملڪ ۾ امن امان قائم رهي، پرجا سکي ۽ سنهنجي رهي اهو وقت به وقت ڏسڻ ضروري آهي. هن ٻڌايو ته حڪومت هميشه واحد راجا جي هٿ ۾ پئي رهي آهي. سڀ گورنر، مکي ۽ جاگيردار هميشه وقت جي راجا جي چٺي ۾ رهندا پئي آيا آهن. هيءَ حڪومت راءِ ساهسي ٻئين کي ورثي ۾ سندس پتا راءِ سهريس ٻئين کان ملي، جڏهن هو نيمروز جي بادشاه جي حملي وقت مارجي ويو. سهيرس حڪومت جا پنج صوبا ناهيا هئا؛ جن جو ڪاروبار الڳه الڳه گورنرن کي ڏنو هئائين. راءِ ساهسيءَ پنا وارو اهو سرشتو قائم رکيو. هرهڪ صوبي جو گورنر پنهنجين حدن ۾ خود مختيار آهي. هڪ تعبيدار راجا وانگر هو ڍلن جي وسولي ڪندو آهي ته ديش جي بچاءُ لاءِ لشڪر پڻ پاليندو آهي. وزير جو چوڻ هئو ته هرهڪ گورنر سان ملڻ ضروري آهي -جو ڪيترو وقت ٿي ويو آهي، انهن جو سماءُ لهڻ هتان ڪوئي جوابدار ۽ اختياريءَ وارو عملدار نه ويو آهي. ٿلي چڪي جيڪڏهن ڪو اُپامي وڏا خواب ڏسي رهيو هجي ته ان جي ڪن مهٽ ڪرڻ به ضروري آهي ته تعبيداري ۽ فرمانبرداريءَ لاءِ نئين سر قؤل ۽ خاطري حاصل ڪرڻ پڻ. ائين آس پاس جي ٻين ننڍن وڏن حاڪمن تي پڻ اثر پوندو.

ٻاٽيه (ٻيبيه) جو قلعو بياس نديءَ جي ڏاکڻي ڪپ تي هئو. اُتان جي حاڪم جيتر (چتر)، راءِ چچ خلاف ڪارروايون شروع

٣- راءِ چچ جو ڪاروبار سھيڙڻ

راءِ چچ راڄ ڪاروبار ۾ واھر ڪرڻ لاءِ ڀاءُ **چندر (جندر)** کي سڏائڻ جو ويچار ڪيو. ھن کي نياپو موڪليائين- ’اسان ھوندئن تہ ويراڳي آھيون ۽ ڀڳوان جي شيوا ڪندڙ آھيون. پرجا جي شيوا ۾ بہ ڀڳوان راضي ٿو رھي. ھي ھاڻ اسان جو فرض بڻجي چڪو آھي. مون کي توکان بھتر ايماندار ۽ ھڏ ڏوکي ڪو ٻيو شخص نظر نہ اچي رھيو آھي، جيڪو رعيت جي چڱہ ڀلائي ۽ واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙي.‘

(ھت ’راءِ‘ جو مطلب آھي ’راجا‘. تن ڏينھن ۾ ھن لفظ جو واھپو عام ھوندو ھئو. پھرين راجائن لاءِ تہ ھي لفظ سندن گھرائي جو بہ اظھار ڪندو ھئو)

چندر اول تہ نہ مڃي رھيو ھئو، پر **راءِ چچ** جي گھڻي چوڻ تي مڃڻو پيس. **راءِ چچ** ھن کي دربار ۾ آڻڻ لاءِ ڪامياب ٿيو تہ حڪومت جو سڄو انتظام ۽ سڀ خانگي مدا ھن جي حوالي ڪيائين. **راءِ چچ** کي ڀاءُ جي قابليت ۽ ايمانداريءَ ۾ مڪمل وشواس ھئو. ھن جي ھٿن ۾ جوابداريون سؤنپي پاڻ ڪافي راحت محسوس ڪرڻ لڳو.

ھاڻ **راءِ چچ** کي لڳو تہ وقت آيو آھي جو ملڪ جي سياسي معاملن ڏانھن ڌيان ڏجي. ھن **طاڪي** وزير **ٻڌيمن** کي سڏائي **سنڌ** جي حدن بابت پڇيو. (**سنڌ جا ڪڇھ ١٥ قبيلا ھئا. ٻڌيمن طاڪي** قبيلي مان ھئو. ٻئي بہ قبيلا ھئا- **بنيہ ۽ مميہ.**) **راءِ چچ، راءِ سھيرس ٻئين** جي وقت ڪانوني ھن جي ناھيل پنجن صوبن بابت پڻ مڪمل ڄاڻ حاصل ڪرڻ پئي چاھي. ھن سيني صوبن جو دؤرو ڪرڻ پئي چاھيو-مقصد ھئو، اُتان جي حاڪمن توڙي عوام جو رخ ڏسڻ- انھن جي خوش خئريافت پڇڻ؛ جيڪڏھن ڪنھن تڪليف ۾ آھن تہ ان جو

رفته رفته **شجاع** چترائيءَ سان **جيتر** جي ويجهو ايندو ويو ۽ هن جو وشواس حاصل ڪرڻ لڳو; آخر هڪ ڏينهن موقعو ملندي **جيتر** کي ماري وڌائين ۽ ان جو سر **راءِ چچ** ڏانهن موڪليائين. **راءِ چچ** ڪافي خوش ٿيو. هن کي خلعت ۽ ٻيا انعام اڪرام بخشيائين. **راءِ چچ** اعلان ڪيو ته هاڻ کان قلعي ۽ شهر جو گورنر **شجاع** منهنجو رهندو. شهر جا سڀ مکي، امير ۽ معتبر راجا جي حاضريءَ ۾ آيا ۽ خزاني ۾ ڪافي رقمون پياريائون. **راءِ چچ** به سيني کي چڱو آءُ ڀاءُ ڏنو ۽ نئين گورنر جي پارت ڪندي چيو ته ڪڏهن به هن جو چوڻ نه ٽاريو وڃي.

اسڪلنده جو ڪاروبار نيڪ ٺاڪ ڪري، فارغ ٿي **راءِ چچ ملتان** ۽ **سڪه** طرف رخ رکيو. **ملتان، ٻجهراءُ (ٻڇيرا)** جي چارج ۾ هئو. هو **راءِ ساهسيءَ** جو ويجهو عزيز هئو. هن پنهنجين حدن جو دائرو ڪافي وڌايو هئو ۽ هڪ قابل شخص هئو. هن کي **راءِ چچ** جي تعبيداري ڪرڻ قبول نه هئي ۽ جڏهن ٻڌائين ته هو **ملتان** طرف اچي رهيو آهي ته يڪدم هڪ وڏو لشڪر گڏ ڪري اچي **راوي** نديءَ جي ڪپ تي بيٺو. هن جو ڀائٽيو **سهيوَل (سيول) سڪه** شهر ۽ قلعي جو حاڪم هئو. **سڪه، ملتان** جي سامهون **راوي** نديءَ جي ڪپ تي اوڀر **سنڌ** ۾ هئو. **سهيوَل، ٻجهراءِ** جي سؤٽ **اجسين** سان گڏجي هڪ مضبوط لشڪر **راءِ چچ** جي مرحبا لاءِ تيار رکيو. هوڏانهن **راءِ چچ** کي ٽي مهنا انتظار ڪرڻو پيو-جيسيتائين نديءَ جو پاڻي لهي ۽ پار ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي. **سڪه** وٽ **سهيوَل** سان جنگ شروع ٿي. ٻنهي طرفن جا ڪيترائي ڪونڌر ڪسجي ويا. قلعي اندر عوام کي پڻ ڪافي تڪليفون ٿي رهيون هيون. نيٺ **سهيوَل** کي ڀڄڻو پيو. هو

ڪري ڇڏيون ھيون. انڪري ھن پھرين ان طرف وڃڻ جو سوچيو. نجومين جي صلاح سان ھڪ ڏينھن سنو مھورت ڏسي لشڪر ساڻ ڪري ھي نڪري پيو.

پاٽيه شھر ۾ - قلعي کان ٻاھر ڪافي خونخوار لڙائي ڪانپوءِ گورنر جي ھار ٿي تہ پڇي وڃي قلعي ۾ پناھہ ورتائين ۽ ان جا دروازا بند ڪرائي ڇڏيائين. شھر راءِ چچ جي قبضي ۾ آيو. باقي قلعي کي ھو گھيرو ڪري ويھي رھيو. ڪجھہ ئي ڏينھن ۾ اندر ناگرڪن کي ڪافي پريشانيون ٿيڻ لڳيون. کاڌي پيتي ۽ ٻين ضروري شين جي اڻاٺ ٿيڻ لڳي. جڏھن تڪليفون سھڻ کان ٻاھر ٿيڻ لڳيون تہ گورنر ھڪ رات اوندھہ ۾ لڪي ڇپي **اسڪلنده** طرف پڇي ويو. اتان جو قلعو **پاٽيه** کان مضبوط ھئو، تہ بہ ھن ٻاھر ڇانوٽي ھڻڻ پسند ڪئي. ھي بہ ھن جي اختياريءَ وارو علائقو ھئو. اُتي پھچي ھن **راءِ چچ** جي ڇانوٽيءَ ۾ جاسوس موڪليا. اُتان خبر آئي تہ **راءِ چچ، پاٽيه** جي قلعي تي بہ قبضو ڪري چڪو آھي ۽ اتي ئي رھيو پيو آھي.

راءِ چچ کي خبر پئي تہ **جيتر** **اسڪلنده** طرف پڇي ويو آھي. **پاٽيه** لاءِ اتان جي اميرن ۽ مان ڪنھن چڱي مڙس کي شھر ۽ قلعي جون واڳون سؤنپي پاڻ **اسڪلنده** طرف ڪوچ ڪيائين ۽ اچي قلعي جي ٻاھران ڇانوٽي ھنيائين.

اسڪلنده قلعي جو ھڪ مکيہ درٻاري - **شجاع منھيہ، راءِ چچ** جي ڏاڍي عزت ڪندو ھئو. ھن جو مڪاني باشندن - خاص توڙي عام مٿان ڪافي اثر ھئو. **راءِ چچ** ھن کي نياپو موڪليو تہ ڪيس **اسڪلنده** ۽ **پاٽيه** جو گورنر بڻايو ويندو، جيڪڏھن ھو **جيتر** کي بندي بڻائي يا قتل ڪري سگھي تہ. ھن يڪدم آڇ قبول ڪئي ۽ ضمانت طور پنھنجو پٽ **راءِ چچ** وٽ موڪليو.

وزيرن ۽ درٻارين صلاح ڪري **ٻجهراءِ** کي جواب موڪليو- 'ڪمنصيبان اسان جو راجا گذاري ويو آهي. نئون راجا اڃا ٻار آهي. انڪري هن معاملي ۾ ڪو فيصلو نٿو ڪري سگهجي. اسان کي پنهنجي ملڪ جي اندروني معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ سپاهين جي ضرورت آهي. بهتر توهان پاڻ تي ڀاڙيو.'

ٻجهراءُ نراس ٿي چنتا ۾ پئجي ويو ته هاڻ ڇا ڪجي. هن راءِ **چچ** کي سڃهاءُ موڪليو ته پاڻ پيش پوڻ لاءِ تيار آهي، بشرطيڪ کيس پنهنجن وفادارن ۽ پوئلڳن سوڌو، شانتيءَ سان- ڪنهن به رنجش کانسواءِ ٻاهر وڃڻ ڏنو وڃي. **راءِ چچ** هن کي مڪمل بچاءَ جي خاطري ڏيندي چوايو- ''توهان سيني کي جتي به وڃڻو آهي ڀلي وڃو، ڪا رڪاوٽ نه وڌي ويندي.''

ٻجهراءُ ڪشمير جي جبلن طرف هليو ويو. **راءِ چچ** قلعي تي قبضو ڪيو ۽ هڪ ٺاڪر (تن ڏينهن ۾ راجپوتن کي ٺاڪر چيو ويندو هئو) کي اتي پنهنجو عيوضي مقرر ڪيائين؛ پوءِ هڪ مندر ۾ ويو ۽ پوڄا پاٺ ڪري ٻلي چڙهائي، دان پڄ ڪيائين.

ان کانپوءِ **راءِ چچ** پنهنجي ڪوچ جاري رکي. **برهمپور**، **ڪرور** ۽ **اشهار** جي حاڪمن تعبيداري قبولي خذمت بجا آندي. اڳتي هلي هي **ڪشمير** جي حد **تاڪيه (ڪيه يا ڪنيپ)** تائين پهتو. سڄي رستي ۾ ڪنهن به حڪمران يا راجا جي هن جي سامهون پوڻ جي همٿ نه ٿي ۽ ڪنهن به ڪا رڪاوٽ نه وڌي، بلڪ ڏن ڏيئي **راءِ چچ** جي تعبيداري ڪرڻ قبولي. آس پاس جا سڀ حاڪم به تعبيدار ٿيا. ڪيترن ته پنهنجو پاڻ ڏن ڏيئي آڻ مڃي. هي، هرهڪ مکي، جاگيردار ۽ امير وغيره کان پنهنجي طرف وفاداريءَ جي خاطري

ملتان طرف ويو ۽ نئين سر **راءِ چچ** سان سامهون ٿيڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳو. اتي **راوي** نديءَ جي ڪپ تي **بجهراءُ** اڳ ئي تيار بيٺو هئو.

راءِ چچ، **سڪه** تي قبضو ڪيو ۽ پنج هزار جنگي جوڌن جو قتل ڪرايائين. هن ڪي انهن مان پنهنجي اختياريءَ لاءِ خطرو لڳي رهيو هئو. ڪيترن کي قيدي بڻايائين ته ڪافي ناڻو پڻ حاصل ڪيائين.

راءِ چچ وقت جي مڪين ۽ اميرن مان هڪ اڳري امير، **عين الدوله ريحان مدني** ۽ کي عارضي طور **سڪه** جون واڳون سؤنپيون. هن ريت **راءِ چچ** جي راڄ ڪاروبار ۾ مسلمانن کي پڻ داخلا ملندي رهي.

ان ڪانپوءِ **راءِ چچ**، **سهيوَل** جي پنيان **ملتان** طرف روانو ٿيو. **بجهراءُ** به وڏي لشڪر، هاٿي گهوڙن ۽ ماهر جنگي جوڌن سان اچي لڙائيءَ جي مئدان ۾ پهتو. ٻئي لشڪر دوبدو ٿيا، پر **بجهراءِ** ۽ **سهيوَل** جي گڏيل طاقت جو به **راءِ چچ** جي اڳيان بڻ مشڪل ثابت ٿيو؛ جلد ئي مئدان ڇڏي قلعي ۾ پاڻ کي محفوظ ڪري ڇڏيائون. **راءِ چچ** قلعي کي گهيرو ڪيو.

بجهراءِ **ڪشمير** جي راجا کي مدد لاءِ چٺي لکي ته- ’**چچ الور** جي تخت تي وينو آهي ۽ **ملتان** تي وڏي لشڪر سان ڪاهي آيو آهي. وچ ۾ ڪيترن ئي شهرن ۽ قلعن تي قبضو ڪري چڪو آهي. مان اڪيلي سر ان سان پڄي نه سگهندس. **چچ ملتان** تائين سيني کي دسيندو آيو آهي. جيڪڏهن **ڪشمير** مان ڪجهه مدد اچي سگهي ته سٺو. ان مان توهان کي پڻ فائدو آهي. سياڻي جيڪڏهن هو **ڪشمير** تي ڪاهي اچي ته پهرين وچ ۾ **ملتان** جهڙي توهان جي دوست ملڪ کي منهن ڏيڻو پوندس ۽ شايد توهان تائين پهچي ئي نه سگهي.‘

قاصد **ڪشمير** تائين پهچي ان ڪان اول اتان جو راجا وفات ڪري ويو ۽ ان جي صغير ڇوڪري کي تخت تي وهاريو ويو. اتان جي

اُتان هي ٻڌيه لاءِ روانو ٿيو. ان وقت اتان جو حاڪم بسر (يا ٻسر) ڪوند پٽ ٻندر ڪوٻڪو هئو ۽ سندس راڄڌاني ڪاڪاراڄ ۾ هئي. (هاڻوڪي لاڙڪاڻي ضلع جو شهر ڪاڪڙه گهٽو ڪري اهو ئي آهي). اتان جا رهاڪو ان حصي کي سيويس (ساوس) چوندا هئا. راءِ چچ ان خلاف اڳيان وڌيو ته حاڪم جي پٽ ڪناه (ڪباه) اڳيان اچي پنهنجي پتا ۽ ٻين جي سلامتيءَ جي خاطريءَ تي پيش پوڻ جو سڄهاءُ رکيو. راءِ چچ سڄهاءُ قبول ڪيو ته هنن تعبيداري ڪرڻ قبولي ڏن ڀريو.

راءِ چچ هاڻ سيوستان طرف مڙيو. اتان جو گورنر متہ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي آيو، پر راءِ چچ جي لشڪر اڳيان بهي نہ سگهيو-ڀڄي وڃي قلعي ۾ پناهہ ورتائين. راءِ چچ قلعي کي گهيرو ڪيو ۽ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي بيٺو. هفتي کن ۾ قلعي جي اندر لشڪر جو اتساه ٽٽي چڪو. راءِ چچ وٽان سلامتيءَ جي قؤل تي متہ آڻ مڃي. راءِ چچ قلعو پنهنجي قبضي ۾ آندو ۽ سپني کي حفاضت ڏنائين. هن متہ ڏانهن همدردي ۽ فراخدلي ڏيکاريندي کيس وري گورنر مقرر ڪيو، ۽ نظرداريءَ لاءِ پنهنجو هڪ وشواس جوڳو عيوضي مقرر ڪيو.

راءِ چچ ڪجهہ ڏينهن اُتي رهيو؛ صلح شانتي قائم ڪري، سڀ اندروني معاملا نيڪ ناڪ ڪري، برهمڻاباد طرف رخ رکيائين. اتان جي حاڪم اگهم لوهاڻا کي پيش پوڻ تي صلح جي آڇ ڪيائين. اگهم ٽن قبيلن- لاکن، سمن ۽ سهتن جو سردار پڻ هوندو هئو.

اگهم اچا ڪو جواب ڪونہ ڏنو تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ راءِ چچ جي سپاهين مڪران طرف ويندڙ رستي تان هڪ شخص کي شڪي حالت ۾ ڏسي پڪڙيو. هن وٽ اگهم جي متہ ڏانهن لکيل هڪ چٺي هئي. چٺيءَ ۾ لکيل هئو :

وٺي ڪين ڇڏيندو پئي ويو؛ ائين مٿي **شاڪلهار** تائين اچي پهتو. **شاڪلهار** ۽ **تاڪيه سنڌ** جي **ڪشمير** واري سرحد وٽ هئا.

هن ڪنهن باغيچي مان ٻه ڇڪيون گهرايون-هڪ بيد جي ۽ ٻي صنوبر جي. **ڪشمير** جي سرحد وٽ **پنج ماهيات (پنج ناهيات)** نهر وٽ هڪ ٽڪريءَ جي پرسان ٻه وڻ پوکايائين. ٻوٽا وڏي وڻ ٿيڻ لڳا ۽ جڏهن ٻنهي جون ٽاريون هڪ ٻئي سان ملڻ لڳيون ته هن ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. رواني ٿيڻ کان پهرين چيائين- ”هيءَ جاءِ **ڪشمير** جي راجا ۽ اسان جي وچ ۾ سرحد جي نشاني ٿي رهندي. ڪير به بنا اجازت ۽ بي قاعدي پار ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري.“

هيتري سوڀ کان پوءِ هو واپس راڄڌاني **الور** طرف مڙيو. پورو سال آرام ڪري ٿڪ لاٿائين. پوءِ وزير کي گهرائي چيائين- ”ايرندي سرحد جي چنتا نه لٿي. هاڻ منهنجو ويچار آهي ته ڏکڻ طرف ڌيان ڏجي.“

”صحيح ڳالهه آهي. ان پاسي جي حاڪمن، ننڍن وڏن مکين ۽ جاگيردارن جي مغز ۾ هوا ڀرجڻ لڳي آهي ته **راءِ ساهسيءَ** کانپوءِ ڪين ڪير پڇڻ وارو نه آهي. توهان لاءِ ته سمجهن ٿا هونئن ئي ٻين هنڌ اُلجهيل آهيو.“

ان درميان سال ۾ سندس سپهسالارن ۽ اميرن لشڪر گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هئو ته لڙائيءَ جا هٿيار ۽ ٻيو سڀ سمر پڻ تيار ڪري رکيو هئو.

وري ڪو سٺائو ڏينهن-شڀ گهڙي ڏسي، **راءِ چچ** لشڪر سان **مداپور (ٻڌاپور)** ۽ **سيوستان** لاءِ روانو ٿيو. **واهئيت (دهيايت)** وٽ **سنڌو** ندي پار ڪيائين. هيءَ جاءِ **الور** ۽ **سمه** جي وچ سرحد هوندي هئي.

پنهنجن ابن ڏاڏن وٽان هي سڀ ڪجهه ورثي ۾ ڪونه مليو آهي. مان خود پنهنجي ٻل بوتي تي اوچو آيو آهيان ۽ هي سڀ ڪجهه منهنجن وڏن ۽ ڀڳوان جي آسيس سان ٿي رهيو آهي. مان ڪنهن جي مدد جو محتاج نه پئي رهيو آهيان. منهنجي فتحيابي ۽ ڪاميابيءَ جو ڪارڻ آهي مالڪ جي مهر. هن جي آشيرواد ڪانسواءِ ڪير ڇا ٿو ڪري سگهي؟ تون سمجهين ٿو ته تون اچ جيڪو ڪجهه آهين، سو صرف تنهنجي پنهنجي ڪرڻيءَ ڪري آهي ته ڀليل آهين. ايڏو اهم نه رک، ورنه ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته نه صرف هي سڀ ڪجهه وڃائي وهندين، پر سڌو موت جي منهن ۾ ويندين.‘

راءِ چچ، اگهم لوهاڻا خلاف ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ اُتي پهتو ته اگهم لڙائيءَ لاءِ تيار بيٺو هئو. لڙائيءَ ۾ ٻنهي ڌرين جو سخت نقصان ٿيو، پر راءِ چچ هن تي غالب پئجي ويو. اگهم پڇي وڃي قلعي ۾ پناهه ورتي ته راءِ چچ ان کي گهيرو ڪيو. لڙائي هڪ سال هلي. ان وچ ۾ اگهم هندستان ۾ قنوج جي راجا کي مدد لاءِ لکيو. قنوج جو راجا ان وقت راڻل راءِ (راسل راءِ) جو پٽ سيار (ستبار) هئو. اجا قاصد اتان واپس ئي نه وريو ته اگهم راهه رباني وٺي هلندو رهيو. ان جي جاءِ تي سندس پٽ سربند (سرهند) تخت تي ويٺو.

اگهم جو هڪ دوست هوندو هئو- ٻوڌي ڀائو (شمني) ٻڌر ڪوُ (ٻڌ گئي). هو ٻڌ ڌرم جو پوڄاري هئو ۽ اگهم پاڻ پڻ ان جو پالن ڪندو هئو. ٻڌر ڪو هڪ ٻڌ مندر- نؤ وهار جو مکيه پوڄاري هئو. هو پنهنجي ڀڳتي ۽ ديانتداريءَ ڪري عوام ۾ پيارو هئو ۽ راڄ ۾

’تنهنجي چٺي ملي. مان هميشه تنهنجو دوست ۽ خيرخواه پئي رهيو آهيان. تو اسان جي جهوني دوستيءَ ۾ وري وشواس رکي مون کي عزت بخشي آهي. مان تنهنجي اِڇا پوريءَ لاءِ ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. تون هڪ راجا آهين ۽ راجا جو اؤلاد آهين. انڪري اسان جي پاڻ ۾ نهندي ٿي اچي، پر اسان جو دشمن نه پئداشي راجا آهي، نه ئي ڪنهن راڄ گهراڻي مان آهي. منهنجي حدن اندر-برهمڻاباد کان ديبل تائين تون ڪٿي به رهڻ چاهين ته صرف چاڻ ڪر. مان سڀ بندوبست ڪندس. جيڪڏهن هئي ڪنهن هنڌ وڃڻ چاهين ته ضروري حفاظت جو بندوبست پڻ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.‘

سچي قصي ۾ وري هن چٺيءَ واري معاملي جو ڪو ذڪر نه آهي. انڪري ان بابت ڪجهه مونجهارو ٿي پيو آهي. **مته** تي وشواس رکي **راءِ چچ** هن کي وري **سيوستان** ۾ سائِئي ئي عهدي تي رکيو. اها چٺي لڳي ٿو **مته** جي پيش پوڻ کان اڳ لکي ويئي هئي يا **اگهم لوهاڻا** جي ڪا چال هئي ته جيئن چٺي **راءِ چچ** جي هٿ ۾ اچڻ سان هنن ٻنهي ۾ متڀيد جاڳن ۽ **راءِ چچ** کي لڳي ته **مته** سندس خلاف ڪا سازش رچي رهيو آهي. ائين **مته** جي حالت هيٺي ٿيندي؛ پر لڳي ٿو **راءِ چچ** جي من ۾ اهڙو ڪو ويچار **مته** خلاف نه آيو؛ بلڪ کيس لڳي رهيو هئو ته **اگهم** مٿس چٽربازي ڪري رهيو آهي. **اگهم** جي چٺي پڙهي، **راءِ چچ** هن نموني کيس لکيو :

’تون پاڻ کي راجا سمجهي رهيو آهين. تو پنهنجو ٻل شان ۽ شوڪت سڀ ان راڄ مان حاصل ڪيو آهي جيڪو تنهنجن ابن ڏاڏن وٽ هئو. هو ان راڄ جا تعبيدار هئا جنهن جو اڄ مان راجا آهيان. مون کي

’توهان مان اگر ڪير وڃڻ چاهي ته بلاشڪ هليو وڃي؛ سندن سلامتي جي خاطري اسان ڏيون ٿا، پر جيڪڏهن توهان هت رهڻ چاهيو ته خوشيءَ سان رهي سگهو ٿا.‘‘

سربند ۽ سندس پوئلڳن کي **راءِ چچ** جو رخ همدرديءَ ڀريو ۽ دوستاڻو لڳو. هنن هت ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو. **راءِ چچ** هنن جو مزاج ۽ رخ ڏسڻ لاءِ ڪجهه وقت رهي پيو ۽ **اگهم** جي وڌوا سان شادي رچايائين. پنهنجي ڀائٽئي ڌِهسيي جي ڌيءُ جي شادي **سربند** سان ڪرايائين؛ هن کي ڪافي سوکڙيون پاکڙيون ڏنائين ۽ رنگ به رنگي سروپا پهرايائين.

راءِ چچ، برهمڻاباد ۾ سال کن رهيو. سرڪاري بندوبست ڪرڻ ۽ ڍلون وصول ڪرڻ لاءِ ڪامورا مقرر ڪيائين. سيني اميرن، درٻارين ۽ مکين سندس تعبيداري ڪرڻ قبول ڪئي. ائين جڏهن سڀ ڪارج سهيڙي ورتائين ته کيس ان شمني جي ياد آئي ۽ ان سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين.

هن کي ٻڌايو ويو ته شمني **برهمڻاباد** ڇڏي چڪو آهي ۽ شهر جي پسگردائيءَ واري ڪنهن مندر ۾ ٻين ٻاون سان گڏ رهندو آهي. **راءِ چچ** پنهنجن ڪن چونڊ سپاهين کي سڏايو ۽ کين هدايت ڪئي ته-

’مان شمني سان ڪجهه وقت ڳالهيون ڪندس-پوري ڪرڻ کانپوءِ توهان طرف نهاري اشارو ڪيان ته يڪدم هن جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏجو.‘

راءِ چچ مندر ۾ آيو ته ڏٺائين شمني زمين تي ويٺو هئو ۽ ڪنهن پرارٿنا ۾ مشغول هئو. سندس هٿن ۾ سخت ڳوهيل مِٽي هئي جا هڪ قالب ۾ وجهي **گوتم ٻڌ** جا ننڍا ننڍا بت ٺاهي رهيو هئو. **راءِ چچ** به هن جي ڪاريگري ڏيان سان ڏسڻ لڳو. شمني هن ڏانهن ڪو

ڪيترن هنڌ هن جي پوئلڳي هوندي هئي.

اگهم جڏهن قلعي ۾ پناهه ورتي ته شمني هن کي آشيرواد ۽ شڀ ڪامنائون ڏنيون، پر لڙائيءَ جي معاملن ۾ بهرو نه ورتو. هو پنهنجن ڌرمي ڪتابن ۽ ٻين معاملن جي اڀياس ۾ مصروف رهيو. **اگهم** جي موت کان پوءِ ملڪ جون واڳون **سربند (سرهند)** جي هٿ ۾ آيون ته شمنيءَ کي پنهنجي ملڪيت، پوئلڳن ۽ ڌرمي معاملن جي چنتا ٿيڻ لڳي. هو پنهنجي جوتش وديا سان ڄاڻي چڪو هئو ته هي ملڪ **راءِ ڇڇ** جي هٿ ۾ اچڻو آهي؛ سوچڻ لڳو، خبر نه آهي هن جو رخ ڪهڙو هوندو.

راءِ ڇڇ کي ڪنهن چيو ته شمني ٻڌرڪوءَ جو **اگهم** ۽ ان جي پٽ تي ڪافي اثر آهي. هو جادو ٽوڻن ۾ پربيڻ آهي. هن جي صلاح تي ئي لڙائي ايترو لنبو عرصو هلي رهي آهي. **راءِ ڇڇ** قسم کنيو ته- 'هڪ دفعو قلعو منهنجي قبضي ۾ اچي ته ان جادوگر کي ڪنهن به حالت ۾ نه ڇڏيندس؛ سندس چمڙي اُڪرائي دهلن تي لڳرائيندس. اهي دهل ايترو وقت وڄندا رهندا جيستائين چمڙي ڦاٽي ٽڪر ٽڪر نه ٿي آهي.'

شمني جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته کلي چيائين- ''مون کي ناس ڪرڻ **راءِ ڇڇ** جي وس کان ٻاهر آهي.''

قلعي جي گهيري کي سال کان مٿي ٿي چڪو. ماڻهو هلاڪ ٿي پيا؛ جان مال جو نقصان هڪ طرف ته اٽاٽ ٻئي طرف. **سربند** لڙائي ڪرڻ کان هٿ مٿي ڪيا ۽ قلعو **راءِ ڇڇ** جي قبضي ۾ آيو. **راءِ ڇڇ** ان تي پڪتي ريت ظابطو قائم ڪري ورتو.

جڏهن لڙائي بند ٿي، ٻنهي ڌرين ۾ صلح ٿيو ته **راءِ ڇڇ** قلعي ۾ داخل ٿيو؛ سيني امير امراءَ ۽ درٻارين وغيره کي سڏائي چيائين-

سيني جو فرض آهي، پر پرجا جي شيوا به ته ضروري آهي. ڀڳوان به ان ۾ خوش ٿئي ٿو. وري ان سان گڏ پوڄا پاٺ به ته ڪري سگهبو آهي نه.“

”نيڪ آهي. توهان اسان جا راجا آهيو. توهان جو حڪم سر چشم ڪري مان قلعي جي نزديڪ اچان ٿو، حالانڪ مون کي ڊپ آهي ته اتان جا ماڻهو ڀڳوان ٻڌ جي ڪارين ۾ متان ڪا اڻوڻندڙ دخل اندازي ڪن.“

شمنيءَ کي هي ڊپ شايد ان ڪري لڳي رهيو هئو جو اُن وقت برهمڻ گهراڻي جو راڄ هئڻ ڪري هندو ڌرم جو اثر وڌي رهيو هئو.

راءِ چچ چيو- ”اهڙي ڪا ڳالهه ڪونه ٿيندي. مون کي ڪجهه شيوا ڪرڻ جو موقعو ڏي.“

”مون چيو نه، مون کي ڪنهن ڏنوي پدارٿ ۾ چاهه نه آهي. ڀڳوان توهان کي ٻنهي جهانن ۾ سکي رکي.“

راءِ چچ مشڪي چيو- ”تڏهن ته چوان ٿو- اهڙي ڪا شيوا ڏس ته جيئن منهنجو ٻيو جهان سکي ٿئي.“

”نيڪ آهي؛ جيڪڏهن هرويرو چئو ٿا ته هڪ پڇ جي ڪم ۾ توهان مدد ڪري سگهو ٿا. ڀڳوان ٻڌ جو مندر نؤوهار قديمي زماني جو آهي. مندر زبون حالت ۾ پيو آهي ۽ ان جو ڪجهه حصو ٽٽي چڪو آهي؛ نئون نهي سگهي ته بهتر. توهان خرچ ڪري اهو نهرايو ته سمجهندس، نه صرف ڀڳوان جي شيوا ڪيوَ، پر مون کي پڻ ڪافي مدد ڪيوَ.“

راءِ چچ نهه پهه جواب ڏنو- ”مهرباني ! اِهو ڪم پڪ ٿي ويندو.“

راءِ چچ واپس برهمڻاباد آيو ته وزير چيو- ” حضور مون هڪ ڪرشمو ڏٺو آهي.“

ڏيان نہ ڏنو، جڏھن پرارٿنا ۽ ٻت ناھڻ مان فارغ ٿيو تہ ڪنڌ مٿي ڪري چيائين- ”اوھ، ڀڳت سيلائچ جو فرزند آيو آھي.“

راءِ ڇڇ چيو- ”جي!“

”فرمايو، ڪھڙي ڪارڻ تڪليف ورتي اٿوَ؟“

”مون تنھنجي ايمانداريءَ جي باري ۾ ٻڌو تہ سوچيم ڳڌجي اچان.“

شمني پنھنجي پرسان ھيٺ ڪجھ سُڪل ڳاھ وڇائي، راءِ ڇڇ ڪي ان تي وھڻ جي آڇ ڪئي. چيائين- ”مان توھان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگھان؟“

”منھنجي اِڇا آھي، اسان پاڻ ۾ دوست ٿيون ۽ تون واپس قلعي ۾ اچ. رياست جو ڪجھ اھم ڪاروبار سنڀالڻ ۾ مون کي مدد ڪر ۽ سربند جي رھبري ڪر.“

”پر ھاڻ دُنوي معاملن ۾ نئين سر داخل ٿيڻ لاءِ منھنجي مرضي نہ آھي.“

”پر تو برھمڻاباد ڇو ڇڏي؟“

”جڏھن اگھم گذاري ويو تہ ھن جو پٽ ڪجھ وڏيڪ دڪي ٿي رھيو ھئو. ھن سنساري چڪر ڪان تہ ڪير ڇٽل ڪونھي. مون ڪيس فھمائش ڪئي ۽ پري رھڻ پسند ڪيم. مان ڀڳوان کي وينتي ڪندو پئي رھيو آھيان تہ توھان ٻنھي ڌرين جي وچ ۾ صلح شانتي آڻي ۽ دوستانہ ماحول ٺاھي. سو تہ سڀ ڪجھ ھاڻ ٿي رھيو آھي. مون لاءِ باقي ڀڳوان ٻڌ جي شيوا ڪانسواءِ ڪجھ نہ رھيو آھي. ٻئي جھان ۾ موڪش ملي سا ڳالھ توھان جي نوڪريءَ ڪان بھتر آھي. ان ڪري ھت پوڄا پاٺ ۾ لڳو پيو آھيان.“

راءِ ڇڇ کي لڳو، ھي ڪي غلط ڳالھيون نہ ڪري رھيو آھي. ڀلي جادوگر ھوندو، پر ھن وديا جو غلط استعمال تہ نہ ڪيو آھي. چيائين- ”ڀڳوان ٻڌ جي پوڄا ڪرڻ سٺي ڳالھ آھي. ان جي عزت ڪرڻ اسان

- متو ۽ پير نہ ڏيکيندا.
- ٻاهر نڪرڻ مهل هڪ ڪتو ساڻ ڪڻندا تہ جيئن ماڻهو کين سچائي سگهن.
- حاڪم کي ٻارڻ لاءِ ضروري ڪاٺيون گڏ ڪري ڏيندا.
- حاڪم لاءِ جاسوسي ڪندا ۽ سونهان ٿي رهندا.
- حاڪم کي مڪمل سهڪار ڏيئي هن جي چئي ۾ رهندا.
- ٻاهرئين حملي وقت پنهنجو فرض سمجهي حاڪم سان گڏ هلندا.

هنن کي چيو ويو تہ جيڪڏهن هِنن قاعدن جو پالن چڱيءَ طرح ڪندا تہ هو ايماندار ۽ وشواس جوڳا ليکيا ويندا. انهن مان ڪن کي تہ چڱن عزتدار عهدن تي پڻ مقرر ڪيو ويو.

هِنن ٻنڌنن لاءِ ڪو خاص مخصوص سبب نہ ڏنو ويو آهي، پر ڪن تواريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ **لوهاڻا** ۽ **جاٽ** هندن جي گهٽ ۾ گهٽ ذات جا ليکيا ويندا هئا ۽ **راءِ چچ** جي ذات برهمڻ-اوچي ۾ اوچي هئي. ذاتين جو پاڻ ۾ وير ونجوڳہ تن ڏينهن ۾ بہ هئو، پر راءِ چچ پاڻ تہ هنن معاملن ۾ فراخدل هئو-ايتري قدر جو ٻڌ ڌرم لاءِ بہ همدرديءَ ۽ فراخدليءَ سان پيش آيو.

هاڻ جڏهن **راءِ چچ** جي من کي شانتي ٿي تہ هت سڀ ٺيڪ ٺاڪ ٿي رهيو آهي تہ هن جو ڌيان **ڪِرمان** طرف ويو؛ اُتان جون حدون طئہ ڪرڻ ضروري سمجهيائين.

سنو مهورت ڏسي **ارمابيل** (لڳي ٿو بلوچستان جي لسٻيلي جو ٻيلو شهر هئو) طرف روانو ٿيو. **ارمابيل**، **ڪِرمان** طرف ويندي رستي تي هئو. ان جو والي هڪ ٻوڍي ٻائو هئو. هو **راءِ سهيرس** جي

راءِ چچ مشڪي چيو- ”ڪهڙو؟“

”توهان هتان محڪم اِرادي سان ويا هئا ته ٻائي کي ختم ڪبو، پر هن جي حاضريءَ ۾ برف جيان پگلجي ويا. الٽو هن کي مدد ڪرڻ جي واعدي سان خوش ڪري آيا.“

”صحيح ڳالهه آهي. مون سڀ ڏيان سان ڏٺو. هن ۾ جادو ٽوٽو يا ٻيو ڪو فريب نه هئو. هن هتان جي راجائن جي لڙائيءَ ۾ رهبري پئي ڪئي آهي ته اِهو سندس فرض هئو. مون سان وڙهڻ ۾ به هو پنهنجي راجا جي طرف فرض ادائي ڪري رهيو هئو. اها سندس ايمانداريءَ جي نشاني آهي.“

ڀارت جا راجائون ڌرم جي معاملي ۾ فراخدل پئي رهيا آهن، سو هڪ برهمڻ راجا، ٻڌ مندر نهرايو ته ڪا نئين ڳالهه نه هئي. راءِ چچ، برهمڻاباد ۾ ڪجهه وقت رهيو. اُتان جي ڪاروبار تي نظرثاني ڪري سڀ پنهنجي طور طريقي سان نيڪ ناڪ ڪيائين، ڍلن وغيره مان پنهنجي خزاني جو حصو طئه ڪيائين ۽ عوام جي بهبوديءَ لاءِ ڪجهه سجهاءَ وٺي ضروري قدم کنيائين.

هن **لوهاڻن ۽ جاٽن (جٽن)** تي ڪجهه ٻنڌن وڌا. سندن اڳوانن کان ضمانت وٺي خاطري ڪيائين ته هو اُنهن جو پوريءَ طرح پالن ڪندا. اُهي ٻنڌن هن ريت هئا :

- هو ڪڏهن به تلوارون نه کڻندا-سواءِ سخت ضرورت جي.
- سرير جا سڀ اندريان ڪپڙا اوُني ۽ کرا پائيندا.
- بخمل ۽ ريشم جا ڪپڙا ڪڏهن نه پائيندا.
- مٿي تي صرف ڪاري ۽ ڳاڙهي رنگ جا پٽڪا سي به سوٽي يا اهڙا ڪجهه پائيندا، جيڪڏهن ضروري هجي ته.
- گهوڙن تي سواري سنجن کانسواءِ ڪندا.

وٽ اچي چانوڻي هنئين ۽ اتي ئي وينو رهيو. آخر قلعي اندر سڀ هلاڪ ٿيڻ لڳا تہ اچي پيش پيا ۽ ساليانو ڏن ڏيڻ قبول ڪيائون-هڪ سؤ جابلو خچر ۽ هڪ لک دِرهام روڪڙ: هڪ سال جي ڏن ۾ بروقت ڏنائون.

راءِ چچ هاڻي واپس الور آيو ۽ وري آخري گهڙيءَ تائين ٻاهر نہ نڪتو. بساس جي پوٽي، سيلائچ جي پٽ راءِ چچ جو راڄ چاليهہ سال هليو- ٦٦٢ع تائين. *

عيوضيءَ جي پوين مان هئو. اڳتي هلي خودمختيار ٿي ويو هئو ۽ سنڌ جي حاڪمن جي مخالفت ڪرڻ لڳو. جڏهن **راءِ چچ** جي اچڻ جو ٻڌائين تہ ڍلو ٿي ويو ۽ يڪدم هن ڪي گڏجڻ آيو. پنهنجي ايمانداري ۽ سچائيءَ جو وشواس ڏياري هن تي سنو اثر وهاريائين. نتيجن ٻنهي ۾ سٺي دوستي ٿي ويئي ۽ ان ايراضيءَ ۾ صلح شانتي قائم رهي.

ان ڪانپوءِ **راءِ چچ مڪران** طرف وڌيو. رستي ۾ جيڪو ڪير پئي آيو، ان هن جي تعبيداري ڪرڻ قبول پئي ڪئي. **مڪران** جون ايبون پهاڙيون پار ڪري هو **بکر** جي صوبي ۾ پهتو. اُتي هڪ قديمي قلعي **ڪنبار (ڪَنگہ يا ڪنرپور يا پنجپور)** جا ڪنڊهر نظر آيس. هن ان تي قبضو ڪري نئين سر نهرائڻ جو حڪم ڏنو. آس پاس جي ڳوٺن مان مڪاني ماڻهو گڏ ڪري انهن کي نوڪريءَ ۾ رکيائين ۽ سڄو قلعو نئين سر نهرايائين. پارتي رواج موجب صبح سانجهي نغارا وڄائڻ جي روايت چالو ڪرايائين.

راءِ چچ اُتي چانوٽي هٽي وينو ئي رهيو. سڀ ڪارج پورا ٿيڻ ڪانپوءِ اولهندي طرف جون حدون **ڪرمان** ۽ **مڪران** جي وچ ۾ طئہ ڪيائين. اتي هڪ نهر جي ڪپ تي کجور جي وڻن جي قطار پوکارايائين ۽ لکيائين- 'هيءَ حد **بساس** جي پوتي، **سيلائچ** جي پٽ **چچ**- سنڌ جي راجا جي ڏينهن ۾ قائم ٿيل آهي.'

راءِ چچ واپس **ارمابيل** طرف مڙيو. **توران (ترڪو مينيا، سٿيا يا تارتاري)** جي علائقي مان ٿيندو هڪ ريگستان ۾ آيو. ڪنهن بہ سامهون پوڻ جي همت نہ پئي ڪئي. ائين **قندابيل (قنديئل- قندار)** تائين اچي پهتو. **راءِ چچ** حملي جو اعلان ڪيو تہ ماڻهن وڃي قلعي جي اندر پناهہ ورتي. هن **سيني (سمني- سيبي)** نديءَ جي ڪپ

گڏجي سنڌ تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي نڪتو. هِنن اچي هاسي (هاشي) نديءَ وٽ ڇانوڻي هنئين. پرسان واري قلعي ديودهنوز (ديوڏنش-ديوهپور) مان راءِ چندر جا ڪامورا ۽ عيوضي ڀڄي ويا. هِنن قلعي تي قبضو ڪري پنهنجا عيوضي مقرر ڪيا ۽ اڳيان ڪوچ ڪندا رهيا؛ ائين بندڪاهوءَ تائين اچي پهتا. هنن راءِ چندر ڏانهن قاصد موڪلي ڪيس پيش پوڻ لاءِ چوايو. چندر انڪار ڪيو ۽ وڃي پاڻ کي قلعي اندر سوگهو ڪيائين. لڙائيءَ جون تياريون ٿيڻ لڳيون.

راءِ چندر، راءِ چچ جي وڏي پٽ ڏاهرسينه کي برهمڻآباد موڪليو تہ وڃي اتان جي بچاءَ جي نظرداري ڪري. اتان جو گورنر سربند ۽ رهاڪو ڪافي خوش ٿيا. راءِ چندر پاڻ راءِ چچ جي ننڍي پٽ ڏاهر سان گڏ الور ۾ رهيو ۽ دشمن کي منهن ڏيڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳو. سهيرس جي لشڪر گهيرو ڪيو ۽ لاڳيتو حملا ڪندو رهيو. جيت جو آسرو نہ ڏسي سهيرس دغابازيءَ تي لهي آيو. هڪ رٿا ناهي ويئي تہ ڪنهن بهاني ڏاهر کي قلعي کان ٻاهر آندو وڃي ۽ وجهہ وٺي هن کي قيد ڪيو وڃي يا قتل ڪيو وڃي. هو سمجهي رهيا هئا تہ ڏاهر ڪانپوءِ قلعي ۾ اونده آهي ۽ جلد ئي سندن قبضي اچي ويندو.

راسل، سهيرس ۽ برهاس-ٽنهي گڏجي اِهو فيصلو ڪيو. (لڳي ٿو راسل ڪشمير جي راجا جو نالو هئو، جو پڻ هن حملي ۾ شامل ٿيو هئو). راءِ چندر کي نياپو موڪليائون تہ 'اسان گڏجي فيصلو ڪيو آهي تہ واپس وڃون. توهان سان صلح ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. ڏاهر کي اسان وٽ موڪليو تہ سڀ شرط شروط طئہ ڪيا وڃن. هن کي پوءِ سهي سلامت باعزت واپس موڪليو ويندو.'

ڏاهر پنهنجا پنج سو چونڊ ۽ پروسيمند سپاهي وٺي دشمن جي ڇانوڻيءَ ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ وعظ ڏيئي هن پنهنجن سپاهين ۾

۴- راءِ چچ ۽ راءِ ڏاهر جي وچ وارو عرصو

راءِ چچ جي وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ چندر، الور جي تخت تي ويٺو. هن هندو ڌرم جو پرچار ڪيو ۽ ان کي پختو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. چيو وڃيتو تہ هِن ڏس ۾ هُن ڪڏهن زور زبردستيءَ کان پڻ ڪم ورتو.

سيوستان جو گورنر مٿہ احسان فراموش نڪتو. راءِ چچ جي هٿان هار کاڌائين، تنهن هوندي بہ هُن ڪيس راڄ موٽائي ڏنو. هاڻ راءِ چچ جي گذاري وڃڻ کانپوءِ وري ڪَرَ ڪڍڻ لڳو ۽ قنوج جي راجا سهيرس (پٽ راسل) وٽ ويو. ان کي سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ پڙڪايائين ۽ چيائين- ”چندر تہ ٻائو آهي. هو راڄ ڪاروبار مان ڇا ڄاڻي؟ سڄو ڏينهن ڀڳتي ڀاوَ ۾ گذاري رهيو آهي ۽ ٻيو ڌرمي وعظ ڏيندو آهي. هن کان حڪومت کسڻ سَولي آهي. جيڪڏهن توهان سنڌ ملڪ فتح ڪري مون کي ڏيندا تہ مان توهان جو تعبيدار ٿي رهندس ۽ مقرر ڪيل ڏن وقت سر شاهي خزاني ۾ پيارڻيندو رهندس. هن وقت بہ مان توهان کي اندروني ريت ڪافي مدد ڪري ٿو سگهان.“

راجا سهيرس هن جي ڳالهہ قبول ڪندي چيو- ”چچ وڏو راجا هئو ۽ ڪشادي حڪومت جو ڌڻي هئو. مون کي اِها حاصل ڪندي خوشي ٿيندي-منهنجي حڪومت جون حدون ڪافي وشال ٿي وينديون. فتحيابيءَ کان پوءِ توکي اتان جو گورنر مقرر ڪندس.“

راجا سهيرس پنهنجي ڀاءُ برهاس (يا ڪسائس) پٽ راسل کي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشمير موڪليو. ان وقت ڪشمير ۽ رمل جو راجا وڏي چچ جو ڏوهٽو هئو. (لڳي ٿو ڪو ٻيو بہ چچ ٿي گذريو آهي). هن سهيرس جو سجهاءُ قبول ڪيو ۽ ٻنهي ملڪن جو لشڪر

جڏهن تو اسان جا هٿيار ڏسڻ شروع ڪيا. تنهنجي دربان ڪي- يا ڪير به هئو، قدرت دغابازيءَ جي سزا ڏني ۽ هٿ اندر دٻيو پيو آهي. تون هاڻ اسان جو قيدي آهين. اسان کي تو تي ڪو وشواس نه رهيو آهي. ڪجهه ضامن ڏي ته انجام چڱيءَ طرح پاڙيندين ته ٻي ڳالهه آهي.''

''مون کي سڀ منظور آهي.''

''پهرين ته هتان سڀ سامان ٻڌي ترت ئي صلح شانتيءَ سان سڀ واپس وڃو. ٻيو ته **ديودهنوز** جو قلعو ۽ اسان جا سڀ ماڻهو جيڪي قيد ڪيا اٿوَ، سي واپس ڪيو. جڏهن سڀ خاطرخواه نموني راس ٿيندو ته توهان جا ضامن آزاد ڪيا ويندا.''

راسل پنهنجن پنجن اميرن کي سڏايو ۽ کين هٿ **الور** ۾ هنن وٽ رهڻ لاءِ چيو. پنجنئي کي قلعي ۾ ترسايو ويو ۽ **راسل** کي آزاد ڪيو ويو. هن پهرين هِتان جا سنڌي قيدي آزاد ڪيا ۽ پوءِ پنهنجن سيني ساٿين سان گڏ پنهنجي ماڳ طرف مڙيو. **راسل** سان گڏ **ڏاهر** جا پنج سؤ هٿياربند وشواس جوڳا سپاهي به ويا. رستي ۾ جيڪي به قلعا ۽ شهر هٿ ڪيا هئائون سي سڀ **ڏاهر** جي ماڻهن کي سؤنپي ڏنائون. ان وچ ۾ **برهاس** ۽ **سهيرس** پوري لشڪر سان موٽي ويا. **ڏاهر** وٽ جڏهن خبر پهتي ته **راسل** ڪيل سڀ انجام پاڙيا آهن ته هن سندس ضامنن کي سروپا بخشي واپس سهي سلامت پنهنجي ملڪ موڪليو. ان ڪانپوءِ سڀ دوست ٿي صلح شانتيءَ ۾ رهڻ لڳا.

راءِ چندر جڏهن کان راجائيءَ جون واڳون سنڀاليون هيون، تڏهن کان پرجا سکي ستابي پئي رهي؛ ڪٿي به ڪو فرياد يا ناراضپو نه هئو. **راءِ چندر** جو ورتاءُ فراخدل ۽ همدردانه هئو. هن جو راڄ اٺ سال هليو ۽ ٦٧٠ع ۾ گذاري ويو. *

مڪمل وشواس هئڻ جو اظهار ڪري ڪين اتساهت ڪيو ۽ خبردار رهڻ لاءِ تاڪيد ڪئي. جڏهن چانوٽيءَ پهتا تہ ڪين ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو ويو.

اندر **راسل** پنهنجي ناظر کي سڏائي چيو- ”ٻاهر ڪجهہ وشواس جوڳا هٿياربند سپاهي وٺي وڃ. انهن کي پري ٻهار. سنڌي سپاهين کي چئہ تہ- ’مون سندن تلوارن جي ڪافي ساراهہ ٻڌي آهي ۽ اهي سڀ ڏسڻ ٿو چاهيان تہ جيئن هڪ پسند ڪري پاڻ وٽ يادگيريءَ لاءِ نشاني طور رکان.‘ جڏهن سڀ بي هٿيار ٿي وڃن تہ انهن کي قيد ڪرائي ڇڏ يا قتل ڪرائي ڇڏ.“

ناظر ٻاهر آيو. مڪان جي ڇڄي هيٺان ٻهي، آيل سپاهين کي راجا جي اِڇا جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو تہ اوچتو ڇڄو ڪِري پيو ۽ هو اندر دَٻجي ويو. پوءِ راجا **راسل** پاڻ ٻاهر آيو. هن **ڏاهر** جي ماڻهن کي سڏي هٿيار ڏسڻ شروع ڪيا. هر هڪ جي تلوار ڏسي پاسيري ڦٽي ڪندو پئي ويو. جڏهن **ڏاهر** جو وارو آيو تہ هن چيو- ”هيءُ خنجر آهي ۽ منهنجي پاءُ مون کي سوکڙي طور ڏنو آهي. مان اِهو پاڻ کان پري نٿو ڪري سگهان. ڪرپا ڪري هٿ اچي منهنجي ئي هٿ ۾ ڏسو.“

راجا جڏهن **ڏاهر** جي نزديڪ آيو تہ هڪ سپاهيءَ چيو- ”حضور سيني کان بهتر تہ منهنجي تلوار آهي. پهرين هيءَ ڏسو.“ راجا هن طرف مڙيو تہ هن هڪ مست شير وانگر راجا جي ڏاڙهي پڪڙي ڪيس دَسي وڌو ۽ سندس ڇاتيءَ تي ويهي چيائين- ”هاڻ توکي نہ ڇڏيندس.“

يڪدم **ڏاهر** ۽ ان جا ٻيا سپاهي تلوارون ڪڍي هنن ٻنهي کي گهيرو ڪري ويا. **راسل** ششدر ٿي پيو. ڪا مدد نہ اچي رهي هئي، چيائين- ”آخر توهان کي ڇا کپي؟ مان توهان جو سڀ چوڻ مڃڻ لاءِ تيار آهيان. پڪو قؤل ٿو ڪيان.“

ڏاهر چيو- ”تنهنجي فريبي چال تہ ان وقت ظاهر ٿي پئي

لڳو. اچا ڪجهه ڪرڻ جو سوچي رهيو هئو تہ رمل جي ديش مان ڀاٽيه جي راجا- سوهن (سوڀن) جو سچهاءُ آيو. (ڀاٽيه لڳي ٿو هاٽوڪي ڀاٽيا جاتيءَ جو مول شهر هئو). هن راجڪماريءَ جو هٿ شاديءَ ۾ گهريو. ڏهرسينه وڏي ڀاءُ جي حئثيت ۾ شاهي ڏاجو ناهي پيڻ ڪي ست سؤ جوان گهوڙن ۽ پنج سؤ بهادر ناڪرن سان گڏ الور موڪليو. ڏاهر کي چوايائين تہ ڀاٽيه جي راجا سان هن جي شادي ڪرائي ۽ ڏاجي ۾ هڪ قلعو پڻ ڏئي، جو هن ان قسم جي گهر ڪئي آهي.

ڏهرسينه جو قاصد مهنو ڪن الور ۾ رهيو. ان وقت هڪ نجوميءَ شهر ۾ ڪافي شهرت حاصل ڪئي هئي. هن کي جوتش وديا جي سٺي ڄاڻ هئي ۽ سندس سڀ اڳڪٿيون سچ ثابت ٿي رهيون هيون. هن جو هڪ شرڌالو امير، راءِ ڏاهر وٽ آيو ۽ چيائين- ”هي نجومي سڀ اڳڪٿيون صحيح ۽ تز نموني ٿو ٻڌائي. منهنجين ڳالهين بابت بہ سڀ صحيح ٻڌايو اٿائين. مان تہ مٿس موهت ٿي پيو آهيان.“ پوءِ هو پنهنجون اهي سڀ ڳالهيون راجا اڳيان بيان ڪندو ويو.

راءِ ڏاهر تي هنن ڳالهين ڪافي اثر ڪيو. چيائين- ”وڃ، وڃي پنهنجي ديش بابت ڪجهه پڇي اچيس- ڏيهي توڙي پرڏيهي معاملن بابت تہ ڪجهه ٻين عام ڳالهين بابت بہ.“

امير ڪجهه هٻڪندي چيو- ”سچ تہ جيڪڏهن سوالي روبرو وڃي پڇي تہ ڏاڍو سٺو. هڪ تہ آمهون سامهون ڳالهہ مڪمل ٿي سگهندي ۽ جواب سڌو حاصل ڪري سگهبو. ٻيو تہ هن برهمڻ کي سٺو ۽ عزت ڀريو لڳندو. نيٺ تہ هڪ ماهر ودوان آهي.“

راءِ ڏاهر هيءَ صلاح يڪدم قبولي ۽ هاٿيءَ تي چڙهي نجوميءَ جي جاءِ تي آيو. نجومي راجا کي ڏسي اٿي اڳيان وڌي آيو. ادب سان آدر سنڪار ڪري کيس اندر وٺي آيو.

٥- ڏاهر جو تخت تي وهڻ

ڏاهر الور جي تخت تي ويٺو. **راءِ چندر** جي پٽ **راڄ** (دوراڄ) کي **برهمڻاباد** ۾ ورسايو ويو. **راءِ چچ** جو وڏو پٽ **ڏهرسينه** اڳ ئي اُتي هئو. **ڏهرسينه** پنهنجي سؤٽ لاءِ **برهمڻاباد** جي گدي خالي ڪئي ۽ ننڍي ڀاءُ کي ملڪ جو راجا ٿيڻ ڏنو. رواجي طور راجائي وڏي پٽ وٽ ورثي ۾ ويندي آهي. هنن ته پنهنجي پنا جي وفات ڪانپوءِ چاچي کي تخت تي وهڻ ڏنو. چاچي جي مؤت ڪانپوءِ وري حڪومت سندن هٿن ۾ آئي.

راڄ جي حڪومت سال کن مس هلي ته گذاري ويو. **ڏهرسينه** پوءِ **برهمڻاباد** پنهنجي هٿ ۾ رکيو. ڀيڻ **ٻائيءَ** وڏي ڀاءُ سان رهڻ پسند ڪيو. **ڏهرسينه، اگهم** جي ڌيءُ سان شادي ڪئي. هن الڳ الڳ صوبن ۽ ضلعن جي حاڪمن کي چٺيون لکيون. هنن سڀني **ڏهرسينه** جي تعبيداري ڪرڻ قبولي ۽ مڪمل سهڪار ڏيڻ جو واعدو ڪيو. تنهن ڪانپوءِ هو هڪ قلعي ۾ آيو، جنهن جو پايو راءِ **چچ** وڌو هئو، پر پنهنجي جيئري مڪمل نه ڪرائي سگهيو. **ڏهرسينه** اُتي ڪجهه وقت رهي اڌاوت جو ڪم پورو ڪرايو. (تاريخ **معصوميءَ** ۾ چيل آهي ته اِهو اڌاوت جو ڪم **ڏاهر** پنهنجي ڀاءُ **ڏهرسينه** جي قضيئي ڪانپوءِ مڪمل ڪرايو. خود '**چچ نامه**' ۾ به اهڙي هلي ائين پڙهڻ لاءِ ملي ٿو.)

ڏهرسينه ڪيترن ئي نامچين ۽ معتبر ناگرڪن کي نئين قلعي ۾ رهڻ لاءِ اتساهت ڪيو. جڏهن قلعي جي آدمشماري نيڪ ٿي ته هن ان کي نالو ڏنو **راوڙ (راؤڙ)**. قلعو وسجي ويو ته هو موٽي **برهمڻاباد** آيو.

ائين پنج سال شانتيءَ سان گذري ويا. **ڏهرسينه** کي لڳو ته ڀيڻ **ٻائي** هاڻ وڏي ٿي ويئي آهي. هن کي سندس شاديءَ جو فڪر ٿيڻ

راڄا راڄائيءَ تان لهي ٿو ته هو رواجي ماڻهوءَ کان به بدتر ٿي وڃي ٿو. ساڳي حالت اوهان جي معاملي ۾ ٿيڻي آهي- جڏهن ڀائي شادي ڪندي ۽ هن جو گهوٽ نجومين جي چوڻ مطابق راڄا ٿيندو.''

راءِ ڏاهر چيو- ''پوءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟''

''بهتر اوهان هن سان شادي ڪري، پاڻ سان تخت تي وهاريو. البت شاديءَ جي جسماني صحبت کان هميشه ڪنارو ڪرڻو. گهٽ ۾ گهٽ نالي ۾ ته هوءَ اوهان جي نڪاح ۾ڏي زال ٿيندي ۽ هيءَ راڄائي اوهان جي هٿ ۾ رهندي-ڪنهن نامعلوم شخص وٽ نه ويندي.''

راءِ ڏاهر جا پنج سؤ، ٺاڪر، امير ۽ ٻئي معتبر شخص حال محرم هئا. هن اُنهن کي گهرائي چيو- ''مون کي توهان ۾ مڪمل وشواس آهي ته توهان جي راءِ ۾ به. انڪري هميشه دل جي ڳالهه توهان سان ڪندو آهيان. هن وقت به ڪجهه اُلجهن ۾ آهيان. راڄڪماري ڀائيءَ لاءِ نجومين جو چوڻ آهي ته ڪڏهن به الور کان ٻاهر ڪونه ويندي. ساڳئي وقت جيڪو به ساڻس شادي ڪندو سو هن ملڪ جو والي ٿيندو. ان جو مطلب ته هيءَ راڄائي ڪنهن نامعلو شخص جي هٿن ۾ ويندي. راڄائيءَ جي جدائي مان سهي نه سگهندس. ساڳئي وقت وزير ٻڌيمن جيڪو سڄهاءُ ڏنو آهي سو شان وارو نه آهي ۽ اخلاق خلاف آهي- اسان جي برهمڻ خاندان تي ٽِڪو ٿيندو. ٿي سگهي ٿو اسان کي ٿالهين لاٿو وڃي ۽ شايد ڌرمي معاملن ۾ مونجهارو پئدا ٿئي.''

هن پوءِ سڄي ڳالهه کين تفصيلوار ٻڌائي. ميڙ ۾ ڪو فيصلو نه ٿي سگهيو. وزير ٻڌيمن گهر آيو. هڪ گهيتو آڻي ان کي مٽيءَ سان ليپو پاتائين. پوءِ ان جي پشم ۾ ڪجهه سرهه جا ٻج وجهي پاڻي ڏيڻ لڳو. ائين ڪجهه ڏينهن دستور جاري رکيائين. آخر ٻجن مان سلا ڦٽڻ لڳا ۽ سڄو گهيتو سائو ٿي ويو ته وزير ان کي ٻاهر هڪلي ڏنو. ماڻهو ڏسي

راءِ ڏاهر چيو- ”مون کي ڪجھ فوجي معاملن بابت پڇڻو آهي. ڪجھ ضروري ڪارج هٿ ۾ ڪٽا آهن، ۽ عام طور ديش جي آئينده بابت به ڄاڻڻو آهي.“

نجوميءَ چيو- ”توهان جا سڀ شيءِ ستارا بلند آهن. نصيب ۾ سڀ سٺو لکيل آهي. ڪا اڻوندڙ ڳالھ حال ته ڪونهي. هيءَ راڄا ئي توهان جي هٿن ۾ ايندڙ ڪافي سالن تائين رهندي.“

راءِ ڏاهر چيو- ”ڀلا منهنجي ڀيڻ ٻائيءَ جي آئينده بابت ڪجھ ٻڌاءِ.“

ڇني ڪڍي نجوميءَ کي ڏنائين. هو ڇنيءَ جو اڀياس ڪرڻ لڳو ۽ ڪجھ ڪتاب پڻ ڏنائين.

نجوميءَ چيو- ”منهنجي حساب موجب هوءَ **الور** جي قلعي کان ڪڏهن ٻاهر ڪونه ويندي ۽ هن جي شادي به ڪنهن راڄا سان ئي ٿيندي، جنهن جو راڄ **هندستان** ۾ هوندو.“

راءِ ڏاهر سوچ ۾ غلطان ٿي ويو ته اهو سڀ ڪيئن ٿو ٿي سگهي. هي گهر آيو ۽ وزير **ٻڌيمن** کي سڀ تفصيلوار ٻڌايائين. **ٻڌيمن،** **راءِ ساهسيءَ** جي وقت کان مکيه وزير هئو.

وزير چيو- ”حڪومت جو ڪاروبار چڱيءَ طرح هلائڻ هڪ اهم ۽ نازڪ ڪم آهي، ڪافي جوابداري آهي ۽ خاص ڌيان ڏيڻو پوي. اهو ڪو مزي ماڻڻ جو ڪم نه آهي. راڄا جو فرض آهي، ڏسي ته هر ڪارج چڱي ڍنگ سان عوام جي فائدي لاءِ ٿي رهيو آهي. انڪري ڪنهن اهڙي جهڙي کي ڄاڻي واڻي راڄ ڪاروبار سؤنپڻ جو ته سوال ئي نٿو اُٿي. پنهنجي فرض بجاوريءَ ۾ راڄائن پاڻپي ۽ عزيزيءَ جو لحاظ نه ڪيو آهي؛ ڪڏهن ته انهن خلاف تلوار به کڻي آهي، ته پائينديون پڻ لڳايون آهن. اوهان کي پڻ ساڳئي نموني راڄ ڌرم جو پالن ڪرڻ کپي، ٻئي پلي ڪجھ به وڃي ڪن. جڏهن

تلوار سان شاديءَ جون سڀ رسمون ادا ڪرايائين. ھُن جي رئي ۽ پنھنجي دشالي کي ڳنڍ ڏيئي، پنھنجي پرسان تخت تي وهاريائين. (تاريخ معصوميءَ ۾ چيل آهي تہ گهوٽ ڪنوار جي شادي هندو رسمن مطابق آگہ- گرهن جي چؤطرف ڦيرا پائي ٿي هئي).

هيءَ ڳالهہ سوچڻ جهڙي بہ ڪونهي؛ وشواس ڪرڻ تہ پري رهيو. راءِ ڏاهر برهمڻ هئو- ودوانن ۽ پوڄارين جي ڪٽنب مان هئو. هن جي ڌرم- هندو ڌرم ۾ پرين سؤٽين/سؤٽن جي بہ هڪ ٻئي سان شادي نہ ٿيندي آهي- نہ ئي سوچيو ويندو آهي. سچ تہ جيڪڏهن اِها حقيقت هئي ۽ هن نجوميءَ جون اڳڪٿيون گنڀيرتا سان ڪنيون هجن ها تہ ضرور ٻيو ڪو رستو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري ها، پر هئڙو شرمناڪ ۽ غير هيتووادي قدم تہ نہ کڻي ها. ڪافي وقت اڳہ ڪان پارت اپکنڊ ۾ هئڙن شرمناڪ ڳالهين ۾ پاڻ اُلجهائڻ جي بدران ماڻهن مرڻ يا مارڻ پسند پئي ڪيو آهي؛ ايتري قدر جو دشمن جي هٿ ۾ اچڻ جي بدران بہ مرڻ پسند ڪندا هئا. راءِ ڏاهر تہ ڀيڻ کي مڃائي بہ پئي سگهيو تہ ماڳهن شادي ئي نہ ڪري.

ايچ.جي.ويلس ۽ ٻين ڪيترن تواريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ جهوني زماني ۾ تواريخ نويس حقيقتن کي ٽوڙي مڙوري ائين پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، جيئن وقت جا حاڪم خوش ٿين؛ ايتري قدر جو، انهن حاڪمن جي سوچ ۽ ويچارڌارا کي ڌيان ۾ رکي ان موجب افسانن کي حقيقتن ۾ تبديل بہ ڪندا هئا.

ظاهر آهي ’چچ نامہ‘ جي ليکڪن سڌي سنواٽي خشڪ کهاڻيءَ کي چسڪيدار بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. کهاڻيءَ ۾ صرف لڙاين جا لنبا بيان ۽ بي تعلق مذهبي ڳالهيون سچ تہ غير رسيليون آهن. ان ۾ چاهہ پئدا ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ٻيو مٽئر نہ آندو ويو آهي- نتيجن

ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا تہ ڪيئن هڪ جانور جي مٿان پوڪہ ٿي رهي آهي. ائين ٿي ڏينهن ماڻهو عجب کائيندا رهيا. پوءِ بہ گهيٽو تہ بازار ۾ ڦرندو رهيو پر ڪنهن ڌيان ڪونہ پئي ڏنو. ڳالهہ جهوني ٿي ويئي تہ سيني کان عجب وسري ويو.

وزير پوءِ راجا وٽ آيو ۽ چيائين- ”حضور جيڪو ڪجهہ ٿئي ٿو- سٺو يا خراب، غلط يا صحيح، ماڻهن جي زبان صرف ٿي ڏينهن ٿي هلي-ساراهہ يا گِلا لاءِ. تنهن کانپوءِ سڀ ڪجهہ وسري-وساريو ٿو وڃي- ڪنهن کي پيئي ڪونهي. منهنجي صلاح آهي تہ ڪجهہ اهڙي نموني ڪيو جيئن راجا ئي توهان جي قابل هٿن ۾ رهي. ڪجهہ اٽڪل سان ڪيو وڃي تہ جيئن هنن اميرن جي وفاداري قائم رهي-رسي نہ وڃن.“

راءِ ڏاهر هڪ دفعو وري انهن پنج سؤ چٽن طرف مڙيو ۽ دهرايائين تہ ڪيس هنن جي راءِ ۾ اٽل وشواس آهي، هنن جي همٿ ۽ بهادريءَ ۾ تہ هوئن ئي آهي. انهن کي وزير ٻڌيمن جي تجربي بابت ٻڌايائين ۽ چيائين تہ هڪ دفعو وري غور سان ويچاري هن معاملي بابت فيصلو ڪيو وڃي. سيني يڪراءِ چيو تہ هنن جو راجا جي ويچارن ۾ مڪمل وشواس آهي ۽ هو جيڪو بہ فيصلو ڪندو، ان جي دل و جان سان مرحبا ڪبي.

ٻائيءَ جي جنم وقت نجومين اڳڪٿي ڪئي هئي تہ هوءَ راجڌانيءَ کان ٻاهر ڪڏهن نہ ويندي. هاڻ سيني کان وسري ويو تہ هوءَ ڪيترا ئي سال الور کان ٻاهر وڏي ڀاءُ ڏهرسينہ وٽ برهمڻاباد ۾ رهي چڪي آهي. (پس پيش هن جو موت بہ الور کان ٻاهر-ڪافي پري ٿيو).

ائين جڏهن سيني هن جي پنيرائي ڪئي تہ ڏاهر اندر وڃي ڀيڻ جي مٿان پلاند وڌو ۽ کيس منڊي ۽ ٻئي زيور پاتائين. پوءِ پنهنجي

’تو جيڪو ڪجهہ ڪيو، سٺو نہ ڪيو. پنهنجي مرضيءَ سان يا مجبوريءَ ۾، تنهنجو ڪنيل هي قدم معاف ڪرڻ جهڙو ڪونهي. هي نفرت جوڳو ڪم، تو ڏنوي پدارٿن جي ڏاجهہ ۾ ڪنيو آهي يا ڪنهن شيطاني اثر هيٺ، پر پنهنجي ڪٽنب لاءِ بدنامي ضرور آندي اٿيئي. هن بي جوابدار ۽ غير منطقي قدم لاءِ توکي پڇتاءُ ڪرڻو پوندو، ورنہ اٿين نہ ٿئي جو تو جهڙي هڪ برهمڻ کي نيات کان ٻاهر ڪڍيو وڃي. پنهنجو رشتو پڻ پوءِ ختم سمجهہ. هن پاپ لاءِ جيڪڏهن توکي ڪا سزا ملي تہ ان لاءِ جوابدار تون ئي هوندين.‘

چٺي پڙهي راءِ ڏاهر گهومائجي ويو. وزير کي صلاح لاءِ گهرائي چيائين- ”منهنجي مرضي آهي تہ برهمڻاباد وڃان، روبرو پيءُ کي سڀ سمجهايان، ۽ ٻڌايان.“

وزير چيو- ”ان مان ڪو فائدو ڪونہ ٿيندو. اُتي توهان جي من کي شانتي ڪونہ ملندي. لڳي ٿو معاملو خطرناڪ حد تائين پهچي چڪو آهي ۽ شايد توهان جي جان جي آهوتيءَ سان شانت ٿئي. اُتي توهان جي سلامتي نہ رهندي. مون کي توهان جو اُتي وڃڻ نيڪ نٿو لڳي.“

”تہ پوءِ ڇا ڪجي؟“

”پنهنجي پيءُ مان موهہ ڪڍي ڇڏيو. هن سان ملڻ لاءِ بيتاب نہ ٿيو. اڃا بہ بهتر تہ پاڻ کي قلعي ۾ محفوظ رکو ۽ نجومين سان صلاح ڪري ضروري قدم کڻو.“

راءِ ڏاهر ائين ڪيو: قلعي ۾ سپاهي، هٿيار ۽ ٻيو سامان گڏ ڪرڻ شروع ڪيائين. اناج، گهوڙن، هاٿين ۽ ٻين جانورن لاءِ گاهہ ۽ چارو تہ ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون وغيره بہ گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. مطلب حملي جي حالت ۾ منهن ڏيڻ لاءِ سڀ تياريون ڪرڻ لڳي ويو.

سچي ڪتاب ۾ ڪٿي به وقت جي سماجڪ ۽ اقتصادي حالتن جو ذڪر نه آهي، نه ئي سموريت ۾ راڄنيتڪ ڳالهين تي روشني وڌي ويئي آهي.

لڳي ٿو ليڪڪن ڪهاڻيءَ کي دلچسپ ۽ رنگين بڻائڻ لاءِ ڪجهه حرڪت بازيءَ جا بيان آندا آهن. اهو نه ڏنو اٿائون نه ائين ڪرڻ سان ڪنهن خدا پرست شخص جي آبروءَ کي ڏک لڳي رهيو آهي. **راءِ ڏاهر** ڀڳوان جو ڀڳت هئو سو ته ظاهر آهي. سچي ڪتاب ۾ ڪنهن به اهڙي ننڍي يا وڏي ڳالهه جو ذڪر ڪونهي، جنهن مان لڳي ته هو ان قسم جو شخص نه هئو. هو سروَ ڌرمي اصولن ۾ وشواس رکندڙ برهمڻ هئو ۽ هر ڌرم کي عزت سان ڏسندو هئو. هن ٻڌ ڌرم جا مندر ٺهرائڻ ۾ سني مدد ڪئي. هن جي پيءُ ڪيترن سنن عهدن تي مسلمانن کي مقرر ڪيو. **ايڇ.جي.ويلس** جو چوڻ سچ آهي. **راءِ ڏاهر** کي گهٽتائيءَ سان پيش ڪرڻ-هن جي نيڪ ناموس کي ڏک هڻڻ جي ڪوشش، ضرور ان وقت جي عرب ملڪن جي حاڪمن ۽ وڏيرن کي خوش ڪيو هوندو. خير سلسلو جاري رکڻ لاءِ ڪهاڻيءَ کي مول ڪتاب ۾ پيش ڪيل انداز ۾ هت دهرايو ٿو وڃي.

ڳالهه سڄي شهر ۾ ڦهلجي ويئي. هرڪو طرح طرح جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ ڪافي بدنامي ٿي رهي هئي. **راءِ ڏاهر** وڏي ياءُ کي چني لکي معافي گهري. هئڙي شرمناڪ قدم کڻڻ جا سبب لکندي ڪيس چاٽايائين ته کهڙين حالتن ۾ هِن کي هي سڀ واجب لڳي رهيو هئو. ورنه راڄ ڪاروبار ڪٽنب جي هٿن مان وڃڻ جي اٿوندڙ نتيجن کي منهن ڏيٺو پوي ها. بهرحال هي قدم ئي مناسب لڳي رهيو هئو.

چني پڙهي **ڏهرسينه** کي ڏاڍو خراب لڳو. ياءُ کي لکيائين:

جاسوس موڪلي ياڻ جي چرپر جو ڌيان رکي رهيو هئو. هن قلعي جا چاريئي دروازا مضبوط ڪري پنهنجا وفادار پهريدار بهاري ڇڏيا.

ڏهرسينه کي لڳو، ڏاهر متان پڇتايو هجي، پر الور جي پرسان پهچڻ تي جاسوسن کيس ٻڌايو ته هو موڄ شوق ۾ مست رهي رهيو آهي ۽ ياڻ جي ڪا پرواهه ڪونه اٿس. ڏهرسينه محسوس ڪرڻ لڳو ته جيڪڏهن هن ريت ڏاهر غافل رهيو ته قلعو سولائيءَ سان سندس هٿ اچي سگهي ٿو. هن ان موجب تياريون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ ٻئي ڏينهن اچي الور پهتو.

ڏاهر ان وچ ۾ شڪار تي وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو ته ڏهرسينه اچي پهتو. هو قلعي وٽ آيو ۽ دربان کي دروازو کولڻ لاءِ چيائين، پر هُن نماڻائيءَ سان انڪار ڪيو. ڏهرسينه تڏهن ياڻ کي نياپو موڪليو- ’مان ڪو تو سان وڙهڻ ڪونه آيو آهيان. هونئن به هي قلعو اسان جي پتا جو هئو ۽ ورثي ۾ مون وٽ آيل آهي، جو مان مربي پٽ آهيان. توکي هي منهنجي عيوضيءَ طور مليل آهي، پر حڪومت ته منهنجي ئي آهي. بهتر قلعي ۽ ٻين ايراضين جو قبضو منهنجن ماڻهن جي حوالي ڪر.‘

راءِ ڏاهر جواب موڪليو- ’مهرباني ڪري پنهنجي ڇانوڻي قلعي جي ٻاهران هٽاءِ ۽ ڪجهه جوابدار ماڻهو مون وٽ موڪل ته تنهنجي نيڪ ارادن جي خاطري ڏين. پوءِ مان روبرو اچي پيش پئي قلعو تنهنجي حوالي ڪندس.‘ شڪار تي وڃڻ رد ڪيائين.

ڏهرسينه سمجهي ويو ته ڏاهر نٽائڻ ٿو چاهي ۽ سندس پنهنجي رٿا ناڪام ٿي آهي. هن سنڌو ندي پار ڪري ٻئي ڪپ تي وڃي ڇانوڻي هنئين. هن فيصلو ڪيو، بهتر پهرين ياڻ جي دل پريم ۽ همدرديءَ سان جيتجي. هن جي حليمائي واري ورتاءُ سان ڏاهر کي

راءِ ڏاهر پوءِ ڀاءُ کي چٺي لکي. دستوري ادبن ۽ نيازن کانپوءِ ڀائيءَ بابت لکيائين-

’حالانڪ ڀائي اسان جي پتا جو اؤلاد آهي، پر هن جي ماءُ ٻي هئي. جاٽن جي ڪنهن قبيلي مان هئي. (اڳ چيو ويو آهي تہ ڀائي راءِ ڇچ کي راڻي سونهنديءَ مان ڄائي هئي-ڏهرسينه ۽ ڏاهر سان. ٻيو ڪو ڪتاب يا رڪارڊ هٿ نہ اچي رهيو آهي، جيڪو راءِ ڏاهر جي هن چوڻ کي ڪرو يا ڪوئو ثابت ڪري). چاڪاڻ تہ هو ڌاريو خون آهي، انڪري هن سان منهنجي شادي جائز آهي. مهرباني ڪري هن بابت پنهنجي راءِ مڃاءِ. مان قسم سان ٿو چوان تہ هميشه توکي پنهنجو وڏو ۽ رهبر ڪري مڃيندس. هي الور جو قلعو پڻ تنهنجي عيوضيءَ طور سنڀاليندو رهندس. ڪڏهن بہ تنهنجي سامهون نہ پوندس ۽ هميشه فرمانبرداري ڪندو رهندس. هڪ دفعو معاف ڪر.‘

ڏهرسينه کي ڀاءُ جو رخ صحيح نہ لڳو. ظاهر هئو تہ هو غلطي سڌارڻ تہ ڇا قبولڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ هئو. ڏهرسينه الور ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو-لڙائيءَ جي سڀ ضروري سامان سان. ڪافي اڙانگهن هنڌن ۽ بيابانن مان لنگهڻو هئو. مٿان ضرورت پوي، هن پاڻ سان گڏ پکالن ۽ ٻين ٿانوَن ۾ مناسب پاڻي کڻي هلڻ لاءِ خاص هدايت ڪئي. وري رستي تي ڪيترا کوه پڻ کوٽائيندو پئي هليو تہ جيئن هيڏي وڏي ڪافلي کي ڪا تڪليف درپيش نہ اچي. هن راءِ ڏاهر وٽ اوچتو پهچڻ جي رٿا ناهي هئي. سڄي مسافري يڪساهيءَ نہ ڪيائين، ٻاهران اٿين ڏيکاري ڏيڻ لڳو تہ جڻ شڪار لاءِ نڪتو آهي. راءِ ڏاهر جو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ جاسوس موڪليندو رهيو. هوڏانهن راءِ ڏاهر سمورو وقت مؤج شؤق ۾ گذارڻ لڳو، پر هي بہ

ملڻ وڃان ۽ جيڪڏهن مون کي پاڻ سان هلڻ لاءِ چوي ته ساڻس هليو وڃان. ڪهڙو هرج آهي؟“

وزير چيو- ”حضور توهان هن جي ڪنهن ڳالهه تي وشواس نه ڪيو. مون سندس ماڻهن کان ٻڌو آهي ته هوُ ڪا فريبي چال هلي رهيو آهي. دراصل هن کي قلعي ۾ گهرائڻ به هڪ ڀل هئي. هاڻ جڏهن آيو آهي ۽ هن کي قتل ڪرڻ واجب نٿو لڳي ته گهٽ ۾ گهٽ نظربند ڪرائي پاڻ وٽ سوگهو رکوس-جيسيتائين ٻنهي جي وچ ۾ سڀ ڳالهيون صاف ريت طئه ٿين. ورنه حڪومت جو آئينده اهڙو نه هوندو جو توهان ويچاري رهيا آهيو.“

راءِ ڏاهر هن جي ڳالهه ڌانهن ڌيان ڪونه ڏنو. **ڏهرسينه** جو هاٿي محل جي دروازي تائين اچي پهتو. **راءِ ڏاهر** ڀاءُ جي مرحبا لاءِ تڪڙو تڪڙو ٻاهر آيو ۽ هن کي هيٺ لهي اندر اچڻ لاءِ چيو، پر **ڏهرسينه** چيو- ”مان هيٺ ڪونه لهندس. بهتر تون اچ، مون سان گڏ هاٿيءَ تي ويهه. ٻاهر هلي ڪجهه خوشيءَ ۽ ڪجهه غم جون ڳالهيون ڪيون. پرجا ۾ - عام توڙي خاص سڀ ڏسن ۽ سمجهن ته ڀائرن ۾ ڪو وير ونجوڳ نه آهي. هيءَ خبر ڦهلجندي ته اسان جي دشمنن کي شرم ايندو ۽ دوست سڀ خوش ٿيندا. پنهنجي صحبت ۽ گفتگو جو آنند ماڻي، پوءِ سلامتيءَ سان توکي واپس محل ۾ پهچايو ويندو.“

راءِ ڏاهر ترت ئي ڀاءُ جي اِڇا سان سهمت ٿي ويو. وزير **ٻڌيمن** کي چنتا ٿيڻ لڳي ته **ڏهرسينه** جي هن اٽڪل جو آخر نتيجو ڇا ٿيندو. **ڏهرسينه** مهاوت کي ٿورو اڳيان سرڪڻ لاءِ چيو ته جيئن پنيان **راءِ ڏاهر** لاءِ جڳهه ٿي سگهي. هو پاڻ وچ ۾ وينو. وزير **ٻڌيمن** به گهوڙي تي ويهي پنهنجي راجا جي پرسان هلڻ لڳو. هن گهٽ ۾ گهٽ قلعي جي دروازي تائين گڏ هلڻ جو سوچيو.

شايد شرم پوي ۽ ٻاهر اچي. ان خيال کان هن ڪجهه امير ڏاهر ڏانهن موڪليا ته وڃي سمجهائنس، پر هت پڻ ڪاميابي حاصل نه ٿي.

راءِ ڏاهر وزير ٻڌيمن سان صلاح ڪئي- ”ڏهرسينه جو وهنوار دوستاڻو آهي. ڪافي موهه ۽ قرب ڏيکاري رهيو آهي. ان مان لڳي ٿو منهنجي لاءِ ڪجهه پيار هن جي من ۾ اجا به آهي. منهنجي دل ٿئي ٿي ته هڪ دفعو وڃي ملي اچانس. ائين ڪرڻ سان شايد غصو ٿڌو ڪري ڇڏي ۽ منهنجي ڳالهه مڃي.“

وزير چيو- ”حضور هن جو وشواس نه ڪيو. هي خوشامدي طريقا آهن، توهان تي پنهنجي اثر وهارڻ جا. مون کي ان ۾ ڪا چال لڳي رهي آهي. سياست ۾ قسم ۽ قؤلن جي اهميت نه هوندي آهي. ڪيترن وقتن تي اهي دشمن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ ڪتب آندا ويندا آهن. ڏهرسينه پڪ ئي پڪ راڄ ڌرم کان هٽڻ وارو آهي.“

راءِ ڏاهر چيو- ”پلي جوکم آهي، پر ڀاءُ نيٺ به ته ڀاءُ آهي.“

هن ڏهرسينه کي نياپو موڪليو- ’قلعي مان ٻاهر اچڻ لاءِ تيار آهيان، جيڪڏهن سلامتيءَ جي خاطري ملي ته.‘

ڏهرسينه جي دل ڀني. هن ڀاءُ کي لکيو- ’تنهنجو وشواس حاصل ڪرڻ لاءِ مان اڪيلو ٿو تو وٽ اچان. پوءِ تون ڀلي مون سان ٻاهر پنهنجن سپاهين ۽ عملي سان هلج.‘

راءِ ڏاهر هيءَ ڳالهه قبول ڪئي. ٻئي ڏينهن صبوح جو ڏهرسينه هاٿيءَ تي سوار ٿي قلعي جي الهندي دروازي وٽ آيو. ڪوتوال راءِ ڏاهر کي آگاهه ڪري هدايتن جي طلب ڪئي. هن حڪم موڪليو ته ’ڏهرسينه کي اڪيلي سر قلعي ۾ داخل ٿيڻ ڏنو وڃي. هن کي باعزت اندر آندو وڃي.‘ پاڻ وزير ٻڌيمن کي سڏايائين- ”ڏهرسينه اڪيلي سر قلعي ۾ آيو آهي. منهنجي مرضي آهي ته مان ساڻس

هن شخص اُتي وڃي ڏنو تہ هرڪو ماتم منائي رهيو آهي. هو ڪجهہ شخص سان گڏيو ۽ چيائين- ''مون کي راءِ **ڏاهر** موڪليو آهي، پنهنجي وڏي ڀاءُ جي طبيعت ۽ حال چال معلوم ڪرڻ لاءِ، پر هت تہ ماتم ڏسي رهيو آهيان. ڪرپا ڪري ٻڌايو تہ ڇا ڳالهہ آهي؟''

هڪ امير هن کي اندر وٺي آيو، جتي **ڏهرسينہ** جو مرتڪ سرير ڏيکيو پيو هئو. هي ڏسي قاصد گهڻي دک جو اظهار ڪيو. اميرن هن کي **ڏهرسينہ** جي هڪ مُنڊي هن دکدائڪ سماچار جي ثبوت طور ڏيئي واپس روانو ڪيو.

قاصد جڏهن هي سماچار منڊيءَ سان گڏ **راءِ ڏاهر** کي ڏنو تہ هو ڪافي دکي ٿي ويو. يڪدم ڪجهہ دوست، امير ۽ ٻيا معتبر شخص وٺي **ڏهرسينہ** جي ڇانوڻيءَ ۾ آيو. هن چندن جون ڪاٺيون وڏي انداز ۾ گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڀاءُ جي مرتڪ سرير جو باعزت نديءَ جي ڪپ تي اگني سنسڪار ڪري آخري ڪرياڪرم جون سڀ رسمون ادا ڪيائين.

تاريخ **معصوميءَ** جي ليکڪ وري ٻيو ڪجهہ لکيو آهي. **راءِ ڏاهر** کي ڀاءُ سان گڏجڻ جي اڪير هئي. هو قلعي ۾ سندس اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هئو. ڪافي وقت تائين ڀاڻس نہ آيو تہ پاڻ شڪار تي هليو ويو. **ڏهرسينہ** هن جي غير حاضريءَ ۾ آيو تہ ڪوتوال کيس اندر داخل ٿيڻ نہ ڏنو. شهر جي اميرن ۽ معتبرن هن کي عرض ڪيو تہ جيسيتائين **راءِ ڏاهر** اچي پاڻ قلعي جي ٻاهران ڇانوڻي هڻي وهي. **راءِ ڏاهر** کي ترت نياپو موڪليو ويو. هو ڊوڙندو آيو. اچڻ شرط ڀاءُ ڏانهن کاڌي پيتي سان گڏ ٻيو سڀ ضروري سامان موڪليائين، ڇاڪاڻ تہ هو سندس مهمان هئو، پر **ڏهرسينہ** ڪجهہ نہ ورتو.

ساڳئي ڏينهن **راءِ ڏاهر** ماءُ ۽ ڀين کي معتبرن سان گڏ ڀاءُ سان

هلندي هلندي راڄ ڏاهر جي من ۾ وري گهٻراهٽ پيدا ٿيڻ لڳي. هو معاملي تي غور ڪرڻ لڳو ته سندس من ۾ ڊپ ڦهلجڻ لڳو. هو وزير سان اشارن ۾ صلاح ڪرڻ لڳو ته هن ڏانهن منهن ڪري پڻ پڻ ۾ ٿورن لفظن جو سهارو به وٺڻ لڳو. پڇيائين- ”تنهنجو اچا به اِهو رايو آهي ته مون کي ٻاهر نه وڃڻ کپي؟“

حرفتي وزير مشڪي ساڳئي انداز ۾ چيو- ”بلڪل! توهان هروڀرو ضد ڪري رهيا آهيو.“

راڄ ڏاهر چيو- ”تڪڙو ٿي. ٻڌاءِ ته هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ مون کي اَلائي ڇو لڳي رهيو آهي ته ٻاهر نه وڃڻ گهرجي.“

”هاڻ هڪ ئي طريقو آهي. جڏهن قلعي جي دروازي وٽ پهچو ته اهو پار ڪرڻ وقت اچل ڏيئي اُن جي مٿين ڪمان کي پڪڙي وٺجو. هاٿي ٻاهر نڪرندو ته اسان ترت دروازو بند ڪري توهان کي هيٺ لاهينداسين.“

راڄ ڏاهر ائين ئي ڪيو. ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ ڏهرسينه پنيان مٿهن ورايو ته پاڻ کي ڪونه ڏنائين-بلڪ دروازو تڪڙو تڪڙو بند ٿيندو ڏنائين. هن کي ڪافي دڪه ۽ ارمان ٿي پيو. دلشڪستو ٿي پنهنجي ڇانوڻيءَ ۾ موٽي آيو. جلد ئي ڪيس وڏي ماتا ٿي پئي ۽ چوٿين ڏينهن گذاري ويو.

راڄ ڏاهر جڏهن هي دکدائڪ سماچار ٻڌو ته پاڻ جو آخري ڪريا ڪرم عزت سان پاڻ ڪرڻ جي اِڇا ڏيکاريائين، پر وزير چيو- ”حضور تڪڙ نه ڪيو. ان ۾ به متان ڪا چال هجي. دشمن کي ڪڏهن به سڌو ۽ ڪمزور نه سمجهڻ کپي. پهرين ڪجهه پنهنجا هٿيڪا ماڻهو موڪلي جاچ ڪرايون ته پوءِ توهان ٻاهر وڃو.“

هڪ پروسيمند شخص کي ڏهرسينه جي ڇانوڻيءَ ۾ موڪليو ويو.

٦ - راءِ ڏاهر جو ڪاروبار سهيڙڻ

راءِ ڏاهر ياءُ جو صوبو، خزانو، نوڪر چاڪر وغيره سڀ پنهنجي ظابطي ۾ آندا. مهنو ڪن **الور** ۾ رهڻ ڪانپوءِ **برهمڻاباد** ويو. **ڏهرسينه** جي وڏوا - **اگهم لوهاڻا** جي ڌيءُ سان شادي ڪيائين. اُتي بہ پنهنجي رهڻ جو نڪاڻو ڪيائين. سال ڪن ۾ آس پاس جا سڀ ننڍا وڏا حاڪم اچي پيش پيا ۽ فرمانبرداريءَ جي خاطري ڏنائون. **راءِ ڏاهر** پنهنجي پائٽي **ڇچ** ہئين ڪي سڏايو، ان سان ناهہ ڪري ڪيس پيءُ جو وارث تسليم ڪيائين.

هي پوءِ **سيوستان** ويو ۽ اُتان **راوڙ** جي قلعي طرف. هن قلعي جو بنياد سندس پنا **راءِ ڇچ** وجهي ويو هئو. قلعو ھن جي هوندي مڪمل نہ ٿي سگهيو. **راءِ ڏاهر** ان جي اَڏاوت مڪمل ڪرائي - چار مهنا لڳي ويس. (هن ڪان اڳہ اسان پڙهي آيا آهيون تہ هي قلعو **ڏهرسينه** پورو ڪرايو ۽ ان تي نالو بہ رکيو تہ عوام ڪي اتي رهڻ لاءِ آماده پڻ ڪيو.)

اونهاري جو هي وقت هت ڏاڍو سنو هئو. آبهوا بلڪل فرحتي ۽ صحتمند هئي. پاڻي تہ هونئن ئي منو سنو هئو. **راءِ ڏاهر** هر سال هي وقت هت گذارڻ جو فيصلو ڪيو؛ سياري جو وقت **برهمڻاباد** ۾ تہ باقي جو **الور** ۾. ائين اٺ سال شانتيءَ سان گذري ويا.

هن جو ناماچار - ڏاڪ چؤطرف ڦهلجي رهيو هئو. انڪري آس پاس جي راجائن ۾ ساڙ - حسد پئدا ٿيو. ائين **رمل** جي راجا سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. (**تحفتہ الڪرام** موجب اهو **رائملراءِ قنوج** جو راجا هئو.) هن جي وڏي لشڪر ۾ خونخوار هاٿي، جنگي گهوڙا ۽ ڪافي بهادر سپاهي هئا. هي اچي **ہڏيہ** تائين پهتو ۽ اُتان جي علائقي تي قبضو ڪيائين. پوءِ ندي پار ڪري **الور** طرف رخ رکيائين.

راءِ ڏاهر وزير **ہڏيمن** کي سڏايو ۽ چيو- ”هڪ طاقتور دشمن

گڏجڻ هن جي خيمي ۾ ويو. هنن گڏجي راءِ **ڏاهر** جي هلت ۽ مجبورين بابت **ڏاهرسينه** کي سمجهايو تہ کيئن ۽ ڇو هن پيڻ سان شادي ڪئي. هو نيٺ ڳالهہ سمجهي سگهيو ۽ پاڻ ۾ ناهہ تي ويو. ٻئي ڏينهن **ڏاهرسينه** قلعي ۾ آيو، پر هاٿيءَ تان لهي اندر محل ۾ ڪونہ آيو، جو قسم ڪنيل هئس. وري ٻئي ڏينهن راءِ **ڏاهر** هن جي ڇانوڻيءَ ۾ ويو. **ڏاهرسينه** ٻاهر اچي پاءُ جي خوب آجيان ڪئي. ٻئي پاڻ ڪافي دير تائين گڏ رهيا. هڪ ٻئي جي من ۾ پيريل غبار ڪڍي غلطفهميون دور ڪيائون. هي سڀ ڏيکاري ٿو تہ رت دانگيءَ تي ورندو آهي.

ٻئي ڏينهن **ڏاهرسينه** بيمار ٿي پيو ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ گذاري ويو. **ڏاهرسينه** جو راڄ ٣٠ سال- ٧٠١ع تائين هليو. *

پنهنجي لشڪر سان حاضر رهجو.''

راءِ ڏاهر کي رتا سهڻي لڳي ۽ **علافيءَ** جي چوڻ موجب سڀ ڪيائين. **علافي** پاڻ ڪجهه سپاهي وٺي دشمن جي ڇانوڻيءَ طرف ويو. هن ڏٺو ته دشمن جا سڀ ماڻهو خوش لڳا پيا آهن- گهري ننڊ به ڪن ٿا ته ڪي قدر غافل به رهن ٿا. **علافيءَ** پنهنجا ۽ **راءِ ڏاهر** جا سپاهي گڏ ڪري ڇانوڻيءَ تي رات جو اوچتو حملو ڪيو. هن دشمن کي چئني طرفن کان هلاڪ ڪرڻ شروع ڪيو. زور سان لڙائيءَ جي نعرن ۽ هاٿين جي چيڪن ڪري ڇانوڻيءَ ۾ سڀ اوچتو ننڊ مان جاڳي منجهي پيا. دشمن جا سپاهي اونده جي ڪري اٿڄاٽائيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ڪهڻ لڳا. نتيجو سندن ڪيترا سپاهي قتل ٿي ويا ۽ **راءِڏاهر** جي قبضي ۾ اسي هزار ماڻهو آيا، ته پنجاه هاٿي ۽ ڪيترا گهوڙا وغيره به آيا. قيدين کي جڏهن **راءِ ڏاهر** جي حضور ۾ پيش ڪيو ويو ته هن سڀني کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پر وزير دخل ڏيندي چيو- ''حضور معاف ڪجو، هيءَ سوڀ توهان کي مالڪ جي مهر سان حاصل ٿي آهي. هن ڏانهن شڪر ادائيءَ طور هنن قيدين کي معاف ڪيو وڃي ته بهتر. هي بهادر اسان جا ويري نه آهن. هنن پنهنجن آقائن جي فرمانبرداري پئي ڪئي. راڄ ڌرم ۾ فراخدليءَ جو هئڻ سٺي ڳالهه آهي.''

راءِ ڏاهر سڀني کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته سندس دل ۽ دماغ ۾ هڪ عجيب قسم جي راحت جي لهر ڊوڙي ويئي. هو وزير تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين- ''تون پنهنجي لاءِ به ته ڪجهه گهر نه!''

وزير چيو- ''حضور جن کي خبر آهي ته مون کي ڪو اولاد ڪونهي، جو مون کانپوءِ منهنجو نالو قائم رکندو اچي. منهنجو عرض آهي ته جيڪي نوان سِڪا هاڻ ٺهن اُنهن جي پٺيان منهنجو نالو اُڪرايو وڃي؛ اڳيان ته راجا جو هوندو ئي. ان ريت هند ۽ سنڌ ۾ ماڻهو مون

ملڪ تي ڪاهه ڪري آيو آهي. ٻڌاءِ ڇا ڪجي؟''

وزير چيو- ''جيڪڏهن حضور کي پنهنجي ٻل ٻوتي ۽ وسيلن تي ڀروسو آهي ته همٿ سان منهن ڏيون، ورنه صلح لاءِ عريضي ڪري هن کي ڏن ڏيون.''

راءِ ڏاهر چيو- ''سر جهڪائڻ ۽ پيش پوڻ کان اول مان مرڻ بهتر سمجهندس. هيڙو شرم جو بوج ڪٽي ڪيئن جي سگهبو؟''

هڪ علافي، عرب جنرل، **بني سامه** قبيلي مان پنهنجن پنج سؤ ماڻهن سان اچي **راءِ ڏاهر** وٽ شرڻ ورتي هئي. هن ڪنهن ٻئي جنرل جو قتل ڪيو هئو ۽ خليفو هن تي خفا هئو. پنهنجي جان بچائڻ لاءِ هن کي هت اچڻو پيو هئو. وزير **ٻڌيمن** سجهاءُ ڏنو- ''ڇو ڪونه علافيءَ سان صلاح ڪئي وڃي؟ هو عرب آهي ۽ اڄ لڙائيءَ جي فن ۾ عربن کان بهتر دنيا ۾ ڪير نه آهي.''

راءِ ڏاهر کي صلاح پسند آئي. يڪدم هاٿيءَ تي چڙهي **علافي** وٽ آيو. (هت ڪجهه عجب لڳي رهيو آهي ته راجا پنهنجي شرڻارٿيءَ وٽ ويو. ان کي پاڻ وٽ سڏائي ڇو ڪونه پئي سگهبو). **علافيءَ** کي چيائين- ''مان هميشه تو سان سنو ۽ آبرودار نموني پئي هليو آهيان ته جيئن هيڙن موقعن تي تنهنجي مدد حاصل ٿي سگهي. هاڻ هڪ دشمن حملو ڪيو آهي. ٻڌاءِ ته بچاءَ لاءِ اسان ڇا ڪيون؟ ۽ تون هن ڏس ۾ ڪهڙي مدد ڪري سگهندين؟''

علافي چيو- ''حضور توهان مٿي هيٺان وهاڻو رکي، ڇنتا مڪت ٿي وهو. مون کي هڪ رٿا ذيان ۾ آهي. هنن جي خبر وٺي سگهجي ٿي. مون کي صرف ڪجهه سنا چونڊ گهوڙيسوار ڏيو. مان لڪي ڇپي هنن جي ڇانوڻيءَ ۾ وڃي سموري خبر چار هٿ ڪري ايندس- هنن جي ڪمزورين ۽ طاقت جو اندازو لڳائي ايندس. توهان شهر کان ٽي ميل پري هنن جي رستي ۾ هڪ اونهي کاهي کوٽائي ڇڏيو ۽ اُتي

٧- عربن جون ناڪام ڪوششون

ڀارت جي اولهه ڪناري وارن راڄين ۽ **عربستان** جا واپاري ناتا
ڊيمي زماني کان هلندا ايندا هئا. **حضرت محمد** ۽ **اسلام** کان
ڙين ئي عرب ڀارت ۽ **عربستان** جي وچ ۾ سامونڊي واپار تي
پهنجي هڪ هٽي قائم ڪري چڪا هئا. ان سلسلي ۾ هنن ڀارت جي
لهه ڪناري تي پنهنجون ننڍيون ننڍيون بستيون، ڇڱيون قائم
ڪيون هيون.

عربستان ۾ اسلام جي ڦهلاءُ کانپوءِ هنن بستين جا عرب به مسلمان
يا ۽ ڪجهه مڪاني باشندن ڪي پڻ اسلام اختيار ڪرڻ لاءِ مڃائي
گهيا. ڀارت جا حاڪم، ڌرم جي معاملن ۾ فراخدل پئي رهيا آهن.
ڪنهن اعتراض ڪونه ورتو. ساڳئي وقت **عربستان** مان جڏهن به
سلام جي ڦهلاءُ لاءِ حملا پئي ٿيا ته هتان جي مسلم باشندن اُنهن ۾
ڪو چاهه نه پئي ورتو. اُهي مسلمان اڄ به **ملبار** جي ڪناري تي
سيل آهن ۽ کين **موپلا** چيو ويندو آهي.

ساموندي ڌاڙيلن جو تن ڏينهن ۾ ڪافي آزار هوندو هئو. ڪجهه
رب حاڪم هن پاسي پنهنجو لشڪر موڪليندا هئا، پر مکيه ريت
نهنجي واپاري مقصد-مرادن جي بچاءُ لاءِ. ان سلسلي ۾ هو **ٿاڻي**
هاڻوڪي **بامبي** جي ڀر وارو) ۽ **ڀروچ** (هاڻوڪي **گجرات** ۾ **نرمدا**
ديءَ جي ڪپ تي) تائين ڪاهي ايندا هئا. هنن کي ڪي سياسي
سمنائون ڪونه هيون. وري وقت جي خليفن ڪڏهن ساموندي لڙاين
ر چاهه سان بهرو نه پئي ورتو.

پهريون دفعو سچيءَ ريت **هند** ۽ **سنڌ** تي ڪاهه جي ڪوشش
خليفي حضرت **عمر بن الخطاب** (خليفو نمبر ٻيو-٦٣٤ کان ٦٤٤ع

ڪي بہ ياد ڪندا رهندا.“

راءِ ڏاهر هن جي اِڇا انوسار حڪم جاري ڪيو. تنهن ڪانپوءِ هن جي اختياري بلند ٿي ويئي. چؤطرف نيڪ ناموس ۽ ناماچار وڌڻ لڳس ۽ اينترو طاقتور ٿي ويو جو خليفي جي عرض ڪي بہ نہ ليکيائين. خليفي ڏانهن **سرانديپ** (هاڻوڪي **سريلنڪا**) جي راجا جون موڪليل سوکڙيون وغيره **ديبل** جي پرسان سامونڊي ڌاڙيلن قبضي ڪيون تہ هن راجا **ڏاهر** کي اهي هٿ ڪري واپس موڪلڻ لاءِ چيو. **راءِ ڏاهر** ان ڏانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو. ان ريت هو خليفي ۽ ان جي ماڻهن جي اکين ۾ چيڻ لڳو. *

هہ ڏنوي پدارٿن ۽ موُج شوُق ۾ وڌيڪ هئو. دراصل مذهبي اِرادن
پويان ڪرڻ جي شروعات هنن ئي ڪئي ٿي ڏسجي. جيڪڏهن
ذهب جي ڦهلاءُ ڪي هٿي آئي بہ، تہ اِهو سندن ابتدائي مقصد نہ
ئو. انهن حرڪتن جو وار هن طرف سڀ ڪان پهرين سنڌ تي ٿيو.
عمياد خليفي حضرت وليد بن عبدالملڪ (۷۰۵ ڪان ۷۱۵ع تائين)
؛ چيو ويندو آهي تہ ڪافي ڌن گڏ ڪيو هئائين-الڳہ الڳہ ڪاهون
ڪري، ڦرلٽ ڪرائي. اهو ئي سبب هئو جو هن جي وقت ۾ خليفات
ئسي ٽڪي ڪافي ترقي ڪئي ۽ آسودي بہ ٿي.
باقي اها حقيقت آهي تہ عمياد ڪان پهرين ئي (٦۴۴ ڪان ٦٥٦ع
ائين) مڪران، شيراز ۽ ڪرمان ۾ اسلام سني پائي جڙون پختيون
ڪري سگهيو هئو. اُهي سڀ علائقا سنڌي حڪومت جي اولهہ واري
رحد تي هئا.
چيو وڃي ٿو تہ خليفي حضرت عمر سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ جي
وڃنا ناهي تہ عثمان بن ابي العاص ثقيفيءَ کي بحرين (ايران
ي نار ۾ بيٽ) طرف موڪليو. عثمان پاڻ سمنڊ جي رستي اڳيان
ڃڻ جي اِرادي سان عمان (هاڻوڪي جارڊان جي راڄڌاني) طرف
وانو ٿيو. سندس لشڪر بيڙن رستي مغيره بن ابي العاص جي
ڳوانيءَ هيٺ بحرين ڪان سڌو ديبل ڏانهن روانو ٿيو. ان وقت
سنڌ ۾ راءِ چچ جو راڄ هئو ۽ هن کي ۱۲ سال ٿي چڪا هئا؛ سندس
ڌاڪ چؤطرف ڦهليل هئي.
ديبل جو عوام گهڻي ڀاڱي واپاري طبقي مان هئو. ان وقت سامہ
يٽ ديوائچ اُتان جو حاڪم هئو-راءِ چچ جي عيوضيءَ طور.
(تحفته الڪرام ۾ چيل آهي تہ هو سيلائچ جو پٽ، راءِ چچ جو ڀاءُ
ئو). عرب لشڪر ديبل پهتو تہ سامہ هنن کي خوب ٽوٽا چباپا.

تائين) جي ڏينهن ۾ ٿي. حضرت **عمر** لاءِ چيو ويندو آهي ته هن ئي **عربستان** کان ٻاهر عربن جي ڪاهن ۽ فتحيابين لاءِ ماحول پيدا ڪيو ۽ عوام ۾ اُتساهه ڦوڪيو. هن ئي ڪوشش ورتي فوجن لاءِ الڳ شهر اَڏايا، جن ۾ مکيه هئو **عراق** جو **بصره** شهر، جيڪو ٦٣٨ع ۾ برپا ڪيو ويو. اِهو اڳتي هلي هن پاسي ڪاهن لاءِ مکيه مرڪز ٿي پيو. هن خليفي عربن کي نعرو ڏنو- '**عربستان** ۾ صرف **اسلام**!' ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو مذهب اُتي اسرڻ نه ڏنو ويو. هن پاڻ ڪنهن مذهبي تحرڪ يا لڙائيءَ جي شروعات نه ڪئي. دراصل هن ڪڏهن به دعويٰ نه ڪئي ته کيس دنيا فتح ڪرڻ لاءِ ڪو خدائي فرمان مليو آهي.

عربستان کان ٻاهر حملن جو ڪارڻ نه مذهبي هئو ۽ نه ئي سياسي. جهاد جو نالو ڏيئي، ماڻهن کي هڪ جهنڊي هيٺ ڪري، ڦرلٽ جي اِرادي سان ڪاهون شروع ڪيون ويئيون. مکيه مقصد هئو، ڪجهه عام تحرڪ چالو رهي، جيئن عمه-مسلم قوم مشغولين جي ڪري پاڻ ۾ يڪمشت رهي. عام طور **عربستان** ۾ غريبي پئي رهي آهي ته وسيلن جي اٽاٽ پڻ. (هي ته پلو ٿيو دنيا ۾ هنري انقلاب جو، جڏهن اَٺويهين صديءَ ۾ تيل جي واپرائش ۽ اهميت سڃاتي ويئي ۽ **عربستان** سوڌو سڄي علائقي جي ملڪن جي مالي مشڪلاتن جو حل نڪري آيو، ڇاڪاڻ ته تيل صرف هنن ملڪن ۾ چڱي انداز ۾ ملي رهيو هئو.) انڪري عوام ۾ هن قسم جي حرڪت مقبول رهي. باقي ڏنو وڃي ته صدين کان عربن شاهوڪار ۽ آسودن ملڪن تي ڪاهون پئي ڪيون، پر ڪڏهن به اُتي ٺانئيڪو ٿي حڪومت برپا ڪرڻ جو سندن اِرادو نه پئي رهيو. اِهو ڪم اڳتي هلي، ترڪن، منگولن ۽ افغانن وغيره ڪيو. پلي **عمياد** خليفا به ڪامياب بادشاهه ٿي سگهيا (هو مڪمل ريت مذهبي حاڪم ته ڪڏهن به ڪونه هئا) پر هنن جو

''جي حضور !''

''ٻڌاءِ سربستي حقيقت.''

حڪيم ادب سان چيو- ''اُتان جو پاڻي ميرو آهي، ميوو ڪڙو ۽ زهريلو آهي، زمين پٿريلي ۽ مٽي ڪلراٺي آهي. جيڪڏهن ننڍو لشڪر ويندو ته جلد تباهه ٿي ويندو ۽ وڏو لشڪر بک ۾ پاهه ٿي مري ويندو.''

''اُتان جا ماڻهو ڪيئن آهن؟ ايماندار ۽ وفادار آهن؟ انجام جا پڪا آهن؟''

''نه ! اُهي فريبي ۽ ڇل ڪپٽي آهن.''

اِهو ٻڌي خليفي **سنڌ** تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ **عبدالله** کي منع ڪئي. ان ڪانپوءِ ڪافي وقت تائين ڪير اُن طرف نه ويو.

حڪيم ۽ **عبدالله** گڏجي پنهنجن آقائن کي غلط بيان ڏيئي گمراه ڪيو. **سنڌو** نديءَ جو پاڻي ڪڏهن ميرو هئو؟ ۽ اهو ڪيئن ٿو زهريلو ميوو پئدا ڪري سگهي. پوڪ به سٺي ٿي رهي هئي، پوءِ لشڪر ڪيئن بک مري ها. سنڌو سڀيتا ڪافي ترقي ڪري چڪي هئي. **حڪيم** کي ان جي علائقن جي رپورٽ ڏيڻي هئي. **سنڌو** ندي پار ڪري **هند** طرف وڃڻ سان ته وڏيڪ آسودو ۽ سنهنجو ملڪ نظر اچين ها. **سنڌ** جا باشندا ڪافي آسودا هئا ۽ واپاري طبقي مان هئا، جن جو ڪاروبار دور دور ڏيساورن تائين ڦهليل هئو ۽ ڪافي ناڻو ۽ نالو ڪمايو هئائون. هيڏو واپار، وشواس ۽ اخلاق تي هلندو آهي. فريبي ۽ ڪپٽي ڪڏهن به ترقي نه ڪري سگهندا- نه ئي نالو ڪمائي سگهندا. پڪ ئي پڪ هار سان ٿيندڙ ذلت ۽ موٽ جي ڊپ کان هنن لڙائيءَ کان نتائڻ پئي چاهيو. ائين به ٿي سگهي ٿو ته **حڪيم** ماڳهن **سنڌ** ۾ آيو ئي نه هجي (**هند** ته پري رهي)، ۽ سنڌي سلطنت جي سرحدن تان (جيڪي سچي **سنڌ** کان گهڻو ٻاهر هيون) تپاس

لڙائيءَ ۾ عربن جي هار ٿي ۽ **مغيره** مارجي ويو.

خليفي حڪم ڪيو تہ **سنڌ** ۽ **هند** ۾ جيڪو ڪجهہ ٿي گذريو، ان جي مڪمل ريت تپاس ڪري رپورٽ موڪلي وڃي. عرب حڪومت جي هن پاسي نظرداري ڪرڻ جي جوابداري عراق جي گورنر **ابو موسيٰ اشعري** کي سؤنپي ويئي هئي. هن کي **مغيره** جي هار ۽ مؤت جي خبر ملي چڪي هئي. هن رپورٽ موڪلي تہ **سنڌ** جو راجا ڪافي طاقتور ۽ سرڪش شخص آهي. هو هر حالت ۾ مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ قابل آهي. اسان جي وس کان ٻاهر آهي. بهتر هن طرف وڌڻ لاءِ بهرحال نہ سوچيو وڃي.

لڳ ڀڳ ان وقت حضرت **عمر** شهادت پاتي ۽ خليفات حضرت **عثمان بن عفان** (٦۴۴ کان ٦۵٦ع تائين) جي هٿن ۾ آئي. حضرت **عثمان** جي مرضي ٿي تہ هڪ دفعو وري ان پاسي جهاد جي شروعات ڪجي. هن **عبدالله بن عامر بن ربيعه** جي اڳوانيءَ هيٺ لشڪر **قندابيل** ۽ **مڪران** طرف موڪليو. **عبدالله** کي هدايت ڪئي ويئي تہ پهرين هڪ هوشيار جاسوس موڪلي سموري خبرچار هٿ ڪري تہ هند ۽ **سنڌ** ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي. **عبدالله** هن ڪم لاءِ **حڪيم بن جبله عبديءَ** کي موڪليو.

حالتن جو چڱيءَ طرح جائزو وٺي، **حڪيم** اچي **عبدالله** کي ٻڌايو تہ اُتان جي ننڍين ننڍين رياستن جي حاڪمن ۽ عوام جي پاڻ ۾ سني ٻڌي آهي. لڙائيءَ ۽ اهڙين ڳالهين بابت هنن جو ڪهڙو رخ آهي، ان کان پڻ هن کي واقف ڪيائين. **عبدالله** هن کي خليفي وٽ موڪليو. **حڪيم** خليفي وٽ پهچي دستوري دعاسلام ڪيو تہ خليفي چيو- ''**حڪيم** ڏي خبر، هند ۽ **سنڌ** جو سمورو حال چال معلوم ڪري آئين؟''

متاع ۽ غلام حاصل ٿي رهيا هئا. ڪوهه ڪيڪانان وٽ پهتا ته اُتان جا ماڻهو هنن خلاف سنبري بيٺا.

لشڪر جي هڪ صف جو مهندار حارث بن مره نالي هڪ بهادر سپاهي هئو. هن جي ٽوليءَ ۾ هڪ هزار جنگي جوڌا هئا. هن پنهنجن وفادار غلامن جي اڳوانيءَ هيٺ ٻه جٿا ناهيا. هنن جي مڪران اچڻ جي خبر ڪيڪانان تائين پهچي چڪي هئي. اُتان جا ويهه هزار باشندا لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي اڳيان اچي بيٺا ئي هئا، پر اسلامي لشڪر اُنهن مٿان غالب پوڻ لڳو. ٻيو ڪو چارهو نه ڏسي هو پنهنجي شهر طرف مڙيا. عرب لشڪر انهن جي پٺيان ڪاهي ويو. ڪيڪانان جا ناگرڪ وري لڙائيءَ لاءِ اڳيان وڌيا. عربن ٻه هڪ دفعو وري زوردار حملو ڪيو ۽ زور سان ’الله اڪبر‘ جا نعرا هڻڻ لڳا. ٻهاڙين مان ’الله اڪبر‘ جو پڙاڏو ٻه اهڙيئي زوردار نموني گونجڻ لڳو. ڪيڪاناني باشندا هراسجي ويا. ڪيترا اچي پيش پيا ۽ اسلام قبول ڪيائون ته ڪي ڀڄي پڻ ويا. چيو وڃي ٿو ته ان وقت کان وٺي هر سال ساڳئي ڏينهن اُهي جنگي نعرا- ’الله اڪبر‘ اڃا ٻه جبلن ۾ اُن جڳهه تي ٻڌڻ ايندا آهن (شايد مول ’چچ نامه‘ جي لکڻ تائين.)

لڳ ڀڳ اُن وقت عربي لشڪر وٽ خليفي حضرت علي بن ابي طالب جي شهادت جي خبر پهتي. ترت ئي لشڪر واپس وريو. رستي ۾ مڪران ۾ کين خبر پئي ته حضرت معاويه بن ابي سفيان نئون خليفو ٿيو آهي، (٦٦١ کان ٦٨٠ع تائين). هو عمياد گهراڻي جو پايو وجهندڙ هئو. هن پنهنجي راڄڌاني ڪوفه مان بدلي دمشق (سِريا) ۾ ڪئي.

هي نئون خليفو پڻ هند ۽ سنڌ طرف پنهنجي حڪومت ۽ اثر وڌائڻ جو سوچي رهيو هئو. وقت جي تواريخ نويسن جو چوڻ آهي ته هن عبدالله بن سوار کي چار هزار جنگي جوڌن سان سنڌ طرف

ڪري موٽيو هجي. اهو علائقو-**مڪران** ۽ **ڪيڪانان** جي لڳ ڀڳ پٽريلو ۽ ڏکيو ضرور هئو.

عام ماحول بابت به **حڪيم** جو اِشارو وقت جي **سنڌ** جي اتر-اولهه علائقن طرف ٿي هئو، جنهن ۾ **مڪران** کان **ايران** تائين ۽ هاڻوڪي **افغانستان** جون ڪجهه ايراضيون اچي پئي ويئيون. ورنه ڏنو وڃي ته سنڌ ڪافي آسودو ملڪ هئو. اڳتي هلي پڙهبو ته **محمد بن قاسم** کي **سنڌ** مان اڪيچار ڌن، هاٿي، گهوڙا ۽ ٻيو چوپايو مال حاصل ٿيو، غلامن جي ڳالهه ته الڳ ٿي چئجي. اهڙي آسودي ملڪ ۾ لشڪر ڪيئن ٿو بک مري سگهي؟ **محمد قاسم سنڌ** فتح ڪئي ته ان جي خوشيءَ ۾ **حجاج ڪوفه** ۾ پبلڪ ميٽنگ سڏائي. اُتي خوشي ظاهر ڪندي چيائين ته **سنڌو**ءَ جو منو پاڻي ۽ **سنڌ** مان ڪافي مال متاع حاصل ٿيو آهي. اها سنڌ جي آسودگيءَ جي نشاني چئبي. (دراصل ڏنو وڃي ته **سنڌ** تي خشڪيءَ رستي ڪاهه ڪندڙ سڀ **مڪران** کان اڳيان خاص ڪونه وڌي سگهيا هئا. **محمد قاسم** ٿي پهريون جنرل هئو جنهن سچيءَ ريت ڪوشش اولين ڪئي، پر هن ساموندي رستي جو پڻ استعمال ڪيو.)

خليفات جڏهن حضرت **علي بن ابي طالب** (٦٥٦ کان ٦٦١ع تائين، چوٿون خليفو) جي هٿ ۾ آئي ته **ڪوفه** ۾ جتي هن راڄڌاني شِفٽ ڪئي هئي، **ڪافي** فساد ٿيا ۽ ماڻهو هڪ ٻئي سان وڙهڻ لڳا. جڏهن شانتي قائم ٿي ته هن **ثاغر بن دعر** جي اڳواڻي هيٺ هڪ وڏو لشڪر سنڌ طرف روانو ڪيو. ان ۾ هن جا ڪافي پوئلڳ ۽ ٻيا معتبر شخص شامل هئا. هو **بهرج** ۽ **ڪوهه پايه** جي طرف کان روانا ٿيا. اِهو سنه ٦٦٠ع جو سال هئو. هنن کي هر هنڌ سقلتا ملي رهي هئي. جنهن به شهر ۽ علائقي مان هو لنگهي رهيا هئا، اُتان هنن کي ڪافي مال

لڙايون جاري رکي سگهي.' زياد، **احنف بن قيس** کي هن ڪم لاءِ **سنان بن سلمه** جي جاءِ تي مقرر ڪيو. **احنف** سيني کي پسند هئو. هو يڪدم **مڪران** طرف روانو ٿيو. اُتي ٻه سال رهيو پر ڪجهه خاطر خواه نه ڪيائين ته ڪيس برطرف ڪيو ويو.

خليفي پوءِ **راشد بن عمرو الجديدي** کي مقرر ڪيو. حوصلو وڌائڻ لاءِ خليفي ڪيس پاڻ سان گڏ تخت تي وهاري هن جي عزت افزائي ڪئي. **راشد مڪران** پهتو ته **سنان سلمه** سان گڏجڻ ويو. هن کي هو ڪافي بهادر ۽ سياڻو شخص لڳو. **راشد** کي عجب لڳي رهيو هئو ته هن جي جاءِ تي **احنف** کي ڇو مقرر ڪيو ويو. هن محسوس ڪيو ته **سنان** هڪ بهادر جنگي جوڌو آهي ۽ هر حالت ۾ هڪ سردار ۽ مهندار بڻجڻ جي قابل.

ٻنهي ڳپل وقت گڏجي آئينده لاءِ رٿائون سوچيون. **راشد** مٿان خليفي کي وقت به وقت هتان جي حالتن ۽ ڪارروائين جي رپورٽ موڪلڻ جي جوابداري هئي. ٻئي گڏ ڪم ڪرڻ لڳا. **راشد** پوءِ دشمن خلاف اڳيان روانو ٿيو. هو **ڪوهه پايه** ۽ **ڪيڪانان** طرف ويو. سيئي هنڌ ڪاميابي حاصل ڪري خليفي جي خزاني لاءِ گذريل سالن ۽ چالو سال جو ڏن وصول ڪيائين. ڪافي غنيمتون ۽ غلام پڻ هٿ ڪري سگهيو.

سال ڪانپوءِ **سيستان** رستي واپس موٽڻ لڳو ۽ اچي **ڪوهه منذر (مئذر)** ۽ **ٻهرج** وٽ پهتو. مڪاني جابلو لوڪ گڏ ٿي هن جو رستو روڪڻ لڳا-هو پنجاه هزار هئا. سخت لڙائي لڳي ۽ **راشد** مارجي ويو.

هن معاملي جي واڳ وري **سنان سلمه** جي هٿن ۾ آئي. هو اڳيان وڌيو ۽ **ڪيڪانان** تائين اچي پهتو، ڪن هنڌ ڪاميابي حاصل ڪيائين. هو جتان به لنگهيو ٿي، اُتي قاعدي قانون ۽ ٻين معاملن ۾ سنيون روايتون قائم ڪندو پئي ويو. وري جڏهن **ٻڌيه** پهتو ته اُتان جو

روانو ڪيو. ھُن کي خليفات جي ھن طرف جي چاھ جو ڌيان رکڻ لاءِ گورنر مقرر ڪيو ويو. خليفي کيس چيو- ”سنڌ ملڪ ۾ ھڪ جبل آھي- ڪيڪانان جي نالي سان. اُتي توڪي شاندار قداور گھوڙا نظر ايندا. اُن کان اُتان ڪافي مال متاع ھٿ آيو آھي. اُتان جا ماڻھو ھوشيار اٿيئي. پھاڙين ۾ لڪي ڇپي ڪافي بغاوت ۽ رڪاوٽون ٿا ڪن. ڌيان رکج.“ خليفي ايشيا جي ٻين ملڪن ڏانھن پڻ ساڳئي مقصد سان لشڪر موڪليا.

عبدالله جو لشڪر جڏھن ڪيڪانان پھتو تہ اُتان جا مڪاني حاڪم لڙائيءَ لاءِ تيار ھئا. سخت ويڙھ کانپوءِ آخر اسلامي لشڪر ھنن تي حاوي پيو ۽ ڪافي مال متاع سندن ھٿ چڙھيو. ڪيڪانان وارا وري وڏو لشڪر تيار ڪري اچيان آيا؛ عربن لاءِ سڀ واھون ۽ لَڪَ بند ڪري ڇڏيائون. ھن دفعي اچي ڪان بہ سخت لڙائي لڳي. عبدالله سوار پنھنجي لشڪر ۾ اُتساھ ڦوڪڻ ضروري سمجھيو. ھنن جا مذھبي جذبا جاڳائي، آئينده لاءِ ڪافي وڏا واعدا ڪيائين.

ائين ئي اُتساھ ۾ اچي عبدالقيس جي ڪٽنب مان ھڪ بھادر جوان اچيان آيو ۽ دشمن کي ھڪ سان ھڪ طور وڙھڻ لاءِ للڪاريائين. دشمن فوج جو ھڪ مھندار اچيان وڌي آيو. ٻنھي جي لڙائيءَ ۾ اھو مھندار تہ مري ويو، پر ڪيڪانان جي لشڪر ھڪ زوردار حملو ڪيو. نتيجن اسلامي لشڪر کي شڪست سھڻي پئي. مسلمان سڀ مڪران طرف پٺڻ لڳا. ان وقت مڪران تي ھنن جي سُني ضبط قائم ٿي چڪي ھئي.

عبدالله سوار جي وفات کانپوءِ خليفي سنان بن سلمه کي ھن جو جاءِ نشين مقرر ڪيو. خليفي وري عراق جي گورنر زياد کي بہ چٽي لکي تہ ’ڪو موزون شخص ڳولھ جيڪو ھند ۽ سنڌ ۾ ھي

ماري ھن جي مؤت جو بدلو چڪايو. ان کانپوءِ علافي مڪران ۾ ئي رهڻ لڳا. سعيد جي مؤت جو ٻڌي حجاج کي ڪافي غصو آيو. ھن حڪم ڏنو تہ قبيلي جي سردار سليمان علافيءَ کي قتل ڪيو وڃي. سردار کي ماريو ويو ۽ ھن جو سر سعيد جي پوين ڏانھن موڪليو ويو. حجاج وري مجاعہ بن سعر کي علافين جي پٺيان موڪليو، پر ھن جي مڪران پهچڻ کان اول علافي مڪران ڇڏي سنڌ جي راجا ڏاھر وٽ ويا ۽ اتي شرڻارٿي ٿي رهيا. مجاعہ مڪران ۾ سال کن رهيو ۽ پوءِ گذاري ويو.

جڏھن حضرت وليد بن عبدالملڪ خليفو ٿيو (٧٠٥ کان ٧١٥ع تائين) تہ ھن سڀ پرڏيهي معاملا محمد بن هارون کي سؤنپيا، پر مجاعہ جي وفات کانپوءِ حجاج ھن کي هندستان طرف موڪليو. ھن کي چيو ويو تہ ھر ممڪن ڪوشش ڪري سرڪاري خزاني لاءِ ڏن-بقاياڻن سوڌو وصول ڪري. ھن کي علافين کان سعيد جي مؤت جو بدلو وٺڻ لاءِ بہ چيو ويو. چيو وڃيٿو، پنجن سالن تائين ھو ڪامياب رهيو، پر ڪو اهڙو ذڪر لائق ڪم ڪونہ ڪيائين.

سرانديپ (هاڻوڪي سريلنڪا، جو ان وقت موتين جي ڪري طور مشهور هئو) جي راجا ڪجھ تحفا ۽ موتي وغيره ٻيڙن رستي حجاج ڏانھن موڪليا. ڪجھ ناياب هيرا موتي ۽ حبشي نر-ماديون غلام بہ خليفي لاءِ موڪليائين. ٽولي ۾ ڪجھ مسلمان عورتون بہ شامل هيون. ھو ڪعبہ شريف جي زيارت لاءِ وڃي رهيون هيون. ٻيڙا جڏھن قازرون رياست جي حدن ۾ داخل ٿيا تہ زوردار طوفان اچي لڳو. ٻيڙن جو رخ ڦري ويو ۽ ديبل بندر طرف هلڻ لڳا. ان پاسي نڪامڙه قبيلي جي ساموندي ڌاڙيلن جو آزار هوندو هئو. هنن اٺ ئي ٻيڙا مال سامان ۽ ماڻھن سوڌو پڪڙي ڇڏيا. ڪين چيو ويو تہ هي

عوام پختي اِرادي سان هن جي سامهون ڪڙو تي بينو ۽ ماري وڌائونس.

هاڻ واڳون **منذر بن حارود بن بشر** جي حوالي ٿيون، پر هو ڪجھ ڪري سگھي ان ڪان اڳ بيمار ٿي پيو ۽ **بورابي** ۾ گذاري ويو. هي ڪم وري سندس پٽ **حُڪم** جي حوالي ڪيو ويو ۽ **منذر** جي ڀاءُ **عبدل عزيز** کي ريٽيو ويو.

جڏهن حضرت **عبدالملڪ** خليفو ٿيو (٦٨٥ کان ٧٠٥ع تائين) ته هن **حجاج بن يوسف** کي **عراق** جو گورنر مقرر ڪيو. **حجاج** کي ٻين علائقن سان گڏ **هند** ۽ **سنڌ** پاسي هٿ ڪيل علائقن تي نظر رکڻ لاءِ چيو ويو. هن پاسي خليفات جي عام چاهه جو ڏيان پڻ هن کي ئي رکڻو هئو. تواريخ ۾ **حجاج** هڪ ڏنگو ۽ بدنام ڪردار ليکيو ويندو آهي. هي ڪافي بيرحم ۽ ظالم شخص هئو. تاريخ **معصومي** ۾ ته هن جي ڪارن ڪارنامن جا ڪافي مثال ڏنل آهن. چيو وڃيٿو ته هن ويه هزار ماڻهو بيرحميءَ ۽ بيدرديءَ سان مارايا هئا، لڙاين ۾ بي شمار سولجر ۽ ناگرڪ الڳ. جڏهن پاڻ مئو ته سندس جيلن ۾ ٽيه هزار مرد ۽ ويهه هزار عورتون هيون. هن بيرحميءَ سان عذاب ڏيڻ جا به ڪافي طور طريقا ايجاد ڪيا.

حجاج، سعيد بن اسلم ڪلابيءَ کي پنهنجي عيوضي طور **مڪران** موڪليو. **مڪران** جي حاڪم **سفهوي بن لام الحماميءَ** هن جو زيردست ٿي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو. نتيجن **سعيد** هن کي قتل ڪري، سندس سر **حجاج** ڏانهن موڪليو. هِن پنهنجي رهڻ جو نڪاڻو **مڪران** ۾ ڪيو، ۽ حليمائيءَ پرئي همدردانه وهنوار سان سٺي ڪاميابي حاصل ڪيائين. هن سرڪاري خزاني ۾ اينرو پئسو موڪليو جو پهرين ڪڏهن به **هندستان** مان نه ويو هئو.

سفهوي علافي قبيلي جو هئو. موقعو ملندي **علافين سعيد** کي

ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌڻ جو حڪم ڏنائين ۽ چيائين تہ **مڪران** ۾ **محمد هارون** کي اُتان تي هزار سپاهي گڏ ڪري لڙائيءَ لاءِ موڪلڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو آهي. **بذيل** ۽ **عبدالله** پاڻ سان ٽي سؤ سپاهي ساڻ ڪري اُسهيا. **بذيل** پوءِ سمنڊ رستي **نيرون ڪوٽ** وٽ اچي پهتو. اُتي **حجاج** جي حڪم موجب **مڪران** مان **محمد هارون** جو موڪليل لشڪر بہ اچي ويو. سيني گڏجي **ديبل** طرف رخ رکيو.

بذيل جڏهن **نيرون ڪوٽ** پهتو تہ **ديبل** جي رهواسين **راءِ ڏاهر** کي **الور** ۾ نياپو موڪليو، تہ هو ڪڏهن بہ سندن مٿان ڪاهہ ڪري سگهيٽو. **راءِ ڏاهر** يڪدم چار هزار جنگي جوڌا- گهوڙن ۽ اُنن تي سوار، پنهنجي فرزند **جيسينه** جي مهنداريءَ هيٺ اوڏانهن موڪلي ڏنا. **جيسينه ديبل** پهتو تہ **بذيل** اڳ ئي اُتي پهچي چڪو هئو ۽ ديرو ڄمائي ويٺو هئو. زبردست لڙائي لڳي. **بذيل** مارجي ويو ۽ سندس بچيل لشڪر پڇي ويو. **حجاج** وٽ جڏهن خبر پهتي تہ ڪافي غمگين ٿي ويو.

وقت جي تواريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ **نيرون ڪوٽ** جي رهواسين جڏهن لڙائيءَ ۾ **بذيل** جي مارجي وڃڻ ۽ عرب لشڪر جي شڪست ۽ ڀاڄ جو ٻڌو تہ هنن جي من ۾ ڊپ ڇانئجي ويو ۽ بي آرام ٿيڻ لڳا. هنن کي لڳو، عرب وري وڌو اٿلو وٺي ڪاهي ايندا ۽ بهتر تيارين سان بدلو وٺندا تہ ڪامياب ويندا. **ديبل** تي ايندا تہ پاڻ گهٽو پري ڪونہ آهن. ان وقت **نيرون** جو گورنر **ڀنڊر ڪوُ (ڀنڊر ڪن ڀڏ)** نالي هڪ شمني (ٻوڌي ڀائو) هئو. ڊپ ۾ اچي هن پنهنجو هڪ راز محرم قاصد **حجاج** ڏانهن موڪليو. عهدنامو ڪري پاڻ مٿان ڏن مقرر ڪري هر سال ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. **حجاج** ڪڳيون هٽڻ لڳو. خوش ٿي هن کي امن نامي جي چٺي موڪليائين.

هن ڀائي جي پاڻيءَ ڪان اڳ ڪپڙا لاهڻ واري حرڪت- پنهنجي

سڀ خليفي جو مال آهي، پر هنن ڪا پرواهه نه ڪئي ۽ چيو- ”توهان کي پنهنجي آزادي خريد ڪرڻي پوندي.“

تاريخ معصومي ۾ چيل آهي ته خليفي حضرت عبدالملڪ، سِريا جي ڪن واپارين کي هندستان مان ٻانهيون ۽ ڪجهه ٻيو مال خريد ڪرڻ لاءِ موڪليو هئو. هو جڏهن واپس پئي آيا ته ڏاڙيلن سڀ پڪڙي ڇڏيو.

هيءَ ڳالهه ٻڌي حجاج هڪ چٺي مڪران جي گورنر محمد بن هارون معرفت راءِ ڏاهر کي موڪلي. چٺيءَ ۾ راءِ ڏاهر کي ڪيترين غير ضروري بي‌تعلق ۽ سخت قسم جون ڌمڪيون ڏنيون ويئيون. چٺيءَ جو لهجو پڻ اڻسهائيندڙ هئو. حجاج هن معاملي ۾ حڪومت جو هٿ هئڻ جو الزام لڳائي رهيو هئو. راءِ ڏاهر چٺي پڙهي جواب موڪليو- ’هي ڪم ڏاڙيلن جو آهي. هنن کان وڌيڪ طاقتور ڪوئي ڪونهي. اسان جي به پرواهه نٿا ڪن.‘

ان ۾ ڪو شڪ نه هئو ته هي سڀ لٽيرن جي حرڪت هئي، پر راءِ ڏاهر خليفي جي پرواهه نه ڪئي-شايد حجاج جي چڙ ڏياريندڙ چٺيءَ جي ڪري. جواب پڙهي حجاج کي ڪاوڙ لڳي.

اُن وچ ۾ خليفو حضرت عبدالملڪ گذاري ويو هئو ۽ جوابداري نئين خليفي تي اچي پيئي. حجاج نئين خليفي حضرت وليد کان اجازت گهري ته هند ۽ سنڌ خلاف جهاد جو اعلان ڪيو وڃي. خليفو ڪجهه هٻڪي رهيو هئو، پر حجاج جي ور ور ڪري چوڻ تي نيت مڃيائين. حجاج عبدالله بن نبهان السمي (عبدالله بن بهتان السمي) کي مڪران جو گورنر مقرر ڪيو، حالانڪ محمد بن هارون ته اڳ ئي اُتي هئو. عبدالله پوءِ حجاج جي عيوضيءَ طور رهيو. حجاج وري ٻئي جنرل بذيل کي مقرر ڪيو. ڪيس سنڌ تي چڙهائي

٨- محمد بن قاسم جي آمد

حجاج بن يوسف کي خليفي چيو تہ بغداد مان هند ۽ سنڌ جي معاملن تي ڌيان ڏيندو رهي. حجاج، محمدبن قاسم بن عقيل ثقيفي کي هن پاسي جو عيوضي مقرر ڪيو. هو حجاج جو ناني ۽ ڀائٽيو هئو. محمد قاسم جي عمر صرف ١٧ سال هئي. اڳتي هلي جلد ئي هن کي حجاج سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ لشڪر جو ڪمانڊر بڻايو.

بذيل جي مارجي وڃڻ ڪانپوءِ حجاج سنڌ تي وري ڪاهہ ڪرڻ لاءِ خليفي کان اجازت گهري. خليفو اڳي وانگر هن دفعي بہ اجازت نہ ڏيئي رهيو هئو. هن چيو- ”هڪ تہ ملڪ ڪافي پري آهي، ٻيو اُتان جا ماڻهو چالاڪ ۽ هوشيار آهن. گهربل انداز ۾ سپاهي، هٿيار ۽ ٻيو لڙائيءَ جو سامان گڏ ڪرڻ ۾ تمام گهڻو خرچ ايندو. ازانسواءِ لڙائيءَ لاءِ غير رواجي همٿ ۽ چترائيءَ جي ضرورت آهي- وڏي انداز ۾ رسد جو بندوبست الڳ. جيڪو سو معاملو چنتا جو باعث ٿي پوندو. بهتر هن ڳالهہ تي سوچڻ ئي ڇڏي ڏيو. جڏهن بہ پنهنجو لشڪر اُتي وڃي ٿو تہ مسلمانن جو چڱو انداز مارجي ٿو وڃي.“

حجاج وري پنهنجو سجهاءُ پيش ڪيو-

’هند جا ڪيترا مسلمان ڪافرن جي قيد ۾ آهن. هنن هڪ کان وڌيڪ دفعا اسلامي لشڪر کي شڪست ڏيئي پوئتي هٽايو آهي. ان هار جو بدلو وٺڻ کپي ۽ مسلمانن کي آزاد ڪرائڻ کپي. باقي ملڪ جي پري هئڻ ۽ خرچ بابت-سچ تہ اسان وٽ ماڻهو، هٿيار ۽ ٻيو لڙائيءَ جو سامان سٺي انداز ۾ بلڪل تيار آهي. مون کي پنهنجي فتح جو وشواس آهي. انڪري مان انجام ٿو ڪيان تہ هن معاملي ۾ شاهي خزاني مان ٿيندڙ

راجا کان چوري ڇپي، ملڪ سان غداري هئي. اهو بہ ظاهر هئو تہ هن جو پنهنجي راجا ۾ وشواس ڪونہ هئو تہ هو ڪو ڪين پورو بچاءُ ڏيئي سگهندو، حالانڪ هو ڪاميابيءَ سان **ديبل** بچائي عربن کي شڪست ڏيئي چڪو هئو. مثال اجا تازو هئو.

حجاج بوڏي بائي کي سنا انجام اقرام ڏيندي چوائي موڪليو- ’ڪوشش ڪر ۽ ڏس تہ اسان جا سڀ قيدي آزاد ٿين، ورنہ مان ڪنهن بہ ڪافر کي صلح شانتيءَ ۾ رهڻ نہ ڏيندس-**چائنا** جي حدن تائين بہ نہ ڇڏيندوسانِ‘

وري نئين ڪماندر جي مقرري بابت فيصلو ڪرڻ وقت هن ڪيترن ئي ڪانکين-اُميدوارن کي ريتي **امير عمادالدين محمدبن قاسم بن ابي عقيل ثقيفي** کي پسند ڪيو، ڇاڪاڻ تہ نجومين جو چوڻ هئو تہ **هند** ۾ صرف هيءُ ئي فتحيابي حاصل ڪري سگهندو. **حجاج** پاڻ بہ ڊارو اُچلائي هن ڳالهہ جي تصديق ڪئي. *

نيپال ڳڌجي قنوج کان پاڻ ڇڏائي سگهيا. سال ٧٠٣ع ۾ نيپال خود مختيار ٿيو. قنوج جو راجا يسوُورمن، راء ڏاهر جو هم ڪالين هئو. راشٽرڪٽا راجا دانتيدرُگا اُجين ۾ سني ضبط قائم رکي ويٺو هئو؛ گجرات ۽ چالوڪيا جي اتر راجين جا ڪجهه حصا سندس قبضي ۾ هئا. هيٺ ڏکڻ ۾ چالوڪيا گهراڻي جو راجا وجيدتيا پختيءَ ريت جميل هئو تہ ڏکڻ-اوير ۾ پالوا راجا نرسماه ورمن ٻيو، حاڪم هئو.

حجاج سِريا جي سردارن جي خاندانن مان ڇهہ هزار سپاهي حاصل ڪري سگهيو. سڀ سني لياقت وارا هئا. ڪن ٿورن اچڻ کان نٽايو پئي تہ ٻين جنگي جوڌن اُنهن کي سمجهائي مڃايو ۽ پاڻ سان ڪنيو. سيني کي گڏ ڪري حجاج هڪ اُتساهہ ڀريو وعظ ڏنو؛ مذهب ۽ خدا جي نالي ۾ انهن جي جذبات جاڳائي پنهنجي مقصد طرف موڙيو. هن سپاهين ۾ وڏيون رقمون وراهيون. ائين تيار ڪري کين مقدس جنگہ لاءِ هند ۽ سنڌ طرف روانو ڪيائين. هن محمد قاسم کي صلاح ڏني تہ شيراز کان ٿيندو وجي ۽ سوَليون منزلون هٽندو وجي. روانگي سال ٧١٠ع ۾ ٿي.

لڙائيءَ جو سڀ ضروري سامان جهڙوڪ منجنيقون (ڪانياٽيون-Catapults)، ٻُنڊ، رنبا جيڪي ڪنهن قلعي کي ٽوڙڻ ۾ ڪم ايندا هئا ۽ زره بختر وغيره ٻيڙن ۾ چڙهايو ويو. ٻيڙن جي چارج ابو مغيره ۽ حاضم (حُضيم) بن‌عمرو موسيٰ کي سؤنپي ويئي. حجاج هنن کي هدايت ڪئي هئي تہ ترت ديبل طرف وڃن ۽ اُتي محمد قاسم سان ملن. ٻيڙا يڪدم روانا ٿي ويا. مبارڪ وقت تي محمد قاسم شيراز ۾ منزل هنئين. اتي چانوڻي هٽي ويٺو. ڪجهہ وقت ۾ عراق ۽ سِريا مان روانا ٿيل لشڪر جا حصا بہ اچي پهتا.

حجاج ٽپال جو سسٽم جاري ڪيو. روز ٻنهي هنڌان تيز گهوڙيسوار

خرچ کان ٻيٽي رقم واپس ڪندس.‘

هيءَ چٺي ملڻ تي خليفي چڙهائيءَ لاءِ منظوري ڏني. **حجاج** وري هڪ ٻيو عرض پيش ڪيو-

’توهان منهنجو مانُ مٿي ڪيو آهي. هاڻ مهرباني ڪري فرمان جاري ڪيو تہ شام (سريا) جي سردارن مان ڇهہ هزار جنگي جوڌا اسان جي ڪئمپ ۾ اچن. هو چڱيءَ طرح پنهنجي ساز سامان سان لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي اچن ۽ اسان جي لشڪر کي مدد ڪن. هو اسان کي سهڪار ڏيندا رهن ۽ لڙائي ڇڏي وڃڻ جو ڪڏهن نہ سوچن.‘

حجاج لڙائيءَ جي فن ۾ ماهر هئو ۽ اڳيان پٺيان هر ڳالهہ سوچي ويچاري پوءِ قدم کڻندو هئو. هن کي خبر هئي تہ سڄي **هند** ۽ **سنڌ** ۾ ڪو اهڙو هڪ شڪتيشالي راجا نہ آهي جو ٻين ننڍن وڏن راجائن کي پاڻ سان کڻي هلي ۽ عربن سان گڏيل مقابلو ڪري. **بذيل** جي وقت کان هن دفعي لڙائي وڏي پئماني تي ٿيڻي هئي.

راءِ ڏاهر تہ وري پنهنجا گورنر ۽ زيردست بہ پاڻ سان گڏ نہ کڻي سگهيو. دراصل انهن مان ڪيترا تہ خود کي راجائون سمجهڻ لڳا ۽ اڳتي هلي غدار ثابت ٿيا.

محمد قاسم جي حملي وقت **ڀارت** ۾ گهڻيون ئي مختلف حڪومتون هيون، هرهڪ پنهنجي ليکي خود مختيار ۽ آزاد. **افغانستان، چندر گپت موريہ** جي وقت کان **ڀارت** جو حصو پئي رهيو. سنڌ تي عربن جي ڪاهہ وقت، اتي ڪنهن کتري راجا جو راڄ هئو. ان جو نالو نہ ملي سگهيو آهي. **ڪشمير** تي **دُرليڀوَرڌن** جو راڄ هئو، پوءِ **پرتاپدتيا** راجا ٿيو. نيپال، **قنوج** سلطنت جو حصو هئو، سمراٽ **هرش ورڌن** جي وقت. ان جي ديهانت کانپوءِ **ٿيپٽ** ۽

ڪندا رهو ۽ قرآن شريف پڙهندا رهو.

ديبل پرسان پهچڻ شرط وري هڪ اونهي کاهي پنهنجي ڇانوڻيءَ جي چؤڌاري کوٽائڻي-١٨ فوٽ ويڪري ۽ ٩ فوٽ اونهي. دشمن جي سامهون اچڻ وقت شانتي رکڻي. هو ڇُرچ ڪن، ته به ڪجهہ نہ ڪرڻو، جيسيتائين مان هدايتون نہ موڪليان. منهنجون چٺيون لڳاتار تو وٽ ايندي رهنديون. منهنجين هدايتن/ صلاحن موجب ڪم ڪندين تہ ضرور ڪامياب ٿيندين.'

ارمابيل مان ڪوچ ڪرڻ وقت محمد قاسم لشڪر جي گهربل صفبندي ڪئي ۽ هرصف لاءِ هڪ آزموديگار جنگي جوڌي کي ڪمانڊر طور مقرر ڪيائين. هو ديبل جي پرسان سال ٧١١ع ۾ پهتا. حاڪم بن عمرو موسيٰ ۽ ابو مغيره بہ جنگي سامان سان پريل ٻيڙن سوڌو اچي پهتا. هو پاڻ سان حجاج جي هڪ چٺي کڻي آيا. چٺيءَ ۾ انهن سيني اميرن ۽ سردارن جي واقفيت ڏنل هئي، جيڪي محمد قاسم سان گڏ ڪم ڪرڻ وارا هئا. حجاج محمد قاسم کي ڏاڍو پيائيندو هئو. محمد قاسم جي وڃڻ کانپوءِ هن جي ڪاميابيءَ واسطي دعائون گڏ ڪرڻ لاءِ حجاج ڪافي خيراتون ڏيندو پئي رهيو. هن ان مقصد سان هڪ اُٺ جي ٻلي پڻ چڙهائي.

ان وقت جيسينہ، راجا ڏاهر جو وڏو پٽ، نيرون ۾ هئو. هن پيءُ کي چٺي لکي تہ 'عربستان مان محمد قاسم وڏي لشڪر سان اچي ديبل جي پرسان پهتو آهي. لڙائيءَ لاءِ گهربل هدايتون موڪليون وڃن.'

راءِ ڏاهر، محمد علافيءَ سان صلاح ڪئي ۽ عرب جَنرل بابت پڇيو. علافيءَ چيو- ''محمد قاسم-عرب جنرل، حجاج جو مائٽ آهي. هن وٽ تمام وڏو لشڪر آهي-مڪمل ريت هٿياربند ۽ مرڻ متڻ لاءِ تيار. هن جي سامهون نہ پئو، ڇاڪاڻ تہ سمہ قبيلي جو هڪ

روانا ٿيندا هئا ۽ لڳ ڀڳ ستن ڏينهن ۾ چٺي محمد قاسم وٽ پهچائي ويندي هئي ته هن جي وري حجاج کي. رواني ٿيڻ کان اڳ حجاج، محمد قاسم کي چٺي ڇڏيو هئو ته هر ننڍي وڏي چرپر لاءِ هن جي هدايتن جي راه ڏسي ۽ ان موجب قدم کڻي.

پهرين چٺي حجاج وٽان آئي- 'حاڪم ۽ ابو مغيره کي ڇيل آهي ته ديبل جي پرسان توکي گڏجن. تون اُتي سندن اچڻ تائين ترسج.' حجاج مڪمل رسد جو هر ممڪن بندوبست ڪيو ته جيئن وقت سر سڀ ضروري شيون ڇانوڻيءَ ۾ پهچي وڃن.

حجاج جي ٻي چٺي به آئي. هن جنگ جي فن بابت ڪجهه رٿون ڏنيون ته لشڪر جي الڳ الڳ ريت صفبندي ڪرڻ لاءِ به. ڪهڙي نموني حملو ڪيو وڃي ۽ ڪهڙيون خبرداريون ورتيون وڃن، ان بابت پڻ لکيل هئو.

شيراز ۾ جڏهن حجاج جا موڪليل ڇهه هزار گهوڙيسوار، ڇهه هزار اوٺي ۽ ٽي هزار سامان ڍوئيندڙ اُٺ پهتا ته محمد قاسم ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. رستي ۾ هو مڪران پهتو ته اُتان جي حاڪم-محمد هارون هن کي ڇڱو آءُ ڀاءُ ڏنو ۽ سٺن تحفن سان گڏ ڇڱي رسد پڻ ڏنائينس. محمد هارون کي وشواس هئو ته اسلامي لشڪر ضرور سوڀارو ٿيندو. ٻئي گڏ ارمابيل طرف روانا ٿيا. اُتي ڇانوڻي هٽي وينا ئي هئا ته محمد هارون بيماريءَ سبب گذر ڪري ويو.

محمد قاسم جڏهن ارمابيل فتح ڪيو ته حجاج جي چٺي آئي:

> 'جڏهن سنڌ جي حدن ۾ پهچين ۽ ديبل نظر اچڻ لڳي ته پنهنجي ڇانوڻي هڻڻ لاءِ موزون جاءِ خبرداريءَ سان چونڊج. نيرون وٽ حفاظت لاءِ پنهنجي ڇانوڻيءَ جي چوڌاري کڏ اونهي کاهي کوٽائج. رات جو ڪير نه ڪير پهري لاءِ جاڳندو رهي. توهان گڏجي عبادت

ڪيو. سنڌي لشڪر کي موٽ ڪائي قلعي ۾ پناهه وٺڻي پئي. اسلامي فوج کي اندر داخل ٿيڻ لاءِ قلعو ٽوڙڻ ۾ تڪليف درپيش اچي رهي هئي. ان ڪري قلعي کي گهيرو ڪري ويهي رهيا.

اوچتو قلعي مان هڪ برهمڻ ٻاهر آيو. واڪو ڪري رحم گهريائين ۽ چيائين- ”ڀڳوان گورنر کي وڏي آورجا بخشي! اسان نجوميت جي اڀياس مان ڄاڻي سگهيا آهيون ته اسلامي لشڪر سنڌ فتح ڪندو ۽ ڪافر سڀ ڀڄي ويندا پر هن مندر جي مورتيءَ ۾ طلسم آهي. جيسيتائين مندر اتي قائم آهي، توهان لاءِ قلعو حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي. توهان ڪوشش ڪري مندر جو گنبذ اڏايو ۽ مٿيون جهنڊو ٽوڙي ٽڪر ڪيو. ان ڪانپوءِ ئي توهان جي ڪاميابيءَ جي خاطري ٿيندي.“

وقت جي تواريخ نويسن جو چوڻ آهي ته ان برهمڻ جو نالو سوديو (شڏديو) هئو.

هئڙا واقع ’چچ نامه‘ ۾ عام آهن، جتي نجوميت جون اڳڪٿيون ٻڌي ماڻهو بيصبر پئي ٿي پيا ۽ منطقي ريت سوچڻ ڇڏي پئي ڏنائون. هو سوچڻ لڳا اڳڪٿي پڪ ئي پڪ سچي ٿيڻي آهي؛ گويا خدائي فرمان هئو. هو غير هيتووادي ريت سوچي پنهنجي شخصي حفاظت جي چنتا ڪرڻ لڳا. جيسيتائين پنهنجو سر سلامت آهي ته حڪومت ڪنهن جي به هجي، ڪهڙو ٿو فرق پوي؟ اجايو ڇو جذباتي ٿي جوکم کڻجي!

محمد قاسم پنهنجي انجنيئر جعوبه السلمي کي سڏائي پڇيو ته هي جهنڊو ۽ گنبذ پنهنجين منجنيقن جي پٿرن سان ٽوڙڻ ممڪن ٿي سگهندو؟ هن انجنيئر کي ڏهه هزار درهم انعام طور ڏيڻ جو واعدو ڪيو. انجنيئر کي وشواس هئو ته ڪم ٿي سگهيتو. هن خليفي

شخص مون وٽ آيو هئو ۽ ٻڌايائين تہ عرب لشڪر ۾ هر گهوڙيسوار پرن ڪري آيو آهي تہ ڪيئن بہ ڪري توهان کان بدلو وٺبو. اهڙي جبري ۽ جذباتي لشڪر کي جيتڻ ممڪن نہ آهي.“

اهو ٻڌي راءِ ڏاهر، پٽ کي عربن سان لڙائي ڪرڻ کان منع ڪئي. هيءَ راءِ ڏاهر جي پهرين ڀل هئي. بهادريءَ سان منهن ڏيڻ بدران هن معاملو ائين ئي ٽارڻ بهتر سمجهيو، حالانڪ ساڳيو ئي جيسينہ هڪ دفعو اڳ بہ بذيل جي اڳواڻي هيٺ آيل ساڳئي ئي عرب لشڪر کي ٽوٽا چٻائي چڪو هئو.

محمد قاسم هاڻ ديبل ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. اُتي پهچي وڏي ڪاهي کوٽڻ جو حڪم ڏنائين. ڇانوٽي لڳائي لشڪر جا سپاهي پنهنجا جهنڊا ۽ ساز سامان کولي مقرر ڪيل جڳهين تي ٽانئيڪا تيڻ لڳا ۽ نغارا وڄائڻ شروع ڪيائون، موزون جڳهين تي منجنيقون کوڙيائون. خليفي جي هڪ وڏي منجنيق خاص طور هن لڙائيءَ لاءِ آندي ويئي هئي. ان کي ڪم ۾ آڻڻ لاءِ ٥٠٠ ماڻهن جي گڏيل طاقت جي ضرورت هئي. ان مان وڏا پٿر ڇڱي مفاصلي تائين اڇلائي سگهبا هئا؛ ڪافي پاورفل هئي ۽ پٿر تيز رفتار سان پنهنجي نشاني تي پهچي چڱو نقصان ڪري سگهندا هئا.

ديبل جي وچ ۾ هڪ وڏو بلند مندر هئو-مٿان ويڪرو گنبذ هئس. ان گنبذ جي چوٽيءَ تي هڪ سائي رنگہ جي سلڪ جو جهنڊو لڳل هئو. مڪان جي اوچائي ٦٠ فوٽ هئي تہ گنبذ جي بہ اوتري.

جڏهن اسلامي لشڪر نظر آيو تہ قلعي جا رهواسي لڙائيءَ لاءِ ٻاهر آيا، پر عرب لشڪر کي تہ لڙائي جو حڪم هئو ڪونہ. ست ڏينهن ائين گذري ويا. آخر انين ڏينهن حجاج وٽان منظوريءَ جي چٺي آئي. محمد قاسم يڪدم لشڪر جي صفبندي ڪري حملي جو اعلان

تي جهنڊو ٻڌل هئو سا ٽٽي پئي ۽ جهنڊو ڪِري پيو. ٻيو وار گنبذ تي ڪيو ويو. اِهو پڻ ٽڪر ٽڪر ٿي ويو. طلسمي بت جو ڪنڊن ٿي ويو. ديبل جا رهواسي هراسجي ويا. ائين ئي قلعي جي ديوار جو ڪجهه حصو ٽوڙڻ ۾ لشڪر ڪامياب ٿيو ۽ عرب سپاهي اندر داخل ٿيا؛ ننڍن گروپن ۾ ورهائجي هر طرف کان حملو ڪرڻ لڳا. ماڻهن گڏجي قلعي جو دروازو کوليو ۽ پيش پئي معافي گهري. محمد قاسم چيو تہ ڪيس معافي ڏيڻ جي اختياري نہ آهي. هن جي لشڪر ٽن ڏينهن تائين قتل-ي-عام جاري رکيو.

ديبل جو گورنر جاهين پٽ مساعد ٻڌ رات جو قلعي مان جمپ ماري ٻاهر نڪري آيو. راءِ ڏاهر اڳہ ئي هن لاءِ گهوڙا ۽ اُٺ موڪليا هئا. لڳي ٿو هو ديبل تان هٿ ڪڍڻ جو فيصلو اڳہ ئي ڪري چڪو هئو. جاهين سنڌو ندي پار ڪري اوپر ڪناري تي ڪارمتي پهتو. اُتان راءِ ڏاهر ڏانهن قاصد موڪليائين، دکدائڪ خبر ڏيڻ لاءِ تہ ديبل هٿن مان نڪري چڪو آهي. راءِ ڏاهر خبر گنڀيرتا سان نہ ڪنئين.

جاهين پوءِ نيرون ۾ جيسينہ وٽ ويو. راءِ ڏاهر جيسينہ کي چني لکي تہ سنڌو پار ڪري برهمڻاباد وڃي. نيرون جي حفاضت ۽ سار سنڀال جو ڪم شمنيءَ کي سؤنپي وڃي. هن کي چئي ڇڏٿو تہ دشمن جي حملن کان بچاءُ ڪندو رهي.

ديبل ۾ محمد قاسم هڪ ٻڌ مندر ۾ آيو. اُتي ماڻهن وڃي پناه ورتي هئي ۽ در بند ڪري ڇڏيا هئائون؛ جوهر جي رسم سان آپگهات جو فيصلو ڪيائون. محمد قاسم دربانن کي مارائي ڇڏيو. اندر گڏ ٿيلن مان ست سؤ خوبصورت عورتن کي پڪڙيو ويو. هنن کي قيمتي زيور ۽ هيرن جڙت ڪپڙا پاتل هئا. اهي سڀ هنن کان زوريءَ کسيا ويا.

محمد قاسم پوءِ انهن شخصن سان مليو جن کي هن معافي ڏني

جي منجنيق کولي ان مان به وڏيون ڇڙيون ڪڍي ڪم آڻڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. حجاج کان منظوري وٺي اهي ڪيس ڏنيون ويئيون.

محمد قاسم کي **حجاج** هدايت ڪئي ته **سنڌ** جو ڪوبه بندو، رحم ۽ حفاضت لاءِ عرض ڪري ته ان کي مدد ڪئي وڃي، پر **ديبل** جي رهواسين مان ڪنهن کي به نه. اهو شايد انڪري جو **ديبل** ۾ ئي ساموندي ڌاڙيل رهندا هئا، جن خليفي جو خزانو ۽ ماڻهو لٽڻ جي همت ڪئي هئي.

وري قلعي مان هڪ نجومي ٻاهر آيو ۽ **محمد قاسم** کي چيائين- ”مون کي هميشه آئينده بابت ڪتاب اڀياس ڪرڻ جي عادت آهي. مان سمجهي سگهيو آهيان ته **هند** جي هاڻوڪي حڪومت جو جلد خاتمو اچڻو آهي ۽ مسلمانن جو راڄ شروع ٿيڻ وارو آهي. مون قلعي ۾ مسلمان قيدين-مرد توڙي عورتن کي آٿت پئي ڏنو آهي ته ڌيرج ڌارڻ ڪن. جلد ئي اسلامي لشڪر فتحياب ٿيڻ وارو آهي. هاڻ جيڪڏهن توهان مون کي ۽ منهنجي ڪٽنب کي معاف ڪري جيئڻدان بخشيو ته مان واپس وڃي قيدين کي سٺيون خبرون ٻڌائي خوش ڪيان-اتساهت ڪيان.“

محمد قاسم هن جو عرض قبول ڪيو. هو سڌو قيدين وٽ ويو، اهو ٻڌائڻ ته **حجاج** جا پوئلڳ اچي پهتا آهن ۽ قلعو جلد ئي انهن جي قبضي ۾ اچڻ وارو آهي. هاڻ هنن جي آزاديءَ ۾ گهڻي دير نه آهي.

ٻئي ڏينهن **جعوبه** کي چيو ويو ته منجنيق ڪٽائي مقرر ڪيل جاءِ تي رکائي. لشڪر جي هر صف به پنهنجي پنهنجي مقرر ڪيل جاءِ تي تيار ٿي بيٺي. ائين گڏيل حملو ڪيو ويو. قلعي ڌانهن تيرن جي ورڪا ٿيڻ لڳي. پنج سؤ ماڻهن کي خليفي جي منجنيق مان پٿرن جو وسڪارو ڪرڻ لاءِ گڏ ڪيو ويو. پهرئين ئي اُڇلاءَ سان جنهن لڪڙيءَ

پنجون حصو دان پڃ لاءِ پاسيرو ڪيو وڃي -مذهبي تقاضا هئي، ۽ ٻيو پنجون حصو شاهي خزاني لاءِ خليفي وٽ موڪليو وڃي؛ هڪ حصو حجاج جي خزاني لاءِ به. ارمابيل جي فتح وقت گڏ ڪيل مال، لشڪر ۾ وراهيو ويو. باقي جيڪو ڪجهه بچيو- (مال ۽ غلام) سو سڀ وري حجاج ڏانهن موڪليو ويو، ديبل جي حاڪم جي ٻن ڏيئرن سوڌو.

سنڌ ۾ وڏيڪ اندر وڃڻ لاءِ محمد قاسم کي ارمابيل مان لنگهڻو هئو، اُتي وري لڙائي ڪرڻي پيس ۽ فتحياب ٿيو. اُتي هن کي راءِ ڏاهر وٽان هڪ چٺي ملي.

’سرشتيءَ جي سرجڻهار ۽ سيلائڇ پوڄاريءَ جي پڳوان جي نالي ۾! هيءَ چٺي راءِ ڏاهر پٽ راءِ چچ سنڌ ۽ هند جي بر ۽ بحر تي حڪومت ڪندڙ جي، محمد قاسم کي، جو هڪ مغرور ۽ چريو شخص آهي؛ عوام کي قتل ڪرڻ جو شوقين آهي، ته خود پنهنجي لشڪر ڏانهن بيرحم آهي؛ ۽ ڪافي ماڻهن کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪيلي چڪو آهي.

ڪجهه وقت اڳ هڪ ٻيو عرب، ابو العاص بن الحڪم سان گڏ رُلي رهيو هئو، چريائيءَ جي ويچار سان ته سنڌ ۽ هند فتح ڪبي، پر اسان جي ٺاڪرن جي ننڍي ٽوليءَ هٿان مارجي ويو. مسلمانن جي لشڪر کي پٺتو پيو.

لڳي رهيو آهي تنهنجو به اهڙو ئي حشر ٿيندو. توکي ڄاڻ هجي ته ديبل جيڪو تو فتح ڪيو آهي، سو هڪ رواجي قلعو آهي، جتي صرف واپاري ۽ هنري مزور ۽ ڪاريگر رهن ٿا. اهو ڪو مضبوط قلعو نه آهي، نه ئي ڪو اهميت وارو فوجي اڏو، جنهن سان لڙڻ لاءِ تون فخر محسوس ڪرين.

هئي. هن کين چيو- ”هاڻ سڀ مسلمان عورتون ۽ مرد، جن کي هيترو وقت اجايو قيد ۾ رکيو ويو آهي، آندا وڃن- **سرانديپ** مان ايندڙ ٻيڙن وارا ته **بذيل** سان لڙائيءَ وقت ان جي لشڪر جا.“

قيدي حاضر ڪيا ويا ۽ يڪدم کين آزاد ڪيو ويو. هن پوءِ انهن مان ڪن کي قلعي جي ڪاروبار ۾ الڳ الڳ معاملا سنڀالڻ لاءِ سونپيا.

ديبل ۾ هڪ شخص **قبله پٽ مهترائچ** هئو. هو نهايت دانا ۽ هوشيار ودوان هئو. هندن جو استاد به هئو ته هوشيار اديب پڻ. **بذيل** جي لشڪر توڙي **سرانديپ** جي ٻيڙن وارا سڀ قيدي هن جي سار سنڀال ۾ هئا. **محمد قاسم** هن کي گهرائي سزا جو حڪم ڏنو. ان تي **قبله** چيو- ”حضور اول انهن مسلمان قيدين کان منهنجي ورتاءَ بابت پڇيو وڃي، پوءِ جيئن توهان کي مناسب لڳي.“

محمد قاسم حڪم ڪيو ته سڀ قيدي واپس آندا وڃن. هنن اچي چيو ته- ”همدردانه وهنوار ڪري اسان هن شخص جا شڪرگذار آهيون. هن اسان جون تڪليفون دور ڪرڻ ۽ آٿت ڏيڻ جي پوري پوري ڪوشش پئي ڪئي. اسان کي تسلي ڏيندو رهندو هئو ته جلد ئي اسلامي لشڪر اچي **ديبل** فتح ڪندو ۽ اسان کي آزاد ڪرائيندو.“

محمد قاسم، **قبله** کي اسلام اختيار ڪرڻ جي آڇ ڪئي، جا هن قبول ڪئي. هن کي **ديبل** جي روينيو آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ طور مقرر ڪيو ويو. سيني آفيسرن کي هدايت ڪئي ويئي ته ڪاروباري معاملن ۾ هن جي صلاح سان ڪم ڪن. **حميد بن درا النجدي** کي هنن سيني آفيسرن جو سپروائيزر مقرر ڪيو ويو.

اهڙيءَ ريت **ديبل** فتح ڪيو ويو ۽ سڀ مسلمان قيدي آزاد ڪيا ويا. اسلامي لشڪر ڪيترا غلام ناهيا هئا. انهن کي ٻاهر آندو ويو. **محمد قاسم** حڪم ڪيو ته جيڪو به مال متاع گڏ ٿيو آهي، ان جو

ڏن ڏيندا هئا، پر تو بند ڪيو. (هيءَ غلط ڳالهه آهي. خليفات راءِ چچ جي حڪومت شروع ٿيڻ کان ڏهه سال پوءِ برپا ٿي. هن ڪڏهن ڪنهن کي ڏن ڪونه ڏنو. اُلٽو ان وقت جا خليفا هن سان مهاڏو اٽڪائڻ جي همت نه ڪندا هئا.)

مون کي خليفي جو فرمان مليو آهي ته تنهنجين پاپي حرڪتن جو بدلو وٺان. مون کي اُميد آهي، جتي ۽ جڏهن به اسان پاڻ ۾ ملنداسين ۽ وڙهنداسين ته خدا تعاليٰ جي مهربانين سان مان توکي شڪست ڏيئي تنهنجو سر عراق ڪٽي ويندس. ورنه خدا تعاليٰ جي راهه ۾ پنهنجي جان قربان ڪندس.‘

جڏهن **ديبل** جي فتح جو ڪاريه پورو ٿيو، مال متاع جي وراهست ٿي چڪي ته **محمد قاسم** حڪم ڪيو- ’لڙائيءَ جو سڀ ساز سامان منجنيقن سوڌو ٻيڙن ۾ چاڙهيو وڃي ۽ **نيرون** طرف ڪوچ ڪئي وڃي.‘

ٻيڙا سامان سوڌو **سانگهڙ**ه ڍنڍ رستي روانا ٿيا. (چيو وڃي ٿو ته **سنڌو**ءَ جي مکيه ڌارا ان وقت اوير ڌانهن **نيرون** -هاڻوڪي **حيدر آباد** طرف وهندي هئي- گهڻو ڪري **ڦليلي**ءَ مان.)

محمد قاسم پاڻ **سيسم** رستي اڳيان وڌيو. جڏهن **سيسم** پهتو ته **حجاج** جي چٺي مليس. **حجاج** **ديبل** جي ڪاميابيءَ تي کيس مبارڪون ڏيندي لکيو ته- ’مون کي وشواس آهي، اڳتي پڻ ڪاميابي تنهنجا قدم چمندي.‘ **حجاج** هن کي ۽ هن جي لشڪر کي مٿن ٻولن سان اتساهت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئو. **محمد قاسم** کي صلاح ڏنائين ته لشڪر طرف فراخدل رهي ۽ انهن لاءِ سٺي رسد گڏ ڪندو رهي -شڪر جون حالتون پئدا ڪرائي. فتحيابيءَ کانپوءِ عوام جون دليون جيتڻ جي ڪوشش ڪرڻي. ڪڙمي، ڪاريگر ۽ واپاري

جيڪڏهن مان تنهنجي سامهون راجڪمار جيسينه کي جيڪو ڪيترن حاڪمن کي جيتي چڪو آهي، موڪليان ها يا ڪشمير جي راجا کي، جيڪو شڪتيشالي حڪومت جو ڌڻي آهي، ته تون ڪٿي نه پهچي سگهين ها، نه ئي ڪو نقصان ڪرڻ جي همت ڪري سگهين ها.

چريائيءَ جا سپنا ڏسي، خوشفهميءَ ۾ پاڻ کي نه ٺڳ، چاڪاڻ ته تنهنجي به اها ئي حالت ٿيڻي آهي جيڪا بذيل جي ٿي. لڙائيءَ ۾ تون ڪڏهن به اسان جي سامهون نه بيهي سگهندين، نه ئي تون اسان جي غصي مان سلامت واپس وڃڻ جي اُميد رک.‘

محمد قاسم پنهنجي منشيءَ کان چٺيءَ جو ترجمو ڪرائي، ان جو مضمون سمجهي هيٺئين نموني جو جواب لکايو.

’ٻاجهاري خدا جي نالي ۾: هيءَ چٺي مسلمانن جو بدلو وٺندڙ محمد قاسم ثقيفي لکي رهيو آهي، مغرور، غدار ۽ هٺيلي برهمڻ ڏاهر پٽ چچ کي.

مون کي تنهنجي چٺي ملي- زبردست جاهليت ۾ چُڪن سان لکيل. تون پنهنجن ڪمزور ۽ بيڪار طور طريقن سان هلي رهيو آهين. ظاهر آهي توکي انهن تي فخر ٿيڻ لڳو آهي. اسان جي لشڪر جي لڙائي لاءِ اچڻ بابت تون جيڪو ڪجهه چئي رهيو آهين ان لاءِ جوابدار تنهنجون پنهنجون حرڪتون ئي آهن. تو سرانديپ مان ايندڙ اسان جا ٻيڙا پڪڙيا؛ قيمتي مال ڪٽي وئين ۽ مسلمانن کي قيد ڪيئه. ساري دنيا جا ملڪ خليفي جي حڪومت کي مڃن ٿا ۽ هن کي بالادست سمجهن ٿا. سڀئي هن کي ڏن ڏيندا رهن ٿا، پر تو غداري ڏيکاريِ. اڳيان سڀ حاڪم نيم ٻڌو

راءِ ڏاھر اھو نہ سوچيو تہ ھو ڪو غداري ڪندو. جڏھن عرب لشڪر شڪست کاڌي ۽ بذيل مارجي ويو تہ نيرون جي ماڻھن حجاج سان ٻجھو عھدنامو ڪيو؛ ساليانو ڏن ڏيڻ جو واعدو ڪري صلح شانتي ۽ حفاظت جو انجام ھن کان ورتو ھئائون. راءِ ڏاھر ھي سڀ نظرانداز ڪيو؛ جيڪو سو ساٻئي ئي شمنيءَ کي، جنھن ھي عھدنامو ڪيو ھئو، ھاڻ قلعو بچائڻ لاءِ موڪليائين.

شمني نيرون پھچي، پنج وڏيرا ساڻ ڪري، عرب ڇانوڻيءَ ۾ محمد قاسم سان ملڻ ويو-پاڻ سان گڏ عھدنامي واري حجاج جي چٺي کڻي ويو. محمد قاسم چٺي پڙھي چيو- ’’مان ھي لکيت فرمان مڃڻ لاءِ تيار آھيان، پر ڏکہ ٿي رھيو اٿم تہ اسان جي اچڻ وقت قلعي جا دروازا بند ڪيا ويا. ان منھنجي دل ۾ توھان لاءِ سٺو اثر نہ وھاريو آھي. توھان پاڻ کي اسان جا دوست سڏائي رھيا آھيو، پر دوست ھن طرح جو تہ وھنوار نہ ڪندا آھن. اسان کي ڪافي ڪنايون درپيش اچي رھيون ھيون، خاص طور ماڻھن توڙي جانورن جي کاڌ خوراڪ لاءِ.‘‘

شمنيءَ معافي گھرندي چيو- ’’اسان جا سڀ معاملا اجا بہ راءِ ڏاھر جي وس آھن. مان ان جي حضور ۾ الور ويل ھئس. ھت منھنجي غير حاضريءَ ۾ ماڻھو منجھي پيا. ھنن کي توھان مان ڊپ لڳي رھيو ھئو. مان ھت پھچڻ شرط ئي پنھنجي دوستي ۽ عھد نامي جو اظھار ڪرڻ لاءِ توھان جي حضور ۾ آيو آھيان. اسان ھاڻ توھان لاءِ ڪجھہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار آھيون، توھان صرف حڪم ڪيو.‘‘

محمد قاسم شمنيءَ جي بيان تي خوش ٿي ويو ۽ خلعت سان گڏ کيس ڪافي تحفا بخشيائين. شمني واپس وڃي قلعي جا دروازا کولارايا. ھيءَ ٻالھہ محمد قاسم جي ھت ٻاھر پھچڻ کان پنج-ڇھہ

خوش هوندا-سکي هوندا تہ مُلڪ آسودو ٿيندو-سرسبز ۽ آباد رهندو.

محمد قاسم سيسم مان سڌو **نيرون** قلعي طرف ڪوچ ڪئي. اهو لڳ ڀڳ ٧٥ ميل پري هئو. ستين ڏينهن هو **نيرون** جي ويجهو اچي پهتو ۽ **بلهار (بلبار)** جي سبز مئدان ۾ ڇانوڻي هنيائين. **نيرون** جي ماڻهن قلعي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا. حاڪم شمني راءِ **ڏاهر** وٽ ويل هئو. **محمد قاسم** کي چنتا ٿيڻ لڳي-رسد جي ڪميءَ ڪري مٿان ماڻهن توڙي جانورن لاءِ بکون ڪڍڻ جي نؤبت اچي.

ان وچ ۾ **راءِ ڏاهر** نجومين سان صلاح ڪئي- ”مون کي تازو ٻڌايو ويو آهي تہ **محمد قاسم** حملي لاءِ **نيرون** تائين اچي پهتو آهي ۽ اُتي وڏي لشڪر سان ڇانوڻي هڻي وينو آهي. توهان جو علم ۽ نجوميت جا ڪتاب ڇا ٿا چون. آئينده جون حالتون ڪهڙو رخ وٺنديون؟“

نجومين راجا جي شان ۾ دستوري ڪجهہ چيو. وري چيائون- ”اسان قديمي ڪتابن ۽ ماضيءَ جو اڀياس ڪيو آهي. نجوميت جو سسٽم جيڪو فارسي عالم **جاماسپ** ناهيو هئو ان جو بہ اڀياس ڪيو آهي. ان اڀياس موجب لڳي ٿو **نيرون** جو شهر قلعي سان جلد ئي اسلامي لشڪر جي ور چڙهندو ۽ ايندڙ سال سڄو **هندستان**. سڀ سنا قلعا، **سڪندر اعظم** جي نهرايلن کان بہ مضبوط، مسلمانن جي هٿن ۾ ايندا. فتحيابي **محمد قاسم** کي ئي حاصل ٿيندي. وقت جلد اڳيان اچي رهيو آهي.“

راءِ ڏاهر پوءِ شمني ڀنڊرڪوُ، **نيرون** جي حاڪم کي سڏايو. هو **الور** ۾ آيل ئي هئو. **راءِ ڏاهر** کيس عربن جي لشڪر بابت ٻڌائي چيو- ”ترت ئي واپس **نيرون** وڃ. حفاضت جو مڪمل بندوبست ڪر ۽ حالتن جو جائزو وٺي اسان کي جاڻ ڪندو رهہ.“

جواب ۾ حجاج کيس لکي موڪليو تہ،

’عوام سان پرچاءُ جي نيتي اختيار ڪر. انهن جي همت افزائي ڪندو رهہ. ڪوشش ڪري عوام ڏانهن همدردي ڏيکاريندو اچ ۽ هر ممڪن مدد جو وشواس ڏيندو اچ. جن بہ وڏيرن ۽ معتبرن تنهنجو طرف ڪنيو ۽ تو سان گڏ رهيا، خلعت عطا ڪري انهن سيني جي عزت افزائي ڪر تہ جيئن تنهنجا شڪرگذار رهن. انهن کي سٺا انعام اڪرام ڏي. پنهنجي حساب سان ويچاري قدم کڻج، جيئن پاڙيسري سردارن ۽ نالين کي صحيح اشارا ملندا رهن ۽ هنن جو تو ۾ وشواس جاڳندو رهي.‘

جڏهن نيرون جا سڀ معاملا چڱيءَ طرح سلجهي ويا تہ محمد قاسم، سيوستان طرف وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو. سيوستان، سنڌو نديءَ جي اولهہ ۾ هڪ ٽڪريءَ جي ڪجهہ اوچائي تي قلعو هئو. (جيڪڏهن سيوستان هاڻوڪو سيوهڻ آهي تہ شهر ٽڪريءَ تي نہ هئو. صرف قلعو ڪنهن ويجهي ٽڪريءَ تي هوندو.) شمني پنڊر ڪوءَ کي ساڻ ڪري محمد قاسم هن طرف نڪتو. هو موڄ شهر ۾ نيرون کان ٩٠ ميل پري اچي پهتا. موڄ لڳي تو سيوستان جي پسگردائيءَ ۾ ئي هئو.

سيوستان جو حاڪم بجهراءُ پٽ چندر، راءِ ڏاهر جو سؤٽ هئو. شهر ۾ چڱا شمني رهندا هئا. عربن جي اچڻ جو ٻڌي سيني شمنين گڏجي بجهراءَ ڏانهن نياپو موڪليو.

’اسان دين ڌرم ۾ وشواس رکندڙ ماڻهون آهيون. اسان جو مذهب آهي ’صلح شانتي‘. اسان هر ڪنهن لاءِ سد ڀاونا ۾ عقيدو رکندڙ آهيون. اسان جو مذهب لڙائي ۽ خون خرابي ۾ نہ مڃيندو آهي. اسان ڪڏهن

ڏينهن پوءِ جي آهي. شمنيءَ کافي رسد چانوٽيءَ ۾ موڪلي- انسان ۽ جانورن جي کاڌ خوراڪ سوڌو.

لشڪر قلعي ۾ داخل ٿيو. ٻئي ڏينهن صبوح جو وري شمني **محمد قاسم** وٽ آيو، پاڻ سان گڏ گهٽيون ئي سوکڙيون پاکڙيون آندائين. **محمد قاسم** هن کي سنو آءُ ڀاءُ ڏنو، ۽ پوءِ پنهنجن ڪجهه سردارن ۽ معتبرن سان گڏ قلعي ۾ آيو؛ حڪم ڏنائين تہ ٻڌوان ٻڌ جو مندر ٽوڙي، اُتي مسجد ٺاهي وڃي. شمنيءَ جي دوستي مندر نہ بچائي سگهي.

محمد قاسم بصره جي **ذهل** خاندان جي هڪ شخص کي پنهنجي عيوضيءَ طور **نيرون** ۾ مقرر ڪيو. هن ٻانگہ ڏيڻ لاءِ مسجد ۾ هڪ مؤلوي مقرر ڪيو، تہ عبادت ۽ ٻين مذهبي معاملن ۾ رهبري لاءِ هڪ اِمام پڻ. هن پنهنجن ماڻهن معرفت **نيرون** جي رعيت کي چوائي موڪليو- 'پهرين تہ اسان کي ڏاڍو غصو اچي رهيو هئو- قلعي جا دروازا بند ڏسي؛ پر پوءِ جڏهن حاڪم جي غيرحاضريءَ بابت ٻڌايو ويو تہ غصو لهي ويو. هاڻ توهان سان همدردي ٿي وئي آهي. انڪري هر قسم جي رعايت ڪئي ويئي آهي.'

شمنيءَ انهن ئي اميرن معرفت چوائي موڪليو- 'مان ۽ منهنجا سڀ ماڻهو خليفي جي رعيت آهيون. هيءُ شهر اسان وٽ **حجاج** جي چٺيءَ ۾ لکيل شرطن موجب امانت طور رهندو. سچ تہ اسان جي دائمي ٻينڪ هن جي مدد، لحاظ ۽ همت افزائي جي ڪري آهي. اسان پنهنجي تعبيداريءَ جو وري اظهار ڪيون ٿا.'

شمنيءَ جڏهن قلعي جا دروازا کوليا تہ **محمد قاسم** ڏاڍو خوش ٿي ويو هئو ۽ **حجاج** کي چٺي لکيائين. ان ۾ شمنيءَ جي شيوائن جو قدر ڪندي هن جي مهرباني مڃيائين. **حجاج** کي **نيرون** جي ماڻهن جي دوستي ۽ وفاداريءَ جي خاطري ڏنائين.

هي نياپو ٻڌي محمد قاسم بود ۾ پرجي ويو ۽ اسلامي لشڪر ۾ ڊيڪ اتساهہ اچي ويو. محمد قاسم حملي ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو، ۽ جيو تہ ڪوششون ڏينهن رات جاري رهڻ ڪپن. قلعي جي رهواسين ڦتي ڪن ۾ وڙهڻ بند ڪيو. (تحفتہ الڪرام ۽ تاريخ معصومي ۽ مطابق سيوستان جو ڀهريون مکيہ قبيلو جنهن هٿ مٽي ڪنيا سو هئو جنن جو. هنن جي علائقي کي عاشري چيو ويندو هئو.)

ٻجهراءُ جڏهن ڏٺو تہ قلعي ۾ ڪافي ڪننايون درپيش اچي رهيون آهن ۽ پنهنجن جي ئي پشتي نہ آهي تہ لڙائيءَ ۾ پڇڻ جي جاءِ نہ رهندي. هن ڇڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ رات هي قلعي جي اتر واري دروازي ڪان نڪري ندي پار ڪري ٻڌيہ اچي پهتو. ان وقت اُتان جو راجا هئو ڪاڪہ پٽ ڪوتڪ شمني. ٻجهراءُ وڃي سيسم جي قلعي ۾ پناهہ ورتي. اهو قلعو ڪنڀ نهر جي ڪناري تي ٻڌيہ ڊويزن جو حصو هئو. اُتان جي ماڻهن هنکي سنو آءُ پاءُ ڏنو.

ٻجهراءُ جي وڃڻ ڪانپوءِ سڀ شمني گڏجي محمد قاسم وٽ اچي پيش پيا ۽ تعبيداري قبولڻ جي آڇ ڪيائون. محمد قاسم قلعي تي قبضو ڪيو. علائقي جي ڪاروبار لاءِ هن پنهنجا ڪامورا ۽ نائب مقرر ڪيا. هن کي ڪافي مال متاع هٿ لڳو. عوام مان چاندي ۽ سون جا سڪا گڏ ڪرڻ لڳو ۽ جيتري قدر تي سگهيو ماڻهن ڪان روڪڙ ۽ زيور پڻ کسڻ لڳو. باقي شمنين کي ڇڏي ڏنائين. دستور مطابق وراهست ڪئي ويئي. هڪ پنجون حصو خليفي کي موڪليائين تہ هڪ حجاج کي - غلامن سوڌو. لشڪر کي بہ پنهنجو حصو مليو.

سيوستان مان فارغ ٿي ٻجهراءُ جو پيڇو ڪندي محمد قاسم، سيسم جي قلعي ڏانهن رخ رکيو. اُتي ٻڌيہ جو لشڪر ۽ ٻجهراءُ جا ماڻهو گڏجي هن سان لڙڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. محمد قاسم پنهنجي

> ٻہ رتوڇاڻ نہ چاهيندا آهيون. توهان پنهنجي مضبوط شاندار محلات ۾ پوري حفاظت سان ويٺا آهيو. اسان کي ڊپ لڳي رهيو آهي تہ هي جُهنڊ جڏهن هٿ ايندو تہ اسان کي توهان جا پوئلڳ سمجهي ماري ڇڏيندو ۽ اسان جو مال ملڪيت ڪٽي ويندو. اسان کي خبر پئي آهي تہ خليفي جي حڪم سان امير حجاج هن جُهنڊ کي چوايو آهي تہ جيڪو ڪير صلح جي آڇ ڪري ان کي معافي ڏني وڃي. جڏهن موقعو ملي رهيو آهي تہ بهتر فائدو وٺڻ جي ڪيو.'

(تحفتہ الڪرام ۾ چيل آهي تہ هي نياپو شمنين محمد قاسم جي چوڻ تي موڪليو هئو- شايد نيرون جي شمنيءَ جي چُرچ هئي.)

بجهراءَ هيءَ صلاح مڃڻ کان انڪار ڪيو. محمد قاسم جاسوس موڪلي عام رايي بابت خبرون گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. شهرواسين مان ڪيترا تہ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ٻاهر آيا. **محمد قاسم** شهر جي دروازي جي ڀرسان ريتيءَ جي دڙي تي ڇانوڻي هنئين. (اڄ بہ **سيوهڻ** شهر جي آس پاس ڪيترائي اهڙا ريتيءَ جا دڙا ۽ ٽڪريون آهن.)

محمد قاسم حڪم ڪيو تہ منجنيقون تيار ڪري، جنگ شروع ڪئي وڃي. شمنين گڏجي **بجهراءَ** کي چيو ۽ لڙائي ڪرڻ کان منع ڪئي. چيائون- ''هي لشڪر وڏو ۽ طاقتور آهي. توهان ان سان پڄي نہ سگهندا. اسان پنهنجي جان جوکي ۾ وجهڻ نٿا چاهيون.''

بجهراءَ جڏهن وري سندن صلاح نہ ڪرائي تہ شمنين **محمد قاسم** کي نياپو موڪليو- 'سڀ ماڻهو-ڪڙمي، ڪاريگر، واپاري ۽ ٻيا **بجهراءَ** جو ساٿ ڇڏي چڪا آهن. هن جي تعبيداري ڪرڻ ڪوبہ قبولي نہ رهيو آهي. هن کي مناسب سپاهي نہ آهن، نہ ئي لڙائيءَ جو ساز سامان. انڪري توهان جي سامهون بيهي نہ سگهندو.'

ڪاڪه کي محمد قاسم وٽ وٺي آيو. هن ڪاڪه کي سنو آءُ ڀاءُ
نو، ۽ هڪ سروپا پڻ کيس عطا ڪيائين. هن محمد قاسم کي ٻڌايو
۽ ڪيئن مالڪ مهربان حملي ڪرڻ لاءِ ويل ٽوليءَ کي منجهايو ۽
شاهيڻ ڪيو. ٽولي سڄي رات ڀٽڪندي رهي، پر پنهنجي نشاني
ي نه پهچي سگهي.

هن وڏيڪ چيو- ”اسان جي نجومين اڳڪٿي ڪئي آهي ته سڄو
لڪ اسلامي لشڪر جي قبضي ۾ اچڻ وارو آهي. جڏهن اسان جي
شڪر سان ٿيل حشر جو اسرار ڏنوسين ته اسان کي پڪ ٿي ويئي ته
ڳڪٿي سچي ٿيڻ واري آهي. اسان هاڻ توهان اڳيان پيش پيا
اهيون ۽ مان آئينده لاءِ توهان جو صلاحڪار ٿي رهندس. مان توهان
جو دوست ۽ رهبر ٿي رهندس؛ يٽاشڪتي توهان کي مدد ڪندو
رهندس ته جيئن دشمن تي سوپ پائجي.“

محمد قاسم هن جي وعظ تي متاثر ٿي ويو، خدا تعاليٰ جي ساراه
۾ ٻه لفظ چئي هن جي مهرباني مڃيائين؛ ڪاڪه، سندس ڪٽنب ۽
سيني پوئلڳن جي جان بخشائين، ۽ چيائين- ”هند ۾ توهان جي
مان مرتبي جو ڪهڙو چنه ٿيندو آهي. مان ان سان توهان جي عزت
افزائي ڪرڻ ٿو چاهيان.“

ڪاڪه چيو- ”مان مرتبي لاءِ خاص ته ڪرسي ٿيندي آهي، ۽
عزت افزائيءَ لاءِ سلڪ جي ڪپڙي جو پٽڪو.“

ان ريت سڀ ڪيس عطا ڪيو ويو. جڏهن ڪاڪه خلعت پائي
ڪرسيءَ تي وينو ته حاضر سڀ معتبر ۽ مکي هن ۾ هڪ قسم جي
ڪشش محسوس ڪرڻ لڳا. جيڪي جيڪي پيش پيا، ڪاڪه انهن
سيني لاءِ عرب لشڪر کان بچاءُ گهريو؛ باقي جيڪي هوڏ تي بيٺا رهيا
۽ چوڻ نه مڃي رهيا هئا، انهن کي سزا ڏيڻ لاءِ عربن جي رهبري

لشڪر جي ڪجھ حصي سان ڪنڀ نهر جي ڪناري بندهان وٽ ڇانوڻي هنئين. آس پاس جا رهواسي سڀ غير مسلم هئا. هنن جڏهن اسلامي لشڪر جو ٻڌو تہ رات جو اوچتو حملو ڪرڻ جو ويچار ڪيائون تہ جيئن هو منجهي پون.

هنن جا سردار ۽ مکي، **ڪاڪه ڪوتڪ** ۽ ٻڌيه جي ٻين وڏيرن وٽ صلاح لاءِ آيا. **ٻجهراءُ سيسم** ۾ ئي رهيل هئو. هِنن چيو- ”اسان سيني سوچي ويچاري فيصلو ڪيو آهي تہ عرب ڇانوڻيءَ ۾ رات جو اوچتو حملو ڪجي.“

ڪاڪه چيو- ”توهان ڪان ٿي سگهي تہ ڀلي، پر نجومين اڳڪٿي ڪئي آهي تہ هي ملڪ اسلام جو لشڪر فتح ڪندو.“

هن پوءِ **ٻيمن (ٻهيسي)** نالي هڪ جنرل کي سندن مهندار مقرر ڪيو ۽ جاٽن کي صفبندي ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو. هڪ هزار بهادر ۽ ماهر جنگي جوڌا، رات جو حملي لاءِ نڪتا، پر دِشا وڃائي ويٺا. سڄي رات رڻ ۾ رُلندا رهيا پر رستو نہ ڳولهي سگهيا. آخر صبوح جو واپس قلعي ۾ آيا ۽ **ڪاڪه** کي پنهنجي ناڪاميابيءَ بابت ٻڌايائون.

ڪاڪه چيو- ”مان توهان سيني جو سردار ٿيو آهيان، ڇاڪاڻ تہ مون ۾ سياٽپ ۽ چترائيءَ جا گڻ وڌيڪ آهن. نجوميت اڳ ئي چئي چڪي آهي تہ **هندستان** اسلامي لشڪر فتح ڪرڻ وارو آهي. انڪري ئي تہ توهان رستو ڀلجي پيا ۽ عربن کي هڪالڻ لاءِ توهان جون ڪوششون ناڪام رهيون. مون هاڻ فيصلو ڪيو آهي تہ وڃي هنن کي باعزت وني اچان.“

ائين **ڪاڪه** ڪجھ مکي ۽ شخصي عملو ساڻ ڪري عرب ڇانوڻيءَ ڏانهن نڪري پيو. رستي ۾ هنن کي **بنانه بن حنطله ڪلابي** مليو. **محمد قاسم** هن کي ڪجھ سپاهين سان اڳيان موڪليو هئو. بنانه،

٩- راءِ ڏاهر جي زماني جي پڇاڙي

حجاج جي هدايتن موجب، محمد قاسم نيرون طرف ڪوچ ڪئي. اتان جي ٽڪريءَ واري قلعي وٽ اچي پهتو. پرسان هڪ صاف پاڻيءَ جو تلاءُ هئو ۽ ماحول چؤطرف دلفريب هئو. هن اُتي ڇانوڻي هڻڻ جو حڪم ڏنو. حجاج کي چٺي لکيائين-

'بعد گهڻن ادبن ۽ نيازن جي، هي بندو محمد قاسم، ڇوڻ ٿو چاهي ته هت سڀ نيڪ آهي. اسان جا معاملا چڱيءَ طرح راس ٿي رهيا آهن. اسان ڪافي خوش ٿي رهيا آهيون. اسان سنڌوءَ جي ڪناري ڇانوڻي هڻي ويٺا آهيون. سنڌ جو هي حصو بڌيه کان اغرور (بغرور) جي قلعي جي سامهون واري علائقي تائين فتح ٿي چڪو آهي، پر الور شهر ۽ قلعو اڃا راءِ ڏاهر جي قبضي ۾ آهن. اسان هاڻ توهان جي حڪم موجب هت نيرون جي قلعي وٽ آيا آهيون. هتان خليفي جي راڄڌانيءَ ڏانهن مفاصلو ڪجهه گهٽ ٿئي ٿو. اسان اُميد رکي رهيا آهيون ته خدا تعاليٰ جي آسيس سان ڪافرن جا پئي گهڻا شهر ۽ مضبوط قلعا هٿ ڪري انهن جو مال متاع قبضي ڪنداسين. اڃا تازو سيوستان ۽ سيسم جا قلعا هٿ ڪيا اٿئون. ڏاهر جي سؤٽ (بجهراءَ) ۽ سندس ڪيترن ئي وڏيرن کي پڇايو ويو آهي. اُميد ته ڪافرن جا سڀ قلعا فتح ٿي ويندا. اُنهن جي پوڄا گهرن جي جاءِ تي مسجدون ۽ مسلمانن جا عبادتگاهه ٺاهيا ويندا ته جيئن ضروري مذهبي سرگرميون نيم انوسار ٿينديون رهن. اسان اها به اُميد رکي رهيا آهيون ته بت ڪڍي، سيني بتخانن جو صفايو ڪيو ويندو.

ڪيائين. **محمد قاسم**، **عبدالملڪ بن قيس الدمي** کي پنهنجو عيوضي مقرر ڪيو تہ سرڪش شخصن کي تعبيدار بڻائي يا سزا ڏئي. **ڪاڪه** باغين کي دٻائي، مجبور ڪري ڪافي ڪجھ مال متاع هٿ ڪيو- پئسا، جانور، غلام، اناج ۽ ٻي رسد؛ ايتري قدر جو چانوٽيءَ ۾ گهٽ جو مسئلو پيدا ٿي رهيو هئو.

محمد قاسم پوءِ **سيسم** جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو. اتي ٻن ڏينهن جي لڙائيءَ کانپوءِ فتحياب ٿيو. **ٻجهراءُ** پنهنجن ناڪرن ۽ وڏيرن سوڌو مارجي ويو. جيڪي پاڻ بچائي سگهيا سي **ٻڌيه** طرف ڀڄي ويا. **ٻڌيه** اڳ ئي عربن جي قبضي ۾ اچي چڪو هئو. ڪجھ **سالوج** ۽ **قندابيل** جي وچ واري قلعي **بهلطور** (**ڀالور**) طرف ويا.

جيڪي راءِ **ڏاهر** خلاف هئا، انهن سيني هن سان ناتا ٽوڙيا ۽ عربن ڏانهن قاصد موڪلي عهد ڪرڻ جي آڇ ڪئي. هنن هڪ هزار چانديءَ جا درهام ڏن طور ڏيڻ قبوليا. گهربل ضامن **سيوستان** ڏانهن موڪليا ويا.

محمد قاسم هن پاسي تي ڏن مقرر ڪري فرمان جاري ڪيو تہ شهر واسين جي حفاضت ۽ سلامتيءَ جو پورو پورو ڌيان رکيو وڃي. هن پنهنجي عيوضيءَ طور **حميد بن وداع النجدي** ۽ **هارود خاندان جي عبدالقيس** کي مقرر ڪيو. هنن کي سڄي علائقي جي معاملن جي سار سنڀال ڪرڻي هئي.

جڏهن **سيسم** جو سڄو ڪاروبار سلجهائي واندو ٿيو تہ حجاج جي چٺي آيس.

> ’هاڻ ٻئي سڀ شهر ڇڏي ڏي. واپس نيرون اچي ڏاهر خلاف اڳيان وڌ. هن کي هارائڻ کانپوءِ سڀ شهر-ويجها ۽ پريان ازخود تنهنجي قبضي ۾ اچي ويندا.‘ *

واجب ڳهر پوري ڪندو رهه. ساڳي ڳالهه تعبيدار حاڪمن بابت ڪرڻي. هو پيش پون ۽ جيڪو ڪجهه ڏن ڏيڻ جي ڪن سو شاهي خزاني لاءِ قبول ڪر.

جيڪڏهن دشمن وٽ ڪو قاصد موڪلڻ چاهين ته پهرين ان جي عقل، هوشياري ۽ وفاداري بابت خاطري ڪر. ائين نه ٿئي جو ان جي ڳالهائڻ سان اسلام جي ڪا گهٽتائي ٿئي. ڏاهر وٽان ڪو قاصد اچي ته خاص خبرداري ورتي. هو تو سان تنهنجن وڏيرن ۽ معتبرن جي حاضريءَ ۾ ڳالهائي.

جيڪو ڪير خدا سان لين ڏيڻ چاهي ۽ توکي پيش پوي، ان کي سندس سڀ مال ملڪيت موٽائي ڏي. جيڪو اسلام اڳيان پيش نه پوي، ان کي چڱيءَ طرح سيڪت ڏي ته جيئن سڌو ٿئي.

دشمن کي سندس پنهنجي مرضيءَ مطابق سنڌو پار ڪرڻ نه ڏيڻي. جڏهن به هو پڇڻ چاهن ته ندي ڪير پار ڪري-هو پاڻ يا اسان، ته هنن کي ڪا اختياري نه ڏيڻي. چوڻو ته ندي اسان پار ڪنداسين. هن ريت هنن کي تنهنجي احساس برتريءَ جا اشارا ملندا رهندا ۽ رعب پوندو.

جيسيتائين تنهنجن پنهنجن ماڻهن جو واسطو آهي، ڏسڻو ته عرب لشڪر مان ڪو پنهنجي مرضيءَ سان واپس وڃڻ جو نه سوچي؛ خداجي مهر تي ڀروسو رکي مڪمل اتساهه ۽ چاهه سان لڙندا رهن.

ندي پار ڪرڻ لاءِ ڪا اهڙي جڳهه چونڊ، جتي مضبوط ۽ پختي پل ٺاهي سگهجي، جيئن پار ڪرڻ ۾ تڪليف نه ٿئي. پنهنجي عملي سان صلاح ڪري خبرداريءَ سان ڪم ڪرڻو.‘

هيءَ چٺي ملڻ سان محمد قاسم ندي پار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو،

هيءَ چٺي توهان جي حضور ۾ پيش ڪئي ٿي وڃي، ان عرض سان ته ڪي به مخصوص حڪم هجن ته جلد موڪليا وڃن. اسان انهن جي راهه ڏسي رهيا آهيون.

بيٽ شهر ۽ قلعي جو حاڪم بسامي پٽ راسل، راءِ ڏاهر جو تعبيدار آهي. قلعو سنڌوءَ جي اوڀر ۾ هڪ نهر جي ڪپ تي آهي. راءِ ڏاهر جا سڀ معتبر ۽ گهڻا تعبيدار حاڪم هن جي اثر هيٺ آهن، ۽ هن جي رهبري گهرندا رهندا آهن. ڏاهر جا ڪجهه ماڻهو اسان وٽ آيا آهن. اُنهن جو چوڻ آهي ته بسامي راسل پنهنجي اثر هيٺ آيل هر ڪنهن چڱي مڙس کي چوندو ٿو وتي ته عربن وٽ وڃي پيش پئو. هنن کي اسان تي ڪافي ڀروسو آهي ۽ پنهنجي وفاداريءَ بابت اشارا موڪليندا ٿا رهن. مالڪ جي مهر سان ۽ هنن معتبرن جي مدد سان سنڌو ندي پار ڪرڻ جون سڀ تڪليفون دور ٿي وينديون ۽ اسان پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا سين.'

حجاج جواب موڪليو:

'مون کي پنهنجي پياري پٽ محمد قاسم جي چٺي ملي آهي. اِتان جي حالتن بابت چڱيءَ طرح سمجهي سگهيو آهيان. مان دل سان چاهيان ٿو ته عراق جي اوڀر وارن سڀني راجائن کي لڙائيءَ ۾ هارائي، ڪافرن کي ناس ڪري ڇڏ. ڏاهر، اسلامي لشڪر کي پڇاڙڻ جو سوچي رهيو آهي، پر تون دلجاءِ ڪر. خرچ ڪر، جيترو ڪرڻ چاهين، پر پنهنجي لشڪر جو ۽ ٻين سڀني جو جيڪي توکي مدد ڪري رهيا آهن، ڌيان رک، اُنهن کي سدا انعام ۽ تحفا ڏي. جن کي جاگيرون ۽ زمينون کپن، اُنهن کي نا اُميد نه ڪر. اُنهن کي لکيت ۾ حفاظت جي خاطري ڏي ۽ سندن

سنڌن پاسي آهي.‘‘

موڪه پٽ بسايه ان علائقي جو اثر وارو وڏيرو هئو. محمد قاسم هن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ هڪ قاصد هٿ چوائي موڪليو- ’جورته، جو علائقو توکي جاگير طور نوازيو ٿو وڃي ۽ توکي ان جو حاڪم تسليم ڪيو ٿو وڃي.‘

موڪه، عرب جنرل کي جواب موڪليو :

’مان توهان جي مهربانين لاءِ توهان جو احسانمند آهيان. مون کي توهان جي ڪيل انجامن ۾ پورو پورو پروسو آهي. منهنجي دل سچائيءَ سان توهان ڏانهن ورندي رهندي آهي. مان دل سان توهان جي تعبيداري ڪرڻ قبول ڪيان ٿو. مان توهان جي محبتا کان ڪڏهن منهن نہ موڙيندس.

سنڌ ملڪ اسان جو پنهنجو آهي، اُتي اسان رهون ٿا. انڪري اسان جو راءِ ڏاهر سان رشتو آهي. هو هند ۾ راجائن جو راجا آهي. هن جي خوشي توڙي غميءَ ۾ اسان ساڻس گڏ هلڻ لاءِ پڏل آهيون. هن سڀ جو اسان تي بہ سڌو اثر ٿئي ٿو؛ پر منطقي ريت سياڻپ سان ڏسجي تہ نجوميت جون اڳڪٿيون سچ ثابت ٿي رهيون آهن. هيءَ حڪومت اسان جي هٿن مان آخرڪار وڃڻي ئي آهي. هند جي رشين ۽ ودوانن پڻ اڳڪٿي ڪئي آهي تہ هيءَ سلطنت اسلامي لشڪر فتح ڪندو.

جڏهن توهان مون کي پنهنجي وشواس ۾ ڪنيو آهي ۽ ايڇپو ڪري رهيا آهيو تہ مون کي بہ توهان سان ايمانداري ۽ سچائي سان پيش اچڻ کپي. جيڪڏهن مان پنهنجو پاڻ، بنا ڪنهن مخالفت پيش پوندس تہ منهنجا دشمن ۽ دوست مون کي مهڻا ڏيندا ۽ ملامت وجهندا. ائين منهنجي ناليري ڪٽنب جي بدنامي

پر اختياري راءِ **ڏاهر** کي ڏيڻ جو سوچيائين ۽ ان موجب حڪم جاري ڪيائين.

ندي پار ڪرڻ لاءِ هن **نيرون** جي شمنيءَ جي مدد وٺڻ جو سوچيو. **بسامي راسل** جا ڪيترا وڏيرا، شمني ۽ **ٻانيه** جا معتبر هن وٽ پيش پوڻ آيا، ڏن ڏيئي معافي گهرڻ لڳا. هن اُنهن سان عهد ڪيو- **حجاج** جي **آيل** چٺيءَ ۾ صلاحن موجب. تنهن ڪانپوءِ **محمد قاسم اشبهار** شهر ڏانهن روانو ٿيو. هي ١١٧ع جو سال هئو.

اشبهار جو قلعو ڪافي مضبوط هئو ۽ سولو هٿ اچي سگهي اهڙو نہ هئو. اُتان جا ماڻهو لڙائيءَ لاءِ تيار هئا. قلعي جي چؤڌاري اونهي کاهي کوٽائي ڇڏي هئائون. هنن **چنن** ۽ آس پاس رهندڙ ٻين ڳوٺاڻن کي حفاظت لاءِ قلعي ۾ اچي رهڻ لاءِ چيو. **محمد قاسم** قلعي کي گهيرو ڪيو. رهواسي اندر هفتو کن مس ڪڍي سگهيا؛ مجبور ٿي پيش پيا ۽ رحم لاءِ درخواست ڪري پاڻ تي ڏن رکيائون؛ دروازا کوليائون تہ **محمد قاسم** قلعو قبضي ڪري پنهنجن وفادار ۽ وشواس جوڳن ڪجهہ شخصن کي اُتان جو ڪاروبار ڏسڻ لاءِ مقرر ڪيو. قلعي فتح ڪرڻ ۽ **چنن** جي لڙاڪو قبيلي کي معافي ڏيڻ بابت هن **حجاج** کي چٺي لکي جاڻ ڪئي.

اشبهار ۾ ڪجهہ وقت رهي، پنهنجو هڪ عيوضي مقرر ڪري **محمد قاسم راوڙ** ڏانهن رخ رکيو. رستي ۾ **سنڌوءَ** جي الهندي ڪناري تي ڇانوڻي هڻي ترسيو. اتي **ٻيٽ** جو حاڪم **جسين** هن سان اچي مليو.

وقت جي تواريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ جڏهن **راءِ ڏاهر** کي **محمد قاسم** جي **راوڙ** ۽ **جِتور** جي علائقي ۾ پهچڻ بابت ٻڌايو ويو تہ هن چيو- ”هي عرب اسان کي گهڻي رهيا آهن. نصيب سڄ پڇ

پروانو لکيت ۾ ڪجھہ اهڙي طرح ڏنو ويس جو سڀ ملڪيت پيڙهي به پيڙهي هن جي پوين کي ازخود ملندي رهي. ان ۾ هيٺ جي حدن ۾ آيل سڄو ملڪ ۽ پسگردائيءَ وارا سڀ شهر اچي پئي ويا. موٽ ۾ موڪه انجام ڪيو ته هو عرب جنرل جي حڪم موجب گهربل ٻيڙيون هٿ ڪري ڏيندو ۽ ٻي به هر ممڪن مدد ڪندو رهندو. راءِ ڏاهر کي موڪه جي پيش پوڻ بابت ٻڌايو ويو، پر هن جي رد عمل جي خبر نه آهي.

محمد قاسم، سِريا جو هڪ معتبر ۽ ديبل جو هڪ نؤمريد جنهن جو نالو مؤلانا اسلامي هئو، قاصد طور راءِ ڏاهر ڏانهن موڪليا. محمد قاسم کين چيو- ”نياپو دربار ۾ ڏجو، جتي اُتان جا معتبر ۽ وڏيرا حاضر هجن ۽ جواب پڪي فيصلي وارو وٺي اچجو، جيئن حجاج جي چٺيءَ ۾ لکيل آهي.“

مؤلانا کي مترجم جو ڪم ڪرڻو هئو.

هو ٻئي راءِ ڏاهر وٽ آيا. مؤلانا دربار ۾ داخل ٿيو ته جهڪي دستوري سلام نه ڪيائين، نه ئي راجا جي عزت ۾ ڪجھہ چيائين. راءِ ڏاهر هن کي سڃاتو ۽ چيائينس- ”ڇو، تو درٻاري فضيلت جو پالن نه ڪيو؟ ڪنهن دٻاءَ هيٺ آهين ڇا؟“

نؤمريد چيو- ”پهرين مان توهان جو دين پائي هئس ۽ اسان جو رشتو نوڪر مالڪ طور هئو، تڏهن بندگي ڪرڻ روا هئي، پر هاڻ مون کي اسلام ۾ داخل ٿيڻ جي عزت بخشي ويئي آهي ۽ منهنجا ناتا اسلام جي بادشاهہ سان آهن. ڪنهن ڪافر اڳيان سر جهڪائڻ شانائتو نه لڳندو.“

راءِ ڏاهر کي ڪاوڙ اچي ويئي. چيائين- ”تون جيڪڏهن قاصد نه هجين ها ته توکي مؤت جي سزا ڏني وڃي ها.“

ڏيندي.

ماں ساڪره وڃاں ٿو. ٻاهرين طرح ائين ڏيکاري ڏيندس تہ ڇوڪريءَ جي شادي لاءِ وڃي رهيو آهيان. توهان هزار کن گهوڙيسوارن کي ان رستي تي موڪليو، جتان ماں لنگهندس. اُهي مون کي پڪڙي توهان جي حضور ۾ پيش ڪن. ان ريت مون تي ڪنهن جي ملامت نہ پوندي. ڪير ائين نہ چوندو تہ ماں اڏرمي- چريترهيڻ ٿي ويو آهيان. راءِ ڏاهر بہ بنا ڪنهن شڪ شبهي مڃيندو تہ مون کي زبردستي لڙائيءَ ۾ ڪنيو ويو آهي.'

محمد قاسم، موڪه جي چوڻ تي ڀروسو رکي، هن جي صلاح موجب ناٽڪ ڪرايو. بنانه بن حنظله ڪلابيءَ کي هڪ هزار گهوڙيسوارن سان موڪليائين. پاڻ سرگرميءَ واري جاءِ کان ڪجهہ پري انتظار ڪرڻ لڳو.

بنانه، موڪه کي سندس ويهن ناڪرن ۽ ڪجهہ ٻين ماڻهن سان گڏ قيد ڪيو. سيني کي محمد قاسم وٽ آندو ويو. هُنن کي سنو آءُ ڀاءُ ڏنو ويو. موڪه کي ٻيٽ جي رياست پنهنجي جاگير طور ڏني ويئي ۽ ليکت ۾ حڪمنامو محمد قاسم پاڻ صحيح ڪيو. هن کي ڪجهہ تحفا بہ ڏنا ويا-هڪ لک درهم، سائو طائوسي تخت، تاج ۽ خلعت وغيره. سيني ناڪرن ۽ ٻين کي بہ محمد قاسم سروپا سان گڏ گهوڙا ۽ ٻئي تحفا ڏنا.

چيو وڃي ٿو تہ 'راڻا' جو خطاب ۽ تاج جيڪو موڪه کي ڏنو ويو سو عربن پهريون ئي دفعو ڪنهن کي ڏنو؛ اڳہ ڪڏهن ڪنهن کي نہ ڏنو ويو هئو.

سڄي رياست موڪه کي شخصي ملڪيت جيان سؤنپي ويئي.

سامان سوڌو توهان جي قبضي ۾ اچي ويندا. منهنجي سوجهہ ٻوجهہ تہ هن نموني جي صلاح لاءِ چوي ٿي.‘‘

وري **راءِ ڏاهر، محمد علافيءَ** کي سڏايو ۽ هن کي وزير **سياڪر** جون ڳالهيون ٻڌائي چيو- ’’تنهنجو ڇا ويچار آهي؟‘‘

علافيءَ چيو- ’’عرب لشڪر کي هن پاسي اچڻ ڏيڻ غلط ٿيندو. تمام وڏو لشڪر آهي-ڪافي جنگي جوڌا ۽ گهوڙيسوار آهن. خدا تعاليٰ جي نالي ۾ جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي آيا آهن. هو پاڻ کي سولو نہ مرڻ ڏيندا، بلڪ اسان کان بدلو وٺڻ جي هر هڪ پوري ڪوشش ڪندو. جيڪڏهن هو ندي پار ڪري هن پاسي ايندا تہ توهان جي آڳر پڪڙي توهان جي حڪومت ۾ پنهنجو بہ حق رکندا. ان ريت جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويندا، تيئن هنن جون جڙون پختيون ٿينديون وينديون. توهان جي پنهنجي رعيت دٻ وڃان، توهان جي سامهون هنن کان رحم جي ڀيڪ پئي گهرندي-پنهنجي جان ۽ مال بچائڻ لاءِ. انڪري بهتر هنن کي درياهہ جي الهندي پاسي ئي رهڻ ڏيو. توهان، جاٽن، مهاٽن ۽ ٻين قبيلن کي حڪم ڪيو تہ عربن جي سرگرمين تي نظر رکندا اچن، ۽ هنن وٽ ڪا رسد-کاڌو ۽ چارو نہ پهچي، اهڙو ڪجهہ ڪندا رهن. انڪري هو بکہ ۾، ۽ ٻين ضروري چيزن جي غير مؤجودگيءَ ۾ عاجز ٿي پيچڻ شروع ڪندا. هنن جي گهوڙن کي چارو نہ هوندو، نہ سوارن کي ڏوڪڙ هوندا. هو سڀ پچ چڱي تڪليف ۾ اچي ويندا. پوءِ هنن مان توهان جي ملڪ کي ڪو خطرو نہ هئڻ کپي. سڀ صحيح سلامت هوندو.‘‘

راءِ ڏاهر چيو- ’’مان تنهنجي صلاح جو قدر ڪيان ٿو، اُن ۾ ڪجهہ دم آهي، پر منهنجي دل چوي ٿي تہ مان ندي پار ڪرڻ جي اختياري **محمد قاسم** کي ڏيان، ڪرٽي اٿس تہ پلي ڪري. ان

مؤلانا چيو- ”جيڪڏهن توهان مون کي قتل ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي تہ مان پنهنجي بچاءُ ۾ ڪجھ نہ چوان، پر ٻاهر ڪجھ شخص منهنجي موت جو بدلو وٺڻ لاءِ ويٺا آهن. هو موت جو بدلو موت سان وٺندا.“

سِريا جي معتبر چيو- ”اسان امير محمد قاسم جا قاصد آهيون ۽ توهان کي هن جو نياپو ڏيڻي وڏيرن ۽ راجڪمارن جي حاضريءَ ۾ ڏيڻ لاءِ آيا آهيون.“

راءِ ڏاهر چيو- ”ها، ٻڌاءِ.“

”امير چيو آهي تہ توهان فيصلو ڪيو. ندي پار ڪري اسان وٽ اچو تہ توهان کي ڪير ڪونہ روڪيندو، يا رستو ڪليل رکو تہ جيئن عرب لشڪر پار ڪري توهان وٽ لڙائيءَ لاءِ اچي.“

راءِ ڏاهر پنهنجي وزير سياڪر سان صلاح ڪئي (لڳي ٿو هو وزير ٻڌيمن جو جاءِ نشين هئو).

وزير چيو- ”مون جڏهن پهرين چيو، ڪا جاءِ طئہ ڪيو تہ جيئن اسان جو لشڪر اول ئي ندي پار ڪري وڃي تہ توهان منهنجي صلاح نہ مڃي. اڄ نازڪ وقت تي لڙائيءَ لاءِ اڳيان وڌڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو. پنهنجي لاءِ تڪليفون تہ پيدا ڪري چُڪا آهيو. هاڻ هنن جي سڄي لشڪر کي ندي پار ڪري هت اچڻ ڏيو. سڄي مُلڪ تي توهان جي اختياري آهي. سڀ شهر ۽ خزانا توهان جي قبضي ۾ آهن. توهان وٽ لڙائيءَ جو سڀ ساز سامان تيار آهي تہ رسد وغيره پڻ. هن پاسي عربن کي ملندڙ هر سهائتا روڪي سگهجي ٿي. درياھ سندن پٺيان هوندو تہ کين مدد ڪرڻ لاءِ ڪير سولو ڪونہ اچي سگهندو، توهان کنهن کي اچڻ بہ نہ ڏجو. هو مجبور ٿي توهان جي هٿن ۾ قيدين طور اچي ويندا. ان ريت سندن سڀ ماڻھو، مال

جو قدر ڪندي، ڪين انجام، انعام اڪرام ڏيئي
پنهنجي پاسي ڪر. ندي پار ڪرڻ وقت پڻيان جو
خاص ڌيان رکڻو ته جيئن دشمن کي نقصان پهچائڻ
جو موقعو نه ملي. رستي ۾ ڪير به سامهون پوڻ جي
همت ڪري ته انهن کي منهن توڙ جواب ڏيندو رهج.
اُنهن جي قلعن، شهرن ۽ خزانن تي قبضو ڪندو وڃ.
پوري خبرداريءَ سان ڪم ڪرڻو. جيڪڏهن ڪير اسلام
۾ اچڻ جي عزت پائڻ چاهي ته ان سان همدردانه
ريت پيش اچي پنهنجن اصولن کان واقف ڪرڻو.
سچي مذهب جي ڪنهن به دشمن کي نه ڇڏڻو. خدا
تعاليٰ تو تي سک شانتيءَ جي مهر ڪندو رهي، ان لاءِ
دعا گهرندو رهندس-بس.' -لکيو سال ۹۳ھ ۾.

چٺيءَ ۾ ڪافي ڪجهه نصيحتون پڻ لکيل هيون- محمد قاسم ۾ اُتساهه ڦوڪڻ لاءِ ۽ ننڍي وڏي مدد لاءِ خدا تعاليٰ کي ياد ڪرڻ لاءِ. محمد قاسم عام ميٽنگ ۾ سيني کي چٺي پڙهي ٻڌائي. ندي پار ڪرڻ لاءِ مناسب جڳهين جي ڳولها شروع ڪئي ويئي. ايتري ۾ وري حجاج وٽان ٻي چٺي آئي.

'تنهنجي دشمن کي آکڙ آهي، پر تون ان جي پرواهه
نه ڪج، ڇاڪاڻ ته فتح تنهنجي ئي لکيل آهي. مون
تو تي ڇڏيو آهي ته پلي صلح ڪر، جيڪڏهن سڀ
شرط سٺا ۽ دوستاڻي ماحول ۾ طئه ڪيا وڃن ۽ خليفي
جي خزاني ۾ ڏن پرڻ لاءِ قسمنامي سان پڪا انجام
ڪيا وڃن. ندي پار ڪرڻ لاءِ مون کي هڪ نقشو ٿاهي
موڪل. هر ٻارهن ميلن جي مفاصلي کانپوءِ نديءَ جي
ڪيتري ويڪر آهي، سي نشان ڪري لکي ڇڏج. مان
انهن مان هڪ نشان چونڊي توکي ڄاڻ ڪندس. تون
پوءِ ان جاءِ تان ندي پار ڪج.'

ريت هن کي خبر پوڻ کپي تہ اسان ئي هن ملڪ جا والي آهيون.''

لڳي ٿو **راءِ ڏاهر** پاڻ فيصلو نہ ڪري سگهيو، ڇاڪاڻ تہ هن کي ٻہ مختلف رايا مليا. انڪري هن وچون رستو چونڊيو. قاصدن کي چيائين- ''پنهنجي امير کي وڃي چئو تہ ندي پار ڪرڻ جي معاملي ۾ فيصلو پاڻ ڪري-توهان ڪيو تہ نيڪ ورنہ اسان ڪيون. هر حالت ۾ اسان جنگ لاءِ تيار آهيون.''

قاصد **محمد قاسم** وٽ آيا. ڪيس **راءِ ڏاهر** جو نياپو ڏنائون. **محمد قاسم** پاڻ ندي پار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. خدا ٻاجهاري کي ياد ڪري، چانوٽي پٽي اڳيان وڌڻ جو حڪم ڏنائين. **سنڌوءَ** جي اُلهندي ڪناري تي هلندي جڏهن سامهون واري ڪناري تي **راوڙ** جو قلعو نظر آين تہ چانوٽي لڳائي ويٺا.

هن **موڪہ بسايہ** کي سڏايو، ڪجھ پنهنجا ڀروسيمند ماڻهو ساڻ ڏيئي چيائينس- ''ڳڏجي ڪو اهڙو هنڌ ڳولهيو جتان ندي سولائيءَ سان پار ڪري سگهجي.'' گهربل انداز ۾ ٻيڙيون پڻ گڏ ڪرڻ لاءِ کين چيائين تہ جيئن اُنهن جي پُل ناهي سگهجي. وڌيڪ کين ٻڌايائين تہ ''**حجاج** جو چوڻ آهي- 'جيسيتائين مان نہ چوان تيسيتائين ندي پار نہ ڪئي وڃي' پر اسان تياري تہ ڪري رکون نہ.''

محمد قاسم ڪجھ ڏينهن اُتي ترسيو ۽ **حجاج** کي تفصيلوار رپورٽ موڪليائين. جلد ئي هن جو جواب آيو-

> 'مان اللہ تعاليٰ جي عبادت ڪندو رهندو آهيان تہ هو توکي ڪافرن مٿان سوڀ بخشي. ندي پار ڪرڻ جي معاملي ۾ ايترو ضرور ڏسجِ تہ ڪا تڪليف نہ ٿئي. ڀرين ٻنهي ڪنارن تي، پار ڪرڻ وارين جڳهين جي چڱيءَ طرح تپاس ڪرڻي. اُتان جا وطني، جيڪي ٻيڙين ۾ رهن ٿا، اُنهن کي هٿ ۾ رکہ. سندن شيوائن

ڪامورن جي مدد آهي. هو قلعو واپس وٺي چڪو آهي ۽ عرب سپاهين کي پڃائي ڪڍيو اٿائين.“

محمد قاسم يڪدم ٻه سو پيادا ۽ هزار گهوڙيسوار سپاهي **سيوستان** ڏانهن موڪلڻ لاءِ تيار ڪرايا. **مصعب بن عبدالرحمان** کي انهن جو مهندار مقرر ڪيائين. هو جڏهن **سيوستان** وٽ پهتا ته **چندرام** ٻاهر آيو. لڙائيءَ ۾ هو اسلامي لشڪر جي سامهون بهي نه سگهيو ۽ ميدان ڇڏي ڀڄي ويو. هن قلعي ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ماڻهن اندر اچڻ نه ڏنس؛ ائين ئي مري ويو.

ٻئي ڏينهن **مصعب** شهر ۾ آيو. ڪيترائي پوڄاري، واپاري، ڪاريگر ۽ ٻيا معتبر شخص هن کي ورائي ويا ۽ معافي طلبڻ لڳا. چيائون- ”اسان جو ڪو ڏوهه ڪونهي. هو ڏاڙيل جيان زبردستي ڪاهي آيو.“

مصعب کي هنن جو چوڻ سچ لڳو ۽ ساڻن صلح جو عهد ڪيائين. هنن قلعي جا دروازا کولي ڪيس قبضو سؤنپيو. **محمد قاسم** کي سوڀ جي خبر پئي ته ڏاڍو خوش ٿي ويو. **مصعب** کي چٺي لکيائين-

> ’هنن کي نه ڇڏين ها ته بهتر هئو. ڪائنن ڪجهه ضامن وٺي اچ. هاڻ ڪجهه وشواس جوڳا ايماندار شخص قلعي جي بچاءَ لاءِ مقرر ڪر. پاڻ سان چار هزار جنگي جوڌا به سيوستان مان وٺي اچ.‘

مصعب هن جي چوڻ موجب سڀ پورو ڪري، چار هزار هٿياربند سپاهي وٺي عرب ڇانوڻيءَ ۾ آيو. **موڪه بسايه** پڻ ٻيٽ جي قلعي جي سامهون اچي ساڻن مليو.

راءِ ڏاهر کي پڪيءَ ريت خبر پئي ته **موڪه**، **محمد قاسم** اڳيان پيش پئي هن جي ڇانوڻيءَ ۾ ويو آهي. هن پنهنجي پٽ **جيسينه** کي وڏي لشڪر سان موڪليو. **جيسينه** هڪ ننڍي نهر

چنئي پڙهي **محمد قاسم**، موکه بسايه کي سڏايو ۽ ندي پار ڪرڻ لاءِ تياريون ڪرڻ بابت چيو. پاڻ **جتور** طرف ڪوچ ڪيائين.

چيو وڃيٿو تہ **راءِ ڏاهر** جڏهن **محمد قاسم** جي **جتور** طرف ڪوچ ڪرڻ جو ٻڌو تہ يڪدم هاٿيءَ تي سوار ٿي پنهنجي طرف واري نديءَ جي ڪناري هلي ٻئي ڪناري تي بيٺل اسلامي لشڪر جي سامهون اچي پهتو. ٻنهي دشمن جي وچ ۾ نديءَ جو پاڻي وهي رهيو هئو. **محمد قاسم** لشڪر کي صفبنديءَ جو حڪم ڏنو. ِسريا جو هڪ سپاهي تيراندازيءَ ۾ پڙ هئو. اڳيان اچي هن پنهنجي گهوڙي کي پاڻيءَ ۾ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن دشمن تي تير هلائي سگهجي، پر گهوڙو پاڻي ڏسي ڇرڪي ويو. **راءِ ڏاهر** پنهنجو ڪمان ڪنيو. اهو ڪافي مضبوط ۽ وڏو هئو. ڏوري ڏاڍي سخت هئس ۽ **راءِ ڏاهر** ڪانسواءِ ڪير ان تي تير چاڙهي نہ سگهندو هئو. هن هڪ تير هلايو. اِهو گهوڙيسوار کي اهڙي تہ تيزيءَ سان اچي لڳو جو زره چيري سندس پيٽ ۾ وڃي پيو. هو اُتي جو اُتي مري ويو.

راءِ ڏاهر واپس اچي **ديبل** جي اڳئين حاڪم **جاهين ٻڌ** کي سڏايو. هن کي چيائين تہ وڃي ٻيڙين جي اچ وڃ واري ڏِڪي تي سپاهين سان بهي. اِهو ڏِڪو **سنڌوءَ** جي ڪناري **ٻيٽ** جي قلعي جي سامهون هئو. **جاهين** کي اتان دشمن جي چرپر تي نظر رکڻي هئي، متان هو ندي پار ڪن. **راءِ ڏاهر** چيو- ”يلي ڪنهن ٻئي هنڌان اچن، جتي پاڻي اونهو هجي ۽ چِڪڻ- گپ وڌيڪ هجي.“ **جاهين** ڪمر ڪشي وڃي اُتي بيٺو.

اُن وچ ۾ اسلامي لشڪر جا ڪجهہ گهوڙيسوار **سيوستان** مان **محمد قاسم** وٽ آيا ۽ چيائون- ”**چندرام هالہ** جيڪو ڪنهن وقت **سيوستان** جو حاڪم هئو، بغاوت ڪئي آهي. هن کي ڪن ناڪرن ۽ مڪاني

مرڻ، ڪاڌي ۽ گاهه وغيره جي تنگيءَ بابت به ڄاڻ ڪيائينس ته ندي پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙين جي غير موجودگيءَ بابت به لکيائينس.

حجاج، طيار نالي هڪ شخص کي موڪليو ته ڳجهيءَ ريت عرب ڇانوڻيءَ جي حالتن جو اڀياس ڪري اچي. طيار کي هڪ سنڌي شخص مليو ويو، جنهن ڇانوڻيءَ بابت سچي تصوير سندس اڳيان رکي. هن طيار کي ٻڌايو ته عرب لشڪر سچ پچ تڪليفن ۾ آهي ۽ حالتون بي همٿ ڪن، اهڙيون آهن. طيار ان شخص کي حجاج وٽ وٺي آيو. اهي ڳالهيون ٻڌي حجاج ٻه هزار چونڊ گهوڙا محمد قاسم ڏانهن موڪليا ۽ لکيائينس:

> ’مون کي تنهنجين سڀني تڪليفن جي ڄاڻ پئي آهي. مان ٻه هزار گهوڙا موڪلي رهيو آهيان. اُهي اهڙن پروسيمند جوڌن کي ڏج جيڪي ان جو صحيح ۽ سٺو استعمال ڪري سگهن. پنهنجي لشڪر جي صفبندي اهڙي نموني ڪر جو ڏيکاءُ سٺو-رعبدار پوي ۽ دشمن تي اثر پوي. باقي ٻيڙيون ڪيئن به ڪري هٿ ڪر ته جيئن ندي پار ڪرڻ لاءِ پل جلد ٺاهي سگهجي.‘

محمد قاسم کي جڏهن چني ۽ گهوڙا مليا ته حجاج کي ڪجهه سرڪو موڪلڻ لاءِ لکيائين. ڪيترن شخصن کي پيٽ جي گڙٻڙ ڪري ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. حجاج سرڪي ٻڏل ڪپهه موڪلي ڏنس. سرڪو ڪڍڻ لاءِ ڪپه پاڻيءَ ۾ ٻوڙي نپوڙٽي هئي.

تواريخ جي هن حصي لکندڙ-خواجه امام ابراهيم جو چوڻ آهي ته محمد قاسم سستن وانگر وقت پاس ڪري رهيو هئو: الهندي ڪناري تي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃي رهيو هئو. حجاج هن کي وري چني لکي. ڪيس پنهنجو نائب مقرر ڪيائين ۽ ٿوري ۾ ٿوريون

ڪوٽڪه جي ڪناري وٽ آيو. هن جو لشڪر چڱيءَ طرف هٿياربند هئو ته ٻيو ٻه لڙائيءَ جو چڱو مال اسباب پاڻ سان کڻي آيو. محمد قاسم گذريل پنجاهه ڏينهن کان جهم ۽ ڪوهل ۾ اچي وينو هئو. آهستي آهستي ڇانوڻيءَ ۾ اناج ۽ گاهه ختم ٿيندو پئي ويو. ڪوٽ جي ڪري لشڪر ٿينشن ۾ اچي ويو. وري گهوڙن ۾ بيماري ڦهلجڻ لڳي. هر بيمار گهوڙي کي کهي ان جو ماس هو کائڻ لڳا. جيسينءَ هنن کي چڱي تڪليف ۾ وجهي رهيو هئو. راءِ ڏاهر کي خبر پئي ته خوش ٿيڻ لڳو. هن محمد قاسم ڏانهن قاصد موڪليو. چوايائينس ته هن ريت بدبختيءَ ۾ نه مري.

’اهو ظاهر ٿي بيلو آهي ته تنهنجي هن هٺ پٽ جو نتيجو تولاءِ بدبختيءَ جو باعث ثابت ٿي رهيو آهي. تنهنجي بي حيائيءَ ۽ بي قدريءَ واري وهنوار ڪري اسان ٻنهي جا پاڻ ۾ تعلقات بگڙي رهيا آهن. تنهنجي ڇانوڻيءَ ۾ رسد جي ڪمي ٿي چڪي آهي. جيڪڏهن تون پڇتاءُ ظاهر ڪرين ۽ اسان جون ڳالهيون مڃين ته تنهنجي ۽ تنهنجي ساٿين جي بچاءُ لاءِ مان سامان موڪليان. ڏس نه هيڏو فوجي ساز سامان هنن حالتن ۾ کهڙي ڪم اچي رهيو آهي.‘

محمد قاسم جواب موڪليو :

’مان انهن اڳوانن مان نه آهيان، جيڪي تڪليفن کان ڊڄي وڃن. مان توسان ڦاهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، صرف تڏهن، جڏهن تون خليفي جي خزاني لاءِ گذريل سيني سالن جو ڏن موڪلڻ قبول ڪرين؛ ورنه خدا جي مدد سان مان تنهنجو سر عراق کڻي ويندس.‘

محمد قاسم پوءِ تفصيلوار احوال حجاج کي ڏنو. گهوڙن جي

ٻئي طرف راڄ ڏاهر ڪجهه غافل ٿي ويو. مؤج، شوق ۽ شڪار ۾ اڻ ڪي وندرائي وينو، اهو ڏيکارڻ لاءِ ته هن کي دشمن جي پرواهه ڪونهي -ڊپ ڪونهي.

هڪ ڏينهن وزير ٻنڌوير شمني (هي وزرات جو ميمبر ٿي لڳو ۽ ڪر ۾ پهريون دفعو آيو آهي) راڄ ڏاهر وٽ آيو ۽ چيائين- ”حضور ان ڏسي رهيو آهيان، توهان شڪار ۽ وندر ورنهن ۾ پاڻ کي مشغول ڪي وينا آهيو، جڏهنڪ عرب لشڪر پنهنجي راڄڌانيءَ تائين اچي هتو آهي.“

راڄ ڏاهر چيو- ”توکي ڪي رٿون آهن؟“

شمنيءَ چيو- ”مون کي ٿي رٿون سجهن ٿيون. جيڪا توهان کي مناسب لڳي سا ڪٽو. هڪ ته توهان پنهنجا ٻار ۽ ڪٽنب جا ٻئي ڀاتي هند ڏانهن موڪلي چنتا مڪت ٿي دشمن جي سامهون ٿيو. ٻيو پنهنجي چؤطرف جو سڄو لشڪر گڏ ڪري انهن کي ٻن حصن ۾ وراهيو: هڪ اڳيان ۽ هڪ پٺيان جيئن توهان کي بچاءَ لاءِ وچ ۾ ڪٽي هلندا رهن. پوءِ هي ملڪ ڇڏي وڃو. سڌو بيابان جي پٺيان وڃو. ٺانئيڪي ٽيڻ لاءِ سٺي جاءِ آهي. اُتان جا رهواسي توهان کي سٺو مان ڏيندا ۽ مدد ڪندا. انهن کي چوڻو ته توهان عرب لشڪر اڳيان هنن لاءِ ڍال جو ڪم ڪندا. جيڪڏهن لشڪر هنن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو ته پهريون وار توهان جهليندا. ان نموني انهن کي هرڪائي پاڻ طرف ڪيو، ته جيئن لڙائيءَ ۾ ڪم اچن. ٽين رٿ آهي ته توهان پنهنجو سڄو خزانو، خاندان ۽ پوئلڳ وٺي راڄ جيسوم جي ملڪ ۾ وڃو. هو توهان کي چڱي طرح سڃاڻي ۽ هر ممڪن مدد ڪندو. جيڪڏهن هن جي مدد حاصل ڪري سگهو ته پوءِ دشمن جو ڪو ڊپ نه آهي. عرب لشڪر هن جي ملڪ مان ڪجهه حاصل نه ڪري

اختياريون ڏنائين‌ٿس، جيڪي روز مرّه جي ڪم لاءِ ضروري هيون. خفي ٿي لکيائين‌ٿس :

’مان تو مان نا اُميد ٿيڻ لڳو آهيان. تنهنجو نرم ورتاءُ مون کي ناپسند آهي. ڇو اجايو ماڻهن ڏانهن رحمدلي ڏيکاري رهيو آهين؟ پنهنجن ڇاتل سڃاتل دشمنن سان همدردي نه ڪر. ان جو مطلب همت جي ڪوتاهي ٿي سگهي ٿو ۽ ماڻهن ڏانهن غلط اشارا ويندا. هيتري ڪاميابيءَ کانپوءِ تنهنجا دشمن هيسجي ويا هوندا، پوءِ به تون خاموش ويٺو آهين؛ سو به اجايو ۽ دشمن جي بلڪل سامهون. مون کي سچ ته عجب لڳي رهيو آهي. ماڻهن کي غلط اشارا ملندا ته تون صلح لاءِ عهدنامي جي راهه ڏسي رهيو آهين. اهڙو ڪجهه ڪر، جيئن دشمن دهلجي وڃي. سچ ڳالهائيندو رهه، خدا تعاليٰ کي ياد ڪندو رهه.

هاڻ اميد ته سنڌوءَ جي وهڪري بابت ڇڱي ڄاڻ حاصل ڪري چڪو هوندين. ٻيٽ وٽان پار ڪجهه. نديءَ جي ويڪر اتي گهٽ آهي ۽ ڪنارا سخت آهن. گهوڙن کي هلائڻ سولو ٿيندو. نديءَ ۾ ننڍي ٻيٽ جي هئڻ ڪري، اُها يڪساهيءَ پار ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي. ٻيڙين جي پل ٺاهج. جيڪڏهن ڦڙتي سان ڪم ڪندين ۽ دشمن ۾ خوف پيدا ڪندين ته عوام ۽ ٻئي فوجي تو وٽ پيش پوڻ لاءِ ايندا. هنن کي به ته پنهنجي جان بچائڻي آهي.‘

هن چٺي ملڻ شرط محمد قاسم چانوٽي پٽڻ جو حڪم ڏنو. ساڪره جي جهم علائقي ۾ اچي پهتو. اتي ٻيڙيون ترت گهرائڻ جو حڪم ڏنائين. انهن کي ڳنڍڻ لاءِ تختا وني اچڻ لاءِ به چيائين ته جيئن پل ٺاهي سگهجي.

تي رهيو هئو، مٿان **راءِ ڏاهر** ضروري جاين تي قبضو ڪري وهي يا ٻيءَ طرح ڪا تڪليف پيدا ڪري. هن **سليمان بن بهنر قريشيءَ** کي حڪم ڪيو تہ ترت پنهنجا ماڻهو وٺي **راوڙ** قلعي جي سامهون وڃي بيهي ۽ **راءِ ڏاهر** جو رستو روڪي. **سليمان** ڇهہ سؤ ماڻهو وٺي روانو ٿي ويو. وري **عطيہ ثعلبي** جي پٽ کي حڪم ڪيائين تہ **اگهم** واري رستي پنج سؤ ماڻهو وٺي **ڪندراه** واري علائقي تي نظر رکي. **مصعب** کي اڳيان واري دستي جو ڪمانڊر مقرر ڪري ڇيو ويو تہ رستا سڀ صاف ۽ سلامتي ڀريا رهن، سو ڏسندو رهي. **بنانہ بن حنظلہ ڪلابيءَ** کي هزار گهوڙيسوار وٺي مرڪزي حصو ناهڻ لاءِ ڇيو ويو. **ذڪوان بن علوان البڪري، موڪہ، ساڪره** جا وڏيرا، **باپسي** جا ناڪر ۽ جاٽ جيڪي اڳہ عربن اڳيان پيش پئجي چڪا هئا، ۱۵۰۰ گهوڙيسوارن سان **ٻيٽ** وٽ تعنات ڪيا ويا. (گهٽو ڪري اڄوڪي **ميرپور سڪرا** جي آس پاس واري علائقي کي تن ڏينهن ۾ **ساڪره** ڇيو ويندو هئو. اِهو **جهم** ضلع ۾ هئو. گهٽو ڪري اڄوڪو **جهم پير**).

جيئن ئي **محمد قاسم** کي خبر پئي تہ اڳيون دستو **جهم** رود تي پهچي چڪو آهي ۽ **جازي بن بيذڪ جافي** ندي پار ڪرڻ لاءِ مناسب جاءِ ڳولهي سگهيو آهي، جتي ويڪر گهٽ ۾ گهٽ آهي ۽ ڪنارا سنٽي سنوت تي آهن، تہ هن پاڻ وڃي **سنڌوءَ** جا ور وڪڙ ڏسڻ شروع ڪيا.

راءِ ڏاهر کي جڏهن خبر پيئي تہ **موڪہ بسايہ** ٻيڙين جو انتظام ڪيو آهي ۽ **محمد قاسم** ندي پار ڪرڻ لاءِ ڪناري تي پهتو آهي تہ هن **ٻيٽ** جي قلعي جي بچاءَ لاءِ **جيسينہ** کي موڪلڻ جو فيصلو ڪيو. هن کي چيائين تہ **بسايہ** ۽ ان جي پٽن تي ڪو ڀروسو نہ ڪري. هو ڪميڻا ثابت ٿي چڪا آهن. **جيسينہ ٻيٽ** جي قلعي ڏانهن روانو ٿي ويو. ان وقت **موڪہ** جو پاءُ **راسل، راءِ ڏاهر** وٽ آيو. هو پاءُ جي

سگهندو. جيسيتائين راجا سلامت آهي ته دشمن کي جيتي سگهبو. خدا نه خواست توهان جو نصيب ڪو اهڙو ٿي وڃي جو دشمن توهان کي ماري وجهي ته هند ۾ اهڙو ڪو ٻيو راجا-راجڪمار نظر نه اچي رهيو آهي جو هنن کي جيتي سگهي.“

لڳي ٿو سنڌ ۾ عربن جون سرگرميون ڏسي شمني ڪجهه دلشڪستو ٿي پيو هئو. هو همت هاري وينو هئو، انڪري راجا کي ملڪ ڇڏي وڃڻ جي صلاح ڏيئي رهيو هئو ۽ پڇي وڃڻ جون ڳالهيون ڪري رهيو هئو، پر پنهنجن ماڻهن تي پاڙڻ لاءِ نه چئي رهيو هئو.

راءِ ڏاهر چيو- ”تنهنجي صلاح ۾ شايد ڪجهه وزن هجي، پر هن ڏکئي وقت تي پنهنجن کي سنڌ کان ٻاهر موڪلڻ غلط ٿيندو. رعيت کي عجب لڳندو. ناڪرن ۽ ٻين معتبرن جو اتساهه مري ويندو-شايد لڙڻ کان نابري وارن. ٻئي ڪنهن راجا جي در وڃي، ان سان ملڻ لاءِ هن جي منظوريءَ لاءِ ترسڻ ٿيو پنهنجي غيرت وساري غم کائڻو. اهو پاڻ کان نه پڄندو.“

وزير چيو- ”ته توهان ڇا ڪرڻ ٿا چاهيو؟ ڪا رِٿ اٿوَ؟“

”ها، منهنجي رِٿ آهي-عربن سان کلي لڙائي ڪجي. جيڪڏهن مان انهن تي غالب پئي ڪين مؤت جي منهن ۾ موڪلي سگهيس ته حڪومت پختي پايي ٻهندي، پر جيڪڏهن عزت سان لڙندي مان مارجي ويس ته اِها ڳالهه هندستان ۽ عربستان جي ڪتابن ۾ درج ڪئي ويندي. ائين چيو ويندو ته راءِ ڏاهر پنهنجي ملڪ خاطر پاڻ قربان ڪيو.“

شمنيءَ چيو- ”پڳوان توهان کي لنبي آورجا بخشي ۽ حڪومت پختي پايي ڪڙي ڪري. توهان جي رِٿ سڀ کان سٺي آهي.“

محمد قاسم جڏهن ندي پار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته هن کي فڪر

ڪولڻ ڪانسواءِ. قطار جو اوپر ڪناري وارو ڇيڙو ڦيرائي ٻئي هنڌ سِرڪايائون. ائين قطار پلي ٻنهي ڪنارن تي ڇيڙا سِڌ ۾ آمهون سامهون ڪري نہ بيني، پر ٻئي ڪنارا ڳنڍجي سگهيا. ٻيڙين ۾ چڙهڻ شرط قطار جو ڇيڙو سرڪائڻ سان گڏ عرب لشڪر سنڌي سپاهين مٿان تيرن جو تيز وسڪارو چالو رکيو.

اوپر ڪناري تي ٻيڙين جي قطار جو ڇيڙو نئين هنڌ ڪپائڻ شرط عرب لشڪر جا پيادا ۽ گهوڙيسوار سپاهي لهي آيا ۽ پُر جوش حملو ڪيائون. راسل جو لشڪر اوچتي حملي ۾ پاڻ سنڀالي نہ سگهيو ۽ سپ پنتي هٽي ويا.

ڪن سپاهين ڪي سنا تيز گهوڙا هئا. اُهي تڪڙو هلي سڄي رات مسافري ڪري صبوح جو سويل راءِ ڏاهر جي ڇانوڻيءَ ۾ آيا. هو ان وقت اجا آرامي هئو. نوڪر هن کي اُٿارڻ کان هٻڪي رهيا هئا. نيٺ هڪ ڄڻي اُٿارڻ جي همٿ ڪئي؛ راءِ ڏاهر کي ٻڌايائين تہ اسلامي لشڪر نديءَ جي هِن پاسي اچي چڪو آهي ۽ راسل جي سنڌي لشڪر کي پڇٽو پيو. راءِ ڏاهر ٽپو ڏيئي بستري تان اُٿيو ۽ نوڪر کي چيائين- ”صبوح صبوح جو تمام بري خبر کڻي آيو آهين.“ غصي ۾ هن کي مڪ هڻي ٿيلهو ڏنائين. هن جو هٿ اهڙو تہ ڳرو هئو جو نوڪر ڪِري پيو ۽ اتيئي گذاري ويو.

آهستي آهستي سڄو عرب لشڪر ندي پار ڪري چڪو. نديءَ ۾ ڪِرڻ جا ٿورا ڪجهہ حادثا بہ ٿيا. محمد قاسم ڇانوڻيءَ ۾ پڙهو ڏياريو- ’هاڻ جيئن تہ ندي پار ڪري چڪا آهيون تہ جلد ئي سنڌي لشڪر اسان جي سامهون ايندو. جيڪو واپس وڃڻ چاهي سو هاڻ بہ وڃي سگهي ٿو، پر لڙائي شروع ٿيڻ کانپوءِ جيڪڏهن ڪير پڇندو تہ دشمن کي اخلاقي ريت سنو اتساهہ ملندو ۽ هو سپ بود ۾ پرجي

خلاف هئو. چيائين- ”حضورجن کي خبر آهي تہ اسان توهان جا وفادار ۽ چئيوان غلام آهيون. اسان ڪوشش ڪري توهان کي سنيون شيوائون پئي ڏنيون آهن ۽ هر قسم جي خبرداري ورتي اٿئون. جيڪڏهن حضورجن بيٽ جي قلعي جي بچاءَ جو ڪم مون کي سؤنپن تہ مان ترت وڃي اتي اهڙو انتظام ڪندس جو عرب لشڪر ڪڏهن بہ ندي پار نہ ڪري سگهندو.“

راءِ **ڏاهر**، **راسل** جي پيش ڪش کان متاثر ٿي ويو ۽ هن کي **بيٽ** جو گورنر مقرر ڪيائين. هن فرمان جاري ڪيو تہ علائقي جا سڀ وڏيرا ۽ معتبر **راسل** جو چوڻ مڃيندا رهن. **جيسينه** کي واپس گهرايو ويو.

راسل ۽ هن جي والد **بسايه** جو **موڪه** سان سنو رشتو نہ هئو. ان حقيقت جي ڄاڻ سيني کي هئي. **موڪه** جو وهنوار ڏسي شروع ۾ **راءِ ڏاهر** کي پوري خاندان تي شڪ پئجي رهيو هئو. **موڪه**، **راءِ ڏاهر** جو پاسو ڇڏي **محمد قاسم** وٽ ويو. **راسل** کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ پاڻُ جي مخالفت ڪيائين. جنهن ڏينهن کان **موڪه**، **راءِ ڏاهر** جي سامهون ٿي بيٺو، هن ڪڏهن راجا جي اڳيان سر نہ جهڪايو. هي اسلام طرف مائل ٿي رهيو هئو. لڙائيءَ ۾ **موڪه** غداري ڪري **راءِ ڏاهر** خلاف ڪم ڪيو.

ٻيڙيون ملڻ سان پل ٺاهڻ لاءِ **محمد قاسم** انهن کي هڪ ٻئي سان جوڙائي رهيو هئو تہ **راسل** پنهنجا ڪجهہ وڏيرا ۽ سردار گڏ ڪري ان جاءِ تي ڪاهي آيو-عربن کي پل ٺاهڻ کان روڪڻ لاءِ. **محمد قاسم** کي جاءِ متاثٽي پئي ۽ ٻيڙين کي نئين سر جوڙڻو پيو. هن جا هٿيار بند جنگي جوڌا ٻيڙين ۾ چڙهي آيا. ٻيڙين جي سڄي قطار جو هڪ ڇيڙو الهندي ڪناري جي مول جاءِ تي جيئن جو تيئن رکيائون-

اڳواڻي ڪر.''

علافيءَ چيو- ''اسان توهان جي مهربانين لاءِ ٿورائتا آهيون. اسان جو فرض آهي تہ توهان کي سٺي ۽ صحيح صلاح ڏيون؛ پر اسان مسلمان آهيون ۽ اسلامي لشڪر سان نٿا لڙي سگهون. جيڪڏهن لڙندي ڪنهن مسلمان جي هٿان مارجي وياسين تہ ڪنو مؤت نصيب ٿيندو. وري جيڪڏهن اسان هنن کي ماريندا سين تہ اسان جي سزا آهي دوزخ جي باهہ. اسان توهان جا احسانمند آهيون، پر جيڪڏهن توهان کي هن نموني مدد ڪنداسين تہ عرب لشڪر اسان کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندو؛ سو آسيس ڪيو ۽ اسان کي چپ چاپ هتان وڃڻ ڏيو.''

چيو وڃيٿو پهرئين ڏينهن جڏهن علافيءَ هي ڪم نہ ڪرڻ لاءِ معافي گهري تہ راءِ ڏاهر کيس چيو- ''جيڪڏهن تون پنهنجن مذهبي ڀائرن سان آمهون سامهون لڙڻ نٿو چاهين تہ اسان جي لشڪر جي رهبري ڪر. عربن جي چرپر جو تون سٺو اندازو لڳائي سگهندو آهين.''

علافيءَ بيدليو ڪجهہ ڪوشش ڪئي؛ عرب ڇانوڻيءَ ۾ جاسوسي ڪرڻ لاءِ بہ پنهنجن ڪجهہ ماڻهن سان ويو، پر هنن چند ڪڍيس تہ پڄي آيو. تحفتہ الڪرام جو چوڻ آهي تہ راءِ ڏاهر کي علافيءَ جي وهنوار ۽ هلت چلت تي ڏاڍو ڏکہ ٿيو. هن کي چيائين- ''مون توکي هيڙن موقعن لاءِ هٿ رکيو هئو. جيڪڏهن تون لاچري حالتن ۾ بہ اسان لاءِ ڪجهہ نٿو ڪري سگهين تہ بهتر هليو وڃ.''

محمد علافي، سليمان جي ملڪ ڏانهن هليو ويو. اهو ملڪ سليمان جي ڏاڏي بتاير بن حر جي نالي سان مشهور هئو. علافي راءِ ڏاهر جي قضيئي تائين سليمان جي حفاضت ۾ رهيو. تنهن ڪانپوءِ محمد قاسم هن کي معافي ڏني. حجاج هن کي ڪنهن علائقي جو گورنر ڪرڻ جو انجام ليکت ۾ ڏنو. علافي سڄي هند جو سفر ڪرڻ لڳو-

ويندا. اهڙن پڇندڙن کي هٿ مؤت جي سزا ڏني ويندي ته ٻي دنيا ۾ هنن کي عذاب به ملندا.[1] ڪجهه شخص واپس ورڻ جي اِڇا ڏيکاري ته **محمد قاسم** هنن کي منظوري ڏني.

عرب لشڪر هلندو رهيو، جيسيتائين سڀ **بيٽ** جي قلعي جي سامهون اچي پهتا. اتي ڇانوڻي هنيائون. سڀ گهوڙيسوار پختي نموني هٿياربند هئا. ڪجهه دستا الڳ الڳ ڏِشائن ۾ موڪليا ويا- جاسوسي ڪري آس پاس جي خبر چار گڏ ڪرڻ لاءِ. ڇانوڻيءَ جي چوڌاري هڪ کاهي کوٽي ويئي.

محمد قاسم راوڙ طرف هلڻ شروع ڪيو. هو سڀ جلد اچي **جتور** وٽ پهتا. **راءِ ڏاهر** جا ڪجهه وڏيرا ۽ هٿياربند سپاهي **راوڙ** ۽ **جتور** جي وچ ۾ هڪ ڍنڍ جي ڪناري ڇانوڻي هڻي ويٺا هئا- دشمن جي لشڪر جي چرپر تي نظرداري رکڻ لاءِ (تاريخ **معصومي** ۾ ان ڍنڍ جو نالو **ڪُنجري** ڇيل آهي). **راءِ ڏاهر** کي ته اڃ ئي ڄاڻ ڪيل هئي ته عرب ندي پار ڪري چڪا آهن.

اِنهن سنڌي دستن بابت ٻڌي **محمد قاسم** خاص خبرداري ورتڻ لڳو. هن **محرز بن ثابت قيسي** کي ٻن هزار سوارن سان ڍنڍ جي پنهنجي پاسي واري ڪناري تي بهاريو ۽ **محمد بن زياد العبدي** کي هڪ هزار گهوڙيسوارن سان ٻئي ڪناري تي سنڌي لشڪر جي سامهون.

راءِ ڏاهر محمد علافيءَ کي سڏائي چيو- ”اسان تو تي هٿ پئي رکيو آهي ته جيئن هيڙي تڪليف وقت ڪم اچي سگهين. اڳ هر دفعي توکي لشڪر جي پهرين صف جي مهنداري سؤنپي پئي ويئي آهي. هن دفعي به خاص طور توکي ساڳيءَ ريت جو ڪم سؤنپيو ٿو وڃي. توکي عربن جي لڙائيءَ جي طور طريقن جي ڄاڻ آهي. انڪري اهو صلاح پيريو ٿيندو ته تون اڳوات واري دستي جي

١٠- راءِ ڏاهر جو انت

محمد قاسم هاڻ حجاج کي چٺي لکي. سنڌ جي معاملن بابت ڄاڻ ڪيائين تہ اسلامي لشڪر سنڌو درياهہ پار ڪري ڏاهر جي لشڪر سان دوبدو ٿيو آهي ۽ سنڌي لشڪر کي پڇاڙي رهيو آهي.

هن کي حجاج وٽان جواب آيو. هن جي ڪارين جي ساراهہ ڪندي لکيائين تہ عبادت ڪندو رهي. ان نموني خدا تعاليٰ سان لاڳيتو تعلق ۾ رهڻو. مالڪ جي مهر ئي کيس ڪامياب بڻائيندي.

راءِ ڏاهر لڙائيءَ لاءِ پنهنجي فرزند جيسينہ کي موڪليو؛ چڱي انداز ۾ ماڻهو ۽ هاٿي ساڻ ڏنائينس. جيسينہ هاٿيءَ تي ويهي لڙائيءَ جي مئدان ۾ آيو. گهمسان لڙائيءَ ۾ هن جا ڪافي ماڻهو مارجي ويا ۽ لشڪر کي پوئتي هٽڻو پيو. دشمن جو لشڪر وري جيسينہ، سندس ڪجهہ بهادر سپاهين ۽ انگہ رکشڪن کي چؤطرف ورائي ويو. عربن گڏجي تيز وار ڪيو تہ هن جا چڱا ماڻهو مارجي ويا. چؤطرف هاڻ تہ خطرو ئي خطرو هئو. مهاوت (پيلبان) راڄڪمار جو رايو ڄاڻڻ ٿي چاهيو، پر سڌيءَ طرح پڇڻ کان هبڪي رهيو هئو. هاٿيءَ کان پڇيائين- ”تون يار لڙڻ ٿو چاهين يا ڪنهن سلامتي واري هنڌ هلون؟ راءِ ڏاهر پٽ جي ڇڱيلائي بابت چنتا ۾ هوندو.“

هي ٻڌي جيسينہ چيو- ”هن حالت ۾ اسان ڪيئن بچي سگهنداسين؟ چؤطرف دشمن ورائي ويو آهي.“

مهاوت سمجهي ويو تہ جيسينہ موٽڻ ٿو چاهي. هن هاٿيءَ کي عربن جي جُهنڊ مان ترڪي نموني هلايو. هاٿيءَ کي هن نموني ايندو ڏسي عرب منجهي پيا. ڪير بہ ان کي روڪي نہ سگهيو. مهاوت کي رستو ملي ويو ۽ تڪڙو مئدان کان ٻاهر هليو آيو. چيو وڃي ٿو

الڳ الڳ حاڪمن کي سمجهائڻ لاءِ ته اسلام اختيار ڪن ۽ ڏن ڏين. سبز باغ ڏيکاري ۽ وڏا انجام ڪري هن ڪن کي **محمد قاسم** اڳيان پيش پوڻ لاءِ آماده ڪيو. اينري قدر جو هنن کي ليکت ۾ پروانا پڻ ونيِ ڏنائين. ملتان پهتو تيسيتائين **طاطرس بن بجر بيلمان، ڪتب** جو حاڪم **موڪه** ۽ **قبئيز بن طاهر** وغيره اسلام جو شرف حاصل ڪري چڪا.

لڳي ٿو **محمد علافي** جذباتي ريت اجا به **عربستان** ۾ پنهنجين جڙن طرف مائل هئو. هو **راءِ ڏاهر** جو چوڻ لولا لنگڙا بهانا ڏيئي ٽاري رهيو هئو، ورنه ڏنو وڃي ته ان ڪان اڳ ڪيترين ئي لڙايون- مسلمانن جون مسلمانن سان ٿي چڪيون هيون، پوءِ به ٿيندون پئي رهيون آهن.

ڪجهه اشارا ملي رهيا آهن ته **بغداد** وارن هن کي جاٽي واٽي سنڌ ۾ نِڪايو هئو ته جيئن حاڪمن کي هئڙن موقعن تي گمراه ڪندو رهي. هت ته اهو پهريئن ئي لڙائيءَ وقت ظاهر ٿي بينو جڏهن **محمد قاسم ديبل** تي ڪاهه ڪئي. **محمد علافي، راءِ ڏاهر** کي لڙائي ڪرڻ ڪان روڪيو ۽ هُن حاڪمن جو حاڪم هئڻ جو پنهنجو فرض وساريو. *

رِڻا موجب هي **راءِ ڏاهر** سان ملڻ جو بهانو ڪري نڪتو، رستي ۾ **محمد قاسم** جا ماڻهو پڪڙڻ آيس. **جوي نيطري** وٽ- **ڪنبه** کان ۱۵ ميل پري پاڻ ۾ مليا. هن جي ڪجهه پوئلڳن ۽ ناڪرن کي مرڻو پيو، چاڪاڻ ته هن پنهنجي ٽوليءَ ۾ هن نانڪ بابت ڪنهن کي ڪونه ٻڌايو هئو. هو ويچارا ته بچاءَ لاءِ سچائيءَ سان لڙائي ڪرڻ لڳا. **راسل** کي مؤل مقصد ۽ ڪرٽيءَ تي پڙدو وجهڻو هئو؛ ڏيکارڻو هئس ته پيش پوڻ لاءِ ڪيس سچ پچ زبردستيءَ مجبور ڪيو ويو.

هِن کي **محمد قاسم** جي حضور ۾ آندو ويو. هُن چيو- ''سو تون چاهين ٿو ته توکي پاءُ **موکه** جي ڪري معاف ڪيو وڃي. مون ته توکي اڳ ئي چيو هئو، پر تو اسان خلاف وڃڻ پسند ڪيو ۽ هاڻ قيدي ٿي اچي ويو آهين. خير هاڻ جڏهن پنهنجن ماڻهن جي ملامت جو ڊپ نه اٿيئي ته اسان سان سهڪار ڪر. مان تنهنجي عزت افزائي ڪندس. توکي تنهنجي پسنديءَ جي علائقي جو حاڪم ڪندس.''

راسل تعبيداري ڪرڻ قبول ڪئي. هن کي خلعت بخشي ويئي. هن قسم کڻي انجام ڪيو ته 'ڪڏهن به عرب جنرل جي حڪم ۽ اِڇائن خلاف ڪو ڪم نه ڪندس. هميشه عرب لشڪر سان وفادار رهندس.'

موکه ۽ **راسل** پائر ٻئي گڏجي ويا. **محمد قاسم** کي صلاح ڏنائون ته ڇانوڻي نارائي طرف کڻي وڃي. **ڏاهر** جي ڇانوڻي **قاجيجاق** ۾ هئي. عرب لشڪر ۽ **راءِ ڏاهر** جي ڇانوڻي جي وچ ۾ هڪ وڏي ڍنڍ هئي، ۽ ائين پار ڪرڻ ڏکي هئي. **راسل** جو چوڻ هئو ته اها پار ڪرڻ ضروري آهي. هن هڪ ٻيڙي هٿ ڪئي. ٽيهه ٽيهه ماڻهو ڪري سڀ ٻئي ڪناري تي اچي ويا. وري هڪ ٻي تڪليف آڏو اچي رهي هئي. هڪ وڏي ڪاهي پار ڪرڻي هئي.

راسل، **محمد قاسم** کي چيو- ''توهان هڪ منزل مٿي وڃي جتور

تہ جيسينہ اڪيلو واپس آيو. راءِ ڏاهر ڊنڊ جي اوپر واري ڪپ تي ڇانوڻيءَ ۾ هو. پٽ کي صحيح سلامت واپس ايندو ڏسي خوش ٿي ويو.

(تاريخ معصوميءَ ۾ ڇپيل آهي تہ هيءَ لڙائي گجري نهر جي ڪناري رفيان ڳوٺ جي ڀرسان ٿي رهي هئي. سنڌين جي هار جو ڪارڻ اِهو هئو، جو انهن جو ڪمانڊر لڙندو پئي رهيو تہ اوچتو سندس گهوڙو ڇرڪي ڪيس ڪيرائي ڀڄي ويو. گهوڙو اڪيلو لڙائيءَ جي مئدان ۾ ڦري رهيو هئو. سوار کي نہ ڏسي سپاهين کي لڳو، سندن مهندار مارجي ويو آهي. ائين سندن اُتساهہ مري ويو ۽ ڀڄڻ شروع ڪيائون- تڪڙ ۾ مونجهہ ۾ ڪيترا تہ ڊنڊ ۾ لڙهي ويا.)

جڏهن جيسينہ مئدان ڇڏي ويو ۽ سندس لشڪر مارجي ويو تہ راسل کي لڳو، ڇو ڪونہ مان آقا مٽايان. هن جو وزير ڪيس ائين ڪرڻ کان منع ڪري رهيو هئو- ”راءِ ڏاهر سان توهان جي دوستي آهي ۽ هن جو توهان تي مڪمل ڀروسو آهي. اِهو نہ سونهندو جو توهان هن نازڪ وقت تي سندس ساٿ ڇڏيو ۽ خلافت ڪيو. وري اِها بہ پڪ ڪونهي تہ آخري جيت عربن جي ئي ٿيندي. اڳتي هلي توهان کي راءِ ڏاهر سان وهنوار شايد ڪرڻو بہ پوي. توهان جي پاءُ موڪہ جو هن سان سنو رشتو نہ هئو، ان ڪري هن جي خلاف وڃي اسلامي لشڪر سان مليو، پر هن کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ توهان وٽ تہ ڪو واجبي سبب نہ آهي.“

راسل تہ ڪنهن بہ حالت ۾ راءِ ڏاهر کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪري چڪو هئو. وزير کي بڌائڻ کانسواءِ هن هڪ راز محرم قاصد محمد قاسم ڏانهن موڪليو. پيش پوڻ ۽ معافي طلبڻ جي پنهنجي اِڇا بابت ڪيس چوائي موڪليائين. موڪہ جي وقت جيڪو ناٽڪ ڪيو ويو هئو، سو دهرائڻ لاءِ عرض ڪيائين. محمد قاسم بخوشي ڳالهہ قبولي.

وقت جي سنسن ۾ پرمن جي رواج جي پوئواري ڪندي راءِ ڏاهر
ڪ نجوميءَ کان صلاح وٺڻ آيو. چيائين- ''اچ مان دشمن سان مقابل
يڻ وچي رهيو آهيان. شڪر گره هن وقت ڪٿي آهي؟ ايپاس ڪري
ڏاءِ تہ ٻنهي لشڪرن مان ڪنهن جي جيت ٿيندي ۽ آخر ۾ ڇا ٿيڻو آهي؟''
نجوميءَ پنهنجن ڪتابن جو ايپاس ڪري چيو- ''لڳي ٿو فتح
سلامي لشڪر جي ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ شڪر گره ان جي پنيان آهي.''
راءِ ڏاهر ڪاوڙجي ويو. نجوميءَ چيو- '' حضور، مهرباني ڪري
هر سان ويچاريو. شڪر گره جو سونو پتلو نهرائڻ جو حڪم ڏيو.''
پتلو اچي ويو تہ اهو راءِ ڏاهر جي هاٿيءَ جي پالڪيءَ پنيان ٻڌو
ويو. ائين شڪر گره هن جي پنيان ٿي ويو تہ فتح جي اُميد رکي
ٺي سگهيو.
هاڻ محمد قاسم لڳ ڀڳ هڪ ميل ڪن پري هئو. ٻئي ڏينهن هو
اجا بہ ڪجهہ ويجهو آيو. راءِ ڏاهر هڪ ناڪر-ڏاهر اؤروڙ (ٻئي
ڪتي نالو ڏاهر ڪُوَر يا ڏاهيرُود لکيل آهي) کي چيو تہ محمد
قاسم خلاف اڳيان وڃي. ڏاهر اؤروڙ لڙائيءَ لاءِ پنهنجي دستي کي
ساڻ ڪري اڳيان وڌيو. ٻنهي طرفن کان چڱن جنگي جوڌن خوب
لڙائي ڪئي. شام تائين سڀ ٿڪجي پيا ۽ پنهنجين پنهنجين ڇانوٽين
طرف موٽي ويا. هي لڙائيءَ جو ٻيون ڏينهن هئو. ٻنهي طرفن جي
مئلن ۽ زخمين جا تفصيل نہ ملي رهيا آهن.
ٻئي ڏينهن راءِ ڏاهر، جيهپور جي ناڪر کي اڳوانيءَ لاءِ چيو.
هي بهادر شخص دشمن سان پڇاڙيءَ تائين لڙندو رهيو. ان ريت
سنڌي لشڪر روز چڱو نقصان سهي رهيو هئو.
وزير سياڪر راءِ ڏاهر وٽ آيو. دستوري خدمت بجا آڻي چيائين-
''حضور، هڪ وڏي ڀُل ٿي رهي آهي، جنهن نموني لڙائي هلي رهي

جي پسگردائيءَ ۾ **دهاوه** جي ڪناري چانوٽي هئو. اُتان **ڏاهر** سان لڙائي ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي ۽ هن جي مهڙ توڙي پڇاڙيءَ تي چڱيءَ طرح نظر رکي سگهندا. توهان هن جي رسد بہ قبضي ڪري سگهندا.''

راسل تہ پوءِ جلد ئي گذاري ويو. هن جي سڀ ملڪيت ۽ جاگير وغيره جو ڪاروبار **موڪه** جي هٿن ۾ آيو.

محمد قاسم هنن پاڻرن جي صلاح موجب ڪم ڪيو. جلد ئي **راءِ ڏاهر** کي خبر پئي تہ **محمد قاسم** عرب لشڪر سان **جتور** تائين اچي پهتو آهي. وزير **سياڪر** ٻڌو تہ چيائين- ''هي تہ سنو سوڻ نہ چئبو. **جتور** معنيٰ فتح جي جاءِ. هاڻ تہ عربن جي فتح جي پڪ ٿي لڳي.'' سنڌي تن ڏينهن ۾ اهڙا سنسائي هوندا هئا.

هي ٻڌي **راءِ ڏاهر** جو من ڊانوادول ٿي ويو ۽ غصي ۾ پرجي ويو. چيائين- ''هو 'هڏپاريءَ' ۾ لٿو آهي. اها اهڙي جاءِ آهي جتي سيني جا هڏا زمين چمندا.''

راءِ ڏاهر پوءِ **راوڙ** جي قلعي ۾ ويو. اُتي ٿانئيڪو ٿي لشڪر ۽ لڙائيءَ جو ساز سامان تيار ڪرايائين. پوءِ وري هي اڳيان وڌي آيو ۽ عرب لشڪر کان ٿي ميل ڪن پري چانوٽي هنيائين. (هن مان ظاهر آهي تہ **راءِ ڏاهر** عربن سان قلعي کان ٻاهر مخاطب ٿيو هئو. **تاريخ معصوميءَ** ۾ الٽو چيل آهي- '**گجري** ڊنڊ وٽ **رفيان** ۾ سنڌي لشڪر مٿان فتح حاصل ڪري **محمد قاسم** راڄڌاني **الور** طرف ويو ۽ قلعي کي گهيرو ڪيائين؛ **راءِ ڏاهر** ان وقت اندر هئو. اُتي منجنيقون ڪم جون ثابت نہ ٿي رهيون هيون. سنڌي لشڪر وقت بہ وقت حملا پئي ڪيا، پر هر ڀيري هار پئي نصيب ٿين. ڏهن ڏينهن ۾ ست ڪن دفعا اهڙيون ننڍيون وڏيون لڙايون قلعي جي ٻاهران ٿيون. ڏهين ڏينهن **راءِ ڏاهر** پاڻ لشڪر جي اڳواني ڪندي ٻاهر آيو.')

و هئو. راءِ ڏاهر مڪمل ريت هٿياربند هئو- سندس پنهنجو-خاص
ـٿ ڏوريءَ وارو ڪمان هٿ ۾ هئس. هن پاڻ سان گول تيز ڌار
را پليتن جهڙا چڪرا بہ کنيا. اهي خاص طور هو ئي هلائي سگهندو
ئو. اِهو زوم سان اُڇلائيندو هئو تہ ڦري ڦري وڃي جنهن کي لڳندو
ئو، ان جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندو هئو يا ٻيءَ طرح سرير جا بہ
ڪر ڪري ڇڏيندو هئو.

بہ ٻانهيون پڻ هن سان گڏ پالڪيءَ ۾ ويٺيون-هڪ تير ڏيڻ لاءِ ۽
ي پان جا پنا ڏيڻ لاءِ تہ جيئن هو چٻاڙيندي چٻاڙيندي ڦڙت ۽
ڇا بہ رهي.

محمد قاسم جڏهن راءِ ڏاهر کي لشڪر جي اڳواڻي ڪندي ڏٺو
ـہ هن سڀني مسلمانن کي گڏ ڪري اتساهہ ڦوڪڻ لاءِ ۽ همٿ سان
ڙهڻ لاءِ ڪجهہ چوڻ ضروري سمجهيو:- ”عربستان واسيو، اڄ اسان
ءِ آزمائش جو ڏينهن آهي. اسلام جي خاطر هر ممڪن ڪوشش ڪيو.
شمن کي پڇائي ڪيو، جيئن هي ملڪ توهان جي هٿن ۾ اچي. هنن
جو مال ملڪيت بہ توهان جي قبضي ۾ ايندو. جيڪڏهن هبڪندا
هندا تہ هو توهان تي غالب پئجي ويندا ۽ ماري ڇڏيندوَ. وري
جيڪڏهن مئدان کان منهن موڙي ويندا تہ توهان جي آتما دوزخ در
ويندي ۽ توهان جي پوين کي شرمسار ٿيڻو پوندو.“

هن پوءِ محرز بن ثابت قيسي ۽ اويس بن قيس کي ڇهہ هزار
گهوڙيسوارن سان اڳوات وارو دستو ناهڻ لاءِ مقرر ڪيو.

راءِ ڏاهر پنهنجي سڄي لشڪر جي اڳواڻي ڪرڻ لڳو. ڪجهہ
هاٿي اڳوات واري دستي سان موڪليا ويا. راءِ ڏاهر کي مرڪزي
دستي جي وچ ۾ رکيو ويو. هن پنهنجي اڳيان تيرانداز ۽ هٿياربند
پيادا سپاهي ٻهاريا. هنن کي پالا برڇيون ۽ ڍالون هيون. هن جي

آهي. هاڻ آزمودي ڪانپوءِ ڪجهه سڌارن بابت سوچڻ گهرجي. سچ تہ شروع شروع ۾ جڏهن عرب لشڪر جا سپاهي ٿورا ٿورا ٿي سنڌو ندي پار ڪري رهيا هئا، ان وقت توهان حملو ڪرائي هنن کي پريشان ڪرايو ها، تہ هنن جي همت صفا ٽٽي پوي ها ۽ خوف ۾ توهان سان لڙڻ جو جوکم نہ کڻن ها. هاڻي بہ جڏهن هو سڀ هن پاسي گڏ ٿي ويا آهن تہ توهان گڏيل سخت قدم نہ کڻي رهيا آهيو. هڪ هڪ ڪري ناڪر موڪلڻ سان، دشمن انهن مٿان سولائيءَ سان غالب پئجي رهيو آهي. سٺي رت سچ تہ اِها آهي تہ پنهنجو سمورو لشڪر گڏ ڪري هڪ ئي زوردار وار ڪيو. پنهنجا سڀ پيادا، گهوڙيسوار ۽ هاٿي گڏ ڪيو-پوري پوري ساز سامان سان. جيڪڏهن توهان ڪامياب ٿيندا تہ پنهنجو مقصد سِڌ ٿي ويندو. جيڪڏهن نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ توهان کي ٻين ملڪن جا حاڪم ڪو مهڻو ڪونہ ڏيندا. توهان جي پوين کي بہ ڪير مهڻا نہ ڏيندو، ڇاڪاڻ تہ هو چئي سگهندا تہ توهان لڙائيءَ جي فن ۾ قابل هئا ۽ بهادري سان، مڪمل طاقت سان منهن ڏنو هُئوَ.''

راءِ ڏاهر جي رد عمل ۾ سچ تہ شروع کان ئي مانائي هئي. ٿورو ٿورو-ذرو ذرو قدم کڻڻ ڏيکاري رهيو هئو تہ هن عرب لشڪر کي گنڀيرتا سان نہ کنيو هئو، ڇوڏاري غداري ۽ نافرماني جي قصن جي باوجود بہ. وري بہ هن وزير جي صلاح مڃي.

ٻئي ڏينهن مڪمل پئماني واري لڙائيءَ جا نغارا وڳا. شاهي خاندانن جا اٽڪل پنج هزار نوجوان ناليرا گهوڙيسوار جنگي جوڌا-سٺ هاٿين (ڪن جو چوڻ آهي تہ هڪ سؤ هئا) ۽ ويهہ هزار پيادن سان گڏ ٿيا. هر ڪو چڱيءَ طرح هٿياربند هئو ۽ زره پاتي آيو هئو. سڀ راءِ ڏاهر جي اڳيان هلڻ لڳا. هو پاڻ هڪ مست هاٿيءَ تي سوار هئو. هن جي پالڪي هاٿي تي ٻڌل هئي ۽ ان کي زره سان ويڙهيو

ي ديچاري پچائي ڪڍيائون. اسلامي لشڪر پوءِ گڏيل زوردار حملو
ڪيو. سنڌي لشڪر کي پاڻ جهلڻ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي. ڏينهن
ورو ٿيو تہ ٻئي لشڪر پنهنجين پنهنجين ڇانوڻين ۾ موٽيا.

ٻئي ڏينهن صبوح جو راءِ ڏاهر پنهنجي پٽ جيسينه سان گڏ
ڪتو. هي لشڪر جي وچ ۾ هئو. چوڏاري ڏهہ هزار هٿياربند گهوڙيسوار
ئس. اڳيان وڏي سڀ مسلمان لشڪر جي سامهون اچي بيٺا. راءِ
ڏاهر سفيد هاٿيءَ تي ويٺل هئو- آس پاس ڪجهہ هاٿين جي جُهنڊ
سان. ساڄي پاسي جيسينه ڪجهہ سردارن سان گڏ هئو. راءِ ڏاهر جو
يو پٽ ڏهرسينه ڪجهہ ٻين سردارن سان گڏ پڇاڙي سنڀالي رهيو
هئو. هوشيار تلوارباز، اوير سنڌ جا جاٽ ۽ ٻئي ڪوس ڪرڻ جا ماهر
اڳيان بهاريا ويا. ٻہ هاٿي کاٻي پاسي بهاريا ويا. باقي هڪ گهوڙيسوارن
جي دستي کي جاهين جي اڳواڻي ۾ اسلامي لشڪر خلاف اڳيان
موڪليو ويو.

محمد قاسم دشمن کي ايندو ڏسي، اڳيان وڌي آيو. هن هرهڪ
صف لاءِ الڳہ الڳہ ڪمانڊر مقرر ڪيا هئا. هن چونڊ گهوڙيسوار ڇئن
حصن ۾ وراهيا- مرڪز، کاٻي ۽ ساڄي پاسن واريون صفون ۽ پڇاڙيءَ
واري حصي تي نظر رکندڙ صف. مشعالن وارن سپاهين کي چيو ويو
تہ پنهنجا هٿيار پنوهار تيار رکن ۽ مشعالون ٻارن. هو ڪل ملائي ٩٠٠
ڄڻا هئا. هنن کي ٽن ٽن سون جي ٽن حصن ۾ وراهيو ويو ۽ هرهڪ کي
مرڪز، ساڄي ۽ کاٻي پاسي بهاريو ويو. هر ڪنهن مشعال واري، ٻرندڙ
تير، ڪمان تي چاڙهيا. اِهو صبوح جي عبادت جو وقت هئو. پنج
قطارون لڙائيءَ لاءِ تيار هيون. هاڻ محمد قاسم هميشه وانگر وعظ
ڏنو. پنهنجي لشڪر کي خدا تعاليٰ جي بندگي ڪرڻ لاءِ چئي اتساهہ
پرڻ جي ڪوشش ڪيائين. وري پخالين کي چيائين تہ پنهنجون

ساڄي پاسي وارن سپاهين کي ٻه پالا ۽ ڍالون هيون ۽ کابي پاسي وري هٿياربند گهوڙيسوار - ڪليل تلوارن سان هئا.

ان ريت جنگ شروع ٿي. هڪ شخص - عُبعد بن عتاب، **محمد قاسم** وٽ آيو ۽ ٻڌائين - ”**محمد علافيءَ** اڳ ۾ **راءِ ڏاهر** کي ٻڌايو هئو ته عرب لشڪر ۾ سٺي ۾ سُٺو گهوڙيسوارن جو رسالو آهي. **راءِ ڏاهر** انڪري پنهنجي سپاهين کي چئي ڇڏيو آهي ته خبرداري ۽ ڦڙتيءَ سان لڙن. سڀ هٿيار بند جنگي جوڌا ڍنڍ پار ڪرڻ جي تيارين ۾ آهن.“

هو ڍنڍ پار ڪن، ان کان پهرين **محمد قاسم** پنهنجي لشڪر کي پار ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ته جيئن لڙائي **راءِ ڏاهر** جي در وٽ ٿئي. هن جا سڀ گهوڙيسوار ۽ ٻيا سپاهي بهادر ۽ آزموديگار هئا. هو يڪدم ڍنڍ طرف ويا. **محمد قاسم** لاءِ سندس انگ رکشڪ ۽ ڪجهه مرڪزي حصي جا سردار ڇڏي ويا. هي سڀ وري پنيان **موڪه بسايه** سان هلڻ لڳا. ڍنڍ پار ڪرڻ کانپوءِ **محمد قاسم** وري پاڻ کي لشڪر جي مرڪز ۾ ٻهاريو.

هن وري لشڪر کي وعظ ڏنو - ”عربستان واسيو، جيڪڏهن مون سان ڪو حادثو ٿئي ته **محرز بن ثابت** توهان جو ٻيو جنرل ٿيندو. وري جيڪڏهن هي به شهيد ٿي وڃي ته **امير سعيد** توهان جو جنرل ٿيندو. (هي ڪو ٻيو **سعيد** ٿو لڳي. هڪ **سعيد بن اسلم ڪلابيءَ** جو **مڪران** ۾ علافي قبيلي وارن خون ڪيو هئو.)

محرز دشمن تي ڪاهي ويو. هن جي لشڪر کي تيسيتائين رُڌل رکيائين، جيسيتائين پاڻ مارجي ويو. ان کانپوءِ **سعيد** دشمن تي حملو ڪيو. لڙائيءَ ۾ مسلمان چڱيءَ طرح ڀي سگهيا. جڏهن مست هاٿي مئدان ۾ آندا ويا ته هنن پاڻ کي ننڍن ننڍن دستن ۾ وراهي ڇڏيو. پوءِ اٽڪل سان پالن ذريعي هاٿين کي ڪجائڻ لڳا ۽ ائين هنن

ڏرم چڙهي چڪا آهيون ۽ اسلام اختيار ڪيو اٿئون. اسان کي ڪجهه چونڊ گهوڙيسوار ڏيو ته راءِ ڏاهر جي لشڪر تي پٺيان کان وچي اوچتو حملو ڪيون. هو ڊڄي ويندا ۽ منجهي شايد پڇڻ جي ڪوشش به ڪن. جڏهن لڳي ته هٻڪي رهيا آهن ته پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪجو ته هر طرف کان زوردار حملو ڪن.“

محمد قاسم يڪدم هڪ دستو تيار ڪرايو. مروان بن اشعر يمني ۽ تميم بن زيد قيني کي گڏجي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ چيائين. هو سنڌي لشڪر تي پٺيان کان اوچتو حملو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي نڪتا.

سنڌي لشڪر کي هن ڳالهه جي ته ڪا خبر نه هئي. جڏهن اسلامي لشڪر اوچتو ئي اوچتو وار ڪيو ته سڀ پيچ ڪجهه سپاهي منجهي پيا ۽ ڀڄي ويا. سڄي لشڪر ۾ خوف پکڙجي ويو ۽ سپاهي مونجهه ۾ اچي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڪڻ لڳا. اهو ڏسي محمد قاسم وري هڪ دفعو زوردار حملو ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اسلامي لشڪر سنڌين تي چئني طرفن کان ٽٽي پيو. محمد قاسم منڻ ٻولن سان پنهنجي لشڪر کي اتساهت ڪري رهيو هئو. لڙائي هلندي رهي ۽ ڪافي سپاهي مارجي ويا. اُن وقت راءِ ڏاهر پنهنجي ڍال پڪڙي سفيد هاٿيءَ تي اڳيان آيو. هن سان گڏ چار سو هٿياربند سپاهي هئا- تلوارن، ڀالن ۽ ڍالن سان. هي پُر جوش اڳيان وڌي آيو. سپ زوردار ريت لڙي رهيا هئا- اينتري قدر جو هن جي ماڻهن جي هٿن جي چمڙيءَ ۾ ڏارون پئجي وئيون. هي پنهنجون تيزڌار واريون گول پليٽون (جنهن کي ڪتيندڙ ڦيٿو به چيو ويندو هئو) واپري رهيو هئو. اهي دشمن جي سپاهين تي ڪجهه اهڙي ريت ڦٽي ڪري رهيو هئو، جيئن ماڻهو ڪنهن کي پڪڙڻ يا ٻڌڻ لاءِ پريان کان ڦندو ڦٽي ڪندا آهن. جنهن کي به اها پليٽ لڳي رهي هئي ان جو سر ڌڙ کان ڌار ٿي

پخالون پيري اچن. هر ڪنهن کي چڱيءَ طرح پاڻي پياريو وڃي، جيئن اڳتي هلي ان جي ڳولها ۾ وقت نہ وڃائن.

هڪ شخص **بڪر بن وائل** ۽ ڪجهہ شخص بني **تميم** جي خاندان جا اڳيان وڏي **محمد قاسم** وٽ آيا ۽ چيائون- ”سنڌي لشڪر تہ سچ پچ وڏي آفت جهڙو لڳي رهيو آهي-ڪافي لنبو آهي ۽ مڪمل ريت بڪتربند آهي. هرڪو مستيءَ ۾ آهي ۽ توهان جي سامهون اچڻ لاءِ خوش ٿي رهيو آهي.“

محمد قاسم اتساهہ جا ڪجهہ لفظ دهرايا. سڀ لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي بينا. پوءِ آهستي آهستي لڙائيءَ جي ميدان ڏانهن وڌڻ لڳا. هن وري لشڪر اڳيان وعظ ڏنو. سپاهين کي ذهن نشين ڪرايائين تہ سندن مقصد انصاف پريو آهي ۽ خدا تعاليٰ کين ضرور ڪامياب ڪندو. هن **ڪِنڊي** قبيلي جي آزاد ڪيل غلام **ابو فضہ قشيري** کي چيو- ”ٻہ سؤ چونڊ گهوڙيسوار تيار ڪرائي، پاڻ سان وٺي اڳوات سنڀال لاءِ وڃ.“

ابو فضہ هلندو رهيو تہ اڳيان **راءِ ڏاهر** جي ناڪرن ۽ جنگي جوڌن جي دوبدو ٿيو. سنڌي سپاهين جي هڪ دستي کيس پاڻ سان لڙڻ لاءِ رُجهايو، پر اُنهن جو چڱو انداز مارجي ويو. **راءِ ڏاهر** وري ٻيو دستو موڪليو، پر **ابو فضہ** خدا تعاليٰ کي ياد ڪري زوردار حملو ڪيو ۽ ڪامياب ٿيو. **راءِ ڏاهر** وري ٽيون دستو موڪليو، پر انهن جو بہ ساڳيو ئي نصيب ٿيو. (ڏنو وڃي تہ صرف ٻن سون گهوڙيسوارن سان اينتري فتحيابي حاصل ڪرڻ ڪجهہ شڪي ڳالهہ آهي.)

چيو وڃي ٿو تہ **محمد قاسم** پنهنجي صف سان اڳيان وڌي رهيو هئو تہ اوچتو ڪجهہ مڪاني ٻندا سامهون آيا ۽ رحم جي ٻُهر ڪرڻ لڳا. **محمد قاسم** جڏهن انجام ڪيو تہ هنن چيو- ”اسان پنهنجو

ٽوڪي حملو ڪيو، اهڙي جوش سان جو دشمن سپاهي مارجي وڃن ۽ فتح پنهنجي ٿئي.“

ائين ڪجهه ڳالهائڻ سان اتساهه پئدا ڪري هو لشڪر گڏ ڪري سگهيو. موڪه بسايه پنهنجن ماڻهن سان هن جي پرسان آيو ۽ گهوڙي تان لهي سندس اڳيان ٿي بيٺو.

محمد قاسم وڏي واڪي پنهنجن دوستن ۽ عزيزن کي نالن سان پڪاريو. هنن کي ۽ ٻين سيني جنگي جوڌن کي سخت حملي لاءِ آماده ڪيائين؛ پوءِ خدا تعاليٰ کي ياد ڪيائين. سنڌي لشڪر ٻه پختي پائي بيٺو رهيو. وري گهمسان لڙائي لڳي. اُس ۾ چمڪندڙ تلوارن جا ترورا ماحول ۾ ڦهلجڻ لڳا ته انهن جي ٽڪرائڻ سان باهه جا ٻر؛ ايتري قدر جو ٽڪراءُ ڪري هٿيار ٽٽڻ لڳا. اسلامي لشڪر جو حملو زوردار هئو. سنڌي لشڪر مان ڪيترا مارجي ويا. ان کي وڏو نقصان ٿي رهيو هئو. راءِ ڏاهر وٽ هاڻ صرف هڪ هزار گهوڙيسوار بچيا، خاص طور شاهي خاندانن جا.

اوچتو راءِ ڏاهر جي ڪاٻي پاسي کان ڪجهه عجيب آواز اچڻ لڳا. هن کي لڳو ته سندس ماڻهو پڇي رهيا آهن. چيائين- ”اچو، مون وٽ اچو مان هت آهيان.“

گوڙ مان ڪن عورتن جو آواز آيو- ”حضور اسان عورتون آهيون. اسان کي سپاهين پڪڙي قيد ڪيو آهي.“

راءِ ڏاهر عجب مان چيو- ”ائين ڪيئن؟ اڃا ته مان حيات آهيان. توهان کي پڪڙڻ جي ڪنهن کي همت ٿي؟“

هو هاٿيءَ کي ان پاسي اسلامي لشڪر مٿان ڪاهي ويو. محمد قاسم پنهنجن سپاهين کي حڪم ڪيو ته مشعال وارا تير هن مٿان ورسائن. هڪ تيرانداز هوشياريءَ سان هڪ مشعال راءِ ڏاهر جي

رهيو هئو- پوءِ گهوڙيسوار هئو يا پيادو سپاهي.

شجاع نالي هڪ حبشي ناليرو بهادر هئو ۽ سٺي نموني لڙي رهيو هئو. هو **محمد قاسم** وٽ آيو. قسم کڻي چيائين- ”مان تيستائين ڪجهه نه کائيندس نه پئندس، جيستائين **ڏاهر** جي مقابل تي سندس هاٿيءَ کي زخمي نه ڪيو اٿم.“

اهو وسپت جو ڏينهن هئو-تاريخ ڏهين، مهنو رمضان ۽ سنه ٩٣ هجري (گهٽو ڪري ١٦ جون ٧١١ع.) **راءِ ڏاهر** پنهنجي سفيد هاٿيءَ تي وينل هئو. اڳيان اچي لڙائيءَ ۾ رُجهي ويو. هن کي حبشيءَ جي قسم ۽ نيت بابت ٻڌايو ويو. **راءِ ڏاهر** هاٿيءَ کي حبشيءَ طرف وٺي ويو. حبشي گهوڙو موڙي هاٿيءَ اڳيان آيو. گهوڙو هاٿي ڏسي ڊڄي ويو ۽ واپس ورڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. حبشيءَ يڪدم پنهنجو پٽڪو لاهي گهوڙي جي اکين تي ٻڌو ته هو چپ ٿي ويو. حبشي هاٿيءَ تي ڪاهي ويو ۽ هڪ ئي وار سان هن جي سونڍ زخمي ڪري ڇڏيائين. **ڏاهر** ڪئنچيءَ وانگر ٻن ٻليدن وارو هڪ تير، ڪمان تي چاڙهي ٺهر ۽ ڦڙتيءَ سان حبشي ڏانهن موڪليو. هُن جو سر ڳچيءَ کان ڪپجي ڪِري پيو، پر ڌڙ گهوڙي تي ئي رهيو. **راءِ ڏاهر** وڏي واڪي چيو- ”مون حبشيءَ کي هميشه لاءِ خاموش ڪري ڇڏيو آهي.“

سنڌي لشڪر اتساهه ۾ اچي ويو. سپاهي عربن مٿان هر طرف کان ٽٽي پيا، ۽ اهڙي نه بهادريءَ سان لڙي رهيا هئا جو اسلامي لشڪر منجهي پيو ۽ سندن صفون ٽِڙڻ پکڙڻ لڳيون. عربن جي هار ٿي ۽ پڇڻ شروع ڪيائون.

محمد قاسم پريشان ٿي ويو؛ پاڳي گهرائي پيتائين ۽ واڪو ڪري چيائين- ”مان توهان جو ڪماندر **محمد قاسم** ڳالهائي رهيو آهيان، توهان ڪيڏانهن پڇي رهيا آهيو؟ ڪنڌ مٿي ڪري، ڇاتي

ڪجھ سنڌي سپاهي جيڪي **راءِ ڏاهر** جي پنيان ٻيڙيءَ ۾ ٽپي پيا هئا، ٻاهر آيا تہ راجا جو لاش ڏٺائون. ڪير نظرداري ڪرڻ وارو بہ ڪونہ هئو. هنن لاش کي مٽيءَ سان ڍڪي لڪائي ڇڏيو.

راءِ ڏاهر جو ديهانت وسپت ڏينهن تاريخ ڏهين رمضان جي مهني سنہ ٩٣ هجري (گهٽو ڪري ١٦ جون ٧١١ع) تي ٿيو. هو راجا **راءِ سهيرس** ٻئين ڪانپوءِ پهريون حاڪم-راجا هئو جنهن پاڻ ملڪ جو بچاءُ ڪندي لڙائيءَ جي مئدان ۾ شهادت پاتي. اڄ تائين بہ ڪي ٿورا-آڱرين تي ڳڻڻ جيترا حاڪم نظر ايندا، جن چالو راجائيءَ ۾ پاڻ لڙائيءَ جي مئدان ۾ جان قربان ڪئي هجي.

محمد قاسم ڏٺو تہ **جئش بن اڪبي** امير پرسان بيٺو هئو. هن کي چيائين- ''پنهنجن سيني دوستن کي ٻڌاءِ تہ **راءِ ڏاهر** ڏسڻ نٿو اچي؛ خبردار رهن. ٿي سگهي ٿو هو اوچتو ڪجھ خطرناڪ ڪارنامو ڪري.''

جئش چيو- ''منهنجي دل چئي ٿي تہ **راءِ ڏاهر** مارجي چڪو آهي.''

محمد قاسم کي الڪو ٿي پيو هئو-هر ڪنهن کان **راءِ ڏاهر** بابت پڇڻ لڳو. هڪ برهمڻ اڳيان آيو. رحم گهرندي چيائين- ''جيڪڏهن عادل امير مون کي ۽ منهنجن عزيزن کي معافي ڏئي تہ مان توهان کي اها جڳھ ڏيکاريان، جتي **راءِ ڏاهر** کي ماريو ويو هئو.''

محمد قاسم هن جي ڳالھ مڃي ۽ پنهنجا ڪجھ راز محرم شخص هن سان گڏ موڪليائين. **راءِ ڏاهر** جو سرير ڳولهي مٽيءَ مان ڪڍيو ويو. ان مان اڃا بہ ڪستوري ۽ گلاب جي مهڪ اچي رهي هئي. هن جو سر ڪٽي وڏي ڀالي تي ٽنگيو ويو. جڏهن **محمد قاسم** وٽ آندائون تہ هن سڃاڻپ لاءِ ڪنهن کي سڏائڻ لاءِ چيو. **راءِ ڏاهر** سان گڏ جيڪي بہ ٻانهيون هاٿيءَ تي هيون، اهي اڳہ ئي گرفتار ٿي چڪيون هيون. هنن کي سڃاڻپ لاءِ گهرايو ويو.

پالڪيءَ تي اُڇلائي. پالڪيءَ کي يڪدم باهه ورائي ويئي. **راءِ ڏاھر** مهاوت کي هاٿي پنيان ورائڻ لاءِ چيو، پر هو زخمي ٿي اُڇايل هئو. مٿان وري پالڪيءَ ۾ باهه هئي. هاٿي مهاوت جو چوڻ نه مڃي سڌو ڍنڍ طرف ڀڄڻ لڳو ۽ وڃي پاڻ کي ان ۾ اُڇلايائين. (اها **گجري** ڍنڍ هئي ۽ **سنڌو** نديءَ سان ڳنڍيل هئي). مهاوت هاٿيءَ کي واپس ورائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪري رهيو هئو، پر هو قابوءَ ۾ نه اچي رهيو هئو. **راءِ ڏاھر** ۽ مهاوت ٻئي ڍنڍ ۾ ڪِري پيا. سنڌي لشڪر مان ڪي هنن جي بچاءِ لاءِ سندن پنيان پاڻيءَ تائين آيا. ڪي ڪناري تي بهي هنن جي نڪرڻ جي راهه ڏسڻ لڳا ته ڪن ڍنڍ ۾ ٽپو ڏنو. ان وقت عرب گهوڙيسوارن جو هڪ دستو آيو ته ٻاهر بيٺل **راءِ ڏاھر** جي ماڻهن کي ڀڄڻو پيو.

هاٿي پاڻيءَ ۾ پسيو، ڪجهه پاڻي پيتائين به. پوءِ مٿي نڪتو ته **راءِ ڏاھر** ۽ مهاوت ڍنڍ ۾ ٿي ان تي چڙهي سگهيا. ان مونجهه ۾ **راءِ ڏاھر** جا سڀ هٿيار گم ٿي ويا. مسلمانن مٿن تيرن جو وسڪارو شروع ڪيو. هڪ تير **راءِ ڏاھر** کي دل جي ويجهو اچي لڳو ته هو پالڪيءَ ۾ منهن ڀر جهڪي ويو. هاٿي پاڻيءَ کان ٻاهر آيو؛ چنو ٿي پيو هئو. جيڪو به سندس سامهون پئي آيو، ان کي لتاڙي رهيو هئو. ائين ڪيترن پنهنجن کي به ڪيرائي چڪو. چؤطرف ماحول گڙٻڙ وارو ٿي ويو. ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. **راءِ ڏاھر** آهستي هاٿي تان هيٺ لٿو ته سامهون هڪ عرب **شجاع عرابي** بيٺو هئو. **راءِ ڏاھر** پاڻ سنڀالي ان کان اول عرب ھن جي مٿي تي تلوار سان تيز وار ڪيو؛ ۽ ڳچيءَ تائين سندس سر چيري ڇڏيائين. اسلامي لشڪر پوءِ ته سنڌي سپاهين تي ٽٽي پيو ۽ قتل-ي-عام شروع ٿي ويو. ڪجهه ٿورا واپس راوڙ جي قلعي ۾ وڃي سگهيا.

١١- راڄ ڏاهر کان پوءِ جي سياست

راڄ ڏاهر جي ديهانت کانپوءِ سندس راڻي لاڏيءَ کي عربن قيد ڪيو. هوءَ سندس حقيقي پٽني هئي. ٻائي تہ سندس ڀيڻ هئڻ ڪري صرف نالي ۾ پٽني هئي. لڳي ٿو هن کي ڪجهہ ٻئي بہ زالون هيون؛ هڪ سندس ڀاءُ جي وڌوا- جنهن سان شاديءَ جو ذڪر اڳہ ٿي چڪو آهي. محمد قاسم لاڏيءَ کي ڏٺو تہ هن کي گرفتار ڪندڙن کان پنهنجي لاءِ خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين.

ان وقت اهو عام رواج هئو تہ ڪاهہ ڪندڙ لشڪر جيڪڏهن فتحياب ٿيندو هئو تہ سپاهين کي ڦرلٽ ڪرڻ جي ڇوٽ ڏني ويندي هئي. هو مال متاع گڏ ڪرڻ کانسواءِ عوام مان ڪيترا غلام بہ بڻائيندا هئا. انهن کي الڳہ الڳہ ملڪن ۾ وڪڻي پئسو ڪمائيندا هئا. سپاهي پنهنجون ننڍيون ننڍيون ٽوليون ٺاهي پهريان ڪجهہ ڏينهن بيگناهہ شهرواسين تي ظلم ڪندا رهندا هئا. هنن کي ڦرلٽ جو مال پاڻ وٽ رکڻ جي ڇوٽ هئي. وري جڏهن قاعدي قانون جو انتظام قائم ٿيندو هئو تہ عوام کي راحت ملندي هئي. ان ۾ جاڻي واڻي ڪجهہ دير ڪئي ويندي هئي.

لڳي ٿو راڻي لاڏي جن سپاهين جي هٿ آئي هئي، محمد قاسم پنهنجو اثر هلائي انهن کان مفت ۾ وٺڻ نہ چاهي رهيو هئو. هن حجاج کي منظوريءَ لاءِ لکيو. حجاج وري خليفي کي لکيو. هن منظوري موڪلي تہ محمد قاسم راڻيءَ کي خريد ڪري ان سان شادي ڪئي.

محمد قاسم لاڏيءَ کان پڇيو تہ هوءَ راڄ ڏاهر جي لشڪر کان ڪيئن جدا ٿي ويئي جو پڪڙجي پئي.

لاڏيءَ چيو- ”جڏهن اسلامي لشڪر زور ۾ لڳي رهيو هئو تہ فيصلو

ڪن تواريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ جڏهن هاٿيءَ ڀنڊ ۾ ٽپو ڏنو تہ **راءِ ڏاهر** پاڻ بچائي سگهيو ۽ گهوڙي تي ويهي لڙڻ لڳو. لشڪر مان ڪيترا هن کي نہ ڏسي رهيا هئا. انهن سمجهيو تہ اسان جو اڳوان شهيد ٿي چڪو آهي ۽ پاڻ ڀڄي ويا. نتيجن **راءِ ڏاهر** جي هار ٿي ۽ مارجي ويو.

جڏهن **راءِ ڏاهر** جي سڀاٽپ ٿي چڪي تہ **محمد قاسم** خدا تعاليٰ جا شڪرانہ بجا آندا ۽ ٻہ دفعا زمين تي گوڏا کوڙي سجدو ڪيو. هن ان برهمڻ کي سندس ٽن سؤ عزيزن، دوستن ۽ پوئلڳن سوڌو معافي ڏني؛ باقي ٻين سيني جنگي قيدين کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. ڪاريگرن ۽ واپارين کي ڇڏيو ويو. هو پنهنجي مول وطن ۾ رهڻ لڳا.

تحفته الڪرام جي ليکڪ جو چوڻ آهي تہ **راءِ ڏاهر** جو راڄ ٣٣ سال هليو ۽ سڄي برهمڻ گهراڻي جو ٩٢ سال پر اِهو ڪجهہ گهٽ ٿئي ٿو. ساڳيو ئي تواريخ نويس چئي چڪو آهي تہ **راءِ ڇڇ** تخت تي ٦٢٢ع ۾ وينو. هو ئي برهمڻ گهراڻي جو پايو وجهندڙ هئو ۽ **راءِ ڏاهر** جي ديهانت سان ٧١١ع ۾ گهراڻو پورو ٿيو. ٽن سالن جو تفاوت ڳڻپ جي چڪ ٿي سگهي ٿي؛ هجري سال کي ڪرسچن سال ۾ تبديل ڪرڻ وقت. هجري سال ڪجهہ ڏينهن ننڍو هوندو آهي. وري هت ڳڻپ تہ سڄي صديءَ جي آهي.

راءِ ڏاهر جو راڄ ٻہ ٤٠ سال گهٽ ۾ گهٽ هليو. **راءِ ڇڇ** جو راڄ ٤٠ سال هليو يعني ٦٦٢ع تائين. **راءِ چندر** اٺ سال حڪومت ڪئي- يعني ٦٧٠ع تائين. ان جو مطلب **راءِ ڏاهر** تخت تي ٦٧٠ع ۾ وينو پاڻس **ڏاهرسينہ** ساڳئي ئي وقت **برهمڻآباد** ۾. **راءِ ڏاهر** جي حڪومت ٦٧٠ع کان ٧١١ع تائين ليکبي. *

۾ موڪليو ويو آهي. هيترو ڪجهہ ڪاميابيءَ سان ڪرڻ ڪانپوءِ اسان کي هاڻ وشواس ٿي رهيو آهي تہ خدا تعاليٰ جي مدد سان سڄي هند ۽ سنڌ جي حڪومت تي اسان جو قبضو ٿيندو.‘

راءِ ڏاهر جو سر، عراق ڪٽي وڃڻ لاءِ صارم بن ابي صارم همداني کي ڏنو ويو ۽ ابو قيس کي هن سان گڏ وڃڻ لاءِ چيو ويو. ڪجهہ ٻين معتبرن کي بہ انهن سان گڏ موڪليو ويو. محمد قاسم هنن کي حجاج لاءِ هڪ چٺي ڏني:

’ڪاميابي توهان وٽ آيل هنن شخص جي بهادري ۽ دليريءَ جو نتيجو آهي. هند جا وڏيرا ۽ بهادر جيڪي فخر ۽ همٿ سان لڙيا انهن جي فهرست هن سان گڏ موڪلجي ٿي-هنن جا سِر پڻ.‘

حجاج آيلن کي سنو آءُ ياءُ ڏنو ۽ پڇيو تہ سندن اڳوان ڪير آهي. هڪ شخص-ڪعب بن مخارق چيو- ”مان آهيان.“

”تنهنجو هن معاملي ۾ ڇا يوگدان پئي رهيو آهي؟“

ڪعب چيو- ”عربن سنڌي لشڪر جو رعب ڏٺو تہ ان جي هيبتناڪ نظاري هنن جي دلين ۾ خوف پئدا ڪري ڇڏيو. عربن جي حالت ڏسي امير محمد قاسم پريشان ٿي ويو ۽ گهوڙي تان لهي بيٺو. مان اڳيان وڌي سندس گهوڙي جو لغام جهلڻ لڳس. مان هن جي اڳيان آخر تائين لڙندو رهيس. هو مون سان صلاح ڪندو رهيو.“

حجاج چيو- ”محمد قاسم سچ پچ پريشان ٿي ويو؟ لڙائيءَ وقت منجهي پيو؟ لڙائيءَ جون سختيون ۽ دشمن جي خلافت هن جي من تي الٽو اثر ڪري رهيون هيون؟“

ڪعب چيو- ”جڏهن حملو ڪرڻو هئو تہ گهوڙيسوار-گهوڙيسوارن جي سامهون، پيادا سپاهي پيادن جي سامهون ۽ پالا پالن جي سامهون

ڪيو ويو، عورتن جي سار سنڀال لاءِ ڪجهه الڳ پهريدار سپاهي رکيا وڃن. انهن کي چيو ويو- ’جيڪڏهن اسلامي لشڪر فتحياب ٿئي ته سڀني عورتن جا سر ڪٽيا وڃن.‘ جلد ئي خبر پئجي ويئي ته عرب غالب پئجي رهيا آهن. سڀني عورتن کي ماريو ويو، پر مان لڙائيءَ جي وچ ۾ پنهنجي اُن تان ٽپو ڏيئي ڀڄڻ لڳس. منهنجو پهريدار مون کي پڪڙي نه سگهيو. هو پاڻ به ڀڄي ويو. وري ترت ئي مسلمان اچي ويا ۽ مون کي پڪڙي ورتائون.“

(تاريخ معصومي ۽ تحفتہ الڪرام جا ليکڪ ڪجهه ٻيو ٿا چون: جڏهن سنڌي لشڪر هارائي چڪو هئو ۽ **راڄ ڏاهر** مارجي ويو ته **محمد قاسم الور** جي قلعي (راوڙ جو نه) ۾ داخل ٿي، ان تي قبضو ڪرڻ چاهيو، پر دروازا بند ڪيا ويا. سڀ ائين سمجهي رهيا هئا ته سندن راجا اجا حيات آهي. **محمد قاسم** پوءِ ٻن ٻانهين هٿ **راڄ ڏاهر** جو سِر ثبوت طور راڻين ۽ ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ موڪليو. راڻي لاڏي پنهنجي گهوٽ جو سر ڏسي ڏاڍي غمگين ٿي ويئي ۽ قلعي جي ديوار تان ٽپو ڏيئي پاڻ کي ماري ڇڏيائين. تنهن ڪانپوءِ قلعي جا دروازا عربن لاءِ کوليا ويا.)

فتحيابيءَ ڪانپوءِ **محمد قاسم**، **حجاج** کي چٺي لکي:

> ’بعد گهڻن ادبن ۽ نيازن جي هي بندو محمد قاسم چوڻ ٿو چاهي ته سروَ شڪتيمان-راجائن جي راجا، الله تعاليٰ پنهنجي مهر سان اسلام جي لشڪر کي ڪاميابيءَ جي بلنديءَ تي پهچايو آهي. ان وچ ۾ ٻنهي ڌرين جي چڱن جنگي جوڌن پنهنجي جان جي آهوتي ڏني. راڄ ڏاهر جي هار ٿي آهي. هن جا هاٿي، گهوڙا، جنگي ساز سامان، غلام ۽ جانور سڀ اسان جي قبضي ۾ آيا آهن. هميشه وانگر پنجون حصو خليفي جي خزاني

’تو پنهنجي چٺيءَ ۾ ڪن اهڙن شخصن جي ساراهه ڪئي آهي، جي ان لائق نه آهن- مثال طور ثقيف جا غلام. وري ٻئي ڪيترا اهڙا به هئا جن کي نه وسارڻ کپندو هئو، خاص طور تنهنجي پنهنجي ڪٽنب جا ڪجهه شخص، ته بني سليم ۽ بني تميم جي ڪٽنبن جا به. تنهنجي والده حبيبه ۽ ياءُ صلب جو خاص ذڪر ڪرڻ کپندو هئو. خير تون مون کي هنن سڀني کان پيارو آهين. مون ته رڳو چوڻ ٿي چاهيو ته راءِ ڏاهر خلاف سوڀ حاصل ڪرڻ جي معاملي ۾ فريبين ۽ ڏيڪاءُ ڪندڙن جي ساراهه نه ڪرڻ کپندي هئي، خاص طور جڏهن هنن کان سٺا شخص سِريا ۽ عراق جا هئا.‘

هن پوءِ محمد قاسم کي ڪجهه معتبر شخصن جي لسٽ موڪلي ته انهن جو ڌيان رکندو رهي ۽ سهائتا ڏيندو-وٺندو رهي. ڪيس ائين به چوائي موڪليائين ته پاڻ کي اجاين تمنائن کان پري رکي؛ مِڪر، لالچ ۽ دولاب جي ڳالهين ۾ نه پوي. هن مان ظاهر آهي ته حجاج ننڍي ۾ ننڍيون ڳالهيون ۽ تفصيل به پنهنجي سڌي اختيار ۾ رکي رهيو هئو. هو چاهي پيو ته محمد قاسم پنهنجي خود جي چؤياري نه ناهي-درباري، شيڇننڪ ۽ پشتي ڪندڙ گڏ نه ڪري.

ڪعب بن مخارق پوءِ خليفي وٽ ويو. ان ڏينهن اتي لڙائيءَ ۾ فتحيابيءَ جون نشانيون آنديون ويئيون هيون. انهن ۾ راءِ ڏاهر ۽ ٻين ناڪرن جا سر به هئا. اُهي سڀ حجاج هڪ ٽولي هٿ هٿ موڪليا. اهو ٽولو محمد قاسم هُن وٽ موڪليو هئو. ان سان گڏ غلام پڻ موڪليا هئائين؛ جن ۾ گهڻو ڪري شاهي خاندانن جون ڇوڪريون هيون. سڀ خليفي وٽ اچي چڪا ته هن غلامن مان راءِ ڏاهر جي ڀاڻيجيءَ کي گهرايو. ڇوڪري ڏسي هو يڪدم ان تي موهت ٿي پيو.

ڪڙا هئا. پوءِ تلوارن ۽ ڀالن جي ٽڪرائجڻ ڪري ٻاهه جا ترورا ماحول ۾ ڦهلجي رهيا هئا. ان وقت **محمد قاسم** واڪو ڪري پيئڻ لاءِ پاڻي گهريو. ان مان ظاهر هئو تہ هو سنڌي لشڪر جو هيبتناڪ مجموع ڏسي گهبرائجي ويو هئو.''

حجاج چيو- ''هاڻ روز **محمد قاسم** کي هڪ چٺي لکي وجي تہ جيئن اتساهہ پائي دلجاءِ ڪري.''

ان کان پوءِ هو نت نيم **محمد قاسم** کي چٺي لکڻ لڳو. هونئن بہ **محمد قاسم**، **حجاج** جي صلاح/هدايت کانسواءِ ڪو قدم نہ کڻندو هئو.

حجاج پوءِ سڄي **ڪوفہ** شهر ۾ پڙهو گهمائڻ لاءِ چيو تہ مسجد ۾ سڀ رکي ويئي آهي، سڀ اتي گڏ ٿين. جڏهن سڀ گڏ ٿيا تہ ٿلهي تي چڙهي **حجاج** خدا تعاليٰ کي ياد ڪري بندگي ڪئي. وعظ شروع ڪيائين- ''**سِريا** ۽ **عربستان** واسين لاءِ خوشنصيبيءَ جي خوشخبري. **هند** فتح ٿي چڪي آهي ۽ اٿاهہ مال متاع هٿ اچي چڪو آهي. توهان سڀني کي مبارڪون هجن. خدا تعاليٰ پنهنجي مهر سان اسان کي **سنڌوءَ** جو منو پاڻي ۽ ٻئي ڪافي فائدا عطا ڪيا آهن.''

هن **محمد قاسم** جي چٺي پڙهي ٻڌائي. ان ۾ **سنڌ** فتح ڪرڻ بابت تفصيلوار احوال ڏنل هئو. هن پوءِ جشن ملهائڻ جو حڪم ڏنو.

حجاج انهن سڀني کي دربار ۾ سنن عهدن جي آڇ ڪئي، جن لڙائيءَ ۾ جوهر ڏيکاريو هئو. قيمتي زيور-رنگبرنگي هيرن، جواهرن جڙت، انهن کي سوکڙي طور ڏنا ويا. پوءِ ڪين خليفي سان ملڻ لاءِ روانو ڪيائين. خليفي وري هنن کي دربار ۾ الڳ الڳ عهدن تي رکيو. جن جي اتي رهڻ جي اچا نہ هئي تِن کي واپس وڃڻ ڏنو ويو.

حجاج وري **محمد قاسم** کي چٺي لکي، هن جي ڪارين جي ساراهہ ڪندي لکيائين :

جيسينه ڪجهه ٻين درٻارين ۽ اميرن سان صلاح ڪئي. انهن جو ٻه
ايو هئو ته برهمڻاباد هلجي. هن پوءِ سيني پوئلڳن ۽ زيردستن
وڏو اوڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيو.
هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ راڻي ٻائي راوڙ جي قلعي ۾ لڙائيءَ جي
ٻيارين ۾ لڳي ويئي. جيڪي شاهي خاندانن جا ۽ ٻيا امير ۽ وڏيرا
ڇپيا هئا، اهي مدد لاءِ اڳيان آيا. راڻيءَ جي چوڻ تي پندرهان هزار
ڄنگي جوڌا به تيار ٿيا ۽ مرڻ تائين لڙڻ جو قسم کنيائون. سڀ راوڙ
جي قلعي ۾ گڏ ٿيا.
خبر پوڻ تي محمد قاسم، قلعي طرف ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو.
نزديڪ پهچڻ سان قلعي مان سندس لشڪر مٿان، تيرن، ڀالن ۽ گليلن
جي پٿرن جو وسڪارو ٿيڻ لڳو.
محمد قاسم مناسب صفبندي ڪري، ڪجهه مزورن کي قلعي
جي ديوار هيٺان سرنگهه کوٽڻ لاءِ چيو. هن لشڪر جا ٻه حصا ڪيا.
هڪ ڀالا، برڇيون ۽ منجنيقن مان پٿر اڇلائڻ لڳو ته ٻيو رات جو
مشعالون ۽ پٿر. جلد ئي قلعي جا منارا ۽ ٻليون سڀ ناس ٿي ويا.
راڻي ٻائيءَ قلعي جي سيني عورتن کي گڏ ڪري چيو- ''جيسينه
اسان کان جدا ٿي ويو آهي. هاڻ محمد قاسم آيو آهي. اسان ٻچي
نه سگهنداسين. اسان جو شان شؤڪت ته وڃي چڪو آهي. هاڻ جڏهن
بچڻ جو وجهه نه آهي ته بهتر ٿيندو پاڻ کي ساڙي جلد ئي مٽي هلي
پنهنجن مردن سان ملون. ترت ئي ڪاٺيون، ڪپهه ۽ تيل گڏ ڪيو. توهان
مان جيڪڏهن ڪير به عربن کان رحم گهري پاڻ بچائڻ چاهي ته پلي ائين
ڪري. ٿي سگهي ٿو، ان جي جان بخشي وڃي ۽ آزادي ڏني وڃي.''
ليڪن سيني جي اِڇا گڏ مرڻ تي هئي. سيني هڪ مڪان ۾ گڏ
ٿي، ان کي باهه ڏني. ترت ئي هو ڀسم ٿي ويئيون. هيءَ جوهر جي

ان جا روش ۾ سرير ڪشش ڪندڙ هئا.

خليفي چيو- ”ڪعب هيءَ ڇوڪري شهزادي آهي ۽ سٺي سهڻي آهي. تون هن سان شادي ڪر.“

ڪعب نؤجوان هئو، خوش ٿي ويو ۽ يڪدم ڇوڪريءَ سان شادي ڪيائين. ڇوڪري چڱي سياڻي سمجهو هئي. آس پاس جون عورتون هن وٽ صلاح سوچڻ لاۓ اينديون هيون ۽ هن مان ڪافي ڪجهه پرائي سگهيون.

راۓ ڏاهر جي ديهانت وقت سندس فرزند **جيسينه** ۽ راڻي ٻائي - **راۓ ڏاهر** جي نالي ماتر پتني، ڪجهه شاهي خاندان جي جنگي جوڌن سان **راوڙ** قلعي ۾ حفاضت لاۓ ويا. **جيسينه** کي پنهنجي قابليت ۾ وشواس هئو ۽ لڙائي جي تيارين کي لڳي ويو. هن پنهنجن اميرن ۽ معتبرن کي چيو- ”اسان دشمن جي مقابل ٿي ڪين پنهنجين تلوارن جو مزو چکائينداسين. ان ريت پنهنجي وڃايل آبرو وري حاصل ڪنداسين. جيڪڏهن مري به وياسين ته پنهنجي جان اجائي ويئي ائين نه چيو ويندو.“

وزير **سياڪر** چيو- ”بهرحال اِهو مون کي نيڪ نٿو لڳي. اسان جو راجا نه رهيو آهي. لشڪر جو منوبل ٽٽي چڪو آهي ۽ ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا آهن. اسان جي من تي دشمن جو خوف ڇانئجي ويو آهي. ڪيترا لڙائيءَ مان تنگ ٿي پيا آهن. هنن حالتن ۾ وري يڪدم عربن سان لڙائي ڪرڻ مشڪل ٿيندي. سٺي رٿ اها آهي ته اسان هن وقت **برهمڻاباد** جي قلعي ۾ هلون. اهو پيڙهي به پيڙهي اسان جي قبضي ۾ آهي ۽ **راۓ ڏاهر** جو گهر پڻ اتي آهي. خزانو به اسان جي اختيار آهي. شهرواسين جو **راۓ ڇچ** جي ڪٽنب ڏانهن لاڙو پڻ سٺو آهي - دشمن سان مقابلو ڪرڻ ۾ سٺي مدد ڪندا. اتي تياريون ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي ۽ وقت به ملندو.“

'منهنجا پيارا سؤٽ، مون کي تو وٽان سموري خبرچار ملي. مون کي اپار خوشي ٿي رهي آهي. لڳي ٿو، تون پنهنجن ماڻهن جي سک ۽ سهنج جو سلو ڌيان رکي رهيو آهين؛ بنيادي طرح شرع جي طور طريقن جو پالن ڪري رهيو آهين؛ پر جنهن نموني تون ماڻهن کي معافي ڏيئي رهيو آهين سو قاعدي جي ابتڙ آهي؛ سوچ سمجهه کانسواءِ هر ڪنهن کي معافي ڏيئي رهيو آهين، دوست ۽ دشمن ۾ ڪو فرق نه رکي رهيو آهين. معافي ڏيڻ ۾ اتساهه نه ڏيکار، ورنه قاعدن جو ڪو مطلب نه رهندو. هن ڪان پوءِ پنهنجي ڪنهن به دشمن کي معافي نه ڏي. ڪنهن کي به نه ڇڏ، نه ته هرڪو توکي ڪمزور شخص سمجهڻ لڳندو.'

سچ ته فتحيابيءَ کانپوءِ حجاج ور ور ڪري محمد قاسم تي
لزام هڻي رهيو هئو ته هو دشمن ڏانهن رحمدلي ڏيکاري نرمائيءَ
ان ورتاءُ ڪري رهيو آهي. اِن مان هنن جي آپسي آچار وهنوار جو
ڪجهه پتو پوي ٿو. لڳي ٿو حجاج کي ڊپ لڳي رهيو هئو ته متان
حمد قاسم پنهنجو بنياد ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ اڳتي هلي
خود مختيار ٿي وڃي.

جڏهن راءِ ڏاهر نه رهيو (مول ليکڪ لکيو آهي 'جڏهن ڏاهر
دوزخ ۾ ويو'. اهو سچ ته اڻسهائيندڙ آهي. ليکڪ لاءِ سنو اثر نه
ئجي رهيو آهي) ۽ راوڙ جو قعلو به هٿن مان ويو ته جيسينه
ر همڻاباد ۾ وري لڙائيءَ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳو. هي ماڻهو ۽ هٿيار
ينوهار گڏ ڪرڻ لڳي ويو. هن سيني عزيزن ۽ شيڇنتڪن کي چٺيون
ڪڻ شروع ڪيون. پهرين پنهنجي ڀاءُ فوفي (گوپي) کي لکيائين.
جو راجڌاني الور جي قلعي ۾ هئو. وري ڀاڻيه ۾ سؤٽ ڇچ پٽ

رسم هندو عورتن ۾ قديم زماني کان هلندي پئي آئي.

محمد قاسم قلعي تي قبضو ڪري ورتو. هي اتي ٽي ڏينهن رهيو ۽ ڇهه هزار ماڻهن جو ڪوس ڪرايائين. عورتن ۽ ٻارن کي قيد ڪيو ويو. هن سڄو خزانو، ٻيو مال ملڪيت ۽ هٿيار پنوهار سڀ پنهنجي قبضي ڪيا. غلامن جي فهرست ناهي ته انگ سٺ هزارن تي اچي بيٺو. ان ۾ شاهي خاندانن جون ٽيهه نؤجوان ڇوڪريون پڻ هيون، هڪ **راءِ ڏاهر** جي ڀاڻيجي **حسنه** به هئي (لڳي ٿو ڇوڪريءَ جو اصل هندو نالو 'سندري' هئو.) **محمد قاسم** سيني کي **حجاج** وٽ موڪليو، مال متاع جي پنجين حصي سان.

حجاج وري سڀ قيدي خزاني سان خليفي حضرت **وليد** ڏانهن موڪليا. خليفي جڏهن گڏ آندل چٺي پڙهي ته خوش ٿي ويو ۽ خدا تعاليٰ جا شڪرانا بجا آندائين. هن شاهي خاندانن جون ڪجهه ڇوڪريون وڪيون ته ڪجهه ٻين کي سوکڙيءَ طور ڏنائين. جڏهن **حسنه** آئي ته هن جو حسن ۽ جمال ڏسي خليفي جون ڏنديون آڱريون لڳي وئيون. **عبدالله بن عباس** هن جو هٿ گهريو. خليفي چيو- ”پيارا سؤٽ هيءَ ڇوڪري ڏاڍي خوبصورت آهي. مان مٿس موهت ٿي پيو آهيان ۽ پنهنجي لاءِ رکڻ جو ويچار ڪري رهيو هئس، پر هاڻ تو هن جي گُهر ڪئي آهي ته بهتر تون هن سان نڪاح وجهه. هوءَ تو لاءِ وڌيڪ مناسب آهي.“

هيءَ **حسنه** (سندري) **راءِ ڏاهر** جي ڀي ڀاڻيجي هئي. خليفو هڪ (جنهن جو نالو نه ڏنو ويو آهي) جي شادي **ڪعب بن مخارق** سان ڪرائي چڪو هئو.

راوڙ جا سڀ معاملا سلجهائي **محمد قاسم**، **حجاج** کي فتحيابيءَ جي رپورٽ موڪلي. هن جو جواب آيو :

هو قلعي مان نڪتا. قلعي جي دروازي سامهون پريان **رمل** ديش جو ڪو شهر هئو. هنن مسلمانن جي ڄاڻ ڪانسواءِ **منجهل** نهر پار ڪرڻ شروع ڪئي.

محمد قاسم کي صبوح جو جڏهن هنن جي وڃڻ جي خبر پئي ته يڪدم هڪ فوجي دستو سندن پٺيان موڪليائين. ڪيترا ان وقت اڃا نهر پار ڪرڻ ۾ لڳل هئا. جيڪي پڪڙجي سگهيا، انهن کي يڪدم مؤت جي منهن ۾ موڪليو ويو. باقي جيڪي نهر پار ڪري چڪا هئا، سي **هندستان** طرف روانا ٿي ويا-**رمل** جي رستي. ھُت وڃي سير جي ملڪ ۾ پناھ ورتائون. اُتان جو راجا **ديوراڄ، راءِ ڏاهر** جو سؤٽ هئو.

محمد قاسم شهر تي قبضو ڪيو. وري گڏ ڪيل مال متاع جو پنجون حصو خليفي کي موڪليائين. **بهرور** ۽ **دهليلهِ** جي فتحيابيءَ بابت **حجاج** کي لکيائين.

محمد قاسم پوءِ **هند** جي سيني حاڪمن کي چٺيون لکيون؛ ڪين پيش پوڻ ۽ اسلام اختيار ڪرڻ لاءِ چيائين. **راءِ ڏاهر** جي وزير **سياڪر** جڏهن پڌو ته هن پنهنجا خاص ماڻهو **محمد قاسم** ڏانهن موڪليا. ھُن کي سچهاءُ موڪليائين ته 'جيڪڏهن جان بخشي وڃي ته پيش پوڻ اچاں.'

محمد قاسم کي هي سچهاءُ وڻيو ۽ يڪدم قبول ڪيائين. **سياڪر** هن وٽ ڪجهه مسلمان عورتون وٺي آيو. اهي اڳه سامونڊي ڌاڙيلن جي قيد ۾ هيون ۽ پهرين آزاد ڪيلن ۾ شامل نه ٿي سگهيون هيون.

سياڪر کي سنو آءُ ياءُ مليو. ڪيس ڇڱيون سوکڙيون به ڏنيون ويئيون. هن کي نئين حڪومت ۾ ساڳيو ئي وزيريءَ جو عهدو ڏنو ويو. هن اسلام اختيار ڪيو. هي **محمد قاسم** جو صلاحڪار ٿي رهيو. هن جي صلاح مخفي معاملن ۾ به ورتي پئي ويئي. هو عربن جو خيرخواه ٿي رهيو ۽ سياسي ڳالهين ۾ سندن رهبري ڪرڻ لڳو.

دهليله فتح ڪرڻ ڪانپوءِ **محمد قاسم**، **بنونه بن ڌرن** کي سڏايو.

ڏهرسينه ۽ ٻڌيه-کيڪانان ۾ چندر جي پٽ ڊول کي لکيائين. هن کين راءِ ڏاهر جي قضيئي جي ڄاڻ ڏني ۽ چوائي موڪليو تہ دشمن سان وڙهي لڙائي لاءِ ساڻس گڏ اچي بهن. هو پنهنجي طرفان تہ تيارين ۾ لڳل ئي هئو. ڪجھہ بهادر شخص سان گڏجي هي دشمن خلاف تيار ٿي برهمڻاباد ۾ بينو. هن جي چنبن جو ڇا جواب آيو سا خبر نہ پئجي سگهي آهي.

محمد قاسم هاڻ برهمڻاباد ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. راوڙ ۽ برهمڻاباد جي وچ ۾ قلعن وارا ٻہ شهر هئا-بهرور ۽ دهليله. اٽڪل سورهان هزار جنگي جوڌا انهن قلعن ۾ هئا. محمد قاسم بهرور تي حملو ڪيو. لڙائي لنبي هلي- ٻن مهنن تائين. هن رات ڏينهن جنگ جوتڻ جو فيصلو ڪيو. رات جو مشعالن جا تير ۽ منجنيقن مان پٿر قلعي تي ورسايا پئي ويا. آخر قلعي جون ديوارون ٽٽي پئيون ۽ لڳ ڀڳ سڀ جنگي جوڌا مارجي ويا. ٻچلين کي قيد ڪيو ويو. ڇڱو مال متاع هٿ آين؛ پنجون حصو هميشه موجب شاهي خزاني ۾ موڪليو ويو.

خبرون دهليله پهتيون. ماڻهو سمجهي سگهيا تہ محمد قاسم ڪافي طاقتور آهي. هن وٽ لڙائيءَ جو ساز سامان سنو آهي ۽ ڪافي انداز ۾ آهي؛ پاڻ بچائڻ مشڪل آهي. واپاري طبقي جا ماڻهو هند جي ڪن شهرن ڏانهن هليا ويا. فوجي فطرت وارا، اتي ئي رهيا- پنهنجي ماتر يوميءَ جي بچاءَ لاءِ. محمد قاسم قلعي کي گهيرو ڪيو. لڳ ڀڳ ٻن مهنن ڪانپوءِ شهرواسي اندر مايوس ٿيڻ لڳا. ٻاهران ڪا مدد نہ پهچي رهي هئي. هنن ٻاهر وڃڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪڏهن ضروري لڳو تہ مرڻ تائين لڙبو. هنن پنهنجي سرير تي گلاب جو پاڻي ۽ ٻيو عطر لڳائي ڪفن نمايان ڪپڙا پاتا. پنهنجا ڪٽنب ساڻ ڪري

روڪجي. موڪه جواب موڪليو- ”هو هن وقت توهان جي ڇانوڻيءَ کي ويجهو آهي. توهان پنهنجي لشڪر جا پروسيمند بهادر وري هن کي پريشان ڪرڻ لاءِ موڪليو. ٻيو ڪو رستو نٿو سجهي.“

محمد قاسم، **بنانه بن حنظله ڪلابي** ۽ ٻين کي هن ڪم لاءِ موڪليو. ڪين گهوڙيسوار گهربل انداز ۾ ڏنا ويا. هن **موڪه** ۽ **حاشم بن عمرو موسيٰ** کي ٽولي جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. سڀئي مڪمل ريت هٿياربند هئا.

جيسينه کي جڏهن عرب لشڪر جي اچڻ جي خبر پئي ته ترت ئي پنهنجي ڪٽنب ۽ مال سامان سان **ڀاٽيه** ڇڏيائين. ريگستاني علائقو پار ڪري، **جنڪن** ۽ **عورا اوڪايا** ۾ آيو. اهو **جتور** رياست جو علائقو هئو. هي ڪجهه وقت اُتي رهيو. اُتان هڪ چٺي ياءُ **فوفي** کي **الور** ۾ لکيائين. هن کي پنهنجي چرپر جا ڪارڻ ٻڌائيندي چيائين ته ڪيئن به ڪري **الور** جي حفاظت پختي نموني ڪري. چٺي پڙهي **فوفي** اُتساهه ۾ پرجي ويو.

محمد قاسم واري **برهمڻاباد** جي ناڪابندي ڇهه مهنا هلي. اُتان جي ماڻهن کي خبر هئي ته **جيسينه جنيسر** ۾ آهي. انهن کي هن جي پوءِ جي چرپر بابت ڪا ڄاڻ ڪونه هئي. شهر جي وڏيرن مان چار شخص-جيڪي وڏا واپاري هئا، قلعي جي **جريطري** دروازي وٽ گڏ ٿيا. انهن صورت حال بابت ڪجهه هن ريت ڳالهايو- ”عرب لشڪر ڪامياب ثابت ٿي رهيو آهي. **راءِ ڏاهر** جو ديهانت ٿي چڪو آهي. گذريل ڇهن مهنن کان عرب اسان کي گهيري وينا آهن. اسان هنن سان پچي نه سگهنداسين. صلح شانتيءَ جي عهد بابت به ڪير نه ڳالهائي رهيو آهي. حالتون جيڪڏهن ائين رهيون ته هو پڪ ئي پڪ فتحياب ٿيندا. اسان جي اڳواني ڪندڙ ڪير آهي ڪونه. اچو ته

هي اچي حاضر ٿيو. **محمد قاسم** کيس بيڙيون گڏ ڪرڻ جو ڪم سونپيو ۽ **منجهل** نهر جي ڪناري **دهليله** کان **وڏاتيه** تائين نظرداري رکڻ لاءِ چيو. اُتان کان **برهمڻاباد** صرف ٽي ميل پري هئي. **جيسينه** کي خبر ملي تہ اسلامي لشڪر سندس قلعي طرف اچي رهيو آهي.

محمد قاسم ننڍي نهر **حلوالي** جي ڪناري تي ڇانوڻي هڻي. اها **برهمڻاباد** جي ايرندي پاسي هئي. هن **برهمڻاباد** جي عوام ڏانهن قاصد موڪليا، کين چوڻ لاءِ تہ پيش پون؛ اسلام قبول ڪن يا ڏن ڏين. جيڪڏهن ڪجهہ نہ ڪن تہ لڙائيءَ لاءِ تيار رهن.

جيسينه قاصدن جي اچڻ کان اول ئي **جنيسر** ويل هئو. هن **برهمڻاباد** جي معتبرن مان سورهان شخص چونڊيا؛ چار چار ڪري کين قلعي جا چار دروازا سنڀالڻ لاءِ چيو. هر ڪنهن کي پنهنجو فوجي دستو وٺي اچڻو هئو. دروازن جا نالا هئا- **جريطري** يا **ڀهارند**، **ساتيا**، **بنوره** ۽ **سالها**.

اُتي پهچڻ شرط **محمد قاسم** هڪ کاهي کوٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ لڙائي شروع ٿي. اهو ڇنڇر جو ڏينهن هئو-تاريخ پهرين، مهنو گهٽو ڪري محرم سنہ ٩۴ هجري (٧١٢ع). سنڌي لشڪر لڙائيءَ لاءِ ٻاهر آيو. هو لڳ ڀڳ چاليهہ هزار جنگي جوڌا هئا. لڙائي ڇهہ مهنا هلي- روز صبوح کان شام تائين. **محمد قاسم** کي چنتا ٿيڻ لڳي. هن کي کاڌي لاءِ اناج ۽ چاري جي تڪليف ٿي رهي هئي.

جيسينه راجا **رامل** جي ملڪ **ڀاٽيه** ۾ ويل هئو. هي اُتان قلعي جي ماڻهن کي مدد پهچائي رهيو هئو ۽ اسلامي لشڪر کي پريشان ڪري رهيو هئو تہ سندن رسد بہ ناس ڪري رهيو هئو.

محمد قاسم هڪ راز محرم شخص، **موڪه بسايه** وٽ موڪليو. هن کي چوايائين تہ **جيسينه** کيس آزاري رهيو آهي، ان کي ڪيئن

تيار ٿي بيٺا. محمد قاسم حڪم ڪيو ته ڪنهن کي به هٿ نه لاتو وڃي، سواءِ انهن جي جيڪي رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪن. هٿياربند ماڻهن کي پڪڙي قيد ڪيو ويو. جن ڏن ڏنو ۽ رحم لاءِ چيو، انهن کي معافي ڏني ويئي. محمد قاسم انهن سيٺي کي پنهنجي وطن ۾ رهڻ جي ڇوٽ ڏني. ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي سان قسمنامن سان انجام ڪيا. ٻئي جيڪي هٿيار هلائڻ جي قابل هئا ۽ معافيءَ لاءِ اڳيان نه اچي رهيا هئا، انهن جا سر ڌڙ کان ڌار ڪيا ويا. انهن جا عزيز ۽ پوئلڳ قيد ڪيا ويا. ٽيهن سالن جي اندر وارن نوجوان قيدين کي هٿڪڙين ۽ ٻيڙين سان جڪڙيو ويو. ائين ڇڳن ڇٽن کي ماريو ويو. باقي ٻين تي ڏن مقرر ڪيو ويو.

ساڳيون ڳالهيون- بلڪل ساڳيون، ڪيترن هنڌ سڌي سنواٽي نموني دهرائڻ بدران 'چچ نامه' جي ليکڪن الڳ الڳ نموني بيان ڪيون آهن- الڳ الڳ ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن مان سچ ڇا آهي سا ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو ذريعو نه آهي. سچ ته هن ريت پڙهندڙن کي منجهايو ويو آهي. بهرحال سلسلو جاري رکڻ لاءِ ڪتاب ۾ ڏنل سڀ تفصيل جيئن جو تيئن هت ڏنا ويا آهن.

راڻي لاڏيءَ بابت اڳ چيل آهي ته عرب سپاهين هن کي راوڙ جي قلعي مان پڪڙيو هئو. محمد قاسم خليفي کان منظوري وٺي، ان کي خريد ڪيو ۽ پنهنجي زال بڻايو. هاڻ وري چيو ٿو وڃي ته راءِ ڏاهر جي قضيئي جي وقت کان هوءَ هڪ ٻئي پٽ سان برهمڻاباد ۾ هئي. راڻيءَ دشمن خلاف قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو. جيسينه ٻاهر ويل هئو. راءِ ڏاهر جو هيءُ بينام پٽ کهڙي راڻيءَ مان هئو سا خبر نه پئجي سگهي آهي. دراصل ڪتاب ۾ ڪٿي به اهو ڄاڻايل نه آهي ته کهڙو پٽ کهڙي راڻيءَ مان هئو.

پاڻ ۾ گڏجي سڀ قلعي کان ٻاهر هلون ۽ مرڻ تائين لڙندا رهون. هونئن به جيڪڏهن صلح ٿي ته اسان جا سڀ مرد جيڪي هٿيار هلائي ڄاڻن، هو مارڻ وارا ئي آهن، پر جيڪڏهن اسان کي پنهنجي سلامتيءَ جي خاطري ملي ته اسان قلعو عربن جي حوالي ڪري ڇڏيون-ٻيو ڪو چارهو ڪونهي. ان لاءِ عرب جنرل کي قسمنامي سان انجام ڪرڻو پوندو. ائين ممڪن ٿو لڳي، جيڪڏهن اسان پيش پونداسين ته هو اسان طرف نرمائيءَ ڀريو رخ اختيار ڪندو.“

هنن پاڻ کي **محمد قاسم** جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مناسب نموني هن کي چٺي لکيائون. **محمد قاسم** کي جڏهن چٺي ملي ته هن پنهنجن معتبرن ۽ اميرن کي صلاح لاءِ سڏايو.

موکه بسايه چيو- ”**هند** جي سيني شهرن ۾ **برهمڻاباد** خاص اهميت وارو آهي، ۽ راڄڌاني به آهي. (**راءِ ڏاهر** سال جو چڱو وقت اُتي رهندو هئو.) جيڪڏهن اهو قلعو ۽ شهر توهان فتح ڪندا ته سڄي **سنڌ** توهان جي قبضي ۾ اچي ويندي. آس پاس جا ماڻهو به **راءِ ڏاهر** جي پوين سان رستو رکڻ نه چاهيندا؛ ڪجهه ڀڄي ويندا ته ڪجهه بخوشي پيش پوڻ ايندا.“

محمد قاسم سڄي معاملي جا تفصيل **حجاج** کي چٺيءَ ۾ لکي موڪليا. هن **برهمڻاباد** جي قاصد کي هڪُ ڏينهن ٻڌايو جڏهن سڄهاءُ کي عملي جامو پهرايو ويندو. ڪيس وڌيڪ ٻڌائين ته ٻئي لشڪر **جريطري** دروازي اڳيان ان ڏينهن آمهون سامهون ٿيندا.

حجاج وٽان جڏهن منظوري آئي ته عرب لشڪر حملو ڪيو. **برهمڻاباد** جو لشڪر قلعي ۾ هليو ويو؛ دروازو ڪليل رکيائون. عرب لشڪر بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي اندر داخل ٿيو. انهن کي داخل ٿيندو ڏسي سنڌي لشڪر اپرندي وارو دروازو کوليو ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ

١٢- محمد قاسم جو ڪاروبار سهيڙڻ

چيو وڃيٿو ته قيدين ۾ راءِ ڏاهر جي ڪٽنب جو ڪو ڀاتي نه مليو هئو، نه ئي ڪير انهن بابت ڪا ڄاڻ ڏيئي پئي سگهيو. ٻئي ڏينهن محمد قاسم جي دربار ۾ لڳ ڀڳ هڪ هزار برهمڻ آيا. هنن جي مٿي جا وار صفا ڪوڙيل هئا ته ڏاڙهي-مڇ به صفا چٽ. انهن کي هن طرح هڪ جهڙو ڏسي محمد قاسم عجب ۾ پئجي ويو. پڇيائين- ”هي شخص ڪهڙي لشڪر جا آهن؟ هن نموني پاڻ کي نوڙهو ڇو ڪري آيا آهن.“

مجموع مان هڪ ڄڻي چيو- ”حضور اسان جو راجا هڪ برهمڻ هئو. اسان به برهمڻ آهيون. جڏهن هو مارجي ويو ۽ هن جي حڪومت هلي ويئي ته ڪن وفادار شخص ان جي دک ۾ آپگهات ڪيو. هو ان جو وڇوڙو نه سهي سگهيا. ٻين اسان جهڙن وري پنهنجا وار ڏنا. هن ريت ڏاڙهي ۽ مٿو ڪوڙائڻ پنهنجي دک جو اظهار ليکيو ويندو آهي ته پرلوڪ پڌاريل شخص ڏانهن عزت جو.

هاڻ جڏهن مالڪ هيءَ حڪومت توهان جي اختيار ڪئي آهي ته اسان عادل ڪمانڊر جي حضور ۾ نيازن سان اهو ڄاڻڻ آيا آهيون ته هن جي اسان جي آئينده بابت ڇا صلاح آهي؟“

محمد قاسم رمز سان پيش اچڻ جو سوچي چيو- ”سچ ته توهان پنهنجي آقا ڏانهن وفادار پئي رهيا آهيو. اها سٺي ڳالهه آهي. مان توهان کي ڇوٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، ان شرط تي ته توهان ڪيئن به راءِ ڏاهر جي ڪٽنب جي ڀاتين کي حاضر ڪيو- ڪٿي به هجن.“

هن قسم سان انجام ڪيو، ته برهمڻن راتي لاڏيءَ کي سندس گهر جي اندرين ڪمرن مان ڳولهي ڪڍيو. ٻين جن اسلام اختيار

راڻيءَ درٻارين کي چيو- ”اهو سهڻو نٿو لڳي- اسان جي شان وٽان نہ آهي جو هئڙو مضبوط قلعو ۽ پنهنجا عزيز ۽ ڪٽنب ڇڏي ڏيون. اسان کي ڪيئن بہ ڪري دشمن جي سامهون ٽيڻ کپي؛ هنن تي سخت حملو ڪرڻ کپي. جيڪڏهن عرب فتحياب ٿيندا تہ پوءِ اسان کي بہ ڪو نہ ڪو رستو ڏسيندو.“

هوءَ پنهنجا زر زيور ڪٽي آئي ۽ جنگي جوڌن ۾ ورهايائين. سنن منن ٻولن سان هنن ۾ اُتساهہ پيدا ڪري سگهي. هن دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو هئو تہ جيڪڏهن قلعو هٿن مان ويندو تہ پاڻ کي پنهنجن ٻارن ۽ پوئلڳن سوڌو باهہ ۾ اُڇلائيندي.

قلعو تہ دشمن جي هٿن ۾ اوچتو آيو. اُتان جي عوام جي ناٽڪ ڪرڻ سان راڻيءَ کي خبر نہ پئجي سگهي. هن جا سڀ وفادار راءِ ڏاهر جي محل جي دروازي وٽ اچي گڏ ٿيا. شاهي ڪٽنب جا پاتي پڻ ٻاهر آيا. سڀ گڏجي پاڻ کي ختم ڪرڻ وارا هئا، پر پڪڙجي پيا.

سڀ قيدي گڏ ٿيل مال متاع سان **محمد قاسم** وٽ آندا ويا. هن راڻي **لاڏي** ۽ **راءِ ڏاهر** جي ٻن ڌيئرن لاءِ چيو تہ کين بہ آندو وڃي. (اهي ڇوڪريون ڪنهن ٻيءَ راڻيءَ مان هيون). هو ترت نہ اچي سگهيون.

قيدين مان عورتن کي الڳ وهاريو ويو. هنن جي نظرداريءَ لاءِ هڪ الڳ سنتري رکيو ويو. خليفي لاءِ ويهہ هزار غلام چونديا ويا ۽ گڏ ڪيل مال متاع جو پنجون حصو بہ الڳ ڪيو ويو. باقي جيڪو بچيو سو سڀ سپاهين ۾ ورهيو ويو.

قيدين مان واپارين، هارين، ڪاريگرن ۽ ٻين عام ناگرڪن کي ڇڏيو ويو. سيني فوجين جا سر، **محمد قاسم** جي حاضريءَ ۾ ڪٽيا ويا. چيو وڃي ٿو اهڙن بدنصيبن جو تعداد ڇهہ هزار هئو-ڪي تہ ائين بہ چون ٿا تہ تعداد سورهان هزار بہ ٿي سگهي ٿو. ●

هن شهر جي سيني برهمڻن جي سڏيا ڪوٺائي وعظ ڏنو:
''راءِ ڏاهر جي وقت ۾ توهان کي جوابداريءَ وارا عهدا هئا. انڪري توهان ضرور شهر ۽ آس پاس جي علائقي وارن سيني ماڻهن کي سڃاڻندا هوندا. اسان کي ٻڌايو تہ ڪير ڪير ڏيان ۾ رکڻ جوڳا آهن؛ ناميارا ۽ وڏيرا آهن ۽ اسان جي مدد-دوستيءَ جا حقدار آهن.
توهان لاءِ منهنجو رايو سنو ٿي رهيو آهي. مون کي توهان جي ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ ۾ مڪمل وشواس آهي. مان توهان جا پهرين وارا سڀ عهدا جيئن جو تيئن قائم رکان ٿو؛ ۽ رياست جو ڪاروبار توهان جي قابل هٿن ۾ سؤنپيان ٿو. اِن ڏس ۾ توهان کي پيڙهي بہ پيڙهي حق حاصل رهندا- توهان جي ٻارن ۽ ٻين پوين لاءِ. توهان هن انتظام ۾ ڪنهن ڦيرڦار جو الڪو نہ رکجو، نہ ئي هي حڪم ڪڏهن واپس ورتو ويندو.''
برهمڻن سڄي ملڪ ۾ نئين حڪومت بابت سنو ڳالهائڻ شروع ڪيو- ''هاڻ، راءِ ڏاهر جي قضيئي ڪانپوءِ سنڌي وطنين جي حڪومت ختم ٿي چڪي. هاڻ ملڪ تي مڪمل ريت عربن جي حڪومت آهي. هنن اڳيان سڀ هڪ جهڙا آهن-ننڍا يا وڏا، شهري يا ڳوٺاڻا. (هنن جو مطلب هئو تہ عربن وٽ ذات پات يا مڪاني مذهبي عقيدي جو ڪو فرق نہ آهي). هو سيني کي ساڳئي درجي جو ٿا مڃن. هنن اسان کي توهان وٽ موڪليو آهي، اها ڪجهہ خاطري ڏيڻ لاءِ تہ حقيقت کي سمجهجي. جيڪڏهن اسان عربن اڳيان پيش نہ پونداسين ۽ ڍن نہ ڏينداسين تہ اسان وٽ نہ مال ملڪيت رهندو، نہ ئي جيئاپي جو ڪو خاص ذريعو. سچ تہ اسان جي حالت هيٺي ٿي ويئي آهي. صرف هنن جي رحمدلي ۽ چڱاين ڪري ڪجهہ مان شان حاصل ڪري سگهنداسين، ورنہ اسان کي پنهنجي وطن مان هڪاليو ويندو. انڪري

ڪيو، انهن کي غلامي ۽ ڏن کان ڇوٽ ڏني ويئي. جن اسلام قبول نہ ڪيو انهن مٿان جزيہ ڍل مڙهي ويئي. ڍل جا ٽي درجا بڻايا ويا- ۴۸، ۲۴ ۽ ۱۲ درهام. پرينديڙ جي سماجڪ مرتبي ۽ ڪمائيءَ تي ڍل جو درجو منحصر رکيو ويو.

قلعي جي چئني دروازن تي هن پنهنجا پهريدار مقرر ڪيا. جن معتبرن ۽ اميرن پيش پئي قلعو عربن جي حوالي ڪيو انهن مٿان پڻ ڏن ساڳي ريت مقرر ڪيو ويو. **برهمڻاباد** جي شهر ۽ قلعي جي ڪاروبار ۽ اندرين معاملن تي نظرداري رکڻ جي جوابداري ھنن کي سؤنپي ويئي. ھنن سيني کي سروپا سان گڏ سنجن وارا گهوڙا سوکڙيءَ طور ڏنا ويا. ڪيترن کي دربار ۾ سنا آبرودار عهدا ڏنا ويا.

هن پوءِ واپارين، ڪاريگرن ۽ ڪڙمين جي ڳڻپ جو حڪم ڏنو. انهن جو عدد لڳ ڀڳ ڏهہ هزار بيٺو. محمد قاسم انهن تي صرف ۱۲ درهامن جي ڍل مقرر ڪئي، ڇاڪاڻ تہ هو عرب لشڪر جي ڪيل ڦرلٽ ۾ ڪافي ملڪيت وڃائي چڪا هئا.

وري ڳوٺن جا وڏيرا ۽ مکي مقرر ڪيائين. هنن تي مکيہ ريت ڍل گڏ ڪرڻ جي جوابداري رکي ويئي. شهر جي جن ماڻهن کي الڳ سان پيو ڏن ڏيڻو هئو سو پڻ انهن مکين ۽ وڏيرن کي گڏ ڪرڻو هئو.

برهمڻن جڏهن ڏنو تہ عرب جنرل وڏيرن جو لحاظ رکي رهيو آهي تہ هو بہ ڪجهہ اهڙي رعايت وٺڻ لاءِ عرض ڪرڻ آيا. شهر جي سيني وڏيرن ۽ اميرن شاهدي ڏني تہ برهمڻن جي جمائت کي گهڻي عزت ڏني ويندي آهي ۽ عوام ۾ هنن جي مڃتا بہ سٺي آهي. **محمد قاسم** هنن جي سٺي عزت افزائي ڪئي ۽ حڪم جاري ڪيو تہ اڳہ جيان هنن جو درجو قائم رهي ۽ مڃتا ٿيندي رهي. هن کي پڪ هئي تہ هي ڪا لچائيءَ ڀري حرڪت نہ ڪندا.

وچاري غريب تي ويا هئا. هنن جي آجيوڪا جو دارومدار شرڌالن
ي خيراتن ۽ سوکڙين پاکڙين تي هئو. عرب لشڪر جي ڊپ ڪري
اڻهن جو مندرن ۾ اچڻ وڃڻ گهٽجي ويو هئو. انڪري سوپاويڪ
تي پيتائون، روڪ توڙي جنس ۾ بند تي ويئيون هيون.
پوڄاري محمد قاسم وٽ آيا. بندگي ڪري چيائون- ”اسان
وڄاري ۽ ٻاوا آهيون. اسان هندو توڙي ٻوڌين جي آجيوڪا جو
ريعو مندرن ۾ چڙهايل پيتائن تي رهندو آهي. هاڻ ماڻهن جي اچ
چ گهٽجي ويئي آهي ته پيتائون نه اچي رهيون آهن ۽ اسان کي
يت گذراڻ جي تڪليف تي رهي آهي. هاڻ توهان جڏهن رحمدليءَ
جو ورتاءُ برهمڻن ۽ ٻين سان ڪري رهيا آهيو- انهن طرف نرمائيءَ
جو رخ اختيار ڪيو آهي ته اسان توهان جا غلام به ان ريت جو عرض
ڻي آيا آهيون. عوام کي مندرن ۾ وڃڻ جي اڳي وانگر ڇوٽ ڏني وڃي.“
پوءِ هندو عوام مان ڪيترن محمد قاسم کي چيو- ” هن ملڪ ۾
اسان جي جيوَن توڙي شهرن جي وڪاس جو دارو مدار برهمڻن تي
آهي. هو عالم آهن. اسان جي سيني خوشين ۽ غمين جي معاملن ۾
هنن جو انتظام هوندو آهي. هو ئي اسان جي رهبري ڪندا آهن.
اسان ڊلن ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي ۽ مسلمانن سان به نهي هلون ٿا،
ان اُميد سان ته هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو مذهب پالن ڪرڻ جي
ڇوٽ ڏني ويندي. هاڻ مندر زبون حالت ۾ پيا آهن. اسان کي
پنهنجن ديوي ديوتائن جي پوڄا ڪرڻ جو موقعو نه ملي رهيو آهي.
اسان جو عرض آهي ته عادل ڪمانڊر اسان کي مندرن جي مرمت
ڪرائڻ ۽ نوان ٺهرائڻ جي اجازت ڏئي. اڳي وانگر پوڄا ڪرڻ جي به
ڇوٽ ڏني وڃي. اسان جي برهمڻن ۽ پوڄارين کي اسان وٽان ايترو
ڪجهه ملندو جو هنن لاءِ آجيوڪا جو ڪو مسئلو نه رهندو.“

بهتر مقرر ڪيل ڏن ڏيو. بي حالت ۾ اڳتي هلي شايد بوجھ وڌي وڃي.''

وري ماڻهن کي دلجاءِ ڏيڻ لاءِ وڏيڪ چوڻ لڳا- ''ائين ته اسان ڌيان رکندا رهنداسين. مناسب موقعو ملنديئي پنهنجن ڪٽنبن سان هند جي ڪنهن شهر ڏانهن لڏي هلنداسين. اتي سٺي حفاضت ۾ رهي سگهنداسين. شخصي آزادي به هوندي ته مال ملڪيت به پنهنجي وس هوندو. تيسيتائين بهتر ڏن ڏيندو رهجي.''

ماڻهو محمد قاسم وٽ اچي ڏن ڀرڻ لاءِ قبوليت ڏيڻ لڳا. ڪن پڇيو، ان مان ڪيترو حصو برهمڻن کي ڏيٺو آهي، جن کي سرڪار پاران ڍلون وصول ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. محمد قاسم انهن کي دلداري ڏيندي چيو- ''ان جي توهان چنتا نه ڪيو. برهمڻن جو ڪم سرڪاري ملازمن طور آهي. بي ڳالھ ته سرڪار مان ڪڏهن به بنا ڪارڻ-بنا مطلب ڪنهن سزا جو ڀئہ نه رکو. توهان کي لکيت ۾ ڪنهن قرارنامي لاءِ نٿو چيو وڃي. بدل ڏن پنهنجو پاڻ نت نيم ڏيندا اچو. اسان ڪوشش ڪري توهان جون اڻچاڻائيءَ ۾ ڪيل ڀلون نظرانداز ڪنداسين. باقي بيو ڪجھ به پڇڻو هجيوَ ته ڀلي پڇي وٺو. توهان جي هر خواهش پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي.''

هن پوءِ پنهنجن ڪامورن کي چيو ته ڍلون گڏ ڪرڻ جي معاملي ۾ ايماندار رهن ۽ سڀني سان نياءُ ڀريو ورتاءُ ڪن. ائين پنهنجي بي ريائي واري وهنوار سان عوام ۾ نالو ڪمائن. ان ريت محمد قاسم پنهنجي حاصلات سهيڙڻ لاءِ، ماڻهن جون دليون جيتڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

برهمڻ خوش ٿي ويا، جو هنن کي رواج پٽاندڙ، واپارين، ناڪرن ۽ ٻين وٺان سوکڙيون ۽ خيراتون ملڻ شروع ٿيڻ لڳيون، پر مندرن جا

ڻ وار ملهائن- پنهنجن وڏن وانگر. خيرات لاءِ پنهنجي ڪمائيءَ جو
ي سيڪڙو ڪڍن.
هن ڪامورن جون پگهارون ۽ اميرن جا وظيفا مقرر ڪيا. هن
ر همڻاباد جي آس پاس جي علائقن جا معاملا بہ فيصل ڪيا؛ ساڳي
يت جيئن عراق ۽ سِريا ۾ غير مسلم مذهبين سان وهنوار ۾ ڪيو
بندو هئو. هن عام طور وڏيرن کي ’راڻا‘ جي خطاب سان سڏڻ لاءِ چيو.
محمد قاسم پوءِ وزير سياڪر ۽ موڪه بسايه سان صلاح ڪئي تہ
عات ۽ لوهاڻا قبيلن جي ماڻهن سان راءِ چچ ۽ راءِ ڏاهر ڪيئن
هنوار ڪندا هئا. وزير سياڪر هن کي سڀ تفصيل ٻڌايا تہ هنن تي
کيترا ۽ ڪهڙا بندش وڌا ويا هئا؛ مول ريت تہ هو سڀ هندو هئا. اهو
ڌي محمد قاسم عجب وچان چيو- ”لڳي ٿو هو فارس ۽ ڪوه پايه
جي جهنگلي ماڻهن جيان آهن. بهتر هنن سان ساڳئي نموني جو
وهنوار چالو رکيو وڃي.“
هن حڪم جاري ڪيو تہ راءِ چچ ۽ راءِ ڏاهر جو دستور هن
معاملي ۾ قائم رکيو وڃي. خليفي حضرت عمر بن الخطاب، سِريا
جي ماڻهن کي مڃايو هئو تہ اجنبي مسافر جڏهن سندن حدن ۾ اچن
تہ انهن کي چڱيءَ طرح کارائن، پيارن ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ رات رهڻ
ڏين؛ جيڪڏهن بيمار ٿي پون تہ ٽي راتيون. محمد قاسم لوهاڻن
کي ساڳئي دستور جي پوئواري ڪرڻ جو حڪم ڪيو.
برهمڻاباد ۾ برپا ڪيل دستور ۽ آندل سڌارا سڀ، عربن جي
قبضي وارن سنڌ جي ٻين علائقن ۾ پڻ جاري ڪيا ويا. حڪومت ملڻ
سان حجاج جو رخ نرم ٿيڻ لڳو هئو. اهو سوياويڪ بہ هئو. عوام جي
خيرخواهيءَ کانسواءِ عربن لاءِ سرشتو سنڀالڻ لنبو نہ هلي ها. انتظام
۾ بہ ڏکيائي ٿئي ها. تواريخ ۾ حجاج لاءِ چيو ويو آهي تہ هو ساڳئي

محمد قاسم ھن سڄي معاملي لاءِ حجاج کي لکيو. ڪجھ ڏينھن ۾ ھن جو جواب آيو :

’تو جيڪو ڪجھ لکيو آھي، مان چڱيءَ طرح سمجھي سگھيو آھيان. برھمڻاباد جي اميرن جو عرض ته نوان مندر-ھندو ٽوڙي ڀوڙي نھرائڻ جي اجازت ڏني وڃي، بلڪل واجبي آھي. جھونن مندرن جي مرمت به ٿيڻ گھرجي. مذھبي ڳالھين ۾ فراخدلي ھئڻ ئي کپي. مان سمجھي نٿو سگھان ته ڀڄل ڀل ڪانسواءِ اسان کي ھنن مٿان ھيو کھڙو حق ٿي سگھي ٿو. ھنن ڏن ڀريو آھي ۽ خليفي جي خزاني لاءِ به ڀڄل رقم ڏيڻ قبول ڪئي اٿائون. ڇاڪاڻ ته ھو اسان جا ذمي ٿي چڪا آھن، ته انھن جي حفاظت ڪرڻ اسان جو فرض آھي. انھن جي رھڻي ڪھڻي، مال ملڪيت ۾ ڪابه دست اندازي ڪرڻ جو اسان کي حق نه آھي. ھنن کي پنھنجو پنھنجو مذھب پالڻ جي اجازت ڏي. ڪير به ڪنھن قسم جي رڪاوٽ نه وجھي. ڀلي ته خوشي خوشي پنھنجن گھرن ۾ آباد ھجن.‘

چيو وڃي ٿو ته خليفات جي اوائلي دؤر ۾ ھن قسم جو ورتاءُ عام ھئو.

حجاج جي چٺي ملڻ تي محمد قاسم برھمڻاباد جي اميرن، وڏيرن ۽ برھمڻن کي گھرايو. ھن کين چيو ته ھاڻ ھنن کي پنھنجي اِڇا سان پنھنجي پنھنجي ڀڳوان جا مندر نھرائڻ جي ڇوٽ آھي. ھنن کي مسلمانن سان ورتاءُ ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف درپيش نه ايندي. انڪري پنھنجي لاءِ مڪمل سلامتي سمجھي خوشيءَ سان رھن. ھن سيني کي صلاح ڏني ته پنھنجي بھبوديءَ لاءِ ڪم ڪندا رھن. برھمڻن ۽ فقيرن ڏانھن ديا ڀاءُ رکن. پنھنجين ريتين رسمن جو پالن ڪن ۽

تنهنجا دشمن تو کان ڪنهن ڪائن.

چلين رستي مون سان صلاح سوچ ڪندو رهه.
ڪوشش ڪري ماڻهن کي هرڪائيندو رهه ته جيئن پيش
پئي تنهنجو چوڻ مڃيندا رهن. شهر جو ڪاروبار
سنڀالڻ لاءِ چار وڏيرا مقرر ڪر. جلد ئي هن ڏس ۾
حڪم جاري ڪر.‘

محمد قاسم پوءِ وداع بن حميد النجدي کي برهمڻاباد (عربن شهر جو نالو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ’ٻانيڙاهه‘) شهر ۽ قلعي جا معاملا سنڀالڻ لاءِ بالا آفيسر مقرر ڪيو. هن کي چيو ويو ته ڳوٺن مان ڍلون اُڳاڙڻ لاءِ عملي جي مقرري ڪري ته ٻين ملازمن جي به.

محمد قاسم وري شهر جا اقتصادي معاملا سنڀالڻ لاءِ شهر جي واپارين مان چار شخص چونڊي انهن جي ڪاميٽي ٺاهي. هنن کي خاص طور چيو ويو ته هر ننڍي وڏي ڳالهه کان وداع کي واقف ڪندا رهن؛ ۽ پنهنجي ليکي ڪجهه فيصلو نه ڪن.

تنهن کانپوءِ راوڙ جي قلعي ۽ شهر لاءِ هن نوبه بن دارس کي مقرر ڪيو. هن کي چيو ويو ته شهر جي سيني معاملن جي سار سنڀال لهندو رهي. پرسان نديءَ ۾ ٻيڙين جي آمدرفت جو ڌيان رکي ۽ ٻيڙيون به گڏ ڪري. نديءَ ۾ اتر کان ايندڙ ٻيڙين ۾ جيڪڏهن هٿيار يا ٻيو ڪو لڙائيءَ جو سامان هجي ته انهن کي پڪڙيو وڃي. مٿي اتر ۾ ٻيڙين گڏ ڪرڻ جو ڪم ابن زياد النجديءَ کي سؤنپيو ويو. ڪيرڄ جي راجا دروهر جي سيني علائقن تي هذيل بن سليمان الازدي کي نظرداري رکڻ لاءِ چيو ويو. حنطله بن بنانه ڪلابي کي دهليله جو گورنر مقرر ڪيو ويو.

هنن سيني آفيسرن کي چيو ويو ته پنهنجن پنهنجن علائقن جي معاملن تي خبرداري ۽ مڪمل سجاڳيءَ سان نظرداري ڪندا رهن.

- هڪ ئي معاملي کي اُبتي نموني ۾ سنڀالي سگهندو هئو ته سبتي نموني ۾-هڪ جهڙي قابليت سان.

برهمڻاباد جا معاملا سلجهائي سنواري، محمد قاسم هڪ چٺي حجاج کي لکي. ان وقت هي حلوالي نهر جي پرسان ڇانوڻي لڳائي وينو هئو. هن چٺي ۾ سنڌ تابع ڪرڻ جا مڪمل تفصيل لکيا. حجاج جو جواب آيو :

’تون گهڻي ساراهه ۽ شاباس جو حقدار آهين. عوام جون حالتون سڌارڻ ۽ سڀ معاملا شانتيءَ سان خاطرخواه نموني سلجهائڻ ۾ تو جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو سچ ته ساراهه جوڳو آهي. هاڻ برهمڻاباد کي پڪڙي نه ويهه - اڳيان وڌ. الور ۽ ملتان جا شهر هند ۽ سنڌ ۾ ڪافي اهميت رکن ٿا، ڇنجي ته اتان جا بنيادي ٿنيا آهن؛ سالن کان الڳ الڳ راجائن جي راڄڌانين طور پئي رهيا آهن. اتي ظاهري توڙي لڪل خزانا به ڪافي آهن. انهن ۾ هي مان توکي جيڪو بهتر لڳي اهو پنهنجي رهڻ لاءِ چوند. اُتان ويهي سڄي حڪومت تي نظرثاني ڪندو رهه - اختياري هلائيندو رهه.

جيڪو ڪير اسلام جو شرف حاصل ڪرڻ کان انڪار ڪري، ان کي ختم ڪرائي ڇڏ. خدا تعاليٰ تنهنجو مددگار ٿيندو. تنهنجو رخ هاڻ هند کان ٻاهر چائنا طرف هئڻ کپي. سوچيندو رهه ۽ ڪوشش ڪري فتحيابيون حاصل ڪري رستو ٺاهيندو وڃ.

مون امير قتيبه بن مسلم قريشيءَ کي مقرر ڪيو آهي ته نوان رنگروٽ وٺي تو وٽ اچي. تو وٽ جيڪي ضامني آهن سي سڀ هن جي حوالي ڪر. اهڙي نموني انتظام ڪر جيئن تنهنجو نالو چؤطرف ڦهليل رهي ۽

تي تہ سمورو ڪاروبار سڌي سنواٽي نموني هلي رهيو آهي. جواب ۾ لکيائين:

'منهنجو مخصوص حڪم آهي تہ فوجي فطرت وارن شخصن کي ختم ڪيو وڃي. انهن جي ٻارن کي قيد ۾ ضمانت لاءِ رکيو وڃي. جنهن جي تعبيداري جو استعمال ڪري سگهجي ۽ جيڪي فرمانبرداري سان پيش اچن انهن کي ڇوٽ ڏي. جن جون زمينون آهن ۽ منجهن سني پاڻيءَ جون نهرون آهن، انهن کي بہ ڇڏي ڏي تہ جيئن سٺي پوکہ ڪندا رهن. انهن تي ڏن ۽ ڍل مقرر ڪر. واپارين ۽ ڪاريگرن تي گهڻو بوجهہ نہ وجهہ. جيڪي جڳهيون ڳاهڻ جو ڪم ڪن ٿا ۽ ٻنين ۾ پوکہ ڪن ٿا، انهن جي ڪم ۾ ڪا رڪاوٽ نہ پوڻ کپي. ڍلن جي معاملي ۾ بہ انهن سان نرمائيءَ وارو ورتاءُ ڪر. جيڪي اسلام اختيار ڪن، انهن ڪان ملڪيت ۽ زمين جي پيداوار جو صرف ڏهون حصو وٺ. باقي ٻين کي دستور موجب ڍلون ڀرڻيون آهن.'

محمد قاسم وري ڪوچ ڪري بهرور ۾ آيو. اتي سليمان بن نبهان ۽ ابو فضہ القشيري -آزاد ڪيل غلام کي سڏايائين. انهن کي خدا جو واسطو وجهي چيائين تہ مڪاني ڪاروبار چڱيءَ طرح-خبرداريءَ سان هلائن. ان ريت هي هر علائقي ۾ ويو ۽ پنهنجي سڃاڻپ وارا وڏيرا مڪاني ڪاروبار هلائڻ لاءِ مقرر ڪندو ويو. سڀ مسلمان هئا ۽ گهڻي ڀاڱي غير سنڌي.

هن پوءِ سمہ جي علائقي ڏانهن رخ رکيو؛ قبيلي جو مکي سنبا هئو. هو راءِ چچ جي وقت ۾ ديبل جو گورنر هئو. سما هندو بہ هئا تہ ٻوڌي بہ. هنن جي راڄڌاني سنڌوءَ جي ڪناري سمانگر ۾ هئي. هاڻ ثابت ٿي چڪو آهي تہ اهو قبيلو گهڻي ڀاڱي ٺٽي ۽ سمني (مڪلي ٽڪرين) وٽ رهندو هئو. سمني، ٺٽي ڪان ٿي ميل اتر

مهني ۾ هڪ دفعو محمد قاسم کي ڄاڻ ڪندا رهن. هن ڪين چيو ته سڀ گڏجي ڪم ڪندا رهن؛ ائين لڳي ڄڻ هڪ ئي جٿو ڪم ڪري رهيو آهي-خاص ڪري جڏهن فسادن ۽ جنگ جو ڊپ هجي. هنن کي علائقن جو اندريون انتظام ڏسڻو هئو ۽ خاص خبرداريءَ سان بدمعاش عناصرن تي ضابطو رکڻو هئو. هن ڪين ٻه هزار پيادا سپاهي ڏنا.

ساڳئي نموني هن سيوستان، نيرون ۽ ٻين هنڌن لاءِ عملو مقرر ڪيو. عملي مان ڪيترا ته هتان جا دائمي رهواسي تي ويا. پنهنجو ڪٽنب ۽ پوئلڳ به وٺي آيا. ڪن ته مڪاني عوام مان شاديون ڪيون، ڪين ٻار به ٿيا. هنن جاٽن کي مڪمل ريت تعبيدار بڻائي ڇڏو ڪيو.

محمد قاسم برهمڻاباد جا سڀ معاملا چڱيءَ طرح-خاطرخواه نموني سلجهايا-اُيرنديءَ الهندي جو علائقو به سندس پڪي ضبط ۾ هئو.

هن پوءِ ٻاهر وڃڻ لاءِ ڪوچ ڪئي. اهو وسپت جو ڏينهن هئو-تاريخ ٿين، مهنو ڳهڻو ڪري رجب ۽ سال ٩٤ هجري (٧١٢ع). منهل وٽ ساوَنديءَ جي پسگردائيءَ ۾ اچي پهتو. اها جاءِ ڊنڊ وڪربهار جي ويجهو هئي؛ چوطرف خوبصورت چراگاهه جا مئدان هئا. هن اُتي ڇانوڻي هنئين. ان علائقي جا رهواسي ٻوڌي ٻاوا-شمني هئا. سڀ ٻاوا، ڪاريگر ۽ واپاري وغيره محمد قاسم وٽ استقبال لاءِ آيا؛ پنهنجي طرفان فرمانبرداريءَ جو قوُل ڪيائون.

هن سڀني کي معافي ڏني. حجاج وٽان ان نموني جو حڪم اچي چڪو هئو. هن سڀني مٿان ڏن مقرر ڪيو ۽ ڪين بنا ڪنهن خوف جي رهڻ لاءِ چيو. هن پوءِ انهن مان ٻن کي مکي طور مقرر ڪيو - هڪ بواد شمني ۽ ٻيو ذمن (يمن) ٻڌول. جاٽ قبيلي جي سڀني ماڻهن تعبيداري ڪرڻ قبول ڪئي ۽ معافي حاصل ڪئي. محمد قاسم سڄي رپورٽ تفصيلوار حجاج کي موڪلي. ڇني پڙهي هُن کي خاطري

مقرر ڪري ضامن ورتائين. هن پوءِ حڪم ڪيو تہ **الور** طرف وڃڻ لاءِ رستي جو نقشو ناهيو وڃي. ڪيتري ڪتي منزلون هٽجن، ان جو نشانيون ڪيون وڃن.

سؤنهن سڀ تفصيل پيش ڪيا ۽ ٻڌايو تہ، **الور سنڌ** جي راڄڌاني آهي، سڄي **سنڌ** ۾ وڏي ۾ وڏو شهر آهي. اُتي گهڻي پاڻي واپاري، ڪاريگر ۽ هاري رهن ٿا. **فوفي** پٽ **راءِ ڏاهر**، ان کي ملڪ جو مکيہ شهر ڪري چڙيو آهي. اُتي ڪير بہ **راءِ ڏاهر** جي ديهانت بابت نہ ٻالهائي رهيو آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ- ’**راءِ ڏاهر** اڃا حيات آهي. لشڪر وٺي اچڻ لاءِ **هند** ويو آهي تہ جيئن عربن سان نئين سر لڙائي ڪجي.‘ *

اولهہ ۾ آهي.

محمد قاسم پنهنجن ماڻهن سان جڏهن قبيلي جي ڳوٺ جي ويجهو پهتو تہ اُتان جا رهواسي دهل ۽ شرنايون وڄائي ناچ ڪندي سندس سواگت لاءِ اڳيان آيا. **محمد قاسم** هن نموني شادماني جي ڪارڻ بابت پڇيو تہ ڪنهن چيو- ”حضور، هي سندن رواج آهي. جڏهن بہ ڪو نئون حاڪم هت ايندو آهي تہ هي هِن ريت اُن سان گڏجڻ ايندا آهن.“

حاڪم بن عمرو هن سان گڏجڻ آيو. هن باادب دستوري سلام ڪري چيو- ”اسان کي خدا تعاليٰ جا شڪرانہ مڃڻ کپن، جو هي قبيلو اسان جو تعبيدار ٿيو آهي ۽ سڄي ملڪ ۾ اسان جي اختياريءَ جي مڃتا ٿي رهي آهي.“

حاڪم سنو سمجهدار شخص هئو. هو ايماندار ۽ نمازي مسلمان هئو. **محمد قاسم** مشڪي چيو- ”مان توکي هن علائقي جو گورنر مقرر ٿو ڪيان.“

حاڪم پوءِ گڏ ٿيل ماڻهن کي چيو تہ ناچ سنگيت چالو رکي آيلن کي وندرائن.

چيو وڃي ٿو تہ **لوهاڻن** ۽ **سمن** جا معاملا سلجهائي **محمد قاسم** پوءِ **سهتن** جي علائقي ۾ آيو. **’چچ نامہ‘** ۾ هِت چئن قبيلن جو ذڪر آهي- **لاکہ**، **سما**، **سهتا** ۽ **لوهاڻا**. (ٽن جو اڳہ چئپٽر ٣ ۾ ذڪر ٿيل آهي) تاريخ **معصومي** ۽ **تحفتہ الڪرام** ۾ ڪجهہ ٻين قبيلن جو بہ ذڪر آهي-**چاند**، **ماڇي**، **هالاه** ۽ **ڪوريجا**. اهي سڀ پڻ **سهتن** سان گڏ پيش پيا.

آس پاس جا ڳوناڻا، اُگهاڙي پيرين ۽ اُگهاڙي مٿين اڳيان آيا، رحم ۽ معافي گهرڻ لڳا. **محمد قاسم** هنن جي ڳالهہ مڃي ۽ مٿن ڏن

اجايو تباهيءَ طرف نہ وڃو. عرب لشڪر سان پڄي نہ سگهبو.''

هوءَ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي، پر مٿان ماڻهن چيو- ''تون ڪوڙ ڳالهائي رهي آهين. اسان جي دشمن سان ملي ويئي آهين. اسان جو راجا حيات آهي ۽ جلد ئي اچي هنن کي شڪست ڏيندو.''

هنن طعنا ڏيئي راڻيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو. محمد قاسم کي خبر پئي تہ هُن کي واپس گهرائي ورتائين ۽ چيائين- ''سيلاڻ جي ڪٽنب مان حڪومت مڪمل ريت وڃي رهي آهي، تہ بخت بہ بيزار ٿي رهيو آهي.''

الور جي قلعي ۾ هڪ هندو جوڳي جادوگرياڻي رهندي هئي. راءِ ڏاهر جو فرزند فوفي ۽ ڪجهہ وڏيرا هن وٽ ويا ۽ راءِ ڏاهر جي خبرچار پڇڻ لڳا تہ هو هن وقت ڪٿي آهي. جادوگرياڻي اندر پنهنجي ڪمري ۾ ويئي. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ٻاهر آئي. هن جي هٿ ۾ ڪارن مرچن ۽ جافر جي ٻوٽن جون ڪجهہ ڏانڊيون هيون. انهن تي ڪجهہ مڪڙيون کُلي رهيون هيون؛ ڪجهہ گل ۽ ميوو پڻ هٿ ۾ هئس. اچڻ سان چيائين- ''مان سڄي دنيا ڏسي آئي آهيان، خاص طور هند ۽ سنڌ. راءِ ڏاهر ڪٿي بہ نظر نہ آيو، نہ ئي ان جو ڪو پتو پئجي سگهيو. جيڪڏهن هو حيات هجي ها تہ مون کي ضرور خبر پوي ها. پنهنجي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ مان سرانديپ (سريلنڪا) مان هي تازيون تاريون ڪٽي آئي آهيان. مون کي پڪ آهي تہ اسان جو راجا حيات ڪونهي.''

سچ پچ اها ڪمنصيبيءَ جي ڳالهہ آهي جو ان نموني جون اجايون جادو، ٽوڻن ڦيڻن جون ۽ ٻيون اڻٺهڪندڙ غير منطقي ڳالهيون هيڙي درجي جي تواريخي ڪتاب ۾ آنديون ويئيون آهن. ظاهر آهي، رس پيدا ڪرڻ لاءِ ڪتاب عربين نائيٽس جهڙين افسانوي ڪهاڻين جي

١٣- الور جو پتن

محمد قاسم الور طرف پنھنجي ڪوچ جاري رکي. شهر کان هڪ ميل جي اندر قلعي جي سامهون ڇانوڻي هنيائين؛ مهنو کن اُتي رهيو. ان دؤران هن اُتي هڪ مسجد نهرائي ۽ هر جمع تي وعظ ڏيڻ شروع ڪيائين.

عربن ۽ قلعي جي رهواسين ۾ لڙائي شروع ٿي. قلعي ۾ ماڻهو اُميد لڳائي ويٺا هئا ته **راءِ ڏاهر** ڪجهه مدد وٺي ايندو. هو ڳاٽ اوچو ڪري قلعي جي ديوارن تان عربن کي جڪائڻ لڳا- 'پنھنجي جان جو خير گهرو. **راءِ ڏاهر** جلد ئي پنھنجن دوستن سان وڏو لشڪر وٺي اچڻو آهي- ڪيترا مست هاٿي به هوندا ته گهوڙيسوار ۽ پيادا سپاهي پڻ. بهتر اسان جي ڦريل مال ملڪيت واپس ڪيو ۽ پنھنجي ڪل بچائڻ لاءِ ڀڄي وڃو.'

محمد قاسم ڏنو ته سنڌي پڪي اِرادي سان لڙي رهيا آهن ۽ **راءِ ڏاهر** جي ديهانت جي ڳالهه نه مڃي رهيا آهن. هن راڻي **لاڏيءَ** کي سڏايو. هوءَ سندس زال ٿي چڪي هئي. هن کي سندس ڪاري اٺ تي چاڙهي ڪجهه راز محرم شخص سان قلعي طرف موڪليائين.

لاڏيءَ قلعي وٽ اچي ماڻهن کي چيو- ''قلعي واسيو، مان توهان سان ڪجهه ڳالهائڻ آئي آهيان؛ ڪجهه سني صلاح ڏيڻي اٿم. سڀ اچي قطار ۾ بيهو.''

چڱا وڏيرا اڳيان آيا ۽ مٿي قلعي جي ديوارن تي اچي بيٺا. **لاڏيءَ** منهن تي بڌل ڪپڙو هٽائي چيو- ''مان **لاڏي** آهيان، **راءِ ڏاهر** جي راڻي. اسان جي راجا کي ماريو ويو آهي ۽ سندس سر خليفي ڏانهن موڪليو ويو آهي. توهان پاڻ کي جوکم ۾ نه وجهو.

ماڻهو پيش پوڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن تہ، هن پنهنجن عزيزن ۽ پوئلڳن کي گڏ ڪيو. رات جي اونده ۾ سيني کي ساڻ ڪري ٻاهر آيو ۽ **جتور** جي علائقي طرف روانو ٿيو. اُتي پنهنجن پائرن- **جيسينه** ۽ **وڪيي** سان **نزواله صندل** جي علائقي ۾ وڃي مليو.

هڪ علافي **فوفي**ءَ کي پڇاڙيءَ تائين سهڪار ڏيندو پئي رهيو، تنهن سوچيو، بهتر هاڻ هن جي پڇي وڃڻ بابت عربن کي ڄاڻ ڪجي. هن هڪ ڪاغذ جي پرزي تي لکيو- ’**فوفي ڏاهر**، حڪومت تياڳي قلعي مان هليو ويو آهي.‘ اهو ڪاغذ هڪ تير سان ٻڌي ٻاهر موڪليائين.

محمد قاسم پنهنجو لشڪر حملي لاءِ موڪليو. هن جا فوجي قلعي جي ديوارن تي چڙهي لڙڻ لڳا، پر واپارين، ڪاريگرن ۽ ٻين، عرب جنرل کي نياپو موڪليو:

> ’اسان برهمڻ گهراڻي سان ناتا ٽوڙيا آهن. راءِ ڏاهر گذاري چڪو آهي. هن جو پٽ فوفي گم ٿي ويو آهي. اسان هيڏو ڏينهن ڏسڻ ڪڏهن نہ پئي چاهيو. حڪومت انهن جي هٿن ۾ ايندي آهي جن جي پرالبڌ ۾ لکيل هوندي آهي. هن دفعي مالڪ توهان جي هٿن ۾ سؤنپي آهي. اسان توهان جي خدمت ۾ پيش پوڻ لاءِ اچي رهيا آهيون. اسان عادل ڪمانڊر جي موڪليل وشواس جوڳن ماڻهن کي قلعي جو قبضو سؤنپڻ لاءِ تيار آهيون، ان اُميد سان تہ توهان اسان تي رحم ڪري معافي ڏيندا ۽ لشڪر جي ڦرلٽ کان بچائيندا. هيءَ قديم حڪومت اسان جي هٿن ۾ راءِ ڏاهر کان ورثي ۾ آئي آهي. هاڻ جڏهن راءِ ڏاهر پاڻ ۽ سندس فرزند فوفي نہ آهن تہ توهان جي تعبيداري ڪرڻ

اسٽائيل تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ڪيترن هنڌ ساڳي ڳالهه کي رد قد ڏيئي ٻئي هنڌ ٻئي نموني/مطلب سان پيش ڪئي ويئي آهي. **جيسينه** پنهنجي پاڻ **فوفي** ۽ ڀين کي **راءِ ڏاهر** جي قضيئي بابت اڳ لکي چڪو هئو. پوءِ هيءَ ڳالهه ڇو؟ خير ڪهاڻي وڌائڻ لاءِ ڳالهه هٿ جيئن جو تيئن پيش ٿي ڪجي.

راڻي **لاڏيءَ** جي باري ۾ به ڪيتريون الڳ الڳ ڳالهيون لکيون ويئيون آهن. لڳي ٿو انهن مان هڪ به سچي ڳالهه ڪونهي-سواءِ هن جي آپگهات جي، چاڪاڻ ته اها سوپاويڪ ڳالهه آهي. هڪ هنڌ چيو ويو آهي ته خليفي کان منظوري وٺي، شادي ڪرڻ لاءِ **محمد قاسم** هن کي سپاهين کان خريد ڪيو، جڏهن هوءَ **راوڙ** جي قلعي مان قيد ڪئي ويئي هئي. وري چيو ويو ته **برهمڻاباد** ۾ جوهر جي ڪوشش ڪيائين. ٿين ڳالهه تاريخ **معصومي** ۽ **تحفته‌الڪرام** جي؛ جيڪا سچي ۽ ممڪن لڳي رهي آهي ته **راءِ ڏاهر** جي موت جو ٻڌي **لاڏيءَ** قلعي جي ديوار تان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪيو. شاديءَ جي ڳالهه سچي انڪري به نٿي لڳي جو هوءَ **محمد قاسم** کان گهڻو وڏي هئي. هو ته اڃا ١٩ سالن جو هئو.

جڏهن جادوگرياڻيءَ جي ڳالهه عوام ۾ ڦهلجڻ لڳي ته قلعي جا رهواسي پاڻ ۾ صلاحون ڪرڻ لڳا- ’اسان **محمد قاسم** جي ڳڻن بابت ڪافي وقت کان ٻڌي رهيا آهيون ته هو هڪ ديندار ۽ ايماندار جنرل آهي. هو پنهنجا قول بخوبي نباهي رهيو آهي. ڇو نه هن سان عهدنامو ڪجي؟‘

هنن فيصلو ڪيو ته هڪ نياپو **محمد قاسم** کي موڪلجي. جيڪڏهن معافي ڏيڻ قبول ڪري ته اسان قلعو هن کي سؤنپڻ لاءِ تيار آهيون.

فوفي کي جڏهن خبر پئي ته **راءِ ڏاهر** هن دنيا ۾ نه رهيو آهي ۽

محمد قاسم پنهنجي عملي سان مندر جي اندر آيو. مندر جي مورتي سنگمرمر جي ٺهيل هئي. ان جي ٻانهن ۾ هيرن جواهرن جڙت سونا ڪنگڻ پيل هئا. **محمد قاسم** چپ چاپ هڪ ڪنگڻ لاهي ورتو. پوڄاريءَ کي چيائين- ”هيءَ مورتي تنهنجي آهي؟“

”جي!“ پوڄاريءَ چيو. وري مورتيءَ تي نظر پوندي چيائين- ”هن کي ٻه ڪنگڻ پاتل هئا. هڪ خبر نه آهي ڪيڏانهن ويو؟“

محمد قاسم مشڪي چيو- ”چو، تنهنجي ڀڳوان کي خبر نه هوندي ته ڪنگڻ ڪير کڻي ويو آهي؟“

پوڄاري ڪنڌ جهڪائي شانت ٿي بيهي رهيو. **محمد قاسم** کِلي ڪنگڻ کيس واپس ڪيو.

محمد قاسم حڪم ڪيو ته جيڪي ٻه شخص پيش نه پيا آهن؛ انهن کي موت جي منهن ۾ موڪليو وڃي، پر **لاڏيءَ** چيو- ”هتان جا ماڻهو جاين ناهڻ جا سٺا ڪاريگرن آهن، وري ٻئي سٺا واپاري ۽ هاري به آهن. شهر جا سڀ مڪان هِتان جي ماڻهن ٺاهيا آهن ۽ سڄي زمين تي اُهي ئي پوک ڪندا آهن. سرڪاري خزانو به هنن جي محنت ڪري ڀريل رهندو آهي. ڪمائيءَ جي ڪري سٺيون ڏلون ڀريندا آهن. جيڪڏهن هنن کي مارائيندين ته تنهنجي آمدني ۽ ملڪيت گهٽجندي.“

هن کي خوش ڪرڻ لاءِ **محمد قاسم** پنهنجو حڪم واپس ورتو. هن **رواح بن اسد** کي **الور** جو گورنر مقرر ڪيو. قاعدي قانوني ۽ مذهبي معاملن جو ڪاروبار وڏي **امام موسيٰ بن يعقوب** کي سؤنپيو ويو. هن کي مذهبي وعظ به ڏيڻا هئا ته انصاف جي ڪارروائي به سنڀالڻي هئي.

محمد قاسم ٻنهي کي چيو ته عوام طرف مٺي نظر رکن. *

اسان دل سان قبوليون ٿا ۽ ان ۾ خوش رهنداسين.‘

محمد قاسم جواب ۾ لکيو :

’مون توهان کي ڪو سمجهاڻ ڪونه موڪليو هئو. توهان پنهنجو پاڻ معافي گهري حفاظت لاءِ چئي رهيا آهيو. جيڪڏهن سچ پچ اسان سان ٺاهه ڪرڻ ٿا چاهيو ته قسم نامي سان قوّل ڪري مڪمل ريت لڙائي بند ڪيو. توهان ترت اچي، اهڙو ڪو اقرار نه ڪندا تيسيتائين پنهنجي دشمني ختم نه ٿيندي. پوءِ مون کي ڏوهه نه ڏجو، جيڪڏهن لشڪر توهان کي ڪو دهرم رسائي.‘

قلعي جي حفاظت ڪندڙن گڏجي فيصلو ڪيو ته- ’اسان دروازو کولي اُتي بهي محمد قاسم جو انتظار ڪيون. جڏهن هو پنهنجو انجام پاڙيندو ته اسان پيش پئي ڏن ڏينداسين، جيڪڏهن نه، ته حالتن کي بهادري ۽ همٿ سان منهن ڏينداسين.‘

ائين هو قلعي جي دروازي جون چاٻيون کڻي اچي ٻاهر بيٺا. حجاج ڪجهه نيڪ بندا موڪليا، انهن گڏجي ٻنهي ڌرين ۾ ٺاهه ڪرايو. قلعي جي رکوالي ڪندڙ لشڪر دروازو کولي پاسيرو ٿي بيٺو. قلعو عربن جي حوالي ڪيو ويو ۽ قسم نامي سان آپسي قرار ڪيا ويا.

محمد قاسم قلعي ۾ داخل ٿيو. ماڻهو سڀ نوبهار جي مندر ۾ اچي گڏ ٿيا. (مندر کي نووهار پڻ چيو ويندو هئو. اهڙو هڪ مندر برهمڻآباد جي پسگردائيءَ ۾ به هئو، جنتي راءِ چچ ۽ شمني ٻڌر کو جي وچ ۾ دلچسپ ورتالاپ ٿيو هئو) هرڪو ديوتا جي مورتيءَ اڳيان باادب جهڪي رهيو هئو.

محمد قاسم پڇيو- ”هي ڪنهن جو گهر آهي، جتي هرڪو ننڍو- وڏو ادب سان گوڏا کوڙي سجدو ڪري رهيو آهي؟“

ڪنهن چيو- ”هي ڀڳوان نوبهار جو مندر آهي.“

ارو ۽ موهت ڪندڙ-نيڻ به ته راجڪمار هئو. جانڪيءَ هن کي ڏٺو
ه يڪدم مٿس فدا ٿي ويئي؛ چترائيءَ سان گهڙي گهڙي هن کي
اسڻ لڳي.

جڏهن پروگرام پورو ٿيو ته جيسينه پنهنجي ڪوارٽر ۾ وڃي
رامي ٿيو. ڪجهه دير کانپوءِ جانڪي به گهر وڃڻ لاءِ نڪتي. سندس
اءِ هڪ بند ڏولي هئي. اندر وهڻ سان ڪهار عورتن کي چيائين ته
ڏولي، جتي جيسينه لٽل آهي اُتي کڻي هلن.

جانڪي هن جي گهر داخل ٿي ته جيسينه سمهيو پيو هئو. جانڪي
هن جي ڪمري ۾ ويئي. شراب جي تيز بوءِ جيسينه جي دماغ ۾
برجي ويئي ته چرڪ پري اُٿيو. جانڪيءَ کي پرسان ويٺل ڏسي
عجب ۾ پئجي ويو. اُٿي وينو ۽ چيائين- ”راجڪماريءَ جو ڪهڙو
ڪم ڦاٿو آهي جو هن مهل آئي آهي.“

جانڪيءَ مشڪي چيو- ”اڙي چريا، ڪجهه چوڻ جي ضرورت
آهي؟ جڏهن هڪ جوان خوبصورت عورت رات جي انڌيري ۾ تو
جهڙي سهڻي راجڪمار وٽ آئي آهي ته ان جو مطلب ظاهر آهي،
هوءَ تو سان همبستر ٿيڻ ٿي چاهي. تون پاڻ کي خوشنصيب سمجهه
جو هڪ سهڻي جنهن جي پٺيان دنيا چري آهي، تو سان رات گذارڻ
لاءِ ڪهي آئي آهي.“

جيسينه چيو- ”هرگز نه! اسان ڪڏهن به پنهنجي حق ٻڌي زال
کانسواءِ ٻي ڪنهن عورت سان رات گذارڻ ته ڇا پر ڪيس ڏسڻ به پسند
نه ڪندا آهيون. اسان برهمڻ آهيون-ديندار پوڄاري. هئڙي ڪڏي
ڪم ۾ اسان جو چاهه ڪڏهن نه هوندو آهي. پاڻ سنڀال ۽ مون کي
پنهنجي پاپ ۾ ڀائيوار ڪرڻ جو نه سوچ.“

جانڪي ضد لڳائي رهي هئي، پر جيسينه صاف اِنڪار ڪري

١۴- جيسينه جا ڏک درد

جيسينه ست سؤ گهوڙيسوار ۽ پيادا سپاهي ساڻ ڪري **جتور** مان **ڪيرج** جي قلعي ۾ آيو. اُتان جي راجا، **راءِ دروهر** هن کي سنو آءُ ڀاءُ ڏنو ۽ سندس چڱي عزت افزائي ڪئي. هن اسلامي لشڪر سان لڙائيءَ ۾ مدد لاءِ **جيسينه** سان واعدو ڪيو، حالانڪ پاڻ خود **هذيل بن سليمان الازديءَ** جي اڳواڻي هيٺ اسلامي لشڪر جي نظرداريءَ ۾ هئو.

راءِ دروهر هڪ دستور ناهي ڇڏيو هئو؛ هر ڇهين مهني هڪ ڏينهن موڪل ڪرڻي. اهو ڏينهن هو عورتن سان گڏ گذاريندو هئو. خوب کائڻ پيئڻ، ناچ ۽ گيت سنگيت جو پروگرام هوندو هئو. ٻاهرئين ڪنهن کي اچڻ نہ ڏنو ويندو هئو. اتفاق سان جڏهن **جيسينه** اتي پهتو، ان ڏينهن هنن جو هي جشن هئو. **دروهر** هن سان دستوري ملاقات ڪري پاڻ وٽ جشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نينڊ ڏني ۽ چيو- ”رواجي طور اسان ڪنهن کي اچڻ نہ ڏيندا آهيون، پر توهان اسان جا خاص مهمان آيو ۽ سٺي عزت جا حقدار آهيو. حق سان هليا اچو.“

جيسينه اندر ويو، پر شرمائي رهيو هئو. هو عورتن طرف نہ نهاري رهيو هئو. **راءِ دروهر** هن جي هيءَ حالت ڏسي چيو- ” هي عورتون توهان لاءِ مائرن ۽ ڀينرن جيان آهن؛ ڏسندا رهو.“

جيسينه چيو- ”اسان مول ريت پوڄاري برهمڻ آهيون. اسان ڪڏهن اجنبي عورتن ڏانهن نہ نهاريندا آهيون.“

دروهر هن کي ڇڏي ڏنو. سندس دينداري ۽ پرهيز جي ساراهہ ڪرڻ لڳو. عورتن ۾ **راءِ دروهر** جي ڀيڻ **جانڪي** بہ هئي. هوءَ سٺي خوبصورت ۽ وڻندڙ هئي. **جيسينه** بہ سٺن روشن جو ڏٺي هئو؛ فضيلت

ممڪن نہ آهي. اسان جي ٻيڻ ماڻهن کي مرڻو پوندو. مون کي ڪا
انڪل سوچڻي پوندي، جيئن چپ چاپ هن کي ماريو وڃي. هاڻ اُتي
هل روئي ڪاڻ. چاڪاڻ تہ ڪو نقصان نہ رسائي سگهيو آهي ۽ نظر بہ
ڪجهہ نہ ايندو تہ ڪلي عام هن کي سزا نٿي ڏيئي سگهجي. عوام ۾ ڪارڻ
ٻڌائڻو پوندو. مان نٿو چاهيان تہ هن ڪارڻ جي خبر ڪنهن کي پوي.“

دروهر پنهنجي گهر آيو. ٻن تلوارباز سپاهين کي سڏايائين ۽
چيائين- ”مان اڄ شام جو جيسينہ کي وندرائڻ لاءِ گهر گهرايان ٿو.
رسوئيءَ ڪانپوءِ شطرنج جي راند ڪنداسين. توهان ٻئي تلوارن سان
تيار رهجو. جيئن ئي مان چوان تہ ’راجا جي شهہ آهي‘ تہ توهان
يڪدم جيسينہ کي ماري ڇڏجو.“

نصيب سان هڪ سنڌي، جو ڪنهن وقت راجا ڏاهر جي نوڪريءَ
۾ هئو، هن سازش جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهيو. هو هنن سپاهين جو
دوست هئو؛ يڪدم اچي جيسينہ کي ٻڌايائين.

جيسينہ، دروهر جي دعوت قبول ڪئي ۽ ٻہ انگہ رڪشڪ ساڻ
ڪري هن جي محلات ۾ ويو؛ پوري تياري ڪري تہ حالتون جيئن
موڙ ڪائينديون تيئن منهن ڏبو.

جيسينہ جا سپاهي ڏسي، دروهر ارادو بدلايو. راند ۾ هڪ دفعي
هن چيو- ”راجا کي شهہ نہ مليو آهي ۽ شطرنج جي ڪلاڙيءَ کي نہ
ماريو وڃي.“ هي، دروهر جي ماڻهن کي اِشارو هئو تہ ڪجهہ نہ
ڪن، پر جيسينہ سمجهيو تہ هي سپاهين کي حڪم آهي تہ ڪيس
ماريو وڃي. هي يڪدم اُٿي محلات کان ٻاهر آيو. پنهنجي ڪوارٽر
پهچي سڀي دستي کي يڪدم ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. ٿوري
دير ۾ سڀ ٻاهر نڪري آيا، ميزبان سان دستوري الوداع ڪرڻ
ڪانسواءِ. هن صرف پنهنجي وڃڻ جو نياپو راجا دروهر کي موڪليو.

ڇڏيس، آخر جڏهن لڳس تہ هٿ دال ڳرڻ واري نہ آهي تہ چيائين- ”تو مون کي نراس ڪيو آهي، ڳالهہ نہ مڃي منهنجي دل ڏکائي اٿيئي. هاڻ مان توکي برباد ڪرڻ کانسواءِ نہ ڇڏيندس؛ پوءِ پاڻ کي بہ باهہ جو ٽڪُہ بڻائيندس.“

هوءَ واپس گهر آئي. ڦان ٿي بستري تي ڪِري پئي. سڄي رات بي آراميءَ ۾ گذاريائين.

ٻئي ڏينهن منجهند تائين نہ اُٿي. هڪ تہ شراب جو اثر هئو، ٻيو ڪام جا چڪ؛ انڪري دير تائين سمهيو پيس. راءِ دروهر کي پنهنجي پيءُ لاءِ ڪافي عزت هئي. اڄ منجهند تائين نہ آئي تہ هو سندس گهر آيو. هن جو منهن ڏسڻ کانسواءِ ڏينهن جو ڪاڏو ڪائڻ شروع ٿي نہ ڪندو هئو. هن کي غمگين ڏسي دروهر چيو- ”ڇو پيءُ، ڇا ڳالهہ آهي جو مايوس ويٺي آهين. ڀڪندڙ چهرو پيلو پئجي ويو آهي-ڇو؟“

جانڪيءَ چيو- ”هن سنڌيءَ مون سان جيڪو ورتاءُ ڪيو آهي، ان کان وڌيڪ بدتميزيءَ پريو ڪرڻ جي ڪنهن کي همت نہ ٿي آهي، نہ ٿيندي؛ ڪڏو ڪم ڪيو اٿائين. هن مون کي پارٽي ۾ ڏنو ۽ پوءِ دير رات جو منهنجي ڪمري ۾ آيو. هن منهنجي دامن تي داغ هڻڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. منهنجا راجا پاءُ تون هاڻ هن کان بدلو وٺ تہ جيئن ٻيهر وري ڪنهن ٻئي کي اهڙي همت نہ ٿئي ۽ نہ ٿي وري هن کي ڪنهن ٻئي اڳيان پنهنجي ڪامي حرڪتن جي اظهار ڪرڻ جي جريت ٿئي.“

راءِ دروهر جي من ۾ غصو ۽ نفرت پرجي ويا. ڪجهہ گهڙيون خاموش ٿي ويو، پوءِ چيائين- ”هي اسان جو مهمان آهي. وري آهي بہ برهمڻ ۽ ٻائو. هن جو اسان ۾ ڪم آهي ۽ مدد گهرڻ آيو آهي. پاڻ سان لڳ ڀڳ هزار جنگي جوان آندا اٿائين. هن کي مارڻ ائين

١٥- دائمي نڪاٽي جي ڳولها

محمد قاسم کي حجاج صلاح ڏني هئي تہ دائمي طور الور يا
ملتان ۾ ٺانئيڪو ٺيڻ جي ڪوشش ڪري. لڳي ٿو هن ملتان پسند
ڪيو ۽ الور ڪانپوءِ ان طرف ڪوچ جاري رکيائين؛ بياس نديءَ جي
ڪاٺي ڪپ تي ڀاٽيہ (ڀيڀيہ) شهر وٽ آيو. اُتي جو حاڪم ڪڪسہ
هو، چندر سيلائچ، راءِ ڏاهر جو سؤٽ هئو. هي راءِ ڏاهر سان عربن
خلاف لڙائيءَ ۾ شامل هئو ۽ هُن جي هار ڪانپوءِ پنهنجي قلعي ۾
واپس آيو.

اسلامي لشڪر جڏهن شهر جي ويجهو پهتو تہ ڪڪسہ ترت ڏن ۽
سامن موڪلي ڏنا. ترت ئي اتان جا وڏيرا ۽ معتبر بہ عرب جنرل وٽ
آيا ۽ پيش پيا. محمد قاسم هنن کي چڱو آءُ ڀاءُ ڏنو ۽ چيو- ”مون
کي خبر پئي آهي تہ ڪڪسہ الور جو عالم آهي. هو هڪ پڪي
ارادي وارو نيڪ شخص آهي ۽ پنهنجي ايمانداري ۽ وفاداري ڪري
ساٿين ۾ پيارو آهي. مان انڪري هن کي ڇوٽ ٿو ڇڏيان. هن کي
آتساهت ڪري مون وٽ موڪليو. مان هن کي پنهنجو صلاحڪار مقرر
ڪندس. مان هن سان سٺي نموني پيش ايندس ۽ کيس وزير طور
رکيندس.“

ڪڪسہ سچ پچ سنو عالم ۽ چاٽو شخص هئو؛ محمد قاسم سان
ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين تہ هوُ هن جي صلاح هر ننڍي وڏي معاملي ۾
وٺڻ لڳو. ڪڪسہ کي سيني درٻارين ۽ لشڪر جي اڳوانن کان اڳرو
ليکيو ويندو هئو. هن جي نظرداريءَ ۾ شاهي خزانو ۽ ٻئي اقتصادي
معاملا رکيا ويا.

محمد قاسم هاڻي ڀاٽيہ جو قلعو ڇڏي اڳيان وڌيو. سپ بياس

جيسينه هلي **جالهندر** ۾ آيو. (شايد هاڻوڪو **جلندر** ڀارت جي پنجاب راجيہ ۾). اُتان جو حاڪم هن کي عزت سان وٺي آيو. **جيسينه** اُتي تيسيتائين رهيو پيو هئو، جيسيتائين اِهو علائقو خليفي حضرت **عمر-بن-عبدالعزيز** (۷۱۷ع کان ۷۲۰ع تائين) جي حڪم سان عربن فتح ڪيو.

الور جي برهمڻن جو چوڻ آهي تہ ان وقت **جيسينه** جي بهادري ۽ سياڻپ جو مَٽ ڪير ڪونہ هئو. هن جي جنم جي ڪهاڻي ڪجهہ هن ريت آهي. هڪ ڏينهن راجا **ڏاهر** شڪار لاءِ جهنگل ۾ ويو. هن پنهنجا شڪاري ڪتا، چيتا ۽ بگهڙ هڪ هرڻ پنيان موڪليا؛ باز ۽ عقاب هوا ۾ ترڻ لاءِ ڇڏي ڏنائين. اوچتو هڪ شير گجگوڙ ڪندو آيو. دستي ۾ آيل سڀ شڪاري گهبرائجي ويا. **راءِ ڏاهر** گهوڙي تان لهي سڌو شير ڏانهن ويو. پنهنجي بوچڻي ڪاٻي ٻانهن تي ويڙهيائين، پوءِ ٻانهن تيزيءَ سان شير جي وات ۾ ڇڱي اونهي وڌائين. ساڄي هٿ سان تلوار جا تيز وار ڪري شير جون پويون ٽنگون ڪٽي ڇڏيائين. ڪاٻو هٿ ٻاهر ڪڍي هن جو پيٽ تلوار جي هڪ ئي جهٽڪي سان چيري ڇڏيائين. شير اُتي ئي مري ويو.

ماڻهو جيڪي جهنگل مان ڀڄي ويا هئا، سي سڌو راڻيءَ وٽ آيا. هوءَ ان وقت ڏينهن سان هئي. شير جي ڳالهہ ٻڌي دهلجي ويئي ۽ بيهوش ٿي ويئي.

راءِ ڏاهر آيو تہ ڏنائين راڻيءَ جي آتما هلي ويئي آهي. هِن حڪم ڪيو تہ هُن جي پيٽ جو يڪدم آپريشن ڪيو وڃي. ائين هڪ تندرست ڇوڪرو ٻاهر آيو. ٻار هڪ دائيءَ کي پالڻ لاءِ ڏنو ويو؛ ان جو نالو رکيو ويو **جيسينه**- معنيٰ شينهن تي فتح حاصل ڪندڙ. جيہ معنيٰ فتح ۽ سينه معنيٰ شينهن-شير. ★

تيو ۽ غصي ۾ هئو. هن حڪم ڏنو ته قلعو ڊاهي پٽ ڪيو وڃي ۽ علائقي جا سڀ شهر لٽيا وڃن-ناس ڪيا وڃن.

وري ندي پار ڪري **ملتان** آيو. اُتي **بجهرا** ۽ **ملتان** جو حاڪم **ڪُندراءِ** هن سان مقابلي لاءِ اڳيان آيا. لڙائي ٻه مهنا هلي-روز صبوح ڪان شام تائين. مڪاني بندا ڪافي ڦڙتيءَ سان جتن ڪرڻ لڳا. تيرن ۽ گليلن جي پٿرن سان عربن تي غالب پوڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. عربن جي ڇانوڻيءَ ۾ ڪاڏو ۽ گاهه گهٽجي رهيو هئو.

عرب قلعي جون ديوارون نه پٽي توڙي سگهيا، نه ئي وري ڪا سرنگهه ناهي پٽي سگهيا. اجا لڙائي زور شور سان جاري هئي ته هڪ ڏينهن قلعي مان هڪ شخص ٻاهر آيو ۽ رحم لاءِ عرض ڪرڻ لڳو. **محمد قاسم** هن کي حفاضت جي خاطري ڏني. ان شخص قلعي جي اتر واري پاسي ڪان-**راوي** نديءَ جي ڪپ جي لڳه هڪ جاءِ ڏيکاري. سپاهي اتان کوٽائي ڪري ديوار ۾ ڏارون وجهي سگهيا. ٻن ٽن ڏينهن ۾ ديوار ٽٽي پٽي ۽ عربن قلعي تي قبضو ڪري ورتو. ڇهه هزار فوجي قتل ڪري انهن جا پويان قيد ڪيا ويا. واپارين، ڪاريگرن ۽ هارين کي ڇوٽ ڏني ويئي، پر انهن تي خليفي جي خزاني لاءِ ڏن مقرر ڪيو ويو. ڪجهه رقم عرب سپاهين لاءِ به هنن کان گهري ويئي. اهي پئسا هنن ۾ وراهڻا هئا، ڪين خوش ڪرڻ لاءِ، ڇاڪاڻ ته قلعي جي ديوار ٽوڙڻ ۾ محنت ڪئي هئائون. لشڪر ۾ وراهڻ لاءِ سڄي شهر جي معبترن، وڏيرن ۽ اميرن گڏجي سٺ هزار درهام ڪنا ڪيا. **محمد قاسم** وري هنن کي چيو- ''هاڻ خليفي جي ڏن لاءِ پنهنجو حصو ڏيو ته هن جي راڄڌاني ۾ شاهي خزاني لاءِ موڪليو وڃي.''

هو اجا ڳالهائي رهيا هئا ته هڪ برهمڻ اڳيان آيو ۽ چيائين- ''هاڻي جڏهن شهر حضورجن جي هٿ ۾ آيو آهي ته مون کي هيءَ

ندي پار ڪري **گهولڪنده** جي قلعي وٽ آيا. اُتان جا ماڻهو لڙائي لاءِ تيار ٿي ٻاهر آيا. **رانده بن عبر الطافي** ۽ **ڪڪسه** جي اڳوانيءَ ۾ هنن کي لڙائي ۾ مشغول رکيو. گهمسان لڙائي لڳي ۽ چڱي رتوڇاڻ ٿي. آخر عرب لشڪر غالب پئجي ويو. مڪاني بندا قلعي ۾ هليا ويا ۽ دروازا بند ڪري ڇڏيائون؛ ديوارن تان تيرن ۽ گليلن جي پٿرن جو وسڪارو ڪرڻ لڳا.

قلعي جي ناڪابندي هفتو کن هلي. اندر ماڻهن کي کاڌي ۽ گاهه جي تنگي ٿي رهي هئي. آخر **گهولڪنده** جو حاڪم هڪ رات قلعي مان نڪري وڃي **سڪه** ۾ سوگهو ٿيو. اهو قلعو **راوي** نديءَ جي ڏاکڻي ڪپ تي هئو.

گهولڪنده جي رهواسين-واپارين ۽ ڪاريگرن گڏجي عرب جنرل کي نياپو موڪليو- ”اسان ته رعيت آهيون. اسان جو حاڪم هليو ويو آهي. اسان کي معافي ڏني وڃي.“

محمد قاسم هنن کي معافي ڏني ۽ قلعي ۾ داخل ٿيو. هن فوجي فطرت وارن چار هزار ماڻهن کي ماريو ۽ انهن جي پوين کي قيد ڪيو. هن **عتبه بن مسلم** کي قلعي جو انچارج مقرر ڪيو. پوءِ لشڪر ساڻ ڪري **سڪه** ۽ **ملتان** طرف روانو ٿيو.

سڪه جو حاڪم ان وقت **بجهرا** - **بجهرا طاڪي** ۽ جو ڏوهٽو هئو. هن جڏهن عرب لشڪر جي آمد جو ٻڌو ته يڪدم ٻاهر آيو ۽ کلئي مئدان ۾ هنن سان لڙائيءَ ۾ جُڙي ويو. لڙائي ١٧ ڏينهن هلي ۽ محمد قاسم جا ٢٠ خاص ناليرا دوست مارجي ويا. سِريا جا ٢١٥ کن شخص پڻ مارجي ويا. **بجهرا** پنهنجي ضبط قائم نه رکي سگهيو؛ **راوي** پار ڪري **ملتان** طرف هليو ويو.

محمد قاسم کي پنهنجن دوستن جي مارجي وڃڻ جو ڏاڍو ڏک

هئو يا زير زمين لڪل هئو، سڀ گڏ ڪري ڪنيو ويو.

ڀانيءِ ۾ راجا ڪڪسه نااُميد ٿي ويو ته هنن ماڻهن مان ڪا دلجاءِ حاصل نه ٿيندي. هن اُتان هلي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ترت ئي وڃي ڪشمير ۾ پناهه ورتائين.

محمد قاسم کي وري حجاج وٽان چٺي آئي :

’توکي هن چڙهائيءَ تي موڪلڻ وقت مون خليفي حضرت وليد سان انجام ڪيو هئو ته سرڪاري خزاني مان ڪيل خرچ جي موٽ ۾ ٻيڻي رقم جمع ڪرائيندس. مون کي هاڻ خبر پئي آهي ته هن تو وٽ سٺ هزار چانديءَ جي درهمن جيتري ڪل رقم خرچ لاءِ موڪلي آهي. ان جي سامهون تون ڪيس اچ ڏينهن تائين روڪڙ يا مال ڪل هڪ لک ۽ چاليهه هزارن جو موڪلي چڪو آهين. هاڻ تون مسجدون ٺهراءِ. شهرن ۾ مذهبي وعظ ڏيڻ لاءِ الڳ الڳ هنڌن تي چبوترا ٺهراءِ. هر شڪروار تي وعظ ڏيڻ شروع ڪيا وڃن. خليفي جي نالي ۾ سڪا جاري ڪر. تو سٺي مهورت ۾ شروعات ڪئي آهي ۽ مالڪ جي مهر سان ڪاميابي حاصل ڪري چڪو آهين، آئينده به ڪندو رهندين.‘

ملتان جي ماڻهن سان عهدنامو ڪري صلح شانتي برپا ڪئي ويئي. محمد قاسم هڪ وڏي مسجد جو پايو وڌو. ان ۾ وعظ ڏيڻ لاءِ اوچن منارن جو انتظام ڪيو ويو.

هن دائود بن نصر عمانيءَ کي ملتان جو گورنر مقرر ڪيو ۽ اجهار بن هرائيواه بن عتباه مداني کي قلعي جي چارج ڏنائين.

هن پوءِ گڏ ڪيل سمورو خزانو ديبل موڪليو؛ حڪم ڪيائين ته اُتان ٻيڙن ۾ چاڙهي خليفي ڏانهن موڪليو وڃي. لڳي ٿو هي خزانو

ڳالهہ ٻڌائيندي ڪا هٻڪ نٿي ٿئي. مون **ملتان** جي بزرگن ڪان ٻڌو آهي تہ جهوني زماني ۾ هتان جو هڪ راجا **جسوين** هوندو هئو. هو **ڪشمير** جي شاهي گهراڻي مان هئو ۽ جوڳي برهمڻ هئو. ڌرمي معاملن ۾ پڪ هئو ۽ لڳاتار مندر ۾ پوڄا ڪندو رهندو هئو. جڏهن ملڪيت وڌڻ لڳي تہ هن **ملتان** جي اُيرندي پاسي زمين ۾ هڪ ٽانڪي نهرائي-ڏهہ هزار چورس والن جي. ٽانڪيءَ جي وچ ۾ هڪ مندر نهرايائين- اڍائي هزار چورس والن جو. ان جي هيٺان چاليهہ وڏا ٽامي جا دم، سون چانديءَ جي سڪن ۽ ٻين قيمتي پٿرن- هيرن، جواهرن ۽ يعقوتن وغيره سان ڀرائي پورائي ڇڏيائين. هن پوءِ هڪ سوني مورتي خزاني جي مٿان رکائي ۽ مندر ۾ ٻاهر چؤطرف وڻ ٻوٽا پوکارايائين.''

محمد قاسم يڪدم پنهنجا ڪجهہ وشواس جوڳا شخص ۽ سپاهي وٺي مندر طرف ويو. هن پڳوان جي اُها سوني مورتي ڏٺي. ان جون اکيون ٻن ڳاڙهن يعقوتن جون هيون. بت اهڙي تہ ڪاريگريءَ سان ٺاهيو ويو هئو جو حيات انسان جيان لڳي رهيو هئو؛ ايتري قدر جو **محمد قاسم** پلجي پيو. هن ان تي وار ڪرڻ لاءِ تلوار ڪڍي تہ مندر جي پوڄاريءَ چيو- ''حضور هيءَ تہ صرف مورتي آهي، ان تي ڇو ٿا تلوار هلايو؟''

محمد قاسم شرمائجي ويو. هن بت ڪٽي هلڻ جو حڪم ڪيو. ان جو وزن ٢٣٠ مڻ (٨ء٦٠ ميٽرڪ ٽن) هئو. وري زمين کوٽي ان مان پوريل چاليهہ دم ڪڍيا ويا. تورڻ سان ڏٺائون تہ منجهن ١٣٢٠ مڻ يعنيٰ ٤٩ء٢٥ ميٽرڪ ٽن سون ۽ ٻيو مال هئو. سڀ ڪٽي سرڪاري خزاني لاءِ رکيا ويا. وري قيمتي پٿر-هيرا ۽ موتي وغيره جيڪي **ملتان** مان قُرلت ۾ هٿ لڳا هئا ۽ ٻيو بہ ڇڱو خزانو جيڪو ظاهري

هو اسلام نئون اختيار ڪري ته ڏن ڏئي.“ (تن ڏينهن ۾ هن پاسي ساموندي ڪناري جي حد عربي سمنڊ ۾ هاڻوڪي ڪراچي ۽ سنڌو نديءَ جي بندر ديبل تائين ليکي ويندي هئي. سنڌو نديءَ جو ڇوڙ اتي هئو، ان ڪري سمنڊ مان ٻيڙا سڌو اندر ايندا هئا. ديبل جاگرافيائي ريت سمنڊ کان ندي تي پهريون بندر هئو)

نياپو مليو تي راءِ هرچندر قاصد کي چيو- ”هيءَ حڪومت اسان جي گهراڻي جي قبضي ۾ لڳ ڀڳ سورهن سؤ سالن کان آهي. ان عرصي ۾ ڪنهن دشمن کي همٿ نه ٿي آهي جو اسان جي علائقي جو ڪو حصو هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. توهان جي هنن اجاين ڌمڪين جو اسان تي ڪو اثر ٿيڻ وارو نه آهي. وڃ واپس وڃي پنهنجي امير کي چئه ته هڪ ٻئي جي طاقت ۽ اختياري ماپڻ لاءِ بهتر هڪ دفعو روبرو گڏجون. لڙائيءَ جو ميدان سڀني جاءِ ٿيندي، پنهنجي نصيب جو فيصلو ڪرڻ لاءِ.“

محمد قاسم تيسيتائين اوڏاهين اچي چڪو هئو. راءِ هرچندر جو نياپو مليو تيءِ هن پنهنجن درٻارين ۽ عملي کي سڏائي چيو- ”اسان هند جيتري قدر فتح ڪري سگهيا آهيون، سڀ خدائي رحمت جي ڪري. هاڻ هن مغرور راجا جي مقابل ٿيڻو آهي. لڳي ٿو هن کي پنهنجن ماڻهن ۽ هاٿين جو ٻانوَر آهي. اسان کي هن تي غالب پوڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪرڻ کپي.“

هنن لڙائيءَ جون تياريون زور شور سان ڪرڻ شروع ڪيون. هڪ ڏينهن صبوح جو، هڪ اُٺ سوار آيو. هو سڌو خليفي جي راڄڌانيءَ مان اچي رهيو هئو. هن محمد قاسم لاءِ خليفي جي چٺي آندي هئي، شايد پهريون دفعو سڌو اُتان. *

جيئن جو تيئن سڀ خليفي ڏانهن موڪليو ويو ۽ دستوري پنجن حصن ۾ نہ وراهيو ويو. هيءَ رقم خليفي وٽ اڳہ پهتل ۱,۴۰,۰۰۰ درهامن کان الڳہ هئي.

محمد قاسم پنهنجي رهڻ جو نڪاڻو ملتان ۾ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنجاہ هزار چوند گهوڙيسوارن جو دستو دائمي لشڪر طور پاڻ وٽ بهاريو. سپاهي مڪمل ريت هٿياربند هئا.

تاريخ **معصومي** ۽ موجب **ملتان** فتح ڪرڻ کانپوءِ **محمد قاسم دبالپور** تي قبضو ڪيو. هن **خوزائوہ بن عبدالملڪ بن تميم** کي اُتان جو گورنر مقرر ڪيو.

محمد قاسم پوءِ ڏهہ هزار گهوڙيسوارن سان **ابوحليم شهباني** ۽ کي **قنوج** موڪليو- خليفي جي پرواني سان تہ **اسلام** اختيار ڪن يا ڏن ڏين.

هن پاڻ **ڪشمير** جي سرحدن طرف ڪوچ ڪئي. **پنج ماهيات** (پنج ناهيات)، جتي **راءِ چچ** صنوبر ۽ بيد جا وڻ لڳارائي سرحد جي نشاني طئہ ڪئي هئي، اُتي پهچي **محمد قاسم** پنهنجي نموني جي بہ هڪ نشاني لڳارائي.

لشڪر جڏهن **اوڏاپر** (**تحفتہ الڪرام** ۾ چيل آهي تہ اهو شهر اچوڪو- **اديپور** -**راجستان** جو هئو) پهتو تہ **ابو حليم شهباني** ۽، **زيد بن عمرو الڪلابي** کي سڏائي چيو- ”تون **قنوج** جي **راءِ هرچندر جهشل** وٽ قاصد طور وڃ ۽ نياپو ڏيس تہ **اسلام** اختيار ڪري. هن کي چئہ تہ ساموندي ڪناري کان **ڪشمير** تائين سڀ راجا ۽ راجڪمار **اسلام** ۾ شريڪ ٿي چڪا آهن. امير **محمد قاسم** عرب لشڪر جو ڪمانڊر آهي ۽ تمام پاورفل آهي. جن **اسلام** قبول نہ ڪيو آهي، تن خليفي جي خزاني ۾ ساليانو ڏن ڏيڻ قبوليو آهي. جيڪڏهن

ان وقت خليفي تي شهوت جو انڌ چڙهي چڪو هئو. ٿڌي دماغ سان سوچي نہ رهيو هئو. پنهنجي غيرت تي سخت چوٽ محسوس ڪري رهيو هئو. حد کان وڌيڪ ڪاوڙ ۽ حسد ۾ هو منطقي ريت سوچي نہ پئي سگهيو. انڪري هن معاملي بابت خود مختيار نموني تپاس ڪرڻ يا پڇا ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيس ڌيان ۾ نہ اچي رهيون هيون.

هن يڪدم ڪاغذ، پين ۽ مس گهرائي. پنهنجي هٿ اکري چٺيءَ ۾ محمد قاسم کي حڪم موڪليائين تہ جتي بہ هجي پاڻ کي ڪنهن جانور جي کل ۾ وجهائي ترت خليفي جي راڄڌانيءَ ۾ اچي.

(هن ريت ليڪڪ خليفي کي گهٽتائيءَ ۾ ڏيکاريو آهي تہ هو هڪ ڪامي شخص هئو ۽ ڪام جي انڌ ۾ واجبي فيصلا نہ ڪندو هئو. پلي ليکڪ جو اهڙو اِرادو نہ هوندو، پر ڪهاڻيءَ کي چسڪيدار بڻائڻ جي جنون ۾ سوچ ويچار ڪانسواءِ ڪجهہ بہ لکي ويٺا ۽ انڪري اندر مترجم جي غيرحاضري نظرانداز ڪري سلسلو قائم رکيائون. اِهو ڪونہ ڏٺائون تہ ائين ڪرڻ سان ڪنهن خدا پرست شخص جي آبروءَ کي ڌڪ لڳي رهيو آهي. راءِ ڏاهر جي حالت ۾ بہ ائين ڪيائون.

خليفي جهڙو شخص، جنهن ۾ اڌ دنيا کي فتح ڪري راڄ ڪرڻ جي سوجهہ ٻوجهہ هئي سو ڪيئن ٿو شهوت جي انڌ ۾ اچي، اهڙا فيصلا تڪڙ ۾ وٺي، هڪ محنتي-ايماندار جنرل، جنهن اسلام جو نالو روشن ڪيو-ڦهلائي ڪيو، تنهن کي ڪجهہ جاچ جوچ ڪرڻ ڪانسواءِ هڙڙي سخت سزا ڏئي.

هر خليفو مذهبي ريت هڪ ديانتدار شخص هئو. ان لاءِ هئڙو ڪجهہ لکڻ بلڪل غلط آهي. خير سلسلو قائم رکڻ لاءِ ڪتاب ۾ آيل ڪهاڻي جيئن جو تيئن پيش ڪئي ويئي آهي.)

محمد قاسم کي هي حڪم اوڏاپر ۾ مليو. هن يڪدم هڪ ڍڳي

١٦- سورمي جو انت

راڄ ڏاهر جي ديهانت وقت، محمد قاسم هن جون ٻہ ڪنواريون ڌيئر قيد ڪيون هيون. هو پاڪدامن هيون. محمد قاسم ڇوڪريون ڪن حبشي نوڪرن هٿ خليفي ڏانهن موڪليون.

خليفي حڪم ڪيو تہ ٻنهي کي ڪجهہ ڏينهن لاءِ سندس حرم ۾ رکيو وڃي تہ جيئن آرام ڪري سندس بسترگاهہ ۾ اچڻ جي قابل ٿين. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هڪ رات ٻنهي کي پاڻ وٽ گهرايائين. جڏهن هو آيون تہ خليفي حضرت وليد، مترجم معرفت پڇايو، ٻنهي مان وڏي ڪير آهي ۽ نالا ڇا اٿن.

وڏي ڇوڪريءَ چيو تہ سندس نالو سوريہ ديوي آهي ۽ ننڍيءَ جو پرملاديوي. خليفي وڏيءَ کي اندر گهرايو ۽ ننڍيءَ لاءِ چيائين تہ ٻئي ڪنهن هنڌ آرام لاءِ موڪليو وڃيس.

جڏهن هي ٻئي اڪيلا ٿيا تہ سوريہ ديويءَ کي خليفي پنهنجي پرسان اچڻ لاءِ چيو. ڇوڪريءَ منهن تان پڙدو هٽايو تہ خليفو هن جي سونهن ڏسي منتر مگڌ ٿي ويو. هن جا ناز انداز خليفي کي بيصبر بڻائي رهيا هئا. هن ڇوڪريءَ مٿان هٿ ڦيرڻ شروع ڪيا ۽ جهٽڪو ڏيئي پاڻ طرف ڇڪيائينس.

ڇوڪري ٽپو ڏيئي اُٿي کڙي ٿي. ادب سان چيائين- ”بادشاهہ سلامت کي وڏي آورجا هجي، مان هڪ نماڻي غلام حضورجن جي بسترگاهہ جي قابل نہ آهيان؛ ڇاڪاڻ تہ امير محمد قاسم اسان ٻنهي کي پاڻ وٽ ٽي ڏينهن رکيو ۽ پوءِ خليفي جي حضور ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليائين. اهو شايد توهان ۾ رواج آهي، ورنہ هن قسم جو اپمان سهڻ کان ٻاهر آهي.“ (اندر مترجم نہ هئو).

اها حقيقت آهي تہ توهان جي ڪمانڊر توهان جو حڪم چڱيءَ
رح مڃيو آهي، پر توهان کي اهو نہ سُجهيو تہ پهرين معاملي جي
پاس ڪري، سچائيءَ جي تصديق ڪري پوءِ قدم کڻجي.
سچ تہ محمد قاسم جو اسان سان وهنوار هڪ ياءُ جهڙو هئو. هن
سان کي ڇهيو بہ ڪونہ. اسان جي عصمت هن وٽ مڪمل ريت
لامت هئي؛ پر چاڪاڻ تہ هن سنڌ جي راجا مٿان بربادي آندي،
سان جي وڏن جي برپا ڪيل حڪومت تتربتر ڪئي ۽ اسان کي
اجڪمارين جي درجي کان ڪيرائي غلامن جي قطار ۾ آندائين تہ
سان جي دل چيو هن کان ڪجھہ بدلو وٺجي. انڪري اسان توهان
ي غلط بيان ڏنو ۽ توهان جي شهوتي غصي اسان جو ڪم ڪيو. هاڻ
وهان جي پڇتاءَ مان ڇا ورندو.
محمد قاسم پاڻ بہ ابهرو ثابت ٿيو آهي. جيڪڏهن ٿورو بہ عقل
جيس ها تہ توهان جو حڪم مڃڻ لاءِ رواجي ريت مسافري ڪري،
ٽان کان ويجهو پاڻ کي جانور جي کل ۾ وجهائي اچي ها. گهٽ ۾
هٽ جيئرو پهچي، معاملي جو پنهنجو پاسو تہ توهان کي ٻڌائي
سگهي ها.“
خليفو هي لنبو ليڪچر ٻڌي ڏاڍو دکي ٿيو ويو-ايتري قدر جو
پنهنجي هٿ کي چڪ پاتائين.
راجڪماريءَ وري چيو- ”بادشاهہ سلامت سچ تہ وڏي پل ڪئي
آهي. ٻن غلام ڇوڪرين جي ڪري هن هڪ اهڙي شخص کي مارايو
آهي جيڪو معتبر گهراڻن جون اسان جهڙيون سوين-هزارين ڇوڪريون
پڪڙي چڪو هئو. هند ۽ سنڌ جي ستر راجائن کي هارائي چڪو هئو.
ڪيتريون مسجدون ۽ منارا ناهرايا هئائين.
سچ پچ جيڪڏهن محمد قاسم کا حرڪت ڪئي بہ هجي تہ

جي تازي ڪل آڻڻ جو حڪم ڏنو. ڪل اچڻ سان پاڻ ڪي ان ۾ وجهايائين. ائين ڪرڻ ڪانپوءِ هي انساني پارسل هڪ صندوق ۾ وڌو ويو ۽ صندوق خليفي ڏانهن راوني ڪئي ويئي.

پارسل جڏهن خليفي وٽ پهتو ته هن پڇيو- ”هو حيات آهي يا نه؟“

نوڪر جواب ڏنو- ”نه! هن ڪي توهان جو حڪم اوڏاهين ۾ مليو ته يڪدم پاڻ ڪي ڍڳي جي ڪل ۾ وجهايائين. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ هن جو روح مالڪ مهربان وٽ هليو ويو. حاڪم ۽ گورنر جيڪي هن مقرر ڪيا هئا، سڀ پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ چڱيءَ طرح ضبط قائم رکي وينا آهن. هو خليفي جي نالي ۾ چڱيءَ طرح حڪومت سنڀالڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.“

خليفي ڍڪ ڪٽي صندوق ڪولي. ٻنهي ڇوڪرين ڪي سڏايو ويو. هن فخر سان چيو- ”راءِ ڏاهر جون ڇوڪريون، ڏسو ڪيئن اسان جا آفيسر اسان جا حڪم ترت سچائيءَ سان مڃي رهيا آهن. جيئن ئي هن ڪي اسان جي چٺي ملي ته يڪدم پنهنجو جيون اسان جي چوڻ تي قربان ڪري ڇڏيائين.“

هڪ ڇوڪريءَ منهن تان پڙدو هٽائي، مٿو زمين تي رکي، ادب جو اظهار ڪندي چيو- ”بادشاه سلامت ڪي وڏي آورجا هجي. توهان هئڙي چئيوان ۽ وفادار آفيسر جي ايمانداري ۽ سچائيءَ ۾ شڪ آڻي رهيا هئا. وقت جي حاڪم مان اميد رکجي ٿي ته هو سياڻپ جو سچو مثال هوندو. سچ ته اهو هن جو فرض آهي ته جيڪو ڪجهه سندس اڳيان اچي ان جي تڪ تور ڪري مڪمل ريت سوچي پوءِ قدم ڪٽي. پهرين ته ڏسڻ کپي، شڪايت ڪنهن دوست وٽان ٿي اچي يا دشمن وٽان. جيسيتائين حقيقت چڱيءَ طرح چٽي ٿي سامهون نه آئي آهي تيسيتائين ڪو حڪم جاري نه ٿيڻ کپي.

١٧ - پڄاڻي

محمد قاسم جي ٻي وقتي قضيئي اسلام جي فائدن ڪي هن طرف ڪجهه ڌرم ضرور رسايو؛ ان جي ڦهلاءَ ۾ ڪجهه دير ٿي. فتحيابيءَ جو جس ٻه صرف هن کي نٿو ڏيئي سگهجي. پڪ ئي پڪ هن جي ٿالي ۾ ڪجهه آزموديگار ۽ سياڻا صلاحڪار هئا، جيتوڻيڪ انهن جو ڪر ڪٿي ٻه نہ ڪيو ويو آهي. جن صلاحن ۽ هدايتن بابت تفصيلوار ڪر ڪيو ويو آهي، اهي سڀ حجاج وٽان پئي آيون. اُهي سڀ ڻيون ٻه تفصيلوار. ننڍي ۾ ننڍي ڳالهہ جي صلاح ٻه بغداد مان پئي ئي، ائين لکيو ويو آهي.

محمد قاسم جي عمر فقط ١٧ سال هئي، جڏهن هيڏي وڏي لشڪر جي چارج ڪيس ڏني ويئي. سينيئر آزموديگار جنگي جوڌا ڪنهن ٻار جي هيٺان ورلي ڪم ڪرڻ قبول ڪندا- ڪلي دل سان تہ اصل نہ. ڳوان لشڪر جا يا سياسي هن قسم جو اهم رکندا هئا، اهڙو مثال مڪران ۾ سعيد بن اسلم ڪلابي ۽ سفهوي بن لام الحماميءَ جو چيپٽر ستين ۾ ڏنل آهي. ظاهر آهي تہ هئڙا ضروري ۽ جوابداريءَ وارا معاملا گنڀيرتا ڪانسواءِ، اڇاتري نموني پئي ڪنيا ويا.

هڪ آزموديگار شخص امير بن عبدالله کي ريٽي حجاج، محمد قاسم کي هي ڪم ڏنو. حجاج جو چوڻ هئو تہ نجومين اڳڪٿي ڪئي آهي تہ صرف هو ئي ڪامياب وڃي سگهي ٿو. هن پاڻ ڏارو اُڇلائي پڪ ڪئي تہ محمد قاسم ئي فتحياب ٿيندو.

حجاج هڪ تہ پنهنجي سؤٽ ۽ نائي کي اڳرو ڪرڻ ٿي چاهيو تہ ڄيئن سڄي چرپر جو هي پاڻ ڏيان رکي سگهي ۽ رهبري ڪندو رهي، ٻيو مال متاع ۾ سندس حصي جي پڪ هئڻ ٻه ضروري هئي.

گهٽ ۾ گهٽ هن کي ايڏي وڏي سزا نه ملڻ کپندي هئي، سو به دشمن جي ڇوڪرين جي چوڻ تي.''

خليفو غصي ۾ ڏڪڻ لڳو. يڪدم حڪم ڪيائين ته ٻنهي ڀينرن کي جيئري ديوار ۾ چڻيو وڃي. تاريخ **معصوميءَ** ۾ ڄڻيل آهي ته ٻنهي ڇوڪرين کي گهوڙن جي پڇن سان ٻڌي رستن تي گهليو ويو هئو. هنن جا سرير ڇترون ڇترون ٿي ويا ته **دجله (ٽگريس)** نديءَ ۾ اُڇلايا ويا. **تحفته الڪرام** ۾ وري لکيل آهي ته ٻئي ڇوڪريون هڪ هاٿيءَ جي ٽنگن سان ٻڌيون وئيون. هاٿي شهر جي گهٽين ۾ گهمڻ لڳو. زخمي ٿيڻ کان پوءِ ڇوڪرين کي ساڙيو ويو.

محمد قاسم جي مرتڪ ديهه **دمشق** ۾ دفنائي وئي. هن جي موت بابت هڪ ٻي ڳالهه به ٻڌڻ ۾ پئي آئي آهي. خليفي جي دربار ۾ به مخالف ڌريون هيون. هڪ ڌر **حجاج** جي خلاف هئي. ان ڌر وارن **محمد قاسم** بابت خليفي جي من ۾ زهر پريو، (ڪيئن ۽ ڪهڙين ڳالهين ۾ سا ڄاڻ نه پئجي سگهي آهي) ڇاڪاڻ ته هو **حجاج** جو سؤٽ هئو ته ناٺي به هئو- سڀ کان وڏي ڳالهه هن جو وشواس جوڳو مددگار هئو.

ڇيو وڃيٿو ته خليفي من اڇل سان قدم ڪنيو. هن **محمد قاسم** کي عذاب ڏيئي مارڻ جو حڪم ڏنو.

ڪارڻ ڪجهه به، پر **محمد قاسم** کي سچ ته اينرو جلد ۽ هن ريت مؤت نه ملڻ کپندو هئو. *

چيو وڃيٿو ١٥٥٠ مڻ (٥٨ ميٽرڪ ٽن) سون ۽ هيرن جواهرن وغيره
ا، صرف ملتان جي شهر مان موڪليا ويا. خليفي حضرت وليد جو
قت خاص طور ۽ عمياد گهراڻي جو عام طور، مسلم دنيا جي ترقي
۽ بيمثال رهيو هئو. چيو پئي ويو تہ هنن خليفات کي مذهب جي
دران سياسي معاملن جي انتظام طرف ڦيريو هئو.

تنهن هوندي بہ محمد قاسم جي فتحيابيءَ ڪري پهريون دفعو
سلام پارتي اپکنڊ ۾ پير ڪوڙي سگهيو. ان شروعات جي حاصلات
محمد قاسم جي جاکوڙ جو بالائي فائدو چئجي.

اسلامي لشڪر ۾ ٻڌي هئي، انتظام هئو ۽ مذهبي جذبي جو اُتساهہ
هئو، تہ سنڌ جو عوام مذهب جي نالي ۾ ڇڙوڇڙ هئو. انڪري هار
کاڌائون. ٻوڌين ۽ جينين کي برهمڻ راجا ڏاهر خلاف ڪجهہ اهنج-
ايذاءَ هئا؛ دراصل ساڙ ۽ حسد هئو. انڪري هو عربن سان ملي رهيا
هئا. وري جاٽن ۽ لوهاڻن جهڙين ڪن جاتين کي بہ راجا خلاف دل ۾
درد هئو. راءِ چچ جي وقت کان هنن مٿان ڪيترا ٻنڌڻ وِڌا ويا هئا ۽
ساڻن برابريءَ جو وهنوار نہ پئي ڪيو ويو. اهي پڻ وڃي دشمن سان
مليا. هندو سماجڪ سرشتي ۾ جاتين جي گهٽا وڌي پڻ سنڌي لشڪر
جي آڏو آئي هئي.

وري جوتش جي رول کي بہ ضرورت کان وڌيڪ اهميت ڏني ويئي.
اڳڪٿيون بلڪل صحيح ثابت ٿيون آهن-شايد انڪري جو هي ڪتاب
سڀ واقعا ٿي وڃڻ کانپوءِ لکيو ويو آهي. سنڌي عوام ۾ ڪيترن
ماڻهن کي سنسائي ڏيکاريو ويو آهي. عرب لشڪر جي ڪاميابيءَ
بابت اڳڪٿي ٻڌي، هو يڪدم اچي پيش پئي پيا؛ ٿيٽيءَ جي سامهون
چو پئجي؟ پنهنجن اميرن ۽ ڪماندرن جي دغابازي ۽ غداريءَ جهڙن
عناصرن پڻ سنڌي لشڪر کي چٽو دهرم رسايو.

ظاهر آهي چوندءِ جو نتيجو فائديمند نڪتو، پر آزموديگار ۽ ڄاڻو مدبرن جي رهبريءَ کانسواءِ فتحيابي ممڪن نہ هئي. اهڙن ماهرن جا نالا ۽ انهن جي يوگدان جا تفصيل ڪٿي نہ ڏنا ويا آهن، سواءِ حجاج جي صلاحن ۽ هدايتن جي. هن پوري نظرداري پئي ڪئي تہ جيئن ڪاميابي حاصل ٿئي. هو عراق مان ڌيان رکي رهيو هئو. هن ٽپال سسٽم جاري ڪيو (تيز گهوڙيسوار ڪم تي لڳائي)، جيئن هن جون هدايتون اُتي وقت سر پهچنديون رهن ۽ اُتان جون رپورٽون سوَليون ايندیون رهن.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ محمد قاسم ۾ سياڻپ ۽ چترائيءَ جا گڻ عمر جي لحاظ کان وڌيڪ هئا. ديهانت وقت هو صرف ويهن سالن جو هئو.

ظاهري طور ڪاهہ ڪرڻ جو ڪارڻ، ساموندي ڌاڙيلن ۽ ملڪ جي راجا کي سيڪت ڏيڻ جو ڏنو ويو آهي. اِلزام هئو، ساموندي ڌاڙيلن خيلفي جو خزانو لٽيو ۽ هن جي ماڻهن کي غلام بڻايو تہ راجا خليفي کي ڪا مدد نہ ڪئي. ٻيو ڪارڻ اسلام جي ڦهلاءَ جو چيو پئي ويو. دراصل ٻئي ڳالهيون گنڀيرتا سان نہ ڪنيون ويئيون هيون، پلي انهن جو وڏاءُ ڪندڙ ذڪر هر هنڌ-هر وقت ڪيو پئي ويو آهي.

سچ تہ اهو هڪ سياسي قدم هئو-خاص طور ڦُرلُٽ ڪري مال متاع گڏ ڪرڻ جو. محمد قاسم شاهي خزاني مان صرف سٺ هزار چانديءَ جا درهام واپريا هئا. انهن جي سامهون هن ٻيٽي کان وڌيڪ رقم واپس ڪئي، اوترو ئي حجاج جو حصو الڳ؛ ازانسواءِ پنهنجو پاڻ کي ۽ لشڪر جي سپاهين کي بہ ڪافي فائدو پهچايائين. لشڪر کي اتساهت ڪرڻ لاءِ ڦُرلُٽ جو گڏ ڪيل مال متاع ئي ڪافي هئو، تہ بہ هن وعظ ڏيئي سپاهين جي مذهبي جذبات جاڳائي، ان جو خوب فائدو پئي ورتو، حالانڪ مذهبي جهاد نہ هئي. اسلام ڪهڙي خطري ۾ هئو؟

ئيڪو ٿيڻ شروع ڪيو. سندن ٻئن ملڪ کان تہ هي گهٽو بهتر علائقو هئو.
عربن جي فتح ڀارت ۾ اسلام جي ڦهلاءَ لاءِ ٻج وڌو. سنڌي عوام جي
ي حصي کي اسلام ۾ داخل ڪيو ويو. ان کانپوءِ اڳتي سنڌ جي
ر-اوير طرف ڦهلاءُ وڌڻ لڳو.
عرب جڏهن سنڌ ۾ ٽانئيڪا ٿيڻ لڳا تہ ڀارتين جي ماهريت ڏسي
دن اکيون چرخ ٿي ويئيون. هنن تي اثر ڇڏڻ بدران پاڻ متاثر ٿي
. عرب ودوانن هٿ اچڻ شروع ڪيو- برهمڻ ۽ ٻوڌي ٻاون کان
سافي، نجوميت، علم رياضي، طبابت ۽ علم ڪيميائي جهڙن وشين
ت چاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ. تنهن کانپوءِ هنن پنهنجي چاڻ جو اثر
رپ طرف ڦهلايو. پهرين، ڇگو وقت تہ ائين پئي ڇيو ويو تہ ڏهائي
رشتو عربن ايجاد ڪيو آهي، پر اهو غلط آهي. هاڻ ثابت ٿي چڪو
ي تہ هي سسٽم، علم رياضيءَ جي ٻين پهلن سان، عرب واپاري
ڪي ڀارت جي الهندي ڪناري سان واپار ڪندا هئا سي مسلم
يا ۾ ڪٺي ويا هئا يا عرب جن سنڌ فتح ڪئي هئي. عرب خود علم
اضي کي ”ڀارتي ڪلا“ چوندا هئا.
هتان جي ڇگن عالمن کي نينڊ ڏيئي بغداد ۽ ٻين شهرن ۾ گهرايو
ندو هئو تہ اتي اچي عربي ٻولي سکن ۽ پوءِ سنسڪرت جا شاهڪار
ن ۾ ترجمو ڪن. سچ تہ تن ڏينهن ۾ خليفات جي، مذهبي معاملن
ن گڏ تهذيبي ڳالهين ۾ بہ دين پيئي رهندي هئي ۽ ڪوجنا جو
ڪاريہ هلندو رهندو هئو.

(هي باب جديد اضافو، گوبند خوشحالاڻيءَ طرفان)

ختم شد

وري عرب لشڪر وٽ لڙائيءَ جو ساز سامان بهتر ۽ سٺي انداز ۾ هئو. ماڻهو بہ وڏيڪ هئا ۽ لڙائي جي فن ۾ سٺا ماهر هئا. ڪاميابيءَ ۾ **محمد قاسم** کي هنن سڀني عناصرن جو سٺو فائدو حاصل ٿيو.

راءِ ڏاهر جو بچاءُ ڪافي ڍِلو هئو. وڏيرن ۽ حاڪمن کي ڪو شخصي چاهہ نہ هئو، جو دشمن جي سامهون پوڻ جو جوکم کڻن. تعبيداري-**راءِ ڏاهر** جي يا عربن جي، هو ساڳي ڳالهہ سمجهي رهيا هئا. سندن پنهنجو عهدو سلامت رهي اهو ڏسي رهيا هئا.

ٻيو سبب هئو راجا **ڏاهر** جي پنهنجي سوچ ۾ مانائي. اها هن جي فيصلن ۽ چرپر تي اثر ڪري رهي هئي. دشمن سندس دروازن تائين اچي پهتو، تيسيتائين هن ڪجهہ نہ ڪيو. هن انهن کي اڳيان وڌڻ کان روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. **محمد قاسم** جي ڇانوڻيءَ ۾ گهوڙن کي ۽ سپاهين کي بيماريءَ جون تڪليفون ٿيڻ لڳيون. اناج ۽ گاهہ جي ڪمي ٿي رهي هئي. **راءِ ڏاهر** حملو ڪري هنن کي پڇاڙي جو نہ سوچيو. هو **سنڌو** ندي وڏين تڪليفن سان پار ڪري رهيا هئا. **راءِ ڏاهر** موقعي جو فائدو نہ ورتو، ورنہ ان وقت هنن کي نقصان پهچائڻ سوَلو هئو؛ **راءِ ڏاهر** جي وزير کي ڪيس سمجهائڻ جي ضرورت پئي، پر ڪافي دير ٿي چڪي هئي.

راجا **ڏاهر** جا ڪيترا جنرل غدار ٿي چڪا هئا. ٻوڌي تہ سهڪار بلڪل نہ ڏيئي رهيا هئا.

سياسي طور دنيا جي تواريخ ۾ (اسلامي يا عام) عربن جي هن ڪاميابيءَ کي ڪا خاص اهميت نہ ڏني ويئي آهي، پر ان جو اثر سندن تهذيب تمدن تي ڇڱو پيو. پهريون دفعو عربي ريگستان جي خانبدوش قبيلن کي آرين جي مقدس زمين تي اچڻ جو موقعو مليو ۽ هنن جي سڀيتا جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهيا. هنن هن شاندار مُلڪ ۾

الڳ الڳ نالا آهن. سچ ته ليکڪ سچي نالي بابت مونجهاري ۾ پئجي ويا آهن. انگريزي انهن اهڙا سڀ نالا گڏ لکيا آهن. اڄ تائين کوجنا ڪاريه کو واحد ۾ هڪ جهڙو نالو طئه نه ڪري سگهيو آهي.

هن ڪتاب ۾ به اهي سڀ نالا ڏنا ويا آهن، پر مکيه نالو اول ۾ ٻيو نالو برئڪيٽ ۾. صرف پهرئين حوالي ۾ سڀ نالا ڏنا ويا آهن. اڳتي هلي جڏهن نالو دهرائڻو ٿو پوي ته رڳو مکيه نالو کنيو ويو آهي.Index ۾ به ائين ڪيو ويو آهي. مثال طور 'چندر' ڪتاب ۾ ڪيترا دفعا دهرايو ويو آهي، پر رڳو پهرئين حوالي ۾ سندس ٻيو نالو 'جندر' برئڪيٽ ۾ لکيو ويو آهي.

٣. ساڳئي هنڌ لاءِ-ساڳئي وقت لاءِ هڪ کان وڌيڪ راجائن-حاکمن جا نالا لکيا ويا آهن. تفصيلوار سمجهاڻي نه هئڻ ڪري، منجهارو پئدا ٿي رهيو آهي. مثال طور 'ٻيٽ'-قلعي وارو شهر، جنهن جي چوڌاري ڪافي سرگرميون پئي رهيون آهن.

پهرين ٻڌايو ويو ته 'بسامي راسل' اُتان جو مالڪ - تعبيدار راجا هئو؛ ان کي اسلامي لشکر طرف جهڪاءُ هئو. وري چيو ويو ته جسين اُتان جو حاکم هئو. محمد قاسم اهو قلعو 'موکه بسايه' کي سوکڙي طور ٿو ڏئي. اڳتي هلي چيو ٿو وڃي ته راءِ ڏاهر 'راسل بسايه' کي اُتان جو گورنر مقرر ٿو ڪري. ائين به مخالفتي پنهنجون پنهنجون مقرريون ڪن ٿا، جڏهنڪ دراصل جاءِ خالي نه آهي.

لڳي ٿو اُهي مقرريون نه هيون، پر انجام هئا، جيڪي اڳتي هلي پورا ڪرڻا هئا، پر سڌي سمجهاڻي نه هئڻ ڪري پاڻ منجهي رهيا آهن.

راءِ ڏاهر ان قلعي جي بچاءُ لاءِ پنهنجي فرزند جيسينه کي موڪليو. اها ڳالهه سمجهي سگهجي ٿي. هو مرڪزي راجا هئو. حاکم ڪير به هجي، پر قلعي جو بچاءُ ڪرڻ سندس لاءِ سوپاويڪ به هئو ته فرض به هئو. *

ڪجهہ سمجهاڻيون

١. مول سڄي ڪتاب ۾ حاڪم، گورنر، انچارج ۽ اهڙن ٻين لفظن جي معنيٰ ۾ ڪو فرق نہ آهي. ڪيترن هنڌ 'حاڪم' ڪي راجا چيو ويو آهي تہ ڪن هنڌ گورنر ۽ انچارج. انڪري ڪٿي ڪٿي مونجهارو پئدا ٿي رهيو آهي. مان مڪمل ريت هن ڳالهہ جو تدارڪ نہ ڳولهي سگهيو آهيان.

مثال : لکيو ويو آهي تہ 'رمل جي هڪ راجا' يا 'قنوج جي هڪ راجا' سنڌ تي ڪاهہ ڪئي يا فلاڻي مُلڪ جي هڪ راجا سنڌ فتح ڪرڻ جو ويچاريو. لکڻيءَ ۾ 'هڪ' لفظ جو واهپو اشارو ڪريٿو تہ اُتي هڪ کان وڌيڪ حاڪم يا راجا هئا. دراصل هڪ ملڪ جو هڪ راجا هوندو آهي. انڪري اسان کي سمجهڻ کپي تہ ليکڪ جو اشارو تعبيدار حاڪمن يا گورنرن مان ڪنهن هڪ طرف آهي، جيڪو ڪنهن وڏي ملڪ جي ننڍي حصي جو راڄ ڪاروبار سنڀالي رهيو آهي.

مثال : 'سوهن، ڀاٽيہ جي راجا، رمل جي ملڪ مان راجڪماري ڀائي ۽ لاءِ سڄهاءُ موڪليو.' ان جو مطلب رمل ديش ۾ هڪ کان وڌيڪ حاڪم هئا ۽ ڀاٽيہ ان جو حصو هئو.

انڪري اهڙن راجائن جا نالا ديش جي ان وقت جي عام تواريخ ۾ نہ ملي رهيا آهن. تنهن ڪري ائين سمجهڻ کپي تہ مذڪور شخص ملڪ جي ڪنهن حصي جو حاڪم هئو، نہ ڪوئي مرڪزي راجا. (ڪتاب ۾ آيل اهڙي بيان مان، قنوج ڪيترين حڪومتن مان خاص ذڪر لائق آهي.)

٢. ڪيترن شخصن ۽ جاين جا هڪ کان وڌيڪ نالا آهن. ڪارڻ الڳہ الڳہ مڪاني اپڀاشا، ودوانن ۽ کوجنيڪن جو پنهنجو پنهنجو رايو ۽ طور طريقو. ساڳئي علائقي، شخص، نهر يا شهر جا الڳہ الڳہ هنڌن تي

’چچ نامہ‘ هڪ قيمتي رڪارڊ آهي، ان لاءِ ڪافي سبب آهن. پهرين تہ اهو ڏيکاري ٿو تہ ستين صديءَ ۾ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو چڱو زور هئو. لفظ سَماني - شمني (اصل شِرامن-معنيٰ ٻوڌي ڀاوا) ڪيترا دفعا دهرايل آهي. اسان کي ٻوڌي مندرن ۽ مڙهين بابت بہ چڱو ٻڌايو ويو آهي؛ ايتري قدر جو ٻوڌي ڪٽرپنٿين جو بہ ذڪر آهي. هو مسلمانن جي حملي کان بچاءَ لاءِ هٿيار کڻڻ پنهنجي ڌرم جي خلاف ٿا سمجهن. اسان کي ٻڌيہ شهر جو پڙهڻ لاءِ ملي ٿو تہ اِهو سيوستان جي اُتري سرحد تي هئو- (هيگہ جي آرٽيڪل ’سنڌو ڊيلٽا علائقو‘- پيج ۵۷). اڄ بہ سکر تعلقي ۾ ان نالي جو هڪ ڳوٺ آهي. اسان ڏسي سگهون ٿا تہ ٻوڌي ۽ برهمڻ ساز سلوڪت ۾ رهندا هئا. ان ڳالهہ جي اهميت گهٽ نہ آهي.

اڄ موجوده ٻوڌي رڪارڊ مان ڏسي سگهجي ٿو تہ راجا اشوڪ ڪڏهن بہ ٻڌ ڌرم کي ملڪ جو ڌرم نہ ڪيو. مئڪس مِلر جي لکيل ڪتاب ’ڀارتي فلاسافيءَ جا ڇهہ سرشتا‘-پيج ۳۴ ۾ چيل آهي تہ ’دراصل ڀارت ۾ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ هئي، جنهن کي ديش جو-حڪومت جو ڌرم چئجي. راجا اشوڪ ڀڳوان ٻڌ جي برپا ڪيل برادريءَ ڏانهن سهائتا جو هٿ ضرور ڊگهيريو. اِهو پهرين تہ برهمڻن تائين محدود هوندو هئو، پر ڀارت ۾ اهڙو ڪجهہ ڪونہ هئو، جنهن کي ڌرم جو بچاءُ ڪندڙ-پاسو کڻندڙ چئجي.‘

مئگسٿينس، جيڪو ڀارت ۾ عيسوي سنہ کان اول-ٽين صديءَ ۾ آيو هئو - صدي جنهن ۾ راجا اشوڪ رهيو هئو، ان جو چوڻ بہ ساڳي ڳالهہ جي شاهدي ٿو ڀري- (ڪتاب ’قديم ڀارت‘ ج.ڊبليو-مئڪ ڪرنڊل جو لکيل-۱۸۷۷ع-پيج ۹۷.)

چيني ياتري فاهين، ڀارت ۾ ۳۹۹ کان ۴۱۴ع تائين هئو ۽ ناليرو

رشي ڏيارام گدومل جي ڪامينٽري
”چچ نامه“

’چچ نامه‘ جو پهريون مڪمل ترجمو انگريزيءَ ۾ مرزا قليچ بيگ ڪيو هئو ۽ ١٩٠٠ع ۾ سنڌ ۾ ڇپيو هئو. ان ۾ رشي ڏيارام گدومل جي هڪ آرٽيڪل ديباچي طور ڇپي هئي. هو صاحب شڪارپور ۾ سيشن جج هئو. آرٽيڪل مان ’چچ نامه‘ بابت سني ۽ صحيح ڄاڻ ملي ٿي. ان جو ترجمو هت پيش ڪجي ٿو:

’چچ نامه‘ سنڌ جي جهوني ۾ جهوني تواريخ آهي. ان کي ڪڏهن رومانٽڪ ناول سمجهيو ويندو هئو، پر جڏهن کان ايلفنسٽن ان جي مؤل خاصيت ثابت ڪئي تڏهن کان ان جي پڪ ٿي ته هيءَ تواريخ آهي. ان جي اهميت بابت مختلف رايا پئي رهيا آهن. انگريز اِهو فيصلو صحيح لڳي رهيو آهي ته ڪتاب جو ترجمو جيئن جو تيئن پيش ڪجي ته جيئن تواريخ جا اڀياسي هن سوال جو جواب پاڻ طئه ڪن.

ليفٽيننٽ پوسٽن جو ترجمو جيڪو بينگال جي ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل (No. LXXIV, 1838 ۽ CXI, 1841) ۾ ڇپيو هئو سو ته سچ پچ ڪو ترجمو ئي ڪونهي؛ سر ايچ ايليٽ ان طرف ڌيان ڇڪايو- (History of India as told by its own Historians جو Volume I، صفحو 137).
ايليٽ جا پنهنجا انتخاب يلي جهجها ٿا لڳن، پر ڪتاب جو ننڍو حصو آهن. مؤجوده انگريزي ترجمو، سچ پچ پهريون مڪمل آهي. ان کي پنهنجي ليکي خودمختيار نموني پيش ڪرڻ لاءِ مترجم (مرزا قليچ بيگ)، پوسٽن ۽ ايليٽ جا ڪم نظر مان نه ڪڍيا آهن.

هنن کي ڌرم جي ڳالهين ۾ سڀ ڇوٽ هئي. ائين ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو هئو ته هن اصول جي پوئواري وفاداريءَ سان نه ٿيندي هئي، پر محمد قاسم لڳي ٿو چڱيءَ طرح پوئواري ڪئي.

مهاڀارت ۽ ٻين قديم سمرتين ۾ ڏيکاريل آهي ته هندن جي وقت ۾ جڏهن به لڙايون لڳنديون هيون ته هارين کي هٿ نه لاتو ويندو هئو. اِها وڻندڙ ڳالهه آهي ته محمد قاسم پنهنجي سڄي دؤري ۾ هارين ۽ ڪاريگرن کي نه ڇهيو. ٻي ڳالهه ته هن برهمڻن کي وري ملازمت ۾ رکيو-اڳين هندو راجائن وانگر، ڍلن اڳاڙڻ لاءِ. هنن کي محنتاڻي لاءِ سنو حصو پگهار طور ڏنو پئي ويو.

راجا ڏاهر جو وزير اعظم، محمد قاسم جو به وزير اعظم بڻيو. ائين چڱا هندو ۽ ٻوڌي، ڪامورا ۽ وڏيرا جن کي سندن جاگيرن ۽ ٻين علائقن جي خاطري ڏني ويئي سي محمد قاسم جا صلاحڪار ۽ مددگار بڻيا.

اها وڏي شڪ جي ڳالهه آهي ته سنڌ کو فتح ٿي سگهي ها، جيڪڏهن ملڪ جا ننڍا وڏا حاڪم راجا ڏانهن وفادار رهن ها. عجب به لڳي رهيو آهي ته ظاهري طرح نجوميت انهن سيني کي غدار بڻايو. هنن چيو پئي ته- ”اسان جي سياڻن اڳڪٿي ڪئي آهي ته سنڌ ملڪ اسلام جي حڪومت ۾ ايندو. پوءِ اسان نصيب جي سامهون ڇو پئون؟“ ائين هو پاڻ بچائڻ لاءِ سڄ، چنڊ ۽ تارن جي سهاري جو بهانو ڳولهڻ لڳا. نتيجو مصيبت پئدا ڪندڙ نڪتو.

جيتوڻيڪ هي سڀ وڏيرا ۽ ٻيا ميار جا پاتر آهن، پر راجا خود به گهٽ ڏوهي ڪونه هئو. هن ۾ مانائي ۽ سستي تمام گهٽي هئي. رڳو راجا نه، پر هن جا معتبر به فرض ادائيءَ ۾ چست نه رهيا. ايتري قدر جو عوام مان به ڪيترا اهڙا شخص نڪري نروار ٿيا.

هيون شيانگ ٻه هت ٦٢٩ کان ٦٤٥ع تائين هئو. **مئڪس ملر** جو چوڻ آهي تہ چوٿين صدي، سنسڪرت ساهتيہ لاءِ نئين جاڳرتا جو وقت هئو- ٻوڌي راجائن جي زير اثر. ستين صدي ۾ وري ڀارت ۾ ٻڌ ڌرم جي زوال جي شروعات ٿي.

هيون شيانگ جو چوڻ آهي تہ وري ساڳي صديءَ ۾ **شِلادتيہ هرشورڌن** (جنهن کي **هرش** بہ چيو ويندو آهي)- **قنوج** جو راجا، ويدن ۽ ٻڌ جي پوڄارين جو هڪ جهڙو پنيرو هئو. هن جي ڌرمي سيائن ۾ ٻوڌي ڀاوا بہ ايندا هئا تہ برهمڻ پڻ.

هيون شيانگ جي چوڻ جي پنيرائي **ٻاڻ**-'هرش چرت' ۾ ڪئي آهي. هو برهمڻ هئو. '**چچ نامه**' جي مول ليکڪ بہ ڪئي آهي-هو عرب هئو. ان ريت ستين صديءَ ۾ ٻن ڌرمن جي ساز سلوڪت بابت اسان کي، برهمڻ، ٻوڌي، يوناني ۽ عرب جي شاهدي آهي. هاڻ عرب جو چوڻ '**چچ نامه**' جي هن ترجمي ذريعي انگريزي ڄاڻندڙ عوام اڳيان پهريون دفعو اچي رهيو آهي. مون کي اهو وڏي اهميت وارو لڳي رهيو آهي.

فتح ڪيل ملڪن ۾ مسلمان حاڪمن جي اصولن بابت **مئير** پنهنجي ڪتاب 'خليفات جي تواريخ' ۾ جيڪو ڪجهہ ليکيو آهي، سو '**چچ نامه**' ۾ بہ اُيري آيل آهي.

هن ڪتاب ۾ آيل **حجاج** جي فرمانن مان ڪجهہ ڌيان ۾ رکندڙن مان هڪ اهم آهي، جنهن ۾ هو **محمد قاسم** کي لکي ٿو تہ تعبيدار عوام جي ڌرمي معاملن ۾ دخل اندازي نہ ڪئي وڃي ۽ نہ هو جانورن ۽ پٿرن جي پوڄا ڪندا هجن. مسلمان حاڪم نؤمريدن جي آجيان ڪندا هئا، پر جيڪڏهن ڪن پنهنجي ڌرم جي پيروي ڪرڻ پئي چاهي تہ انهن کي صرف جزيہ ڀل ڀرڻي هئي ۽ ڀل ڀرڻ ڪانپوءِ

تي سنڄن ڪانسواءِ سواري ڪرڻي هئن، جُتيون يا پٽڪا پائڻ جي منع هئن. هنن کي ڪاٺيرن جو به ڪم ڪرڻو هئو، ته جاسوسيءَ جو به. قافلن کي ڏڱه ڏيکارڻو هئن. پاڻ سان گڏ سڄاڻپ لاءِ ڪتو اڳيان ڪٺي هلڻو هئن. ان قسم جي وهنوار ڪري هو بکيڙائيءَ سرڪش ٿي پيا- ايتري قدر جو محمد قاسم هنن جي ڀيٽ ڪوهه پايه ءَ فارس جي وحشي ماڻهن سان ڪئي.

عورتن بابت به 'چچ نامه' مان ڪجهه ڄاڻ ملي ٿي. چچ پاڻ لوهاڻا حاڪم جي وڌوا سان شادي ڪئي، ان حاڪم چچ سان لڙائيءَ ۾ هارايو هئو. راڻي سونهندي پلي راجپوتن مان هئي، پر ڪنهن قسم جو پردو ڪندي هئي. ڏاهر جي ڀيڻ ءَ ٻين عورتن جوهر جي رسم ادا ڪئي- راجپوت نائڪائن جي پيروي ڪندي. هڪ جادوگرياڻيءَ بابت به چٽو لکيل آهي. لڳ ڀڳ چاليهه منٽن ۾ پوري ڌرتيءَ جي گهيري جو چڪر هڻي آئي ءَ سريلنڪا مان جافر جا ڦل کڻي آئي. جادوءَ جي ٻي نظر سان ڏسي آئي ته شخص ڌرتيءَ تي جيئرو آهي يا نه. راجا ڏاهر جي ڏيئرن جي ڪهاڻي ته مشهور آهي، ڪيئن محمد قاسم کان بدلو وٺندي پنهنجي جان قربان ڪيائون. ان ڳالهه جي سچائيءَ ۾ شڪ اُٿي رهيا آهن، پر هت مان ان ووادي سوال ۾ وڃڻ نٿو چاهيان.

'چچ نامه' ۾ ان جهوني زماني ۾ عوام جي روزاني جيون بابت ڪجهه به نه چيل آهي، حالانڪ ايترو معلوم ٿي سگهيو آهي ته شمنين ءَ برهمڻن ڪانسواءِ چڱا شاهوڪار واپاري به هئا- گهٽ ۾ گهٽ الور ۾. وري سنگمرمر جا بت ناهيندڙ ڪاريگر پڻ سنا هئا؛ بت اهڙا ته ناهيندا هئا چڻ انسان پاڻ بيٺو آهي. راءِ ڏاهر جيڪي گول پليتن وانگر چڪرا، لڙائيءَ ۾ ماڻهن کي ڪٽڻ لاءِ ڪم آڻيندو هئو، سي پڻ

پلي ’چچ نامہ‘ ۾ ماڻهن جو ڪجهہ ٿورو بيان آهي، پر جيڪو بہ آهي سو هنن لاءِ سٺو نہ آهي. **ديبل** ۾ هڪ برهمڻ اڳيان آيو، پنهنجن ديشواسين سان غداري ڪرڻ لاءِ. **نيرون** ڪوٽ جي شمنيءَ پنهنجو قيمتي سر بچائڻ لاءِ **حجاج** سان ڳجهو عهد ڪيو ۽ وويڪ جي چڪن ڪانسواءِ مسلمانن کي ڪافي مدد ڪيائين. ٻين شمنين تہ عوام کي پيش پوڻ لاءِ چوڻ شروع ڪيو-نجوميت جي نالي ۾ تہ ٻڌ ڌرم جي اهنسا ۽ صلح شانتيءَ وارن اصولن جي نالي ۾.

سا ڳئي وقت اسان پڙهنداسين تہ هڪ وڏي قوم-**لوهاڻا جاٽ**، ڪيترين ئي محدودگين ۽ ڪوتاهين تحت محنت ڪري رهي هئي. هو ڪٿان بہ آيا، پر اها پڪ آهي تہ **سنڌ پنجاب**، **ڪڇ** ۽ **راجپوتانا** ۾ گهٽي انداز ۾ هئا. ستين صديءَ ۾ **سنڌ** ۽ **پنجاب** جي هڪ ئي حڪومت هئي. **’چچ نامہ‘** ۾ ڏيکاريل آهي تہ وڏي برهمڻ راجا-**چچ** اتر ۾ **سنڌ** ۽ **ڪشمير** جي سرحد تي نشاني مقرر ڪرڻ لاءِ بيد ۽ صنوبر جا وڻ پوکايا ۽ **محمد قاسم** جڏهن اُهي وڻ ڏٺا تہ پاڻ بہ ڪجهہ ٻئي پوکايائين.

اسان کي اها بہ ڄاڻ ملي ٿي تہ راڻي **سونهنديءَ** جي گهوٽ-**چچ** کان پهرين جي راجا جا ڪجهہ مائٽ **راجپوتانا** ۾ بہ هئا. اُتان جي ۽ **گجرات** جي قديمي لوڪ گيتن مان بہ ٻڌجي ٿو تہ راجپوتن جا **سنڌ** ۾ چڱا عزيز هئا. لڳي ٿو راجپوتن جو ڪو قديمي اتحاد هئو، جنهن جا پويان اڄ بہ **ڪاٺياواڙ** (هاڻوڪو **سؤراشٽر**-**گجرات** جو حصو) ۾ رهن ٿا. راجپوتن جو **جاٽن** ۽ **ميدن** طرف ڪو جوش ڀريو رخ ڪونہ هئو، پر چاڪاڻ تہ هو راجا **چچ** جي خلاف هئا تہ هن انهن کي نہ صرف نهٽيو ڪيو، پر سندن سماجڪ درجو پڻ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن کي سلڪ يا ساٽن جو ڪپڙو پائڻ جي منع هئي، گهوڙن

۴. ڪن خاص شخصن، جهڙوڪ برهمڻن وغيره جون زبانيون.
۵. جنهن کي بڌل ڳالهين (يا افوهن) جا ترندڙ هلڪا ڦلڪا مدا
ئجي.
ان کانسواءِ لڳي ٿو هنن کي محمد قاسم ۽ حجاج جي وچ ۾ تيل
ط و ڪتابت جا گهڻا يا سڀ فائيل هٿ لڳا هئا. هي سڄو مواد ڪٺي
ربيءَ ۾ سلسليوار بيان ڪيو ويو آهي، ۽ تيرهين صديءَ جي شروعات
ثقيفي ڪتنب علي ڪوفي اڳيان پيش ڪيو آهي. علي ڪوفيءَ
و بيان فارسيءَ ۾ بلڪل سادگيءَ پيريو آهي. مون کي ڪو شڪ ڪونهي
ـ هن ڪٿي ڪٿي عبارت مٿائي سوَلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي
هي، پر سڄي عربي دستخط وفاداريءَ سان ترجمو ڪئي اٿائين.
لي ڪوفيءَ جي چمڪدوزيءَ ۾ شفاف هئڻ جا چڱا گڻ آهن ۽
واريخ جو اپياسي گمراه ٿئي سو ممڪن نـ آهي. باقي اهو ممڪن
آهي تـ هن محمد قاسم ۽ حجاج جي خط و ڪتابت ۾ چنين کي
ڪافي لنبايو آهي. ڪتاب ۾ آيلَ سڀ شاعري هي پاڻ عربيءَ مان
حاصل نـ ڪري سگهيو هوندو. راڻي سونهنديءَ جي عشق جي داستان
۾ آيل شاعري فارسي آهي. باقي ٻي شاعري مفتي سچيڏنو جي مدد
کانسواءِ ترجمو نـ ڪري سگهيو هوندو. هئڙن بيانن کانسواءِ باقي
ڪيترين ڳالهين لاءِ هن نالا ڏنا آهن تـ ڪنهن چا چيو آهي. اهو سڀ
ڪيترن هنڌ هن 'روايت' جي عنوان تحت بيان ڪيو آهي، جنهن
کي مان بڌل ڳالهين ۾ (ٿي سگهيتو افواهن ۾) هلڪا ڦلڪا ترندڙ مدا
چوان ٿو.
ثقيفي ڪتنب ڏانهن سوپاويڪ جهڪاءُ ۽ لکڻين ۾ ڪيتريون
اڻسچايون - افواهن جي ويجهو، پيش ڪرڻ، سچ تـ ٻـ وڏيون خاميون
آهن. انڪري ڪتاب ۾ آيل سڄي تواريخي بيان جي تڪ طور ڪرڻ

مڪاني پيداوار جا هئا. ٻئي به گهڻائي ڪاريگر هئا ته ڪڙمي پڻ. هڪ ٻوڌي ٻائي جي وهنوار مان لڳي ٿو ته ٻاون کي لڙائيءَ جي فن جي ڄاڻ هئي. ائين لڳي رهيو آهي ته چچ جي تخت قبضي ڪرڻ کان پهرين به حڪومت ۾ برهمڻ چڱي انداز ۾ آفيسر هئا. ملڪ ۾ ڪافي مندر هئا-ٻوڌي ته هندو پڻ. اتي عوام جي ڪافي اچ وڃ هئي، خاص طور موڪلن ۾. مندرن جي آمدني پڻ سٺي هئي.

’چچ نامه‘ مان جاگرافيائي ڄاڻ چڱي اهميت واري ملي ٿي. ان ڄاڻ کي صحيح نموني چند ڄاڻ ڪري پيش ڪرڻ ۾ ڪافي وڏا جُلد کپن ته جيئن لڳايل الڳ الڳ انومانن مان خبر پئجي سگهي ته ڪتاب ۾ ڏيکاريل شهر ڪهڙن هنڌن تي هئا. ساڳين ڪارڻن جي ڪري مان تواريخي بيان جي سچائيءَ بابت پڻ هت بحث نٿو ڪرڻ چاهيان. ساڳي ڳالهه کي مختلف نموني پيش ڪيلن مان ڪهڙي ڪري آهي ۽ ڪهڙي ڪوڙي سو به نٿو چئي سگهجي.

ليڪ يا ليڪن ائين چو ڪيو آهي سو پڻ سمجهي نٿو سگهجي. هت ”ليڪ“ بدران ”ليڪن“ انڪري ٿو چئجي جو ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مول ورتانت عربيءَ ۾ ثقيفي ڪتنب مان ڪيترن ڪيو آهي، جيڪي بکر ۾ ٺانئيڪا ٿيل هئا. ان جو بنيادي بيان فارسي مترجم جي ديباچي ۾ ڏنل آهي.

لڳي ٿو لڙائيءَ ۾ پنهنجي عزيز محمد قاسم جي سرگرمين بابت ثقيفي ڪتنب ڪافي محنت سان ڄاڻ حاصل ڪئي آهي. هنن جي ڄاڻ جا ذريعا هن موجب ٿي سگهن ٿا :

١. عرب گيت ۽ لوڪ گيت.
٢. ثقيفي ڪتنب جون لکيل ۽ اڻلکيل روايتون.
٣. جن شخصن جا نالا ذڪر ۾ اچن ٿا، انهن جون زبانيون.

’چچ نامه‘ فارسيءَ ۾ پيش ڪندڙ
علي بن محمد ڪوفي

علي ڪوفي اصل ڪوفه جو رهاڪو هئو ۽ پوءِ اُچ (بهاولپور جي رسان) ۾ اچي رهيو. ١٢١٦ع ۾ سڀ سرگرميون ڇڏي-٥٨ سالن جي مر ۾، هن طرح طرح جا ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا. پڙهندي پڙهندي و تواريخي واقعن ۽ ڳالهين کان متاثر ٿيڻ لڳو. جڏهن محمد اسم جي سنڌ جي فتحيابيءَ ۽ ان سان تعلق رکندڙ ڪيتريون الهيون ٻڌائين تہ هن جي اِڇا ٿي تہ ڇو ڪونہ ان بابت ڪو ڪتاب ڪجي. ائين هي سنڌ جي ڏوري تي نڪتو. الور، بکر ۽ ٻين شهرن ان گهمي آيو. الور ۾ هن جي ملاقات ڪيترن عربن سان ٿي. اُتان ي قاضيءَ (هو امام پڻ هئو) هن کي ٻڌايو تہ محمد قاسم جي تحيابيءَ بابت عربيءَ ۾ سندس وڏن ڪافي ڪجهہ لکيو آهي ۽ اها ستخط ورثي ۾ پيڙهيءَ کان پيڙهيءَ جي هٿن ۾ ايندي ٿي رهي.

’چچ نامه‘ مول ريت عربيءَ ۾ لکيو ويو هئو. ڪنهن اڪيلي عالم هو نہ لکيو، پر محمد قاسم جي ثقيفي خاندان ۽ قبيلي وارن لکيو ئو. هو بکر ۾ اچي ٿانئيڪا ٿيا هئا. ثقيفين ڪافي محنت ڪري واد هٿ ڪيو. ائين بہ لڳي رهيو آهي تہ هر ڪنهن ڌاتيءَ کي جيڪو ڪجهہ مليو آهي، سو ان پنهنجي نموني جوڙيو آهي. هنن ي حجاج ۽ محمد قاسم جي وچ ۾ ٿيل خط وڪتابت پڻ هٿ آيل ي لڳي. هو اِهو سڀ مواد چڱيءَ طرح سلسليوار سنواري نہ سگهيا. ان ڪري سڄي ڪتاب جي عبارت منجهائيندڙ ٿي لڳي.

علي ڪوفيءَ کي جڏهن سڀ مواد مليو تہ هن ويچاريو، اِهو سڀ فارسيءَ ۾ ترجمو ڪري دنيا اڳيان پيش ڪجي. ان وقت عربستان

وقت هي سڀ ڳالهيون ڏيان ۾ رکڻ گھرجن.

ڪيترين جهونين تواريخن جيان 'چچ نامه' پڻ خودغرضي ۽ وڏائيءَ جو سلسلو آهي. محڪم ۽ سچيار صرف ٻه شخص نظر اچن ٿا- **جيسينه** ۽ **محمد قاسم**. چيو ويو آهي تہ- ”وقت ۽ جاءِ مانسڪ رنگ آهن جيڪي اکيون پيدا ڪن ٿيون، مگر آتما-روح هلڪو آهي؛ تواريخ گستاخ ۽ ضربيل آهي، جيڪڏهن نصيحت آميز ۽ سچي درشٽانت ڪان پري آهي.“

'چچ نامه' پڪ ئي پڪ اهڙي اوچي درجي تائين نہ پهچي سگهيو آهي، پر اِهو اسان کي ڏيکاري سگهيو آهي تہ ڪيئن نہ وقت جي ڦيرگهير، وير ڀاوَ پيدا ڪري ٿي. اِهو پڻ ڏيکاريو ويو آهي تہ اسان کي حڪومت اها ئي ملي ٿي جنهن جي لائق اسان آهيون. ●

اسلامي ڪئلينڊر

اسلامي ڪئلينڊر جو پهريون ڏينهن ١٦ جولاءِ ٦٢٢ع ٿيو، جڏهن حضرت محمد پيغمبر مڪي کان هجرت ڪري مديني ويو. هن کي هجرت ڪرڻي پئي ڇاڪاڻ ته مڪي ۾ حالتون صلح شانتيءَ واريون نه هيون. مديني ۾ هجرت ۽ ان جون تاريخون ياد ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو ته پنهنجو ئي ڪئلينڊر شروع ڪجي. سال جو پهريون مهنو محرم آهي. ان وقت ١٦ جولاءِ، محرم جي پهرين تاريخ بيٺي هئي. هاڻ ته عيسوي سنه جون تاريخون ۽ مهنا هر سال اسلامي ڏينهن سان نٿا نهڪن (نٿا مئچ ٿين). ان جو ڪارڻ آهي ته اسلامي سال چنڊ جي بيهڪ تي ٻڌل آهي ۽ عيسوي سنه سج جي. اسلامي سال ۾ لڳ ڀڳ ٣٥٤ ڏينهن ٿين ٿا ته عيسوي سنه ۾ ٣٦٥ ڏينهن. ڇاڪاڻ ته اسلامي سال ننڍو آهي ته سوڀاويڪ ان جا مهنا ۽ ڏينهن هر سال عيسوي سنه سان نه نهڪي سگهندا؛ يعني هر سال جولاءِ مهني ۾ محرم جو مهنو نه ٻهندو.

اسلامي مهنو چنڊ جي پهرين ڪلا سان شروع ٿئي ٿو. عيسوي سنه ۾ مهني جا مقرر ڪيل ڏينهن پوري ٿيڻ تي ٻيو مهنو شروع ٿئي ٿو. شروع کان ئي ٣٦٥ ڏينهن ٻارهن مهنن ۾ وراهيا ويا آهن؛ ڪي ٣٠ ڏينهن جا آهن ته ڪي ٣١ ڏينهن جا ۽ هر سال هر مهني ۾ ساڳيا ئي مقرر ڪيل ڏينهن هوندا آهن سواءِ فئبروري مهني جي. ان ۾ ٢٨ يا ٢٩ ڏينهن هوندا آهن. فئبروريءَ ۾ هر چوٿين سال ٢٩ ڏينهن هوندا آهن- يعني ان سال ۾ ٣٦٦ ڏينهن ٿيندا آهن. اهو علم هئيت جي ماهرن اڀياس سان انڪري طئه ڪيو آهي، جيئن سج جي ڪلائن سان ڏينهن نهڪندا رهن، ۽ هر سال مندون ۽ ڏڻن وارن جا ڏينهن به نهڪندا رهن-مئچ ٿيندا رهن.

کان ٻاهر فارسي ڄاڻندڙن جو تعداد وڏيڪ هئو.

هيءَ تيرهين صديءَ جي شروعات جي ڳالهه آهي. علي ڪوفيءَ سچو احوال ترتيبوار پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر مول لکٽيءَ جون اوڻايون ضرور رهجي ويئيون آهن، ڄاڪاڻ ته هن جيئن جو تيئن ترجمو ڪيو آهي، ڪجهه ڪٽ جوڙ نه ڪيا آهن. هن عبارت کي سادگيءَ سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ چمڪدوزيءَ لاءِ ڪجهه فارسي گلابي ڇٽا پڻ هنيا اٿائين.

ائين سچو ڪتاب تيار ڪيائين. پوءِ جا سڀ ڇاپا ۽ ترجما اصل ته هن جي ڪاريه تي ٻڌل آهن. *

ڪجهہ عربي ۽ ٻين لفظن بابت سمجهاڻيون

لام : مسلمانن جو مذهب- لفظي معنيٰ 'خدا جي مرضيءَ اڳيان پيش پوڻ.'

شاالله : مطلب 'جيڪڏهن اللهہ جي مرضي'. آئينده بابت ڪجهہ ڳالهائڻ وقت ائين چيو ويندو آهي. قران شريف ۾ چيل آهي- ''ائين نہ چئو تہ 'مان هي ڪجهہ سڀاڻي ڪندس.'' پر چئو- 'جيڪڏهن الله جي مرضي هوندي تہ....'.''

زيہ : ڍل جيڪا حفاضت لاءِ ذمين ڪي ڀرڻي پوندي هئي. اها صرف غير مسلم بالغ مردن کي ڀرڻي هئي. عورتون، ٻار، فقير، ٻاوا ۽ غلام ڍل جي دائري ڪان ٻاهر هئا.

هاد : معنيٰ 'خدا جي راهہ ۾ محنت ڪرڻ- اُدم ڪرڻ'. اِها لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي. هاڻ مخصوص ريت ان جو مطلب آهي- 'مذهب جي شيوا ۾/ لاءِ لڙائي ڪرڻ'.

رهام : جهوني زماني ۾ سڪن جو ملهہ وزن تي ليکيو ويندو هئو. هڪ درهام جو وزن ساڍا ٽي ماسا هئو. اهي سون جا ٿيندا هئا تہ چاندي ۽ ٻين ڌاتن جا بہ. اڄڪلهہ درهام ڪن عرب ملڪن جو سرڪاري سڪو آهي.

ڏاهري : معنيٰ ناستڪ يا پڌارٿوادي. قران شريف موجب ڏاهري چوندا آهن ''اسان مرنداسين ۽ جيئينداسين- اسان کي ڪيڏ ۾ نہ، صرف وقت ناس ڪري سگهي ٿو.'' عام واهپي ۾ سنڌيءَ ۾ ڏاهري، مهابيوقوف کي چيو ويندو آهي.

اسلامي مهنا هن ريت آهن :

١. محرم ٢. صفر ٣. ربيع الاول ۴. ربيع الثاني ۵. جمادي الاول ٦. جمادي الثاني ٧. رجب ٨. شعبان ٩. رمضان ١٠. شوال ١١. ذي القعد ١٢. ذي الحج.

انهن جي سامهون عيسوي سنہ جا مهنا نٿا ڏيئي سگهجن، ڇاڪاڻ تہ هر سال ساڳيا سامهون نہ هوندا آهن، ڦرندا رهندا آهن. ڏينهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

انگريزي	عام سنڌي	سنڌ ۾ واپرجندڙ سنڌي
Sunday	آرتوار	آچر
Monday	سومر	سومر
Tuesday	منگل	اڱارو
Wednesday	ٻڌر	اربع
Thursday	وسپت	خميس
Friday	جمع-شڪر	جمعو
Saturday	ڇنڇر	ڇنڇر

شروع ۾ ٻنهي ڪئلينڊرن ۾ تفاوت ٦٢٢ سالن جو هئو، پر هاڻ وڌيڪ ٿيندو. اهو هرڪو سولائيءَ سان ڳڻي نٿو سگهي، انڪري تواريخ جي اڀياس ۾ حڪومت جي وقت ۽ عرصي جي حساب ۾ ڪڏهن ڪڏهن مونجهارو پئدا ٿو ٿئي. *

ايياس کيل هوندو هئو ۽ پورو گيان هئن. هڪ کان وڌيڪ عالم کي علمه چيو ويندو آهي.

عمه : مسلم قوم-عوام. هي لفظ هر ملڪ ۾ مسلم عوام جي مجموع لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي.

غنيما : ڪو بہ ملڪ فتح ڪرڻ سان، گڏ ٿيل مال متاع ! جيڪڏهن صلح شانتي سان پيش پيل ملڪ هوندو هئو تہ اُتان جي عوام مان صرف ڍلن جي رقم گڏ ٿيندي هئي. ٻي حالت ۾ لشڪر کي ڦرلٽ جي ڇوٽ هئي. ان ريت گڏ ٿيل سڀ مال متاح جو پنجون حصو خليفي يا حاڪم جي خزاني ۾ جمع ڪرايو ويندو هئو- لڙائيءَ جي خرچ بلي. ٻيو پنجون حصو خيرات لاءِ ڪڍيو ويندو هئو. باقي حصا لشڪر، ان جا مهندار ۽ مڪاني حاڪم پاڻ ۾ وراهيندا هئا.

ڪافر : غير اسلامي بندا يا هڪ کان وڌيڪ ديوتائن جي پوڃا ڪندڙ يا بتن جي پوڃا ڪندڙ.

ڪبه : مڪي ۾ مقدس استان. هت دنيا ڀر مان مسلمان زيارت لاءِ ايندا آهن. دنيا ۾ جتي بہ مسلمان عبادت ڪندا آهن تہ منهن ڪبه شريف جي طرف ڪري سجدو ڪندا آهن. هيءَ ڇهن پاسن واري بلڊنگ اٽڪل پنجاه فوٽ اوچي آهي.

هجرت : حضرت محمد پيغمبر جي پنهنجن ساٿين سان مڪي مان مديني لڏي وڃڻ کي هجرت چيو ويندو آهي. مڪي ۾ حالتون صلح شانتيءَ واريون نہ هيون، انڪري هن کي سنہ ٦٢٢ع ۾ مديني لڏي وڃڻو پيو. ○

ذمي : اسلامڪ ملڪن جو غير مسلم عوام، جنهن کي حفاظت ڏني ويندي هئي. قران شريف موجب ڪن مذهبن کي جائز ليکيو ويو آهي - جهڙوڪ يهودي، عيسائي، پارسي، هندو، ٻڌ ۽ سک. انهن جي پوئلڳن کي مڪمل مذهبي آزادي هئي ۽ ذمي طور حفاظت حاصل هئي. صرف ڪن ملڪن ۾ ۽ ڪن وقتن ۾ هنن کي جزيہ ڍل ڀرڻي هئي. هاڻ ١٩ صديءَ کان جزيہ ڍل ڪٽي بہ لاڳو نہ آهي ۽ هر ناگرڪ کي ساڳيا مذهبي حق/ فرض آهن.

راشدين : 'صحيح ريت رهبري حاصل ڪيل'. اهي پهريان چار خليفا هئا. هو حضرت محمد پيغمبر جي ويجهن ساٿين مان هئا ۽ هُن جي ديهانت کانپوءِ، هڪ ٻئي پنيان خليفا ٿيا.

زڪات : سنائي ! مسلمان پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجھ حصو هر سال (عام طور گهٽ ۾ گهٽ اڍائي سيڪڙو)، غريبن کي مدد ڪرڻ لاءِ ڀريندا آهن. ان کي زڪات چيو ويندو آهي.

شمني : سماني، شِرامن؛ هندو ڌرم جي برهمڻن وانگر هي ٻڌ ڌرم جا، ودوان، پوڄاري، ۽ مندر جا رکوالا آهن. جهوني زماني ۾ هي راجائن جا وزير ۽ صلاحڪار بہ هئا. ڪيترا تہ لڙائيءَ جي فن جي بہ ڄاڻ رکندا هئا. هي مذهبي ڪتابن جو اڀياس بہ ڪندا هئا تہ عوام کي سِکيا ڏيڻ لاءِ وديالیہ بہ هلائيندا هئا ۽ وعظ بہ ڏيندا رهندا هئا.

عالم : ودوان-ڄاڻو شخص. جهوني زماني ۾ عالم صرف انهن کي چيو ويندو هئو، جن جو مذهبي قاعدن ۽ رواجن جو

خليفا

(جن سنڌ ۽ هند ڏانهن لشڪر موڪلڻ جي ڪوشش ڪئي)

هيٺ پهرين ٻارهن خليفن جو احوال ڏجي ٿو- پهرئين کان ’چچ نامه‘ ۾ آيل آخري (عمر ٻئين) تائين. هنن جي نالن جي سامهون سنڌن راڄ جو عرصو ڄاڻايل آهي.

ابوبڪر - ٦٣٢ کان ٦٣٤ع تائين:

حضرت **محمد** پيغمبر کانپوءِ، **ابوبڪر** کي پهريون خليفو چونڊيو ويو. هو پهريون راشدين خليفو هئو- (راشدين معنيٰ صحيح رهبري حاصل ڪيل). هن جي ڌيءُ **عائشا** سان حضرت **محمد** نڪاح ڪيو هئو. **ابوبڪر** عربستان جي مختلف قبيلن کي يڪمشت ڪري سگهيو. هي ٦٣٤ع ۾ مديني ۾ گذاري ويو.

عمر بن الخطاب (عمر پهريون) - ٦٣٤ع کان ٦٤٤ع تائين:

هي ٻيون خليفو ٻہ راشدين هئو. هي حضرت **محمد** پيغمبر جي جهونن ساٿين مان هئو. هن پنهنجي ڌيءُ جو نڪاح حضرت **محمد** سان ڪرايو. هن جي ٿوري ايامڪاريءَ ۾ اسلامي لشڪر سِريا، پئلسٽائين، مصر (ايجپٽ) ۽ **ٽرپولينا** وغيره فتح ڪيا. هن هند ۽ سنڌ ڏانهن ٻہ لشڪر موڪليو، **عثمان بن ابي العاص ثقيفي** ۽ **مغيره بن ابي العاص** جي اڳوانيءَ هيٺ، پر اتي خاص حاصلاتون نہ ٿين، ۽ **مغيره**، ديبل وٽ مارجي ويو. هن خليفي ملٽري شهر- بصره ۽ **ڪوفه** برپا ڪيا. ڪنهن فارسي جنگي قيديءَ ساڻ ۾ اچي، مديني جي مسجد ۾ هن جو خون ڪيو. ائين ٦٤٤ع ۾ هن شهادت پاتي.

Bibliography

Adamec, Ludwing W.: *The A to Z of Islam*, Vision Books (P) Ltd., New Delhi, 2003.

Armstrong, Karen: *Islam – A Short History*, Phoenix Press, London, 2000.

Baloch, Nabi Baksh Khan: *Chachnamo (in Sindhi)*, Sindhi Adabi Board, Hyderabad, 1976.

Basham, A.L.: *The Wonder That was India – I*, Rupa & Co., Mumbai, 2000.

Beg, Mirza Kalich: *Chachnamah*, Allied Book Company, Karachi, 1990.

Burton, Richard F.: *Sindh and the Races That Inhabit the Valley of the Indus,* Munshiram Manoharlal Publishers (P) Ltd., New Delhi, 1988. (Originally published in 1851 by W. H. Allen & Co., London)

Cousens, Henry: *The Antiquities of Sind.* Dept. of Culture, Governement of Sindh, Karachi, 1998.

Mahajan, V. D.: *History of Medieval India*, S. Chand & Co., New Delhi, tenth edition, 1991.

Rizvi, S. A. A.: *The Wonder That was India – II*, Rupa & Co., Mumbai, 1998.

The Truth about History (Reader's Digest), 2006

معاوِيه بن ابي سفيان-٦٦١ کان ٦٨٠ع تائين :

هي پنجون خليفو ٿيو-عمياد گهراڻي جو پهريون. هن پنهنجي راڄڌاني دمشق (سِريا) ۾ ڪئي. اتي پهرين گورنر طور رهي چڪو هئو. هن پهريون بحري لشڪر (Navy) برپا ڪيو. هن جي وقت ۾ اتر آفريڪا ۽ وچ ايشيا ۾ عربن جون ڪاميابيون جاري رهيون. اڳتي هلي تواريخ نويسن عمياد گهراڻي کي خليفات کان وڌيڪ بادشاهت چيو.

هن سنڌ ڏانهن عبدالله بن سوار جي اڳوانيءَ هيٺ لشڪر موڪليو. عبدالله کي ڪيڪانان جي ماڻهن شڪست ڏني ته هو مڪران طرف هليو ويو.

هن خليفي چونڊ جو سرشتو عمل ۾ نه آڻي، پنهنجي پٽ يزيد کي وارث بڻايو. اهو سسٽم پوءِ ٧٥٠ع تائين چالو رهيو.

يزيد بن معاويه-٦٨٠ کان ٦٨٣ع تائين.

هي ڇهون خليفو هئو. هن کي سندس والد معاويه پنهنجو وارث مقرر ڪري ويو. هن جي وقت ۾ سنه ٦٨٠ع ۾ محرم جي ١٠ تاريخ امام حسين جي شهادت ٿي. اِهو محرم جو ڏينهن اڄ به هر سال دردناڪ نموني ياد ڪيو ويندو آهي. يزيد لاءِ چيو ويو آهي ته هن ڪلا ڪيتر کي همٿايو ۽ دربار جي مجلسن ۾ سنگيت ۽ شراب جو واهپو شروع ڪرايو. هن جو هند ۽ سنڌ سان سياسي ريت يا ٻيءَ ڪنهن طرح ڪو تعلق ڪونه هئو.

معاويه ٻيون- ٦٨٣ کان ٦٨٤ع تائين :

خليفو نمبر ستون. هي ڪجهه ڪري سگهي ان کان اڳ ه عمياد قبيلي وارن کيس برطرف ڪري ڇڏيو.

عثمان بن عفان - ٦٤٤ کان ٦٥٦ع تائين :

هي ٽيون خليفو بہ راشدين هئو. هي بہ حضرت **محمد** پيغمبر جي جهونن ساٿين مان هئو. هن پيغمبر جي ڌيئرن-رڪاياه ۽ **عمہ ڪلثم** سان شادي ڪئي - پهريئن جي قضيئي ڪانپوءِ ٻيءَ سان.

هن **عبدالله بن عامر بن ربيعہ** جي اڳوانيءَ هيٺ لشڪر **مڪران** ۽ **قندابيل** طرف موڪليو.

هن جي ايامڪاريءَ ۾ اسلامي لشڪر **سائپرس** ۽ اُتر **آفريڪا** ۾ **ٽريپولي**ءَ جا ملڪ فتح ڪيا. **ايران** ۾ بہ مسلم حڪومت قائم ٿي ويئي. سنڌي سرحد تي اسلامي لشڪر، **مڪران**، **شيراز** ۽ **ڪرمان** ۾ پير ڪوڙي سگهيو.

هن جي وقت ۾-٦٥٣ع ۾ قران شريف جو آخرين ورتانت تيار ڪيو ويو، ان لاءِ تہ جيئن اڳتي هلي مڪاني ڪٽ-جوڙ کان متاثر نہ ٿئي. ٦٥٦ع ۾ هن جو خون ٿي ويو.

علي بن ابي طالب - ٦٥٦ کان ٦٦١ع تائين :

هي چوٿون خليفو بہ راشدين هئو. هن ڪانپوءِ ڪوبہ خليفو راشدين نہ هئو. هي حضرت **محمد** پيغمبر جو سؤٽ هئو ۽ هن جي ڌيءُ **فاتما** سان شادي ڪئي هئائين. هن راڄڌاني **مديني** مان ڪڍي **ڪوفہ** ۾ ڪئي.

هن ٦٦٠ع ۾ **هند** ڏانهن **ثاعز بن دعر** جي اڳوانيءَ هيٺ لشڪر موڪليو، پر سندس جيئري صرف **ڪيڪانان** جو ڪجهہ جابلو علائقو هٿ ڪري سگهيو.

حضرت عليءَ جي حڪومت سيني کي قبول نہ پئي. انڪري ڪنهن ڪٽرپنٿيءَ هن جو خون ڪري ڇڏيو. ائين ٦٦١ع ۾ شهادت پاتائين. هن کي **عراق** جي شهر **نجافہ** ۾ دفنايو ويو.

جو دؤرو حجاج جي زوربار هيٺ، هن جي منظوريءَ سان ئي شروع ٿيو ۽ ڪامياب رهيو.

هن پڻ پنهنجي والد جي عربيڪرڻ جي پاليسي چالو رکي. هن جي وقت ۾ ڪافي علائقا ۽ مال متاع اسلام ڪي هٿ آيا. ايتري ترقي اڳ ڪڏهن نه ٿي هئي.

سليمند-٧١٥ کان ٧١٧ع تائين :

هي يارهون خليفو هئو، بلڪل ٿوري وقت لاءِ. انڪري ذڪر لائق ڪجهه خاص نه ڪري سگهيو. سنڌ جي سرگرمين سان هن جو پڻ ڪو تعلق نه رهيو.

عمر بن عبدالعزيز- (عمر ٻيون) ٧١٧ کان ٧٢٠ع تائين :

هي ٻارهون خليفو مذهبي ڳالهين ۾ فراخدل ۽ هيتووادي مڃيو ويندو آهي؛ نيڪ نيت ۽ خدا پرست هئو. وقت جي عوام ۾ سٺي عزت هوندي هئس. هن به لشڪر کي ٻاهرين ملڪن ۾ موڪلڻ چالو رکيو. هن جي وقت ۾ ئي جلندر جو علائقو (ان وقت ڪشمير جو حصو) اسلامي لشڪر فتح ڪيو. *

مروان-٦٨٤ کان ٦٨٥ع تائين :

خليفو نمبر ائون. هي ٿوري وقت لاءِ خليفو ٿيو ۽ ذڪر لائق ڪجھه خاص نہ ڪري سگهيو. هن جو سنڌ جي سرزمين سان ڪو تعلق نہ هئو.

عبدالملڪ - ٦٨٥ کان ٧٠٥ع تائين :

هي نائون خليفو هئو. هي عمياد خليفو سڄي سلطنت کي اسلامي عربيڪرڻ ۾ بدلائڻ لڳو. سڄي ڪاروبار ۾ عربيڪرڻ جو بدلاءُ آندائين. يوناني ۽ فارسي ٻولين بدران عربيءَ جو واهپو شروع ڪيائين.

هن ٦٩٣ع ۾ پهريان اسلامڪ سڪا جاري ڪيا. جيروسلم ۾ جبل جو مهان گنبذ (Great Dome of the Rock) ٦٩١ع ۾ پورو ڪرايائين.

هن حجاج بن يوسف کي راڄ ڪاروبار ۾ آندو. حجاج هن لاءِ ڪافي سٺو مددگار ۽ ڪارائتو ڪامورو ثابت ٿيو- خاص ڪري فوجي معاملن ۾. هن خليفي جي راڄ جا پويان ١٢ سال ڪافي ترقي ۽ صلح شانتي ۾ گذريا. هن جي حڪومت اوڄ جي چوٽيءَ تي رهي. هن جي ڏينهن ۾ ديبل جي سامونڊي ڌاڙيلن خليفي لاءِ سوکڙيون کڻي ويندڙ قافلو پڪڙيو.

وليد بن عبدالملڪ-٧٠٥ کان ٧١٥ع تائين :

هي ڏهون خليفو هئو؛ والد جي قضيئي کانپوءِ ٧٠٥ع ۾ ٿيو. هن دمشق ۾ عمياد مسجد نهرائي. مديني ۾ پيغمبر جي مسجد نئين سر نهرايائين. جيرو سلم ۾ العقصه مسجد نهرائڻ جو ڪم شروع ڪرايائين.

هن جي وقت ۾ اسپين ۾، ۽ اوير ۾ سنڌو نديءَ تائين اسلامي لشڪر ڇڙيون فتحيابيون حاصل ڪري سگهيو. سنڌ ۾ محمد قاسم

٦٦٠ : خليفي حضرت علي بن ابي طالب سنڌ ڏانهن لشڪر موڪليو- ثاغر بن دعر جي اڳواني هيٺ.

٦٦١ : خليفي علي بن ابي طالب شهادت پاتي ۽ حضرت معاوِيه بن ابي سفيان خليفو ٿيو.

٦٦٢ : راءِ چچ وفات ڪري ويو ۽ راءِ چندر الور جي تخت تي وينو.

٦٧٠ : راءِ چندر وفات ڪري ويو. راءِ ڏاهر الور جي تخت تي وينو ۽ راءِ ديوراڄ برهمڻاباد جي.

٦٧١ : راءِ ديوراڄ گذاري ويو ۽ راءِ ڏهر سينه برهمڻاباد جي تخت تي وينو.

٦٨٠ : خليفو حضرت معاويه بن ابي سفيان وفات ڪري ويو ۽ حضرت يبزد بن معاويه خليفو ٿيو.

امام حسين شهادت پاتي محرم جي ١٠ تاريخ.

٦٨٣ : حضرت معاويه ٻيون خليفو ٿيو.

٦٨٤ : خليفي حضرت معاويه ٻئين کي برطرف ڪيو ويو ۽ حضرت مروان خليفو ٿيو.

٦٨٥ : حضرت عبدالمڪ خليفو ٿيو.

٦٩٣ : خليفي عبدالمڪ پهريان اسلامڪ سِڪا جاري ڪيا.

٧٠١ : ڏهرسينه، راءِ چچ جو وڏو پٽ گذاري ويو.

٧٠٣ : نيپال خودمختيار ٿيو - قنوج جي سلطنت کان.

٧٠٥ : حضرت عبدالمڪ کانپوءِ سندس فرزند حضرت وليد خليفو ٿيو.

٧١٠ : عراق مان محمد قاسم جي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ روانگي ٿي.

٧١١ : محمد قاسم لشڪر سان ديبل پهتو؛ اڳتي هلي اشهار جو قلعو ۽ شهر فتح ڪيائين.

محمد قاسم وٽ حجاج جي چٺي آئي. هميشه وارن مدن سان گڏ لکيائينس ته ندي پار ڪرڻ مهل چا، چا ڪرڻ

ڪتاب ۾ آيل عيسوي سنہ جي سالن جو سلسلو

٣٢٩ : چيني ياتري فاهين ڀارت ۾ آيو.

٤١٤ : فاهين ڀارت مان واپس ويو.

٤٨٥ : راءِ ديوائج سنڌ ۾ الور جي تخت تي ويٺو ۽ راءِ گهراڻي جو پايو وڌائين.

٦٢٢ : راءِ چچ الور جي تخت تي ويٺو، برهمڻ گهراڻي جو پايو وڌائين.
حضرت محمد پيغمبر مڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪئي. اسلامي ڪئلينڊر جو پهريون سال.

٦٢٩ : چيني ياتري هيون شيانگ ڀارت ۾ آيو.

٦٣٢ : حضرت ابو بڪر پهريون خليفو چونڊيو ويو.

٦٣٤ : حضر ابو بڪر گذاري ويو، ۽
حضرت عمر بن الخطاب خليفو ٿيو.

٦٣٨ : خليفي عمر بن الخطاب فوجن لاءِ الڳ شهر آڏيا، جن ۾ بصره شهر بہ هئو، جيڪو هند-سنڌ تي ڪاهن لاءِ مکيہ مرڪز ٿي پيو.

٦٤٤ : هن سال کان اسلام، مڪران، شيراز ۽ ڪرمان ۾ جڙون پختيون ڪرڻ شروع ڪيون.
خليفي حضرت عمر بن الخطاب شهادت پاتي.
حضرت عثمان بن عفان خليفو ٿيو.

٦٤٥ : چيني ياتري هيون شيانگ ڀارت مان واپس ويو.

٦٥٣ : قران شريف جو آخرين ورتانت تيار ڪيو ويو.

٦٥٦ : اسلام، مڪران، شيراز ۽ ڪرمان ۾ جڙون پختيون ڪري سگهيو.
خليفي حضرت عثمان بن عفان شهادت پاتي.
حضرت علي بن ابي طالب خليفو ٿيو.

چچ نامه اچ جي انداز ۾

هن ڪتاب جي مول انگريزي ڇاپي 'Chachnamah Retold' تي
ڪ ساهتيڪار شري موهن گيهاڻي سمالوچنا لکي هئي جيڪا
ٽائيمس آف انڊيا' ۾ ١٩ مي ٢٠٠٧ع تي ڇپي هئي. ان جو ترجمو
يت ڏجي ٿو:

جهوني چوڻي آهي تہ 'تواريخ انهن سيني کي آئينده ۾ نظرانداز
ڪندي آهي، جيڪي پنهنجو ماضي وسارن ٿا ۽ نظرانداز ڪن ٿا.'
ن ڳالهہ جي دهراءَ جو جوکم ڪٽندي بہ چوندس تہ گوبند خوشحالاڻي ۽
ي تواريخي ناول 'چچ نامه' نئين سر، نئين انداز ۾ ڇپجڻ جو
ن ڪان ڪو بهتر ۽ موزون وقت نہ پئي ٿي سگهيو.
پدارٿوادي نظريي سان ڏنو وڃي تہ ڀارت ۾ سنڌين ڪافي ترقي
ڪئي آهي ۽ دنيا ڀر ۾ پنهنجي واپاري سوجهہ ٻوجهہ سان نالو ڪمايو
هي. سنڌ مان پاڙئون پٽجي اچڻ ڪانپوءِ بہ سنڌي هڪ ڪامياب ۽
ختي اِرادي واري قوم ثابت ٿي آهي، جنهن همٿ سان پاڻ کي هر
نڌ ٿانئيڪو ڪيو آهي. ان وهڪري ۾ پنهنجي شاندار ورثي، ٻولي،
اهتيہ ۽ تهذيب کي پٺيان ڇڏي اچڻ جو جوکم پڻ ڪنيو اٿائون.
ب ڳالهيون تہ هڪ وقت هٿ اچڻيون نہ آهن. روزي روٽيءَ کي
ميشه اوليت ڏيڻي آهي. هاڻ تہ پنهنجي علحدي سڃاڻپ قائم
رکڻ تي سوالي نشانيون لڳي رهيون آهن. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ اسان
ان ڪو ذهين طبقو سرگرم ٿي رهيو آهي ۽ پنهنجين پاڙن-بنياد
جي تلاش ڪري، ان کي سوگهي ريت جهلي ڪُليو ڪرڻ جي ڪوشش
ڪري رهيو آهي. هن قسم جي سرگرمين لاءِ هي ڪتاب خاص ريت

گهرجي-ڏسڻ گهرجي.
١٦ جون تي راءِ ڏاهر سان آخري جنگہ تي ۾ هو گذاري ويو.
ائين برهمڻ گهراڻي جو راڄ پورو ٿيو.

٧١٢ : محمد قاسم برهمڻاباد فتح ڪرڻ کانپوءِ دهليله جو قلعو قبضي ڪري، منهل نهر وٽ ساؤنديءَ جي علائقي ۾ آيو.

٧١٥ : حضرت وليد بن عبدالمڪ کانپوءِ حضرت سليمند خليفو ٿيو.

٧١٧ : حضرت سليمند کان پوءِ حضرت عمر بن عبدال عزيز خليفو ٿيو.

٧٢٠ : خليفي حضرت عمر بن عبدال عزيز جو راڄ ختم ٿيو.

٧٥٠ : خليفن جو پنهنجن پوين کي وارث ڪرڻ جو سسٽم ختم ٿيو.

٩٦٢ : زلزلي جي ڪري سنڌو نديءَ جو وهڪرو ڦري ويو ۽ الور شهر جو رخ زوال طرف مڙڻ لڳو.

١٢١٦ : 'چچ نامه' جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ علي بن محمد ڪوفي سنڌ جي اُچ شهر ۾ تواريخ جو اڀياس ڪرڻ لاءِ اچي رهيو.

١٨٥١ : رچرڊ برٽن جو لکيل ڪتاب- 'سنڌ ۽ سنڌوءَ جي ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون ۽ قبيلا' ڇپيو.

١٨٦١ : منشي ننديرام، تاريخ معصوميءَ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

١٨٦٦ : ايليفنسٽن جو ڪتاب 'هندستان جي تواريخ' ڇپيو. ان ۾ ڪيل ذڪر سان دنيا کي 'چچ نامه' جي اهميت جي خبر پئي.

١٨٧٧ : ج. ڊبليو مئڪ ڪِرنڊل جو ڪتاب 'قديم ڀارت' ڇپيو. ان ۾ اهڙين ڪن ڳالهين جو ذڪر ڪيل آهي، جن جي پيٺ سنڌ جي ڪن معاملن سان ڪئي ويئي.

١٩٠٠ : مرزا قليچ بيگہ جو انگريزي ۾ ڪيل ترجمو-'چچ نامه' جو ڇپيو.

٢٠٠٦ : 'چچ نامه' جي هن ڪتاب جو پهريون انگريزي ڇاپو رليز ٿيو. *

اچ جي پانڪ کي اِهو ڪتاب منجهائيندڙ لڳي رهيو آهي.
وبند خوشحالاڻي چِٽيءَ طرح لکيو آهي تہ هن، جناب مرزا قليچ
بيگ جو ڪتاب ماڊل طور پنهنجي اڳيان رکيو آهي. هن ڪجھ
بديننگ ضرور ڪئي آهي؛ غير ضروري تفصيل ۽ اجايا مثال ڪٽي
هوني بيانبازيءَ کي سڌاريو آهي پر سڀ ضروري ڳالهيون ۽ واقع
چائيءَ سان ڪنيا اٿائين. ڪتاب جديد لحظي ۾ پيش ڪيو اٿائين،
ييئن پانڪن جو رس قائم رهي.
رشي ڏيارام گدومل جهڙي عالم، جناب مرزا قليچ بيگ جي
ڪتاب لاءِ مهاڳ لکيو هئو. اِهو مهاڳ هن ڪتاب ۾ ڏيئي، ان جي
همیت ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. سنڌ جي تواريخ بابت هي هڪ
هم دستاويز آهي-روشن منار جيان اتساهہ ڦوڪيندڙ.
ائين چوڻ غلط آهي تہ عربن سنڌ تي چڙهائي اسلام جي ڦهلاءَ لاءِ
ڪئي هئي. عراق جي گورنر حجاج، ننڍڙي محمد بن قاسم کي
حاص لکيو هئو تہ، 'ذمي عوام جي مذهبي معاملن ۽ ريتين رواجن ۾
دخل اندازي نہ ڪئي وڃي-پلي نہ هو بتن ۽ پٿرن جي پوڄا ڪندا
هجن.' برهمڻن کي بہ پنهنجين حقِ ڀڏين سرگرمين جي ڇوٽ هئي.
فرق صرف ايترو هئو تہ غير مسلمانن کي جزيہ ڍل ڀرڻي پوندي هئي.
انکري اِها ڪا عجب جي ڳالهہ نہ ڇٽجي جڏهن رچرڊ برٽن پنهنجي
ڪتاب-'سنڌ ۽ سنڌوءَ جي ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون ۽ قبيلا' (١٨٥١ع
۾ ڇپايل) ۾ لکي ٿو تہ 'سترهين صديءَ ۾ بہ هندو ٻاهران آيلن کان
ڏهوٽا هئا.'

دراصل عربن پنهنجي ڦرلٽ جي لالچ ۽ لوڀ جي اِرادن کي مذهبي
چوغو پهرايو هئو. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ان وقت ڦرلٽ ۽ ظلم جي
هر طور طريقي کي ڍڪڻ لاءِ اڪثر مذهب کي هڪ ذريعو بڻايو ويندو هئو.

اتساهت ڪندو. هن ڏس ۾ هي پهريون اهم قدم ٿيندو، جنهن جي هر سنڌي چاهنا رکي رهيو آهي.

’چچ نامه‘ تواريخ جي هڪ موهيندڙ حقيقت آهي. ان جي پنيان جي ڪهاڻي ڪجهه هن ريت آهي. چيو وڃي ٿو ته مول ڪتاب عربي ٻوليءَ ۾، ان ۾ بيان ڪيل حقيقتن کان ڪجهه صديون پوءِ لکيو ويو هئو. وري ڪتاب جو ترجمو فارسي ٻوليءَ ۾ علي ڪوفيءَ، ساڳين حقيقتن جي وقت کان لڳ ڀڳ ساڍا پنج سؤ سال پوءِ ڪيو. مول عربي دستخط ته هاڻ ملي نه رهي آهي. انڪري فارسي ترجمي جي اختياريءَ حقيقت جي تصديق ٿي نٿي سگهي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته ان وچ ۾ دستخط ۾ ڪجهه تبدليون ڪيون ويئيون هجن ته ڪجهه ڪٽ جوڙ پڻ، جيئن اڪثر لوڪ ساهتيه ۾ ٿيندو رهندو آهي. دراصل هيءَ ڪهاڻي لوڪ ڳائڪن جي خاص پسندي پئي رهي آهي. جڏهن هڪ انگريز-مسٽر اليفنسٽن پنهنجي ڪتاب ’هندستان جي تواريخ‘ (جيڪا ۱۸٦٦ع ۾ ڇپي) ۾ خاص ذڪر ڪيو ته ’چچ نامه‘ جي اهميت سنڌ جي تواريخ بابت خاص انڪري آهي جو ٻيو ڪو اهڙو ذريعو موجود نه آهي، جنهن مان ان وقت جي حقيقتن، لاهين ۽ چاڙهين وغيره بابت ڪجهه خبر پوي.‘، تڏهن وڃي سيني کي احساس ٿيو ته هي ڪتاب محض لوڪ ڪهاڻيءَ جو نه آهي.

سنڌ جي مشهور ۽ گهڻمکي ساهتيڪار، جناب مرزا قليچ بيگ هن ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو ۱۹۰۰ع ۾ ڇپيو. هن صاحب فارسي ترجمي مان پنهنجو ڪتاب هوبهو پيش ڪيو. ڪتاب جو لحظو ساڳيو رکيائين ته گهٽ وڌايون به جيئن جو تيئن ترجمي ۾ ڪٽي آيو، ان مقصد سان ته هڪ وار ڪتاب بنا ڪنهن ڦيرقار جي انگريزي ۾ پيش ٿيڻ ڪپي.

فهرست نالن جي

هي ڪتاب مول انگريزيءَ جي 'Chachnamah Retold' جو ترجمو
هي، جيڪو مرزا قليچ بيگ جي انگريزي ترجمي تي ٻڌل آهي.
ويا ويڪ سڀ نالا- شهرن، ماڻهن، قبيلن ۽ نهرن وغيره جا انگريزيءَ ۾
لِيا. هاڻ ترجمي وقت سنڌيءَ ۾ تز نالا ملڻ مشڪل لڳي رهيا هئا.
مثال انگريزيءَ ۾ A جو اُچار 'آ' به ٿيندو آهي ته 'اَ' به ؛ I جو 'اِ'
ـه 'اِي' به. وري اکرن مان K سنڌيءَ ۾ 'ڪ' به ٿي سگهي ٿو ته 'ق'
ـه. ٻين به گهٽن اکرن ۾ تڪليف ٿي رهي هئي. 'س' ۽ 'ص'، 'اَ' ۽
ع' ته Z جا صحيح اکر گهٽا آهن- 'ذ'، 'ز'، 'ظ' ۽ 'ض'؛ N جا 'ن' ۽
ڻ'؛ 'T' جا 'ت'، 'ٽ' ۽ 'ط' ائين انگريزيءَ جا ٢٦ اکر سنڌي جي
٥ ۾ ڦهلائٽا هئا.

انڪري سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪجهه ڪتابن جو اڀياس ڪيو ويو. نالن
ر رڳو مٿيان مسئلا نظر نه اچي رهيا هئا. ڪيترا نالا چٽي نموني الڳ
لِيا. جڳهيون ۽ ڪردار ساڳيا هئا ته اهي سڀ سنڌيءَ ۾ جيئن جو
يئن ڪنيا ويا. جن نالن جا سنڌي ڪتابن مان تفصيل نه ملي سگهيا،
اهي انگريزيءَ جي اسپيلنگ ۽ موجوده اُچارن جي واهپي مطابق
سنڌيءَ ۾ ڪنيا ويا آهن- صرف خاطري ڪري ته ڪردار ساڳيا آهن.

انگريزي ۽ سنڌي ڪتاب گڏ پڙهندڙن ڪي مونجهارو نه ٿئي،
انڪري هن فهرست ۾ سنڌي نالن جي سامهون انگريزي نالا ڏنا ويا
آهن. اهي نالا مول ريت مرزا صاحب جي ڪتاب جا آهن.

جتي جتي ٻنهي نالن جا اُچار ساڳيا آهن، اُتي انگريزي نالا نه
ڏناويا آهن- مثال دروهر - Drohar.

ڪيترين جڳهين ۽ ڪردارن جي ٿوري ۾ واقفيت به ڏني ويئي
آهي ته جيئن ڪتاب پڙهڻ وقت نالن بابت وسريل ڳالهه لاءِ وري
صفحا اُٿلائڻ جي ضرورت نه پوي؛ سڌو هتان ئي ڄاڻ حاصل ڪري
پڙهائي چالو رکجي.

’چچ نامه‘، چتاپيتيءَ ۾ ٻين کي لتاڙي اڳيان وڌڻ ۽ اهڙن ٻين غداريءَ جي قصن سان ڀريل آهي؛ ان ۾ وقت جا ننڍا وڏا مڪاني حاڪم به اچي وڃن ٿا. پڇاڙيءَ ۾ رشي ڏيارام گدومل جا لفظ دهرائڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهان- ’چچ نامه، خودغرضي ۽ اَهمَ جي ڪارين جي فهرست آهي. اسان ڏسي سگهون ٿا ته ڪيئن بدلي وڃڻ لاءِ وقت به ڦري گهري رهيو آهي.‘

سنڌين کي پنهنجي علحدي سڃاڻپ قائم رکڻ جي ڏس ۾ هي ڪتاب هڪ ضروري خال ڀري سگهيو آهي. سنڌي قوم هميشه گوبند خوشحالاڻيءَ جي احسانمند رهندي. هيءَ ضرورت ڪافي وڏي هئي، ڇاڪاڻ ته ڏينهن پوءِ ڏينهن سنڌي، پنهنجي ٻوليءَ ريتن رسمن کان پري ٿيندا پيا وڃن.

ڪتاب جي گيٽ اپ شاندار آهي ۽ اُچي درجي جي آهي، جنهن لاءِ پبلشر ڪيرون لهڻيون. *

-موهن گيهاڻي، ڀوپال.

ب

الف

ڀ

جهه

چ

ح

ج

خ

د

ش

ص

ط

ع

ف

ق

ڪ

ڪجهہ ڪوجنيڪن/ اڀياسين جا نالا جن 'چچنامه' بابت ڪجهہ ڪيو آهي

ثقيفي قبيلي/ خاندان جا عرب. عدد جي خبر نہ آهي.
علي محمد ڪوفي
مرزا قليچ بيگ
رشي ڏيارام گدومل
ايليفنسٽن
ليفٽينينٽ پوسٽنس
ايچ ايليٽ
نبي بخش خان بلوچ
مخدوم امير احمد
ماڻڪ پيناوالا
گنگارام سمراٽ
جسٽس (رٽايرڊ) اندرسين ايسراڻي
موهن گيهاڻي
گوبند خوشحالاڻي

لسٽ مڪمل نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪن سان ڇئي نڻو سگهجي تہ سڀ نالا ملي سگهيا آهن.

CHACHNAMAH RETOLD

An Account of the Arab Conquest of Sindh

By Gobind Khushalani



CHACHNAMAH

Aj je Andaaz Men (Sindhi)

By GOBIND KHUSHALANI

اُن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسان سنڌين مان ڪو ذهين طبقو سرگرم ٿي رهيو آهي ۽ پنهنجين پاڙن-بنياد جي تلاش ڪري، ان کي سوگهيءَ ريت جهلي کُليو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان قسم جي سرگرمين لاءِ هي ڪتاب خاص ريت اتساهت ڪندو. هن ڏس ۾ هي پهريون اهم قدم ٿيندو، جنهن جي هر سنڌي چاهنا رکي رهيو آهي.

مرزا قليچ بيگ صاحب فارسيءَ مان انگريزي ترجمو هوبهو پيش ڪيو آهي. ڪتاب جو لحظو بہ ساڳيو رکيائين تہ گهٽ وڌايون بہ جيئن جو تيئن ترجمي ۾ ڪٽي آيو، ان مقصد سان تہ هڪ وار ڪتاب بنا ڪنهن ڦيرڦار جي انگريزيءَ ۾ پيش ٿيڻ کپي. اڄ جي پاٺڪ کي اِهو ڪتاب منجهائيندڙ لڳي رهيو آهي.

گوبند خوشحالاڻيءَ چٽيءَ طرح لکيو آهي تہ هن جناب مرزا قليچ بيگ جو ڪتاب ماڊل طور اڳيان رکيو آهي. هن ڪجهہ ايڊيٽنگ ضرور ڪئي آهي؛ غير ضروري تفصيل ۽ اجايا مثال ڪٽي جهوني بيان بازيءَ کي سڌاريو آهي، پر سڀ ضروري ڳالهيون ۽ واقع سچائيءَ سان ڪنيا اٿائين. ڪتاب جديد لحظي ۾ پيش ڪيو اٿائين تہ جيئن پاٺڪن جو رس قائم رهي.

سنڌين کي پنهنجي علحدي سڃاڻپ قائم رکڻ جي ڏس ۾ هي ڪتاب هڪ ضروري خال ڀري سگهيو آهي. هيءَ ضرورت ڪافي وڏي هئي ڇاڪاڻ تہ ڏينهن ٻوءِ ڏينهن سنڌي، پنهنجي ٻوليءَ ۽ ريتن رسمن کان پري ٿيندا پيا وڃن.

-موهن گيهاڻي